# سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت



نصير اعجاز

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت

نصير اعجاز

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2018ع

# عنوان جي فهرست


ناشر پاران 5
مُهاڳ 7
ٻولي ڇا آهي؟ 11
ٻولين بابت رٿابندي 20
پاڪستان ۾ ٻولين جي رٿابندي ۽ صورتحال 33
اردو ٻوليءَ جي رٿابندي 36
سنڌي ٻوليءَ جي رٿابندي 43
پنجابي ٻوليءَ جي رٿابندي 65
سرائڪي ٻوليءَ جي رٿابندي 70
بلوچي ٻوليءَ جي رٿابندي 75
پشتو ٻوليءَ جي رٿابندي 78
ڇا اردوءَ ڪانسواءِ ڪم نه هلندو؟ 85
ٻولين بابت عالمي پڌرناما 87
پاڪستان جو آئين ۽ ديسي ٻوليون 95
ٻولين جي مونجهاري ۾ ڦاٿل پاڪستان 111
ٻولين جي اقتصاديات ڇا آهي؟ نظريو ڪنهن ۽ ڪڏهن ڏنو؟ 115
ٻولين بابت اڀياسن جي درجابندي 119
ٻوليءِ اقتصادي حيثيت 119
ٻولين جي ترقيءَ جو اقتصادي جائزو 121
ٻولين بابت پاليسي ۽ رٿابنديءَ جو اقتصادي جائزو 123
هڪ نئون لاڙو : گيم ٿيوري Game Theory 125
سنڌ جي اقتصادي تاريخ جو مختصر جائزو 126
سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت: ماضيءَ جو جائزو 148
سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت: موجوده وقت جو جائزو 158
سنڌي ڪا ڏکي ٻولي آهي ڇا؟ 169
سنڌيءَ کي مارڪيٽ جي ٻولي ٺاهڻ لاءِ ڇا ڪجي؟ 191
پُڄاڻي 205
مددي ڪتاب 207

# ناشر پاران

سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان سماجي لسانيات تي تمام گهٽ ڪم ٿيو آهي. خود سماجي لسانيات هڪ وڏو موضوع آهي، جنهن جا پنهنجا ٻيا به ڪيترائي ذيلي عنوان آهن مثلاً ٻوليءَ جو دفتري استعمال، ان جي ضرورت ۽ اهميت، سماج جا مختلف لهجا ۽ انهن جا تقابلي جائزا، ٻوليءَ جا اقتصادي پهلو، ٻوليءَ جا سياسي پهلو، ٻوليءَ جو نفسياتي جائزو وغيره وغيره. انهن موضوعن تي تحقيق ڪرڻ ۽ ڪرائڻ بنيادي طور يونيورسٽين جو ڪم آهي، جن جو بنيادي ڪم ئي تعليم ۽ تحقيق آهي. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته تحقيق ٿيل مواد ۾ ڪٿي ورلي ڪو اهڙا موضوع ڏسڻ لاءِ ملندا، جن کي تحقيق جي جديد تقاضائن سان هم آهنگ چئي سگهجي. باقي سواءِ ڪن مثالن جي پوئتي ڏهاڪن جا ڏهاڪا اهڙي تحقيق سان ڀريل ملندا، جيڪا ڪنهن به لحاظ کان موضوع جي نئين سجاڳ جي لائق نه آهي. تحقيق نئين ڏگ کي ڳولڻ ۽ کولڻ جو نالو آهي. ڇا اسان جي يونيورسٽين ۾ اهڙي تحقيق هلي رهي آهي؟ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان ته اسان گهڻو پوئتي آهيون. هن وقت ڊجيٽلائيز دنيا جي ڪري سڄي جو سڄو ماحول تبديل ٿي چڪو آهي. تحقيق لاءِ جيترا گس هينئر کليا آهن، اهي اڳ ڪڏهن به موجود نه هئا. پر اسان انهي جدت مان ايترو فائدو نه وٺي رهيا آهيون، جيترو وٺڻ گهرجي.

زير نظر ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت" به سماجي لسانيات جي هڪ اهم موضوع تي لکيل آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن موضوع تي شايد هي پهريون ڪتاب آهي. محترم نصير اعجاز بنيادي طور ميڊيا جو ماڻهو آهي. پر هن منفرد موضوع تي لکڻ لاءِ جس لهڻي، ممڪن آهي ته ڪتاب ۾ ڪا کوٽ به هجي، ڇو جو سماجي لسانيات جا ڪيترائي پهلو هن صاحب جو موضوع نه رهيا آهن. پر هي ڪتاب ٻيٺل پاڻي ۾ پٿر ضرور آهي. اسان کي اميد آهي ته اسان جا نوجوان محقق هن موضوع تي پنهنجا تحقيقي مقالا لکندا ۽ سنڌي ٻولي ۾ هن ڏس ۾ اڃا به وڌيڪ ڪتاب سامهون ايندا.

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ
چيئرمئن

20 آگسٽ، 2018ع
حيدرآباد، سنڌ.

# مُهاڳ

دنيا اندر اقتصادي سرگرمين ۾ ٻولين جي استعمال جي اهميت معيشت جي گلوبلائيزيشن سان گڏ جيئن جيئن وڌي رهي آهي، تيئن ٻولين ۽ اقتصاديات وچ ۾ لاڳاپن واري نظرئي ۾ دنيا جي قومن جي دلچسپي بہ وڌندي پئي وڃي. ان شعبي ۾ دنيا اندر گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي، پر اهو تڙيل پکڙيل آهي ۽ اڃان بہ ان تي تحقيق جاري آهي. پاڪستان ۾ ان موضوع کي ذري گهٽ نظرانداز ڪيو ويو آهي ۽ خاص طور سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان تہ ان ڏس ۾ ڪوبہ ڪم نہ ٿيو آهي. پر گهٽ ۾ گهٽ دنيا اندر ان موضوع تي ٿيل ڪم جي روشنيءَ ۾ اسان پاڻ پاڪستان اندر ٻولين جي صورتحال ۽ خاص طور معيشت جي شعبي ۾ انهن ٻولين جي حيثيت سان گڏوگڏ سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت، ماضي ۽ حال ۾ سندس مارڪيٽ جي ٻوليءَ طور اهميت توڙي مستقبل ۾ اسان پنهنجي ٻوليءَ جي حيثيت جو جائزو وٺڻ ۽ نتيجن جي آڌار سنڌي ٻوليءَ کي مارڪيٽ جي ٻوليءَ طور ترقي وٺرائڻ جي ڏس ۾ ڪي اُپاءَ سوچي ۽ تجويز ڪري سگهون ٿا.

هن ڪتاب ۾ مون بين الاقوامي سطح تي ٻولين جي اقتصاديات بابت ٿيل تحقيق جو جائزو وٺڻ سان گڏ پنهنجي ملڪ ۽ صوبي اندر ٻولين جو جائزو ورتو آهي. انهيءَ لاءِ ڪن تحقيقي مقالن، ڪتابن وغيره جي مدد وٺڻ سان گڏ مون مارڪيٽ جي ماڻهن يعني عام واپارين، دڪاندارن، ڀاڪڙا هوٽل وارن، ريڙهي وارن، عام ماڻهن يعني عام صارف يا گراهڪ سان بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي اديبن، دانشورن، صحافين توڙي اقتصاديات جي ماهرن سان بہ خيال ونڊيا آهن.

اسان سنڌي، هڪ قوم جي حيثيت ۾ پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت جي حوالي سان هڪ اهم حيثيت رکون ٿا. پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت سان پيار ڪريون ٿا. جيئن دنيا جي هر قوم پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت سان لڳاءُ رکي ٿي، پر اسان سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت تي ڌيان بنهہ ڪونہ يا گهٽ ڏنو آهي. مون

پنهنجي حياتيءَ ۾ حاصل ڪيل تجربي ۽ ڄاڻ جي آڌار محسوس ڪيو آهي تہ اسان ٻولين جي اقتصاديات واري نظرئي کان ئي بي خبر رهيا آهيون. ان مشاهدي جي روشنيءَ ۾ مون ڪوشش ڪئي آهي تہ انهيءَ موضوع تي ڪجهہ لکان. مان ٻين اديبن ۽ دانشورن کي بہ گذارش ڪندس تہ هن موضوع تي لکن، تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ کي مارڪيٽ جي ٻوليءَ طور ترقي وٺرائڻ وارو مقصد حاصل ٿي سگهي. اسان کي انگريزي، اردو يا ٻيءَ ڪنهن بہ ٻوليءَ سان ڪابہ دشمني ڪانهي؛ انگريزيءَ جي اهميت کان بہ واقف آهيون تہ اردو ٻوليءَ جي عام استعمال ۽ رابطي واري حيثيت کي بہ مڃون ٿا. سنڌين جي گهرن ۾ اردو ڪتابن جي وڏي تعداد ۾ موجودگي، پڙهڻ، لکڻ، اردو شاعري پسند ڪرڻ ۽ اڪثر اردو شاعرن ۽ شعرن جا حوالا ڏيڻ، اردو فلمون ڏسڻ ۽ گانا ٻڌڻ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ اهي اردو ٻوليءَ کي بہ پنهنجي ٻوليءَ وانگر پنهنجو سمجهن ٿا، پر پنهنجي امڙ جي ٻوليءَ کي ترقي وٺرائڻ جو حق تہ ڪير کانئن کسي نٿو سگهي. سنڌي ٻوليءَ کي ترقي وٺرائڻ اسان جو حق بہ آهي تہ اسان جو فرض بہ.

اُٺويهين آگسٽ 2017ع تي ڪراچيءَ ۾ اينڊوومينٽ فنڊ ٽرسٽ پاران سنڌي ۽ انگريزي ٻولين ۾ تحقيقي ڪتابن تي ايوارڊ ڏيڻ واري تقريب ۾ ڳالهائيندي نامياري ليکڪ ۽ دانشور امر جليل اردو ٻوليءَ جي حوالي سان حيرت جو اظهار ڪندي چيو هو : ”هيءَ عجيب ٻولي آهي جو هر ماڻهو وڏي سولائيءَ سان ان کي سمجهي ۽ ڳالهائي ٿو. اينتريقدر جو قبائلي علائقن مان ايندڙ ماڻهو بہ هفتي اندر اردو ڳالهائڻ لڳن ٿا.“ سندس ان حيرت جو جواب بلڪل مختصر آهي ۽ اهو هيءَ تہ شهرن ۾ اردو مارڪيٽ جي ٻوليءَ جي حيثيت اختيار ڪري چُڪي آهي. انهيءَ کي ئي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت سڏجي ٿو ۽ اها ئي حيثيت سنڌي ٻوليءَ کي ملڻ گهرجي. انهيءَ موضوع تي مان ٻن ڏهاڪن ورهين کان ريسرچ ڪندو رهيو آهيان ۽ هيءَ ڪتاب انهن ڪوششن جو نتيجو آهي.

هيءُ تمام وسيع موضوع آهي ۽ پڪ آهي تہ هن ننڍڙي ڪتاب ۾ مون کان گهڻيون ئي ڳالهيون رهجي ويون هونديون. مان ٻوليءَ جو ماهر بہ ناهيان ۽ ڪيترن ئي سڄڻن جو حياتيءَ جو ۽ هن شعبي جو تجربو مون کان وڌيڪ هوندو ۽ اهڙن ماڻهن کي هن ڪتاب جون ڪچايون بہ محسوس ٿينديون، پر هن ڪتاب جي موضوع سان اختلاف ڪي گهٽ ماڻهو ئي رکندا، جنهن جو مونکي يقين آهي. انهيءَ ڪري چاڻ رکندڙن کي گذارش آهي تہ اهي منهنجي هن ڪتاب ۾ غلطين توڙي ضروري واڌاري لاءِ رهنمائي ڪرڻ سان گڏ پنهنجي سوچ ۽ خيالن کان آگاهہ ڪن، جڏهن تہ محققن کي گذارش آهي تہ اهي بہ هن اهم موضوع تي قلم کڻن، ڇو تہ هيءَ موضوع هڪ ڪتاب تي دنگ نٿو ڪري . هيءَ تہ بس هڪ بحث جي شروعات آهي، جنهن کي اڳتي وڌائڻ ۽ وڌيڪ ڪم ڪرڻ ٻين محققن ۽ ٻوليءَ جي ماهرن جو ڪم آهي.

مان سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي اڳوڻي چيئرپرسن ڊاڪٽر فهميده حسين جو ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب جو ڳُوڙهو جائزو وٺي ڪارائتيون تجويزون ڏنيون.

**نصير اعجاز**
سنڌي پاڙو شانتي نگر،
ڪراچي

20 جون 2018ع

## ٻولي ڇا آهي؟

انسان هڪٻئي سان ڳالهائي سگهي ٿو پنهنجي چاهت، عقيدن، راءِ، خواهشن، دڙڪن، دهمانن، حڪمن، واعدن، احساسن، خوشين ۽ ڏکن جي ڏي وٺ ڪري سگهي ٿو. اها ہي ڳالهہ آهي تہ اسان جو ذهن ۽ تخيل انهن سمورين ڳالهين جي حدبندي ڪري ٿو. اسان پنهنجي خوشي ۽ مزي جي اظهار لاءِ توڙي ڪنهن تي چِٽر ڪرڻ خاطر تمڪ ڏيون ٿا . ساڳي نموني خوشي توڙي مزي خاطر مُرڪون بہ ٿا ۽ ڪڏهن تلخ احساس هيٺ بہ پنهنجي مخصوص مُرڪ سان اظهار ڪريون ٿا. ڪنهن ڏپ، ڪاوڙ يا جوش جو اظهار رڙ سان ڪيو وڃي ٿو تہ وري مُٺ ڀڪوڙڻ سان ارادي جي پُختگي، ڪاوڙ يا دڙڪي جو اظهار ڪجي ٿو. اهڙي طرح عجب ۽ نا پسند جي اظهار لاءِ پنهنجي ڀُرن کي شڪوڙيو وڃي ٿو . اها اشارن جي زبان آهي، پر انهن سمورين ڳالهين جي هوندي بہ پاڻ ۾ رابطي لاءِ ٻوليءَ جي گهرج هوندي آهي .

ٻوليءَ جي تشريح هن نموني ڪئي وڃي ٿي: رابطي جو اهڙو ذريعو جنهن ۾ ڪو لفظ يا گهڻن ئي لفظن تي ٻڌل جملو يا جملا شامل هجن . مختلف ڊڪشنرين ۾ ٻوليءَ کي هن نموني سمجهايو ويو آهي: اوڪسفورڊ ڊڪشنريءَ موجب ڳالهائڻ يا لکت ۾ انساني رابطي جو طريقو جنهن ۾ لفظ استعمال ڪيا وڃن، تنهن کي ٻولي يا زبان چئجي ٿو. ڪئمبرج ڊڪشنريءَ ٻوليءَ جي وصف هن نموني ٻڌائي آهي، تہ آوازن، لفظن ۽ گرامر تي ٻڌل رابطي جو سرشتو جيڪو ڪنهن ملڪ جا ماڻهو ڪنهن ڪم لاءِ استعمال ڪندا هجن. فري ڊڪشنريءَ موجب خيالن ۽ احساسن جو ڪنهن اهڙي سرشتي تحت ونڊڻ جنهن ۾ آواز، اشارا ۽ لکيل نشانين جو استعمال ٿيل هجي سا ٻولي آهي. ميريم ويبسٽر ڊڪشنري لکي ٿي تہ ٻولي لفظن يا نشانين جو سرشتو آهي جيڪو ماڻهو پنهنجي خيالن ۽ احساسن کي هڪٻئي سان ونڊڻ لاءِ استعمال ڪن يا انساني زبان جو اهو سرشتو جيڪو هڪ مخصوص قسم جا ماڻهو سمجهندا هجن. ڊڪشنري ڊاٽ ڪام ٻوليءَ

جي وصف هن نموني بيان ڪئي آهي تہ هڪ مخصوص جاگرافيائي علائقي اندر هڪ ئي رسم رواج واري برادري يا قوم ۾ ماڻهن پاران استعمال ٿيندڙ لفظن جي سرشتي کي ٻولي چئجي ٿو. مڪمل ڊڪشنريءَ انهن سمورين وصفن کي هڪ جملي ۾ سموئي لکيو آهي تہ ٻولي ڳالهايل ۽ لکيل لفظن ذريعي انساني رابطي جو ذريعو آهي.

جنهن سرشتي ۾ لکيل ۽ ڳالهايل لفظن جو استعمال ٿئي ٿو انهيءَ کي ٻوليءَ وارو رابطو Linguistic Communication سڏجي ٿو جڏهن تہ مُرڪڻ، ٺمڪ ڏيڻ، رڙ ڪرڻ ۽ اهڙا ٻيا اظهار Non_Linguistic Communication سڏيا وڃن ٿا. اڪثر يا سمورن جانورن ۽ پکين وٽ پاڻ ۾ رابطي يا ڪنهن ڳالهہ جي اظهار لاءِ فقط Non_Linguistic طريقا آهن جيڪي انسانن سان ملندڙ جُلندڙ ٿي سگهن ٿا. پر ٻولي صرف انسانن جي ملڪيت يا خاصيت آهي جيڪي خاصيتون لفظن ڳالهائڻ واري رابطي جي سرشتي Linguistic Communication کي اشارن واري زبان Non_Linguistic Communication کان الڳ ۽ مٿانهون ڪري بيهارين ٿيون، اهي آهن ڳالهائڻ ۾ واضح ۽ مخصوص آوازن جي تشڪيل Double Articulation ۽ لفظن ۽ اصطلاحن جو انتظام يا نحوي سرشتو Syntax تہ جيئن ڪنهن ٻوليءَ ۾ جملا بهتر نموني جُڙي سگهن.

ٻولين لکين نشانين يا اشارن تي مشتمل هونديون آهن ۽ اهي نشانيون وري شڪلين ۽ معنائن جو ڳَنڍڪو هونديون آهن. جڏهن ڳالهائجي ٿو تہ اهي شڪليون آوازن جو روپ وٺن ٿيون ۽ لکت ۾ اهي اکر بڻجي وڃن ٿا. گُونگو ماڻهو بہ اهڙن اشارن جي زبان سان ڳالهائي ٿو. اهي اشارا يا نشانيون جڏهن پاڻ ۾ ملن ٿيون تہ لفظ ۽ جملا ٺهي پون ٿا. ٻولين جا ماهر چون ٿا تہ نحويات Syntax هڪ اهڙو طريقيڪار آهي، جيڪو انسانن کي لفظ ۽ جملا ٺاهڻ ۽ سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿو.

ڪيترن ئي محققن جو چوڻ آهي تہ هن ڌرتيءَ تي صرف انسان ئي آهي، جنهن وٽ ٻولي آهي ۽ انسان جي ٻوليءَ جو بنياد 20 لک سال اڳ پيو

هوندو. ڪن ماهرن موجب ٻولين جي موجوده شڪل 40 ڪان پنجاهه هزار ورهيه اڳ ظاهر ٿي هوندي، پر وري ڪي ماهر ٻولين جي گهٽ ۾ گهٽ عمر 10 هزار سال ٻڌائن ٿا. ايشيا ۽ دنيا جي ٻين علائقن ۾ غارن ۾ پٿرن يا هڏن تي ٽيل اُڪر وارين شڪلين جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو ته اها ٻولين جي لکت واري شڪل جي ابتدا آهي. ماهرن موجب ڪابه لکت يا تحرير نظر ايندڙ شڪلين يا نشانين جو مجموعو آهي، جيڪو ٻوليءَ کي ظاهر ڪري ٿو. اهو چئي سگهجي ٿو ته ٻوليءَ جي وجود کانسواءِ پٿرن ۽ هڏن تي اهڙيون شڪليون اُڪر ڪري نه ٺاهيون ويون هونديون. ٻولين جي تاريخي ارتقا هڪ الڳ موضوع آهي، تنهنڪري هتي صرف دنيا جي مختلف ٻولين ۽ سنڌي اهميت بابت بحث ڪبو.

تحقيق موجب هن وقت دنيا ۾ 6900 ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، جن مان 2000 ٻوليون آفريڪا ۾، 1000 ٻوليون آمريڪا کنڊ ۾، 2250 کان وڌيڪ ٻوليون ايشيا ۾، 220 ٻوليون يورپ ۾ ۽ 1300 کان وڌيڪ ٻوليون آسٽريليا ۽ پئسفڪ ملڪن ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون. جيڪڏهن ٻولين جا گروهه ٺاهجن ته انهن جو انگ 90 کن بيهندو. ٻولين جي گروهه مان مراد آهي، اهي ٻوليون جن جو بنياد ساڳيو آهي ۽ اهي هڪ بنياد مان ڦُٽي مختلف شاخن ۾ ورهائجي ويون هجن. انهن کي ٻولين جو خاندان يا ڪٽنب Language Family به چئجي ٿو. اهڙين ٻولين جو بنياد مشترڪ هوندو آهي، جن مان پوءِ شاخون نڪرن ٿيون ۽ وقت گذرڻ سان گڏ اهي Dialect يا لهجا الڳ ٻوليءَ جي شڪل اختيار ڪن ٿا. علائقي جي فرق سان به اهي ساڳي ڪٽنب جون ٻوليون ڌار سڃاڻپ به اختيار ڪن ٿيون.

اڀياس ٻڌائي ٿو ته دنيا ۾ مکيه ٻولين جا گروهه يا ڪٽنب هن ريت آهن: افرو ايشيائي گروهه جنهن ۾ آفريڪا ۽ ايشيا ۾ 353 ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، آسٽرو ايشيائي گروهه جنهن تحت ايشيا ۽ اوشيانا ۾ 1246 ٻوليون ڳالهائجن ٿيون، انڊو يوربين گروهه تحت ايشيا، يورپ توڙي يوربي آبادين ۽

دنيا جي مختلف حصن ۾ 430 ٻوليون ڳالهائيون وڃن ٿيون ، اهڙي طرح نائجير ۽ ڪانگو گروهه تحت آفريڪا ۾ 1495 ٻوليون ڳالهائجن ٿيون، چين ۽ تبت گروهه ۾ 399 ٻوليون ۽ ٽرانس نيو گني گروهه ۾ 561 ڳالهائجن ٿيون. جن کي هڪ خاندان واريون ٻوليون چيو وڃي ٿو.

مختلف ماهرن جو خيال آهي ته ٻوليون انسان جي حياتياتي Biological عمل جو نه پر بنيادي طور ثقافتي عمل جو نتيجو آهن. جنهن جو مطلب آهي ته ٻوليون انسانن پنهنجو پاڻ خلقيون آهن يا ائين چئجي ته جڏهن معاشرا وجود ۾ آيا ۽ انسانن جو هڪٻئي سان رابطو ۽ واهپو ٿيو ته منجهن رابطي لاءِ جنهن ڳالهه جي ضرورت محسوس ٿي اُها هئي ٻولي . جيتوڻيڪ ٻولين کي خيالن جي اظهار جو ذريعو سمجهيو وڃي ٿو پر ٻولين تي ٿيندڙ لاڳيتي تحقيق مان اهو به ظاهر ٿيو آهي ته ٻوليون پاڻ به ماڻهن جي خيالن ۽ سوچ تي اثرانداز ٿين ٿيون . ٻولي خيالن تي ڪيئن اثر وجهي ٿي؟ خيالن جو ڪهڙو پهلو ٻوليءَ کان متاثر ٿئي ٿو؟ يا وري ائين پُڇجي ته ٻوليءَ جو ڪهڙو پهلو خيالن کي متاثر ڪري ٿو؟ نفسياتي اڀياسن دوران انهن سمورن سوالن جا جواب هڪ ئي جملي ۾ ملن ٿا ته ٻولي هر حال ۾ انسان جي سوچ ۽ خيالن تي اثرانداز ٿئي ٿي . لسانيات جا ماهر چون ٿا ته ٻوليءَ سان انسان جو واسطو سڀ کان پهرين لاشعوري طور ماءُ جي پيٽ ۾ هئڻ واري وقت کان پوي ٿو جڏهن هُو آسپاس موجود مختلف آواز ٻڌي ٿو. ٻار جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ ماءُ مختلف آوازن، احساسن ۽ عملن ذريعي سندس نفسياتي ساخت جوڙڻ شروع ڪري ٿي .

لسانيات جي ماهر نوم چومسڪيءَ موجب ٻولي فطري معروض آهي، جيڪا انساني دماغ جو جُز آهي ۽ حياتياتي عمل ۾ فطري صلاحيتن جو مظهر آهي. تنهنڪري ٻولي لاشعوري طور انساني دماغ جو حصو آهي، جنهن کي سکڻ جي ضرورت نٿي پوي. پر ٻار خود بخود لاشعوري طور ٻوليءَ جي ساخت کي سمجهندو ويندو آهي. ٻوليءَ جو ٻج سندس جينز ۾ موجود هوندو آهي، جيڪو گهر جي ماحول ۽ ماءُ جي قُربت ۾ اُسرڻ ۽ نسرڻ شروع ڪندو آهي.

مٿي ڪيل بحث مان ظاهر ٿيو تہ انساني سماج ۾ فردن جو هڪٻئي سان اثرائتي نموني لاڳاپو ۽ رابطو فقط ٻوليءَ ذريعي ئي ٿي سگهي ٿو. ٻولي اهڙن لفظن جو مجموعو آهي، جيڪي هڪٻئي جي سوچ ۽ خيالن جي اظهار ۾ مدد ڏين ٿا . هڪ ئي جملي ۾ لفظن جي هير ڦير سان ماڻهو انهن جملن جو مفهوم ۽ معنيٰ مٽائي سگهن ٿا يا انهن جملن کي بي معنيٰ ڪري سگهن ٿا . ان جو مطلب تہ ماڻهو فرد يا انسان آهن تہ ٻولي بہ آهي . ٻولي انساني ذهن کان ٻاهر ڪنهن اڪيلائپ ۾ وجود نٿي رکي . انسان ان کي پنهنجي ضرورت مطابق تخليق ڪن ٿا يا انهن جي معنائن کي ضرورت مطابق ڦيرائين ٿا . ان جو وڏو مثال هر دور ۾ ٻولين ۾ شامل ٿيندڙ نئون لفظن جو آهي . خاص طور سائنسي ايجادن جو زمانو جڏهن کان شروع ٿيو تہ ٻولين ۾ سائنسي لفظن پنهنجي جاءِ ورتي جيڪي خود انسانن پاڻ تخليق ڪيا . بلب، ٽيليفون، ٽيليگرام، ايروپلين (جهاز)، ٽرين (ريل گاڏي) ۽ اهڙا ٻيا ڪوڙ لفظ ان جو مثال آهن . وري ويهين صديءَ ۾ ڪمپيوٽر جو دور آيو تہ هڪ الڳ ڪمپيوٽر ٻولي Computer Language وجود ۾ اچي وئي . انهيءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ثبوت ٿي سگهي ٿو تہ ٻولي انساني تخليق آهي، جيڪا هن پنهنجي ضرورت مطابق خلقي آهي . ڪن شين کي معنيٰ ڏيڻ لاءِ اسان لفظ خلقيون ٿا ۽ اهي لفظ ئي اسان کي رابطي ۾ مدد ڪن ٿا . ٻوليءَ کانسواءِ اسان هڪٻئي سان ڳالهائي نٿا سگهون . ٻوليءَ جي اهميت جو اندازو آمريڪي اسڪالر ڪرسٽائين ليانگ Christine Leong جي هنن جملن مان ڪري سگهجي ٿو: "ٻولي اسان کي سڃاڻپ، شخصيت ۽ سماجي حيثيت ڏئي ٿي، سماج ۽ برادريون تخليق ڪري ٿي، پنهنجي ۽ پرائي جو فرق ٻڌائي ٿي، اها ٻوليءَ جي ئي خاصيت آهي تہ ڪنهن کي فائدو ڏئي يا نقصان ۽ ڪنهن جو مانُ وڌائي يا گهٽائي ۽ امن قائم رکي يا نفرت ۽ ڦوٽ کي جنم ڏئي . "

اهو ساڳيو نظريو سنڌي ٻوليءَ جي جنم سان بہ لاڳو ٿئي ٿو. دنيا جو هيءُ حصو پنهنجي قدرتي وسيلن سان مالا مال هجڻ ڪري انساني وسندين سان ڀريل رهيو آهي، جنهن جا مثال اروڙ وارا پٿر جي زماني جا قديم آثار مُوهن جو دڙو آمري، چانهونءَ جو دڙو ۽ ٻيا انيڪ قديم آثار آهن. جيئن تہ اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ ٻوليءَ کي انسان ئي پنهنجي رابطي لاءِ تخليق ڪيو آهي، تنهنڪري چئي سگهجي ٿو تہ اج کان ست هزار سال اڳ بہ هتان جا رهواسي ڪا ٻولي ڳالهائيندا هئا. جيڪا بيشڪ اج واري سنڌيءَ کان مختلف هوندي، پر اهو يقيني آهي تہ اج واري سنڌي ٻوليءَ هزارين ورهين جي تاريخ واري عمل مان گذرندي سولي ٿيندي ۽ سنوارجي موجوده شڪل اختيار ڪئي آهي. بلڪل ايئن ئي جيئن انگريزي ٻولي وقت گذرڻ سان گڏ بدلجندي رهي آهي. دي پينگئن ڊڪشنري آف انگلش سِنانِمس اينڊ انٽانمس موجب گذريل صديءَ ۾ انگريزي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي لفظن جي معنيٰ ۽ مطلب بدلجي ويا آهن ۽ ڪيترائي نوان لفظ ظاهر ٿيا آهن. اڳاٽي زماني جي اينگلو سيڪسن، رومن، وائڪنگ ۽ نارمن جارحن جي ٻولين توڙي سڄي دنيا مان سامونڊي سفرن ذريعي آيل ماڻهن جي مختلف ٻولين مان اوڌر ورتل لفظن ۽ برطانوي شهنشاهيت جي بيٺڪن جي ٻولين مان گاڏڙ ٿيل لفظن جي ڪري انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي نوان لفظ شامل ٿي ويا آهن.

تاريخي حقيقت هيءَ آهي تہ جن بہ ملڪن ۽ علائقن تي ٻين جارح قومن اڳرائي ڪري قبضا ڪيا، اُتي انهن جارحن پنهنجي ٻولي مڙهي، جنهن لاءِ زور زبردستي بہ اختيار ڪئي وئي تہ ٻيا طريقا بہ استعمال ڪيا ويا. نتيجي ۾ ديسي ٻوليون ختم ٿي ويون يا بلڪل ٻوٽي ڊِڪجي ويون. انهيءَ جو هڪ وڏو مثال تہ عربي ٻولي آهي ۽ انهيءَ ٻوليءَ جي سامراجيت کان متاثر ٿيندڙ ملڪ آهن، شام، مصر، اُتر آفريڪا، آئبيريا، سِسلي، مالٽا، ڪريٽ، سُوڊان، ساحل، الجزائر، مراڪش، لبيا، تيونس، عراق ۽ ماريطانيا وغيره جتي اج بہ عربي ڳالهائي وڃي ٿي. اج بہ آفريڪي باشندن سان ملبو تہ اهي

عربيءَ ۾ ڳالهائيندا . عراق، شام ۽ مصر عرب ملڪ ڪونہ هئا، پر هن وقت اهي پاڻ کي عرب دنيا جو حصو سمجهن ٿا ۽ عربي ڳالهائين ٿا .

سنڌ ۾ بہ قديم زماني کان جارح قومون اينديون رهيون آهن، جن هتي پنهنجي ٻولي مڙهي پر دنيا جي ڪجهہ ٻين قومن ۽ ٻولين جيان سنڌين ۽ سنڌي ٻوليءَ مزاحمت ڪئي ۽ سواءِ انهن ٻولين مان لفظن جا ٻنڌار پاڻ ۾ سموئڻ جي، پنهنجي پاڻ کي ختم ٿيڻ نہ ڏنو . انهيءَ لاءِ بہ وڏو مثال عربي ٻوليءَ جو ڏئي سگهجي ٿو جيڪا عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ سوين ورهيہ هتان جي سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت ۾ مڙهيل رهي پر سنڌي ٻوليءَ کي ختم نہ ڪري سگهي . ناميارو ليکڪ يوسف شاهين پنهنجي انگريزي ڪتاب "رائيز اينڊ فال آف سنسڪرت" Rise and Fall of Sanskrit in Historical Perspective ۾ لکي ٿو تہ عربي سنڌ ۾ 600 ورهين تائين سرڪاري ٻولي رهي، جڏهن تہ فارسي بہ 600 ورهيہ سنڌ مٿان مڙهيل رهي، پر سنڌي ٻوليءَ مزاحمت ڪئي ۽ پاڻ کي ختم ٿيڻ نہ ڏنو .

ايئن ئي سنڌ جو بہ دنيا جي مختلف ملڪن سان وڻج واپار رهيو آهي، جنهن سان سنڌي ٻوليءَ ۾ نوان لفظ شامل ٿيندا رهيا آهن ۽ اسان جي ٻولي بہ متجي نئين شڪل اختيار ڪندي وئي آهي ۽ اڄ بہ تبديليءَ جو اهڙو عمل جاري آهي . سنڌي ٻوليءَ تي ٻين ٻولين جي اثرن جو مثال فارسي، ڊچ ۽ انگريزيءَ جو بہ ڏئي سگهجي ٿو جن جا اڻ ڳڻيا لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل آهن . ان جو مطلب تہ اڄ جي سنڌي ٻولي سنڌ جي قديم ٻوليءَ جي ترقي يافتہ يا سولي ۽ آسان شڪل آهي . سنڌي ٻوليءَ جي موجوده شڪل بہ تيزيءَ سان متبي پئي وڃي، ڇو تہ اسان سنڌي اردوءَ کان بيحد متاثر ٿي، سنڌي ٻوليءَ ۾ نہ رڳو اردوءَ جا اڻ ڳڻيا اڻ ٺهندڙ اکر استعمال ڪري رهيا آهيون، پر پنهنجي ٻوليءَ جو گرامر بہ تباهہ ڪري مذڪر ۽ مونث بہ بدلائي ويٺا آهيون . اهو بہ هڪ ڊگهو بحث آهي، جنهن ۾ ڪيترائي ماڻهو ان عمل جي حمايت ڪندي چون ٿا تہ سنڌي ٻولي شاهوڪار ۽ سولي ٿي رهي آهي . اهو

دليل اردوءَ مان لفظن اختيار ڪرڻ تائين بلڪل درست آهي، پر گرامر بدلائڻ جي عمل کي غلط سمجهيو ويجي ٿو. اردو ٻولي بہ پنهنجي جاءِ تي دنيا جي مختلف ٻولين جو مجموعو آهي، پر هن جو پنهنجو گرامر آهي. ان ڳالهہ کي سمجهڻ لاءِ هندستان جي مشهور شاعر جاويد اختر جي هڪ تقرير جا ڪجهہ حصا مددگار ٿيندا، جيڪا يُو ٽيوب تي موجود آهي.

ڪجهہ ورهيہ اڳ دهليءَ ۾ هڪ تقريب ۾ تقرير ڪندي جاويد اختر اردوءَ جي هڪ پراڻي شاعر آرزو لکنويءَ جو حوالو ڏنو جنهن جو چوڻ هو تہ: ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ جا لفظ استعمال ڪري سگهجن ٿا ۽ اهو نہ سمجهيو ويجي تہ اردو ٻوليءَ ۾ رُڳو عربي ۽ فارسي لفظ شامل آهن. جاويد اختر ان ڳالهہ کي واضح ڪرڻ لاءِ هڪ جملو ٻڌايو: " ايڪ مڪان مين ايڪ گورا چٽا آدمي اور ايڪ ننها مُنا بچہ بيٺي ٿي. باورچي ني ناشتہ لاڪر ديا. ناشتي مين دال ٿِي. ناشتي ڪي بعد آدمي ني صندوق کولي اور ايڪ پستول نڪالا اور ديوار پہ لٽڪِي بندوق اُتارِي، بالٽي اُٺائِي اور چِخ هٽاڪي باهر نڪل گيا. راستي مين تيز هوا لگ رهِي ٿِي. "جاويد اختر موجب انهيءَ جملي ۾ ڪيترين ئي ٻين ٻولين جا لفظ استعمال ٿيل آهن. مثال طور "مڪان" عربي لفظ آهي، "گورا" پنجابي، "ننها" گجراتي، "بچہ" فارسي، "باورچي" تُرڪيءَ جو لفظ "پستول" انگريزيءَ جي لفظ پِستل مان ورتل، "صندوق"، "بندوق"، "رستہ"، "چِخ" ۽ "ناشتہ" پنج ئي لفظ تُرڪي ٻوليءَ مان ڪنيل ۽ "بالٽي" پورچوگيز ٻوليءَ جو لفظ آهي. ايئن اڻ ڳڻيا لفظ ٻين ٻولين جا آهن، جيڪي اردوءَ ۾ عام ۽ مُروج آهن. هن وڌيڪ مثال ڏيندي چيو تہ جيڪڏهن اسان چئون تہ "يہ هال ايئرڪنڊيشنڊ هي" تہ ان ۾ بہ "هال" ۽ "ايئرڪنڊيشنڊ" لفظ انگريزي آهن، جنهن جو مطلب اهو نہ ٿيندو تہ اهو جملو اردو نہ بلڪ انگريزي ٿي ويو. سندس دليل هو تہ ڪا بہ ٻولي لپي سان نہ لهندي آهي، چوتہ لپيون هڪ کان وڌيڪ ٿي سگهن ٿيون جيئن پنجابي ٻوليءَ جون ديوناگريءَ سميت ٽي لپيون آهن. اسان جيڪڏهن اردو جملو "ڪُڇ ڪُڇ هوتا هي" رومن لپيءَ ۾ هن

طرح لکون Kuchh Kuchh Hota Hay تہ ايئن نئو چئي سگهجي تہ اها انگريزي ٻولي ٿي وئي. بلڪل ايئن ئي رُڳو لفظن سان بہ ڪا ٻولي نہ ٿيندي آهي. سندس چوڻ موجب ٻوليءَ لاءِ بہ ڳالهيون بنيادي حيثيت رکن ٿيون ۽ اهي آهن جملن جي جوڙجڪ يعني Syntax ۽ گرامر.

هندستاني شاعر جاويد اختر جي دليلن منجهان اهو سمجهي سگهجي ٿو تہ مختلف قومن ۽ ماڻهن جي پاڻ ۾ رابطي جي صورت ۾ ٻولين هڪٻئي جا لفظ پاڻ ۾ جذب ڪن ٿيون ۽ ان سان رابطي جي ٻولي ٺهي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ جي قدامت جي حوالي سان ڪيترائي مثال ڏئي سگهجن ٿا. مثال طور موهن جي دڙي مان ڏاند گاڏي ملي آهي، جنهن جو مطلب تہ قديم زماني ۾ ڏاند، گاڏي، ڦيٿي ۽ انهن سان لاڳاپيل ٻين اوزارن يا سامان جا نالا ضرور هوندا، جيڪي ممڪن آهي تہ اهي نہ هجن، جيڪي اڄ ڳالهائيا وڃن ٿا. بلڪل ايئن ئي درياهہ ويجهو هجڻ ڪري يقين آهي تہ هتي زراعت بہ ٿيندي هئي ۽ لازمي طور زراعت سان لاڳاپيل لفظ بہ ان وقت موجود هوندا. ان وقت جي سنڌي ٻوليءَ ۾ رقص ۽ موسيقيءَ بابت لفظن جا ڀنڊار موجود هجڻ جو اندازو موهن جي دڙي مان ناچڻيءَ جو مجسمو ملڻ سان ٿئي ٿو. موهن جي دڙي ۾ آرين جي اچڻ کان اڳ واري زماني جي تهذيب ۽ تمدن جا آثار آهن، تنهنڪري ماهرن جو چوڻ آهي تہ سنڌي ٻولي سنسڪرت ۽ پراڪرت کان بہ اڳ جي آهي. ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ آرين جي آمد کان اڳ بہ هتي هڪ اعليٰ تهذيب هئي ۽ هتي مهذب انسانن جون وسنديون هيون، جن جو وڏو ڪاروهنوار هوندو هو ۽ اهو ڪنهن ٻوليءَ کانسواءِ ممڪن ڪونہ هو ۽ اهائي انهيءَ وقت جي سنڌي ٻولي هئي. اهڙي طرح وقت گذرڻ سان گڏ لازمي طور ٻين انسانن جي ٻولين سان رابطي جي ڪري انهن ٻولين جو بہ مٿس طور اثر ٿيو هوندو ۽ انهن ٻولين جا لفظ بہ منجهس شامل ٿي ويا جيڪي اڄ تائين اسان وٽ عام جام استعمال ۾ آهن.

## ٻولين بابت رٿابندي

حقيقت ۾ ٻولين جي رٿابندي هڪ اهڙو عمل آهي، جنهن تحت ٻولين کي سڌاري معياري بنائڻ، انهن جو گرامر ۽ ڏڪشنريون تيار ڪرڻ جو ڪم ڪيو وڃي ٿو ته جيئن ڪنهن هڪ ٻولي ڳالهائيندڙ برادريءَ جي ماڻهن کي لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ سولائي ٿئي جيئن آمريڪا جي ٻولين جي ماهر پروفيسر اينار هوجن Einar Haugen سال 1959ع ۾ ان جي تشريح ڪئي هئي، جنهن ۾ سياسي پهلوءَ جو ڪو عمل دخل ڪونه هو. سندس چوڻ موجب اهي سرگرميون خالص ان مقصد سان هونديون آهن ته عام ماڻهن جي فائدي لاءِ ٻولين جي زير زبر، اُچارن، گرامر ۽ استعمال بابت رهنمائي ڪئي وڃي. پر انهيءَ جي اُبتڙ ڪُوپر (1989) Cooper ۽ پالسٽن (1983) Paulston توڙي ڪجھ ٻين ماهرن ان عمل کي "لئنگويج پاليسي" سڏيندي سياست سان ڳنڍيو آهي. دلچسپ ڳالھ آهي ته اينار هوجن به اڳتي هلي وڌيڪ تحقيق جي نتيجي ۾ پنهنجا خيال مٽايا. سال 1966ع ۾ هارورڊ يونيورسٽي پريس پاران سندس ڇپرايل ڪتاب "لئنگويج ڪنفلڪٽ اينڊ لئنگويج پلاننگ" Language Conflict and Language Planning ۾ ٻولين جي رٿابنديءَ کي سياست سان ڳنڍيو آهي. آمريڪي محقق پروفيسر بئري آر چسوڪ Barry R. Chiswick سال 2008ع ۾ پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ سمورين محققن ۽ سندن ٿيل تحقيق جا حوالا ڏيندي لکيو ته ٻولين بابت رٿابندي ڪِن رياستن يا سماجن پاران ٻولين کي استعمال ڪري ڪي مقصد حاصل ڪرڻ جو عمل آهي. انهن مقصدن پٺيان سياسي ۽ اقتدار وارا عنصر ڪارفرما هوندا آهن. ايئن چئي سگهجي ٿو ته ٻولين جي رٿابندي سياست ۽ انتظامي حڪومت سان لاڳاپيل هوندي آهي يا ايئن چئجي ته ٻولين جي رٿابندي سياسي مفادن تحت ڪئي ويندي آهي. ڪُوپر بهرحال ان ڳالھ سان سهمت آهي ته ٻولي يا ٻولين جي رٿابندي ماڻهن جي رَوش ۽ مزاج تي اثرانداز ٿيڻ جي ڄاڻي واڻي ڪوشش آهي. هتي "اثرانداز

ٿيڻ" جو مطلب اختيارن جو سڌو يا اڻسڌو استعمال آهي جنهن سان عوام کي پنهنجي ضابطي هيٺ آڻجي ٿو. جيڪي سگهارا طبقا آهن، اهي سندن ٻولي ٻين جي مٿان مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، جنهن کي "ٻولين واري سامراجيت چيو ويو آهي. ٻولين جي هڪ ماهر فلپسن Phillipson ان سامراجيت کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي : "ٻوليءَ واري سامراجيت سماجي سامراجيت جي برابر آهي، جيڪا ٻوليءَ ذريعي سماجي ڍانچي تي اثرانداز ٿئي ٿي."

ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي ته سگهارا طبقا پنهنجي ٻوليءَ ذريعي محڪوم طبقن تي اثرانداز ٿي، ڪين پنهنجي ثقافتي ڍانچي ۾ آڻي حڪمراني ڪن ٿا. ان کي ڪي ماهر ثقافتي سامراجيت به سڏين ٿا.

ٻولين جي رٿابنديءَ واري ڪم کي گوبر ۽ ٻين ماهرن حڪومتي سطح تي هنن ٽن حصن ۾ ورهايو آهي (1) ٻوليءَ جي حيثيت بابت رٿابندي Status Planning (2) حاصلات واري رٿابندي Acquisition Planning ۽ (3) سڌاري واري رٿابندي Corpus Planning.

پهرين قسم جي رٿابندي حڪومت جي پاليسيءَ جو حصو هوندي آهي جنهن ۾ اقتداري طبقا پنهنجي سياسي مقصدن خاطر فيصلو ڪندا آهن ته رياست جي قومي يا سرڪاري ٻولي ڪهڙي هجڻ گهرجي ۽ پوءِ پنهنجي اختيارن جو استعمال ڪندي رياستي ادارن ذريعي انهيءَ ٻوليءَ کي عوام جي مٿان مڙهيندا آهن ۽ رائج ڪندا آهن. ٻئي نمبر تي اهي اقتداري طبقا يا حڪومت مقامي طور اڳ ۾ ئي ڳالهائجندڙ ٻولين کي رد ڪري تعليمي ادارن ۾ نئين ٻوليءَ کي تعليم جو ذريعو بنائيندا آهن ته جيئن سندن اختيار ڪيل ٻولي ڳالهائڻ وارن جو تعداد وڌي. ان مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ميڊيا کي به استعمال ڪيو ويندو آهي. اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ ان اقتداري ٻوليءَ جو معيار سڌارڻ لاءِ اُپاءَ ورتا ويندا آهن. ٽيون عمل سرڪاري ٻوليءَ جي سڌاري سان تعلق رکي ٿو جنهن ۾ انهيءَ جو گرامر سڌارڻ، جديد زماني

مطابق نوان لفظ ٺاهڻ ۽ ڊڪشنريون تيار ڪرڻ بہ شامل آهي . ان حوالي سان آمريڪا جو مثال اهم آهي، جتي ويهين صديءَ جي اوائل ۾ ڪيترين ئي رياستن خانگي اسڪولن ۽ گهرن ۾ جرمن ۽ ٻين پرڏيهي ٻولين جي پڙهائڻ ۽ ڳالهائڻ تي بندش وجهي ڇڏي هئي، جنهن کي آمريڪا جي سپريم ڪورٽ 1923ع ۾ ختم ڪيو.

اهي تہ ٿيون رياستي سطح تي سرگرميون، پر ڪي ٻولين جا ماهر انفرادي طور بہ پنهنجي ٻولين تي ڪم ڪندا آهن ۽ پنهنجي ٻولي يا ٻولين جي سڌاري، نوان لفظ ٺاهڻ، ڊڪشنريون تيار ڪرڻ ۾ رُڌل رهندا آهن. رياستي سرپرستيءَ هيٺ ٺهندڙ ٻوليءَ واري پاليسي رياستي ادارن ذريعي لاڳو ڪئي ويندي آهي، جنهن ۾ ڪاموراشاهي توڙي ٻين اقتداري طبقن جا مفاد شامل هوندا آهن. اهڙو رياستي عمل اڪثر گهڻ نسلي يا گهڻ قومي ملڪن ۾ اختيار ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ مختلف ٻولين ۽ ثقافتن کي پوئتي ڌڪي هڪ مخصوص طبقي جي هٺرادو قومي ثقافت ۽ ٻولي مٿن مڙهي ويندي آهي، جيئن يورپ جي اڳوڻين ڪالونين ۽ انگليںڊ ۾ انگريزي ۽ فرينچ ٻولين جو مثال اسان جي آڏو آهي . پر اهڙن معاملن ۾ رياست ۽ اقتداري طبقن کي مزاحمت پيش ايندي آهي، جيئن اڳوڻي اوڀر پاڪستان (بنگلاديش) ۾ 1948ع کان 1954ع تائين ٻوليءَ واري تحريڪ هلائي وئي، جڏهن بنگالي ٻوليءَ جي جاءِ تي اردو کي اڳيان آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

اقتداري طبقن پاران پنهنجي ٻولي ٻين تي مڙهڻ جا مثال يورپ ۾ بہ ملن ٿا . مثال طور: فرانس ۾ اقتداري طبقي جي مخصوص لهجي واري زبان Dialect کي معياري ٻولي ڪوٺي، ٻين مٿان مڙهيو ويو ۽ فرينچ ٻوليءَ جي ٻين لهجن کي رد ڪيو ويو. انهن مان ڪيترائي لهجا مڪمل طور الڳ ٻوليءَ جهڙا هئا، جن کي نہ اسڪولن ۾ پڙهايو ويو ۽ نہ ئي ادب توڙي ميڊيا ذريعي همٿايو ويو. انگلينڊ ۾ ڪوبہ ٻوليءَ وارو ادارو ڪونہ هو پر اوڀر مِڊلينڊ ۾ ڳالهائجندڙ لهجي کي معياري انگريزيءَ جو درجو ڏئي اڳتي آندو ويو. انهيءَ ٻوليءَ ۾

ڊڪشنريون تيار ڪيون ويون ۽ هر قسم جا اُپاءَ وٺي انهيءَ مخصوص انگريزي ٻوليءَ کي تعليمي ادارن، انتظامي ڪاتن، عدالتن، تحقيق، ادب ۽ ميڊيا ۾ رائج ڪيو ويو. انهن اُپائن سان انگريزي ٻولي ايتري تہ سگھاري ٿي وئي جو انگلينڊ، اسڪاٽلينڊ ۽ ويلز ۾ ٻيون ٻوليون پوئتي ڌڪجي ويون. ٻولين جو ماهر گِريلو Grillo (1989) لکي ٿو تہ مخصوص انگريزي ٻولي مڙهڻ سان انگلينڊ جون ٻيون ٻوليون مري ويون ۽ اسڪاٽ گاٿلڪ ٻولي اسڪاٽلينڊ جي فقط ڪجھہ حصن ۾ پساهہ کڻي رهي آهي.

ٻولين جا ماهر چون ٿا تہ اقتداري طبقن پاران رياستي ادارن ذريعي هڪ مخصوص ٻوليءَ کي قومي ٻولي پڌرو ڪري ان کي ترقي وٺرائڻ جو سواءِ انهيءَ جي ٻيو ڪوبہ سبب ڪونهي تہ اهي ٻين غيراقتداري قومن ۽ طبقن کي پوئتي ڌڪي هٽرادو قومي نظرئي کي هٿي وٺرائي، پنهنجو اقتدار قائم رکڻ گھرن ٿا.

ڪنهن مخصوص ٻوليءَ کي مڙهڻ خلاف مزاحمت ڪندڙن کي ٻولين جا ماهر Proto_Elites سڏين ٿا. راس Ross، شِلز Shils، ڪونر Conner، وليمس Williams، گليزر Glazer ۽ ڪي ٻيا اسڪالر چون ٿا تہ سرڪاري طور مڙهيل ٻولين جا مخالف اصل ۾ ٺورائيءَ وارن انهن ماڻهن جي نمائندگي ڪن ٿا، جيڪي هڪ نئي نسل سان واسطو رکن ٿا ۽ پريشر گروپن ذريعي ٻولي ۽ نسل وارا سوال اُٿاري سياسي اقتدار ۾ حصيداري وٺڻ گھرن ٿا.

حقيقت ۾ ٻولي ڪنهن بہ قوم جي سُڃاڻپ هوندي آهي. پنهنجي قومي سڃاڻپ لاءِ ئي آئرلينڊ جي قومپرستن آئرش گاٿلڪ ٻوليءَ لاءِ هلچل هلائي هئي ۽ نتيجي ۾ آزاد آئرش رياست قائم ٿي. اهڙي طرح ڪئناڊا ۾ فرينچ ٻولي ڳالهائيندڙن پنهنجي ڌار سڃاڻپ لاءِ ٻوليءَ جي بنياد تي جاکوڙ ڪئي ۽ ويلز ۾ بہ اُتان جي ٻوليءَ ماڻهن جي پنهنجي سُڃاڻپ قائم رکڻ لاءِ ڪردار ادا ڪيو. بيلجم ۾ اُتان جي پيڙهيل طبقي پنهنجي ٻوليءَ لاءِ تحريڪ هلائي، مٿن مڙهيل فرينچ ٻوليءَ مان جان ڇڏائي ۽ اسپين ۾ ڪئٽالوني ۽ باسڪ ٻولين خودمختياريءَ واري هلچل ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ نتيجي ۾

ڪئٽالونيا ۾ 1978ع کان وٺي ڪئٽالوني ٻوليءَ جو استعمال تمام گهڻو وڌي ويو. اڳوڻي سوويت يونين ۾ اسٽالن "قومي ٻولين ۽ ثقافت" وارو نظريو ڏنو هو پر عملي طرح روسي ٻولي هر سطح تي حاوي هئي، جنهن ڪري وچ ايشيائي رياستن ۾، جيڪي ان وقت سوويت يونين جو حصو هيون، قومپرست تحريڪون هلايون ويون ته جيئن ٻين مقامي ٻولين کي حق ملن.
انڊيا ۾ ڏاکڻي رياستن وارن 1965ع ۾ هندي ٻوليءَ کي مٿن مڙهڻ ۽ سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏيڻ خلاف مزاحمت ڪئي. دراوڙي ثقافت رکندڙ انهن ڏکڻ انڊيا وارن پنهنجي ٻوليءَ ذريعي نه رڳو سندن سڃاڻپ قائم رکڻ تي گهريو، پر اُتان جي نوجوانن کي اهو به انديشو هو ته ڏکڻ جا ماڻهو هندستان جي اُتر وارن ماڻهن سان روزگار جي حوالي سان چٽاپيٽي نه ڪري سگهندا، جو انهن جي ٻولي هندي آهي. تحريڪن جي نتيجي ۾ هندستان جي حڪومت انگريزي ۽ هنديءَ کي وفاقي ٻولين جو درجو ڏنو ۽ رياست جي ٻولي اسڪولن ۾ پڙهائڻ لازمي ڪئي وئي. وزير اعظم نهروءَ ٻين اقليتي برادرين کي به سندن ٻوليون سکڻ ۽ پڙهڻ جو حق ڏنو هو.
جن هنڌن تي ٻولين جي حوالي سان ڪوبه سرچاءُ نٿو ڪيو وڃي، اُتي مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ آبادين وچ ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿئي ٿي. مثال طور: سريلنڪا ۾ 1956ع ۾ سنهالي حڪمران طبقي، سنهالي ٻولي مڙهي زور زبردستيءَ وارين پاليسين ذريعي ملڪ کي هڪ ٻوليءَ واري رياست ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تي تامل اقليتي آباديءَ مخالفت ڪئي ۽ تامل ٻوليءَ لاءِ قومي ٻوليءَ جي درجي جي گهُر ڪئي. سريلنڪا ۾ سنهالين ۽ تاملن ۾ ورهين جا ورهيه هلندڙ ويڙهه جو اصل بنياد اهو ئي هو.
ٻولين جي ماهرن موجب انهن مثالن مان سمجهي سگهجي ٿو ته ٻولين جو اقتدار سان سڌو سنئون واسطو آهي. اقتداري طبقا هڪ ٻولي مڙهي مختلف قوميتن کي دٻائي هڪ قوم ۽ هڪ قومي رياست ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ پنهنجي سڃاڻپ (ٻولي ۽ ثقافت) ۽ سياسي اقتدار خطري ۾ ڏسي

ڌرتيءَ ڏٺي مزاحمتي تحريڪون هلائي حق حاصل ڪندا آهن . اقتداري طبقا اهڙيون قومي تحريڪون هلائيندڙن کي رياست خلاف بغاوت ڪرڻ جي الزامن هيٺ چٿڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

موجوده جديد زماني کان اڳ روم ۽ عرب دنيا وارن به جيڪي ملڪ فتح ڪريا انهن کي بيٺڪون ناهي هلايو اُتي هنن حڪومتي معاملن توڙي علم جي حوالي سان پنهنجون ٻوليون مقامي ماڻهن تي مڙهيون، پر جديد زماني ۾ اهو ڪم وري اولهه وارين قوتن برطانيا، فرانس ۽ اسپين وغيره ڪيو. جڏهن انگريزي ۽ اسپيني ڳالهائيندڙن دنيا جي مختلف حصن ۾ پنهنجون مستقل آباديون قائم ڪيون، جيئن انگريزن آسٽريليا، نيوزيلينڊ ۽ ڏکڻ آفريڪا ۾ اسپيني ۽ پورچوگيزن لاطيني آمريڪا ۽ اُتر آمريڪا ۾ ديرو ڄمايو تڏهن هنن ديسي ٻولين کي نظرانداز ڪيو. فقط اُتر آمريڪا ۾ يورپي ماڻهن جي ٻولين وارن حقن کي تسليم ڪيو ويو . آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ ۾ 1970ع واري ڏهاڪي تائين انگريزي ٻولي حاوي رهي . تمام ويجهڙائيءَ ۾ نيوزيلينڊ ۾ اُتان جي ديسي ٻولي موري Maori کي ٿوري گهڻي اهميت ڏني وئي آهي . لاطيني آمريڪا ۾ اسپيني، ۽ اُتان جي صرف هڪ ملڪ برازيل ۾ پورچوگيز ٻولي مڙهيل آهي، جڏهن ته ڏکڻ آفريڪا ۾ انگريزي ۽ آفريڪن (ڊچ ڳاڙ لهجو) اقتداري ٻوليون آهن، جنهن سان يورپي آبادڪار ماڻهن کي اقتدار پنهنجي هٿ وس رکڻ ۾ مدد ملي، دنيا جي جن حصن ۾ يورپي ماڻهو مستقل آباد نه ٿيا، اُتي هنن پرڏيهي تهذيبن تي راڄ ڪرڻ لاءِ پنهنجي سامراجي مفادن کي نظر ۾ رکندي ٻولين بابت پاليسيون ناهيون. فرانس پنهنجي ٻولي الجزائر، تيونس ۽ آفريڪي ملڪن تي مڙهي ته جيئن اُتي راڄ ڪري سگهي . بيلجم وارا ديسي ٻولين جا گهڻا مخالف ڪونه هئا، پر تڏهن به هنن 1877ع کان وٺي ڪانگو ۾ فرينچ ٻولي مڙهي، جو ته اُتي 200 کان وڌيڪ ٻوليون ڳالهايون ٿي ويون . انگريزن ۾ بظاهر ديسي ٻولين لاءِ ڪجهه وڌيڪ برداشت هئي، جنهن کي سندن سياسي پاليسين جو نتيجو چئي سگهجي ٿو. سندن اهڙي رَوش جو اندازو 1780ع کان 1835ع تائين هندستان ۾ لاڳو ڪيل ديسي ٻولين واري پاليسيءَ

مان ٿئي ٿو. هنن هندستانين توڙي برٽش سِول ملازمن کي سنسڪرت، عربي ۽ فارسي سيکاري. اهڙي طرح 1835ع ۾ انگريزيءَ کي اعليٰ انتظامي عهدن، عدليه ۽ تعليمي ادارن لاءِ خاص درجو ڏنو ويو. ٻنهي پاليسين جو مقصد پنهنجي سامراجي راڄ کي مضبوط ڪرڻ هو. ديسي ٻولين بابت سندن پاليسيءَ جو مقصد هو ته مقامي مٿئين طبقي جي ماڻهن جو سهڪار حاصل ڪجي. انگريزي ٻولي مڙهڻ جو مقصد نه رڳو هندستان اندر هڪ مراعات يافته وفادار طبقو تيار ڪرڻ هو پر ان سان ڪين هندستان کي بينڪي رياست بڻائڻو هو. سندن تيار ڪيل مراعات يافته انگريزي ڳالهائيندڙ طبقو اهڙي پاليسيءَ جي نتيجي ۾ بينڪي راڄ جي يڪجهتيءَ جو اهڃاڻ بڻجي ويو. هندستان جي بينڪي ڪاموراشاهي به انهيءَ پاليسيءَ جي پيداوار هئي.

مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته ديسي مزاحمتي طبقن ٻوليءَ کي پنهنجي قومي سڃاڻپ ۽ ايڪي طور استعمال ڪيو. انهيءَ جو هڪ ٻيو وڏو مثال پولينڊ آهي جتي روس، پروشيا ۽ آسٽريا قبضو ڄمايو هو. پولينڊ جي عوام کي پنهنجي پولش ٻوليءَ تي وڏو فخر هو. جيتوڻيڪ روس ۽ جرمنيءَ سندن ٻوليءَ کي دٻائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي، پر پولينڊ وارن خانگي طور پنهنجي ٻوليءَ کي ترقي وترائي ۽ پنهنجي ٻارن کي سيکاري. آئرلينڊ ۾ مقامي با اثر ماڻهن جي طبقي پاران انگريزي ٻوليءَ کي قبول ڪرڻ جي باوجود ديسي گاٿلڪ ٻولي انهن ماڻهن لاءِ قومپرستيءَ جو اُهڃاڻ هئي.

ايشيا ۽ آفريڪا ۾ بينڪيت مخالف جدوجهد قوميت ۽ قوم جي بنياد تي هلائي وئي، پر ان ۾ به ٻولي ۽ مذهب اهم ڪردار ادا ڪيو. سماجي ۽ ثقافتي پهلو به ان ۾ شامل هئا، پر مکيه ڳالهه هئي پاڻ ۾ هڪجهڙائي. ويتنام ۾، جتي فرينچ راڄ هو پر بينڪيت خلاف جدوجهد ۾ ٻولي هڪ هٿيار هئڻ جي باوجود ايترو اهم نه سمجهي وئي. اهڙي طرح انڊونيشيا ۾ ڊچ قبضي خلاف جدوجهد دوران ٻوليءَ جو ڪردار غير اهم هو جيتوڻيڪ انڊونيشيائي نوجوانن جي تنظيم جي قسم نامي ۾ هي لفظ شامل هئا: "هڪ ڌرتي، هڪ قوم ۽ هڪ ٻولي."

هندستان ۾ به جيتوڻيڪ گانڌيءَ ڪوششون ورتيون ته هندستاني عوام پنهنجي ديسي ٻولين تي فخر ڪري، پر انگريزي ٻوليءَ خلاف ماڻهن جو ردعمل گاڏڙ ساڏڙ رهيو. جنهنڪري برطانوي ٻينڪيت خلاف تحريڪ ۾ ٻوليءَ جي عنصر اهم ڪردار ادا نه ڪيو. انهيءَ جو هڪ ڪارڻ اهو ٿي سگهي ٿو ته هندو مسلم اختلاف ۽ ڦوٽ، سياسي منظر تي حاوي رهيا. خاص طور 1920ع واري ڏهاڪي جي اوائل ۾ جڏهن خلافت تحريڪ هلي ته انگريزن خلاف گڏيل هلچل هلائڻ بدران هندو مسلم عوام هندي اردو تڪرار ۾ ورهائجي ويو.

آفريڪا ۾ به آزاديءَ واري هلچل ۾ ٻوليءَ بنهه معمولي ڪردار ادا ڪيو. جن هنڌن تي ٻينڪيت خلاف تحريڪن ۾ ٻوليءَ وارو عنصر پوئتي رهيو ان لاءِ سمجهيو وڃي ٿو ته ديسي مزاحمتي قيادت اهڙن ماڻهن جي هٿن ۾ هئي، جيڪي مغربي ثقافت کان متاثر هئا. انگريزي تعليم انهن اڳواڻن ۾ مغربي طرز جي قومپرستي، جمهوريت ۽ سامراج دشمنيءَ وارو تصور پيدا ڪيو هو. پيو ته انگريزي ٻوليءَ جي ڪري انهن اڳواڻن کي معتبريءَ واري حيثيت ملي هئي، جنهنڪري هنن نٿي چاهيو ته اها ٻولي ختم ٿئي ۽ سندن جاءِ تي ديسي تعليم ورتل طبقو معتبر ٿئي. ڪو وقت اهڙو به هو جڏهن ديسي ٻولين مان ڪنهن هڪ کي اهميت ڏيڻ سان ٻوندڙ ڦوٽ کان بچڻ لاءِ به انگريزي ٻوليءَ کي استعمال ڪيو ويو. سائوٿ ويسٽ آفريڪا پيپلز آرگنائيزيشن SWAPO جيڪا ڏکڻ آفريڪا کان نميبيا جي آزاديءَ لاءِ وڙهي رهي هئي، تنهن به انگريزي ٻولي استعمال ڪئي. نميبيا گهڻ نسلي ۽ گهڻ ٻولي ملڪ آهي، تنهنڪري آزاديءَ واري جدوجهد دوران توڙي آزاديءَ کان پوءِ به انگريزي ٻوليءَ کي اختيار ڪيو ويو ته جيئن ڦوٽ نه پوي.

جن ملڪن مان انگريزن ۽ فرانس جي ٻينڪيت ختم ٿي، اُتان جي مغربي اثر وارن اقتداري طبقن انگريزي ۽ فرينچ ٻولين کي ئي رائج رکيو ۽ اهميت ڏني پر ديسي مزاحمتي ماڻهن ديسي ٻولين کي اهميت ڏيڻ جي گهُر ڪئي. مثال طور: ڪينيا ۾ معتبر طبقو انگريزي ٻوليءَ کي پنهنجي معتبريءَ جو اهڃاڻ سمجهي ٿو. ساڳي صورتحال گهانا، نائجيريا، فلپائين ۽ ٻين اڳوڻين ٻينڪن ۾ رهندي آئي آهي.

پر انهيءَ جي ابتڙ ڪن اڳوڻن بيلجيڪي ملڪن ۾ اقتداري معتبر طبقن قومي سجاڳيءَ قائم رکڻ لاءِ ڪنهن هڪ ديسي ٻوليءَ کي بہ گڏوگڏ اڳتي وڌايو آهي. مثال طور: اڳوڻن فرينچ بيلجيڪن الجزائر، تيونس ۽ مراڪش ۾ فرينچ ۽ عربي ٻوليون رائج آهن . لبنان ۾ بہ اقتداري طبقي اهڙو رستو اختيار ڪيو. هوڏانهن وري ڪي اهڙا ملڪ آهن، جتي مختلف ديسي ٻوليون هجڻ ڪري ڪنهن هڪ ديسي ٻوليءَ کي اهميت ڏيڻ سان نسلي ڇڪتاڻ پيدا ٿيڻ جو خطرو هو جنهن جو مثال نائجيريا آهي، جتي ٽي مکيہ ديسي ٻوليون هوسا Hausa، اِگبو Igbo ۽ يوروٻا Yoruba ٽن نسلي گروهن جون ڏار ٻوليون آهن . ساڳي طرح ايٿوپيا ۾ پنهنجي ديسي ٻولين لاءِ هر گروهہ هلچل هلائڻ لڳو هو. ڪئمرون ۾ وري پنجاهہ لک آباديءَ جون هڪ سئو مختلف ٻوليون هيون، تنهنڪري ڪنهن هڪ ٻوليءَ کي اهميت ڏيڻ وڏو مسئلو رهيو. اهڙي صورتحال ۾ تمام ٿورا ملڪ آهن، جتي ڪنهن هڪ ديسي ٻوليءَ کي اڳتي وڌايو ويو آهي، جيئن تنزانيا ۾ ٿيو جتي سواحلي ٻوليءَ کي اهميت ڏئي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو ويو. جيتوڻيڪ اها فقط ڏهہ سيڪڙو ماڻهن جي مادري زبان آهي . ان ٻوليءَ کي سمورن قبيلن قبول ڪيو ڇو تہ اها ڪنهن هڪ مخصوص قبيلي جي ٻولي ڪانہ هئي ۽ ٻيو تہ ماڻهن ۾ برطانيا مخالف جذبات وڌيل هئا . انهيءَ ڪري 1961ع ۾ آزادي ملڻ کان پوءِ ديسي اقتداري طبقي سواحلي ٻوليءَ کي "قومي ايڪتا" جي اهڃاڻ طور استعمال ڪيو.

ايئن بہ ٿيو آهي تہ ڪن اڳوڻين بيلجيڪن ۾ وڌيڪ سگهارن نسلي گروهن جي ڪري بيلجيڪي ٻوليءَ کي رد ڪيو ويو يا ان جي حيثيت گهٽائي وئي . مثال طور: 1957ع ۾ جڏهن ملائيشيا آزادي ماڻي تہ ماليءَ ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏئي، تعليمي ادارن ۾ رائج ڪيو ويو . ان وقت جيتوڻيڪ چيني نسل جا ماڻهو انگريزي ٻوليءَ جا پرستار هئا، پر مالي نسل وارا پنهنجي ٻوليءَ کي قومي درجو ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ انگريزي ٻوليءَ جي حيثيت رابطي جي زبان واري قائم رکي وئي . انگريزي ٻوليءَ جو

استعمال صرف تحقيق، واپار، جهازراني، ميڊيا ۽ سفارتڪاريءَ ۾ ڪيو وڃي ٿو. ڪيترائي ملڪ انگريزي ٻوليءَ کي نظرانداز نہ ڪري سگهيا آهن، جنهنڪري ٽين دنيا جي ملڪن ۽ خاص طور اڳوڻين بيلڪن ۾ مغربي دنيا جو اثر قائم آهي، جنهن کي Neo_colonialism جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

اهڙن ملڪن ۾ اقتداري طبقا ديسي ٻولين کي انهيءَ ڪري بہ اڳتي اچڻ نٿا ڏين تہ جيئن هيٺين طبقن جي ماڻهن جي سماجي سرگرمين ۾ رنڊڪون وجهي کين اعليٰ انتظامي عهدن، عدليہ، فوج، سفارتي عهدن ۽ ٻين اهڙن رياستي ادارن کان پري رکي سگهن. ٽين دنيا جي ملڪن ۾ انهيءَ ڪري بہ هيٺين طبقي جا ماڻهو انگريزي يا فرينچ ٻولين ڏانهن ڪشش محسوس ڪن ٿا، جو اهي ٻوليون سکڻ سان هُو سمجهن ٿا تہ کين مراعات يافتہ طبقي ۾ شامل ٿيڻ ۾ مدد ملندي ۽ اهي معتبر طبقي جا ماڻهو سڏبا. ڪن ملڪن ۾ پنهنجي قومي ٻوليءَ سان جذباتي لڳاءُ هُجڻ جي باوجود ماڻهو انگريزي ٻوليءَ ڏانهن ڇڪجن ٿا، جيئن فلپائن ۾ مائٽ سمجهن ٿا تہ سندن ٻار انگريزي ٻولي سکڻ سان بهتر زندگي گذاري سگهندا. اهڙي طرح ڏکڻ آفريڪا ۾ ڪارن ديسي باشندن سندن پنهنجي مادري ٻولي رائج ڪرڻ جي مخالفت انهيءَ بنياد تي ڪئي تہ اهي ٻوليون سکڻ سان هُو گورن باشندن سان مقابلو ڪري نہ سگهندا، جيڪي انگريزي ۽ آفريڪن (ڊچ گاڏڙ) ٻوليون سکن ۽ استعمال ڪن ٿا. پيرو ۾ بہ اهڙي صورتحال آهي تہ اُتان جي ديسي ٻولي ڪُئچئا Quechua ڳالهائيندڙن کي گهٽ حيثيت وارو سمجهيو وڃي ٿو. اهڙن سببن جي ڪري ڪن ملڪن ۾ سگهارن گروهن جا ماڻهو پاڻ پنهنجي ٻوليءَ کي اڳتي آڻڻ جي مخالفت ڪن ٿا. سندن انهيءَ سوچ ۽ مزاج جي نتيجي ۾ مغربي قوتون پنهنجي اڳوڻين بيلڪن ۾ پنهنجو نئون بيلڪي نظام Neo_colonialism جاري رکڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿيون. بيلڪي قوتون ان نظام کي جاري رکڻ لاءِ پنهنجون خاص ٻوليءَ واريون

پاليسيون ئاهن ٽيون، جيئن آمريڪا ۽ انگلينڊ دنيا ۾ انگريزيءَ کي زور وٺرائڻ لاءِ انگريزي ٻولي سيکارڻ جا طريقا اختيار ڪيا آهن . بلڪل ساڳئي قسم جي پاليسي فرانس جي آهي، جنهن فرينچ ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ فرئنڪو فوني Francophonie پاليسي ٺاهي.

اهي ٻوليون، جن کي جديديت Modernization ڏانهن وڌڻ جو اوزار سمجهيو وڃي ٿو ممڪن آهي تہ ڪي روايت پسند ماڻهو ان جا مخالف هجن، پر عملي طور ڏٺو ويو آهي تہ انهن پنهنجي ديسي ٻولين تي بہ گهٽو ڌيان ڪونہ ڏنو آهي.

ٻولين تي تحقيق ڪندڙن تحقيق دوران اها ڳالهہ خاص طور محسوس ڪئي تہ جن ملڪن ۾ ٻولين جي رٿابنديءَ وارو ڪم ڪيو ويو اُتي Corpus Planning واري مرحلي ۾ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لکٽيءَ وارن طريقن، زبرن، زيرن، گرامر جي درستي وغيره سان ان ٻوليءَ جي معيار کي بهتر بنائڻ بدران عام رابطي واري ٻولي بنائڻ تي گهٽو زور ڏنو ويو. سندن خيال ۾ بهتر ٻولي اُها آهي، جيڪا رابطي جي زبان جو ڪم ڏئي. ٻولين جي ڪجهہ ماهرن موجب ٻولين جو ڪاٿو ڪري انهن جي درجابندي ڪري سگهجي ٿي. سندن خيال ۾ ٻوليءَ جي بنيادي ڍانچي کان وڌيڪ ان ڳالهہ کي ڌسڻ گهرجي تہ اُها ٻولي ڪيتري سرگرم يا عملي Functional آهي ۽ ان لاءِ ٻوليءَ جي موروثي خاصيتن بدران ان جي ثقافتي قدرن کي ڌسڻ گهرجي. چارلس فرگوسن Charles Ferguson ڪنهن بہ ٻوليءَ جي عملي حيثيت ڪٿڻ لاءِ هڪ طريقو اختيار ڪيو جنهن موجب هن ٻڙي، هڪ ۽ ٻہ جا درجا مقرر ڪيا. ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ هڪجهڙا قابل فهم لهجا هجن تہ ان لاءِ ٻڙي، ڪنهن بہ ٻوليءَ جا ٻہ معيار هجڻ تي اُن کي هڪ نمبر ۽ هڪجهڙو معيار هجڻ تي بہ نمبر ڏنو ويو. اهڙي طرح ڪنهن ٻوليءَ جي تحرير جي حوالي سان هن ٻڙيءَ کان 3 تائين درجا مقرر ڪيا. ٻڙي اهڙي ٻوليءَ لاءِ رکيائين، جنهن جي ڪابہ لکت واري حيثيت ڪانهي. هڪ نمبر ان کي ڏنو ويو جيڪا ٻولي جديديت کان اڳ واري تحريري صلاحيت رکندڙ آهي، 2 نمبر ان ٻوليءَ کي ڏنائين، جنهن ۾ جديد سائنسي چاڻ لکڻ جي صلاحيت آهي ۽ 3 نمبر ان کي ڏنائين، جنهن

ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين مان چارڻ جا سمورا سائنسي لفظ ترجمو ڪرڻ جي صلاحيت هجي. ان حساب سان سندس خيال ۾ انگريزي نمبر 2 ۽ 3 معيار تي پوري لهي ٿي ۽ جنهن کي جديد ٻولي چئي سگهجي ٿو.

ڪارپس پلاننگ جي پٺيان سياسي مقصد بہ هوندا آهن. ان رٿابنديءَ هيٺ هڪ ٻولي يا لهجي Dialect کي معياري پڌرو ڪرڻ سان ٻيون ٻوليون ۽ لهجا پنهنجي حيثيت وڃائي هوريان هوريان ختم ٿيندا ويندا آهن ۽ هڪ مخصوص "معياري قومي ٻولي" رياست جي سرپرستي حاصل ڪري اقتداري طبقي جي راڄ کي مدد ڏيندي آهي.

ڪنهن بہ ٻوليءَ جي تحريري شڪل ان ٻوليءَ جي سڃاڻپ هوندي آهي. ڪن مخصوص سوچ وارن ماهرن جي ڪوشش هوندي آهي تہ ديسي ٻولين جي تحريري شڪل خراب ڪري انهن کي تباهہ ڪجي. انهيءَ جو مثال انگريز آهن، جن 19هين صديءَ ۾ تجويز ڏني تہ هندستان ۾ هندو ۽ مسلمانن جي ٻولين جي شڪل بگاڙي، انهن کي تباهہ ڪجي. ڊبليو ياٽس، ڊبليو ايڇ پيئرس، سي.اي ٽريويليان ۽ جي ٿامس 1834ع ۾ هڪ سرڪيولر ۾ هن ربت ديسي ٻولين جي شڪل بگاڙڻ بابت تجويز ڏيندي لکيو : "جيڪڏهن هندو ۽ مسلمانن جي ٻولين جي لپي (الف ب) بدلائي ڇڏجي تہ اهي ٻوليون آهستي آهستي استعمال مان ختم ٿينديون وينديون." سندن خيال هو تہ هندستان جي ديسي ٻولين جي اصل لپيءَ جي جاءِ تي رومن لپي رائج ڪجي تہ جيئن انهن جا مذهبي ۽ ادبي ڪتاب ۽ ٻيو مواد بيڪار ٿي وڃي، ڇو تہ نئون نسل رومن لپيءَ واريون ٻوليون سکندو ۽ پراڻي اصل لپي سمجهي ۽ پڙهي نہ سگهندو. بهرحال سندن پنهنجا انگريز ئي هندستاني ديسي ٻولين جي لپي بدلائڻ جا مخالف هئا، تنهنڪري ان تجويز کي رد ڪيو ويو.

جيئن تہ قديم روايتي لپي ڪنهن بہ ٻوليءَ جي سڃاڻپ کي برقرار رکي، ان کي سگهارو ڪري ٿي، تنهنڪري هندستان ۾ هندي ڳالهائيندڙن 19 هين صديءَ ۾ ديوناگري لپيءَ کي قائم رکڻ جي لاءِ دٻاءُ وڌو. ان حد تائين بہ زور پريو ويو تہ هندستان ۾ ڳالهائجندڙ سمورين ٻولين لاءِ ديوناگري لپي اختيار ڪئي وڃي.

ٻولين ۾ جدت آڻڻ جو عمل عام طور نوان لفظ ۽ محاورا متعارف ڪرائڻ سان مڪمل ٿئي ٿو ته جيئن اها ٻولي جديد سائنسي علم ۽ ٽيڪنالاجيءَ کي پنهنجي دائري ۾ آڻي ۽ وقت سان گڏ هلندي، جديد زماني جي گهرجن کي پورو ڪري سگهي. جيڪڏهن ٻوليءَ جي نسلي سڃاڻپ برقرار رکڻي هوندي آهي ته ان لاءِ لفظن جا جُزا ديسي نسلي ٻوليءَ مان کنيا ويندا آهن، پر ٻوليءَ جي مذهبي سڃاڻپ جي خيال کان وري مقدس حيثيت رکندڙ ٻولين مان جُزا کڻي لفظ ٺاهيا ويندا آهن. مثال طور: اسرائيل ۾ هيبريو اڪيڊمي نوان لفظ ٺاهڻ لاءِ هيبريو (عبراني) ٻوليءَ جا جُزا يا گهٽ ۾ گهٽ سامي بنياد Semitic Origin (عبراني ۽ عربي) وارن جُزن کي استعمال ڪري ٿي. ان جو مطلب ته اهو ادارو ٻوليءَ ۾ جدت آڻي اسرائيلي يهودي تشخص يا سڃاڻپ کي اڳتي وڌائي ٿو. هندستان ۾ ٻولين جي رٿابنديءَ وارا رياستي ادارا هندي ٻوليءَ جا نوان محاورا سنسڪرت مان تيار ڪن ٿا، جيڪا انهن لاءِ مقدس ۽ هندو سڃاڻپ جو اُهڃاڻ آهي، باوجود انهيءَ جي ته اهڙي ڪوشش سان هندي ٻوليءَ جا اهي ڏکيا نوان لفظ عام رابطي ۾ رنڊڪ وجهن ٿا.

ٻولين جي رٿابنديءَ ۾ سياسي مقصدن جا به ڪيترائي مثال آهن. ترڪيءَ ۾ ڪمال اتا ترڪ ترڪي ٻوليءَ جي لِپي عربيءَ مان بدلائي رومن ڪري ڇڏي هئي، ته جيئن سلطنتِ عثمانيه واري مشرقي طرز جي جاءِ تي ترڪ عوام کي جديد ۽ يورپي سڃاڻپ ڏئي سگهي. اڳوڻي سوويت حڪومت سندس قبضي هيٺ وچ ايشيائي رياستن ۾ اُتان جي ديسي ٻولين لاءِ پهريائين ته 1920ع واري ڏهاڪي ۾ عربيءَ جي جاءِ تي لاطيني لِپي رائج ڪئي ۽ پوءِ 1938ع ۾ انهيءَ کي به روسي ۽ بلغاريا واري لِپي سليوونيائي Cyrillic لِپيءَ ۾ بدلائي ڇڏيو. ان سان اهي ٻوليون مسلم سڃاڻپ وڃائي، روسي ٻوليءَ جي ويجهو ٿي ويون. هندستان جي سنڌي ليکڪ کوبچنداڻيءَ موجب هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اصل عربي لِپيءَ جي جاءِ تي ديوناگري لِپي اختيار ڪرڻ لاءِ ڪن حلقن پاران ڪيل ڪوششون به پنهنجي مخصوص برادري جي ڌار سڃاڻپ ٺاهڻ وارين ڪوششن جو حصو هيون. انهن ڪوششن جو بيو مقصد هو اُتر هندستان جي اقتداري طبقن جي ويجهو ٿيڻ.

ٻولين ۾ تبديلين جا ڪي پيا بہ ڪارڻ هوندا آهن . مثال طور: ديسي ٻولين کي خالص ڪرڻ لاءِ انهن مان ڌارين ٻولين جا لفظ خارج ڪيا ويندا آهن . ڌارين ٻولين جا لفظ عام فهم هجڻ جي باوجود خارج ڪرڻ جو مقصد ان ٻوليءَ جي عام رابطي واري اهليت وڌائڻ نہ بلڪ اُن جي قديم سڃاڻپ برقرار رکڻ هوندو آهي . مسلمان شاعرن 1702ع کان 1755ع تائين واري عرصي ۾ اُردو ٻوليءَ مان هندي لفظ ڪڍي عربي ۽ فارسي لفظ وجهي، جديد اردوءَ کي جنم ڏنو جنهن سان ان کي دهلي ۽ لکنوءَ جي مٿانهين طبقي جي ٻوليءَ جو درجو ملي ويو . اهڙي طرح 1800 عيسويءَ ڌاري هندي ٻوليءَ مان عربي فارسي لفظن کي خارج ڪري ان کي مخصوص هندي سُڃاڻپ ڏني وئي . جيتوڻيڪ سنسڪرت جا لفظ عام ماڻهن جي سمجهہ کان ٻاهر هئا، پر اها ٻولي هندو آباديءَ جي سڃاڻپ بڻجي وئي . ڏکڻ آفريڪا ۾ وري ڊچ آبادڪارن پنهنجي ملڪ هالينڊ جي ڊچ ٻوليءَ ۾ تبديليون آڻڻ ۾ فخر محسوس ڪيو . ان ڪوشش سان ڏکڻ آفريڪا ۾ رائج ڪيل سندن ٻولي ڊچ ٻوليءَ جي بگڙيل شڪل چئي سگهجي ٿي . بلڪل ساڳي سوچ رکندي آمريڪي ماهر نوح ويبسٽر Noah Webster انگريزي ٻوليءَ جي لفظن جي هِجي بدلائي تہ جيئن آمريڪا جي ڌار سُڃاڻپ واري ٻولي بڻجي سگهي . انهيءَ سموري بحث مان ظاهر ٿيو تہ ٻولين جي رٿابندي يا ڦير گهير يا سُڌارن پٺيان اصل مقصد سماجي، اقتصادي ۽ سياسي هوندا آهن .

## پاڪستان ۾ ٻولين جي رٿابندي ۽ صورتحال

پاڪستان گهڻ قومي ۽ گهڻ ٻولي ملڪ آهي، جنهن ۾ ڇهہ مکيہ ۽ 57 ٻيون ننڍيون ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، پر هتي اقتداري ايوانن اندر اردو ۽ انگريزي ٻولين کي اهميت حاصل آهي . اردو فقط ست سيڪڙو ماڻهن جي ٻولي آهي، پر ان کي قومي ٻوليءَ جو درجو حاصل آهي، جڏهن تہ انگريزي ڪنهن جي مادري ٻولي نہ هوندي بہ سرڪاري ٻولي آهي . پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پنجاب کان سواءِ هندستان جي ٻين علائقن کان آيل آبادي، ملڪ جي ڪل آباديءَ جو فقط 3 سيڪڙو هئي، ان 3 سيڪڙي آبادي ۾ بہ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جو تناسب 2 سيڪڙي تائين مس هو ٻين جي مادري زبان

گجراتي، ميمڻي ۽ مارواڙي وغيره هئي، پر ٻين ديسي ٻولين کي نظرانداز ڪري ان 2 سيڪڙو ماڻهن جي ڪري اردوءَ کي مٿن حاوي ڪيو ويو.

پاڪستان ۾ ٻولين جي رٿابندي ۽ صورتحال جو جائزو وٺڻ کان اڳ بيٺڪي دور ۾ هتان جي حالتن کي سمجهڻو پوندو. بيٺڪي رياست وٽ سگهاري فوجي ۽ ڪاموراشاهيءَ جو هٿيار ۽ حڪومت هئي، جنهن جي مدد سان ديسي سماجي طبقن کي دٻائي رکيو ويو هو. پاڪستاني رياست کي اها ئي سگهاري فوجي ۽ سول ڪامورا شاهي ورثي ۾ ملي. اقتداري طبقي جي معتبرن کي انگريزي ايندي هئي، ڇو ته اهي انگريزي ميڊيم اسڪولن ۾ پڙهيا ۽ پيو ته فوجي ۽ سول سروس جي اڪيڊمين ۾ ٽريننگ دوران به سندن واسطو انگريزيءَ سان هو. اهڙي طرح سرڪاري گڏجاڻين، پريس ڪانفرنسن ۽ پرڏيهي دورن ۾ به انگريزي ئي استعمال ٿيندي هئي. انهيءَ جي ڪري سموري رياستي ڍانچي ۾ هر اعليٰ عهدي تي انگريزي ڳالهائيندڙن جو قبضو هو جڏهن ته هيٺين عهدن تي ويٺل ملازمن توڙي عام ماڻهن جو انگريزيءَ سان واهپو ٿورو گهٽ هو. پاڪستان ۾ صورتحال هيءَ آهي ته انگريزي نه رڳو مٿئين رياستي سطحن جي ٻولي آهي، پر اها يونيورسٽين، اسڪولن، غير سرڪاري ادارن، اين جي اوز عالمي ادارن جهڙوڪ ورلڊ بئنڪ ۽ گڏيل قومن ۾ نوڪري حاصل ڪرڻ جو به وڏو ذريعو آهي. انهيءَ ڪري اقتداري طبقن جي ماڻهن لاءِ انهن ادارن ۾ اهم عهدا وٺڻ تمام سولو آهي ۽ بعد ۾ اهي ئي پنهنجي اولاد کي به انهن ادارن ۾ موقعا ڏياري وڃن ٿا. انهيءَ ڪارڻ اقتداري طبقا اهڙين پاليسين جي حمايت ڪن ٿا جيڪي انگريزي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ تيار ڪيون وڃن ٿيون.

پر ظاهر ۾ رياستي پاليسيون انگريزي پرستيءَ واريون نه بلڪ اردو ٻوليءَ جي حمايت واريون آهن. هڪ مخصوص پاليسيءَ هيٺ اردو ٻوليءَ کي قومي يڪجهتيءَ جي اهڃاڻ طور استعمال ڪيو ويو ۽ هڪ غلط مفروضو گهڙيو ويو ته جيئن خودمختياري ۽ علحدگيءَ وارين تحريڪن کي منهن ڏئي

سگهجي. انهيءَ پاليسيءَ هيٺ ملڪ جي ديسي ٻولين کي گهٽ اهميت ڏني وئي. رياست سمورو زور اردو ٻوليءَ جي رٿابنديءَ تي رکيو ۽ ناليِ ماتر ٻيون ٻوليون، خاص طور سنڌيءَ ۽ بنگاليءَ تي ڌيان ڏنو. ايئن اهو مفروضو غلط ثابت ٿيو ۽ ٻوليءَ جي معاملي سبب بنگال ڌار ٿي ويو. پاڪستان ۾ اهڙي صورتحال ۾ سنڌيءَ ۽ ٻين ديسي ٻولين جي حامين پنهنجي طور تي رياستي مدد کانسواءِ پنهنجي ٻولين جي رٿابندي ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم ڪيو آهي.

## اُردو ٻوليءَ جي رٿابندي

اُردو ٻولي 1865ع کان 1947ع تائين هلندڙ هندي اردو تڪرار دوران مسلمانن لاءِ علحدگيءَ جو اهڃاڻ بڻيل هئي. ڊاڪٽر مُرلي ڌر جيٽلي پنهنجي هڪ تحقيقي مقالي "ٻوليءَ سان محبت يا روزي روٽيءَ جو مسئلو (ننڍي کنڊ ۾ ٻولين جو تڪرار ۽ سنڌي ٻولي) ۾ لکي ٿو ته انگريزن عام ڳالهائجندڙ ٻولي هندستانيءَ کي فارسي لپيءَ ۾ آڻي، اردوءَ جو نئون رُخ ڏئي فارسيءَ جي جاءِ تي سرڪاري ٻولي بڻايو. شروع ۾ يو پيءَ جي مسلمانن فارسيءَ جي ان تبديليءَ کي پسند نه ڪيو پر پوءِ هنن ان جي اقتصادي اهميت سمجهي ورتي ۽ ان کي سرڪاري نوڪريون حاصل ڪرڻ، سياسي فائدا کڻڻ ۽ پاڻ کي امير بڻائڻ جي نسخي طور استعمال ڪيو جنهن سان سرڪاري نوڪرين، انتظاميا ۽ سياست ۾ سندن هڪ هٽي قائم ٿي. سرڪاري نوڪرين ۾ يو پيءَ جي مسلمانن جي هڪ هٽي مغل راڄ ۾ به هئي، پر هندستانيءَ ۾ فارسي لپي رائج ڪري ان کي اردو ٻولي بڻائڻ کان پوءِ فارسي ڄاڻندڙ مسلمانن ان کي پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ وڌيڪ آسان سمجهيو. جڏهن تعليم عام ٿي ته هندن ٻوليءَ جي نه، پر لپيءَ خلاف احتجاج ڪيو ۽ مسلمانن وري ان ٻوليءَ کي پنهنجي مذهب، ايمان ۽ ثقافت جو حصو ڪري پيش ڪيو. "حقيقت ۾ آهي ته نه هندي ۽ نه ئي اردوءَ جو مذهب سان ڪو تعلق هو. اصل ۾ اهو روزي روٽيءَ جو (اقتصادي) مسئلو هو. ايمان تي سدائين پيٽ کي فوقيت رهي آهي، تنهنڪري اهو ناجائز فائدي لاءِ مقابلي ۽ ڪجهه حاصل ڪرڻ جو سوال هو" جيٽلي لکي ٿو. هن تاريخي حوالا ڏيندي لکيو ته "1882ع ۾ جڏهن هندي - اردو وڳوڙ ٿيا ۽ ڪيترائي مسلمان مارجي ويا ته مسلمانن جو هڪ وفد انگريز گورنر سان مليو. سرڪاري رڪارڊ موجب انگريز گورنر حيران هو ته مسلمان مارجي ويل غريب ۽ پورهيت ماڻهن جي پونئيرن لاءِ معاوضي جي گهُر ڪرڻ بدران سرڪاري نوڪرين ۾ وڌيڪ ڪوٽا ۽ پرتين جو مطالبو ڪري رهيا هئا. ان مان ثابت

ٿيو تہ ٻوليءَ وارو تڪرار نہ ثقافتي هو ۽ نہ ئي مذهبي، بلڪ معاشي هو. اهو مسئلو گهڻو اڳ ڳڻتي ۽ سوڙ جي حوالي سان ٿيل رٿوڇاڻ وقت بہ اقتصادي مسئلو هو" جيئنلي چوي ٿو. سندس خيال موجب 1972ع ۾ سنڌ اندر سنڌي ٻوليءَ سان نفرت جي اظهار لاءِ جيڪي وڳوڙ ڪرايا ويا، تن جي پٺيان بہ معاشي برتري ۽ هڪ هٽيءَ کي برقرار رکڻ وارو ڪارڻ سرگرم هو. "لساني فسادن پويان ثقافتي اِشو نہ هو" جنهن جو واضح ثبوت وزير اعظم ذوالفقار علي ڀُٽي سان اردو ڪميٽيءَ جي ڳالهين مان ملي ٿو جنهن ۾ هنن سواءِ معاشي مسئلن جي ٻئي ڪنهن بہ مسئلي تي نہ ڳالهايو. اردو جا سڀ نعرا حيلا بهانا ۽ اصل ڳالھ لڪائڻ لاءِ هئا." هو لکي ٿو. سندس چوڻ موجب ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي شهري علائقن ۾ ٿوري گهڻي اردو ڳالهائبي هئي، پر اردو اخبارن، رسالن يا پبلشنگ هائوسز جو ڪوبہ وجود ڪونہ هو. "سنڌ ۾ اسان وٽ اردو يا هنديءَ جو ڪو فرق ڪونہ هو ۽ يوپي جي ماڻهن کي سنڌ جي شهرن ۾ پيا سڏبو هو ۽ هُو پاڻ کي هندستاني سڏائيندا هئا." جيئنلي لکيو.

سال 1937ع جي آڪٽوبر مهيني ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي الھ آباد ۾ ٿيل اجلاس ۾ اردوءَ جي حمايت ۾ هڪ نعراءُ بحال ڪيو ويو هو. اهو نعراءُ هن ريت هو: "جيئن تہ اردو بنيادي طور هندستاني ٻولي آهي ۽ هندو ۽ مسلمانن جي ثقافت جي ميلاپ جي نتيجي ۾ وجود ۾ آئي ۽ هن ملڪ جي عوام جو وڏو حصو اها ٻولي ڳالهائي ٿو، تنهنڪري اها ٻولي هڪ متحد قوميت کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ وڌيڪ مناسب آهي، انهيءَ ٻوليءَ (اردو) جي جاءِ تي هندي ٻوليءَ کي رائج ڪرڻ سان اردوءَ جي بنيادي جوڙجڪ ڪري ويندي، جيڪا اصل ۾ هندستاني ٻوليءَ جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي. انهيءَ عمل سان هندو ۽ مسلم طبقن وچ ۾ دوستاڻن لاڳاپن تي بہ تمام گهڻو خراب اثر پوندو. انهن ڳالهين جي پيشِ نظر، آل انڊيا مسلم ليگ هندستان جي اردو ڳالهائيندڙ عوام کي سڏ ٿي ڏئي تہ اهي مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتن سان تعلق رکندڙ هر شعبي جي سرگرمين ۾، توڙي جن علائقن ۾ اردو ڳالهائيندڙن جي اڪثريت آهي، اُتي اردو ٻوليءَ جي مفادن جو بچاءُ ڪن ۽ اها خاطري

ڪن تہ اها بنا رنڊڪ جي استعمال ٿئي ۽ ترقي وٺي، ۽ اُتي پڻ ساڳين مثان حاوي ٿيل ٻوليءَ طور اڀِرِي اچي، جتي ٻوڙڻي ٻيل آهي. اهڙا انتظام بہ ڪيا ويا جن تہ جيئن اردو ٻولي اختياري مضمون طور پڙهائي وڃي، ۽ سرڪاري آفيسن، عدالتن، قانونساز ادارن، ريلوي ۽ ٽپال کاتن ۾ اردو استعمال ڪئي وڃي. ڪوششون ورتيون ويون تہ جيئن اردوءَ کي انڊيا جي يونيورسل ٻولي ٺاهي سگهجي. (ڏِسو الانا جو انگريزي ڪتاب Pakistan Movement – Historic Documents صفحو نمبر 164 ۽ 165). هن ٺهراءَ مان بہ بلڪل صاف ظاهر آهي تہ اردو ٻوليءَ کي فقط اقتصادي مقصدن خاطر استعمال ڪرڻ لاءِ ٻين جي مٿان زوريءَ مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي ۽ ان جي مارڪيٽ واري ٻوليءَ طور واڌ ويجهہ ڪري پنهنجا اقتصادي مفاد پورا ڪرڻ تي ڌيان ڏنو پئي ويو.

ساڳئي ليکڪ جي ساڳئي ڪتاب ۾ صفحي نمبر 53 تي 1921ع جي آدمشماريءَ جا انگ اکر ڏنل آهن، جن موجب هندستان جي 6 ڪروڙ 87 لک 35 هزار مسلم آباديءَ ۾ اردو ڳالهائيندڙن جو ڪُل تعداد بہ ڪروڙ ست لک ايڪانوي هزار (20791000) هو، جڏهن تہ باقي اڪثريت مسلم آبادي ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ هئي، جن ۾ بنگالي ڳالهائيندڙن جو انگ بہ ڪروڙ اُٺيتاليهہ لک پنجانوي هزار، پنجابي ستهتر لک، سنڌي اُٺتيهہ لک ٻارهن هزار، ڪشميري ۽ ان جون ٻيون شاخون پندرهن لک، پشتو چوڏهن لک ست هزار، گجراتي چوڏهن لک، تامل ٻارهن لک پنجاهہ هزار، مليالم يارهن لک ست هزار، تيلوگو ست لک پنجاهہ هزار، اوريا چار لک، بلوچي بہ لک چوويهہ هزار، براهوي هڪ لک ٻاويهہ هزار، عربي ٻائيتاليهہ هزار، فارسي ٻاويهہ هزار ۽ ٻيون مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ مسلمانن جو تعداد پنجاهہ لک ست هزار هو.

سال 1921ع کان 1937ع تائين سورهن ورهين جي ڊگهي مُدي ۾ هر ٻولي ڳالهائيندڙ قوم جي آباديءَ جي شرح وڌي هوندي، پر جيڪڏهن هنن انگ اکرن کي ئي بنياد ٺاهجي تہ انهن انگ اکرن مان ظاهر آهي تہ ڪيئن مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ قومن جي چار ڪروڙ اسي لک کان وڌيڪ ماڻهن مٿان ٻن ڪروڙ ماڻهن جي اردو ٻولي ٺاهڻ جي رٿابندي ڪئي پئي وئي.

جيئن تہ پاڪستان جو اقتداري طبقو مسلم ليگ سان تعلق رکندڙ هو جنهن اردو ٻولي توڙي اسلام کي استعمال ڪري، ماڻهن کي سرگرم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تنهنڪري پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ بہ ملڪ ۾ اردوءَ کي ساڳي نموني استعمال ڪيو ويو. ان ڪانسواءِ هتان جي اقتداري طبقي جو خيال هو تہ پاڪستان جهڙي گهڻ نسلي ملڪ ۾ اردو ٻولي يڪجهتيءَ جو اهڃاڻ ثابت ٿي سگهي ٿي. انهيءَ ڪري پاڪستان ٺهڻ شرط اردوءَ کي تعليم جو ذريعو بنائي اڳتي آڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جيتوڻيڪ تعليم بابت صلاحڪاري بورڊ جي پهرين گڏجاڻيءَ ۾، جيڪا 7 کان 9 جُون 1948ع تي ٿي، مڃيو ويو تہ پرائمري سطح تي تعليم مادري ٻولين ۾ ڏني ويندي، پر عملي صورتحال هيءَ هئي تہ ڪراچيءَ جي وفاقي انتظام وارن علائقن، پنجاب، خيبر پختونخواهہ (اڳوڻو سرحد صوبو)، بلوچستان ۽ ملڪ جي اُترين علائقن ۾ اردو ٻولي برطانوي راڄ جيان تعليم جو ذريعو بڻيل رهي.

جيتوڻيڪ اردو ٻوليءَ کي ديسي ٻولين مٿان سرڪاري فوقيت حاصل هئي، پر اُها انگريزيءَ جي جاءِ والاري نہ سگهي، جيڪا معتبر طبقي جي ٻولي هئي. مختلف وقتن تي انگريزي ٻوليءَ جي تعليم لاءِ جواز پيش ڪيا ويندا هئا. انهيءَ وچ ۾ اردوءَ جا حمايتي سرگرم ٿيا، جن اردوءَ جي حمايت ۾ روايت پسندي ۽ مذهبي بنياد پرستيءَ واري عنصر کي استعمال ڪيو. اردوءَ جي حمايت واري تحريڪ جا اڳواڻ گهڻو ڪري وچئين طبقي، پنجاب جي پڙهيل لکيل اردودانن، هندستان مان لڏي آيلن ۽ ڪنهن حد تائين اڳوڻي سرحد صوبي ۽ بلوچستان مان هئا. پر ديسي ٻولين جي حامين سندن مخالفت انهيءَ بنياد تي ڪئي تہ اردو ٻولي ديسي ٻولين تي حاوي ٿي وئي آهي، جنهن سان سندن ڪلچر کي خطرو هجڻ سان گڏ ماڻهن لاءِ نوڪريون حاصل ڪرڻ بہ ڏکيو آهي. سرڪاري سرپرستيءَ هيٺ اردوءَ کي سيني مٿان مڙهڻ جي سڀ کان شديد مخالفت اڳوڻي اوڀر پاڪستان (هاڻوڪي بنگلاديش) ۾ ڪئي وئي، جتي 1948ع کان 1955ع تائين بنگالي ٻولي تحريڪ هلائي وئي. انهيءَ تحريڪ ايترو اثر ڏيکاريو جو بنگالي ٻولي

ديسي ٻولين جي حقن لاءِ جاکوڙ جو اُهڃاڻ بڻجي وئي. اردوءَ جي حامين جي مخالفت انگريزي پڙهيل معتبر طبقي به ڪئي جن جا دليل هئا ته حڪومتي انتظامي معاملن ۾ انهيءَ ٻوليءَ جي ضرورت آهي.
جنرل ضياءالحق، جنهن 1977ع ۾ ملڪ جي پهرين چونڊيل وزيراعظم ذوالفقار علي ڀُٽي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري اقتدار تي قبضو ڪيو تنهن ملڪ ۾ اسلام ۽ پاڪستاني نئشنلزم جي نالي ۾ غير جمهوري قوتن جي پنيرائي ڪئي. جنرل ضياءَ به انهيءَ ساڳي سوچ هيٺ اردو ٻوليءَ کي پاڪستاني نئشنلزم جي اُهڃاڻ طور اڳتي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. هن 1979ع ۾ حڪم جاري ڪيو ته پرائمري جي پهرين درجي کان اردوءَ ۾ پڙهايو ويندو ۽ اڳتي هلي مئترڪ جو امتحان به انگريزيءَ بدران اردوءَ ۾ ورتو ويندو. پر معتبر طبقن جي دٻاءَ سبب 1987ع ۾ اهو فيصلو بدلايو ويو ۽ اسڪولن ۾ انگريزي ٻولي اڳي وانگر جاري رکڻ جي اجازت ڏني وئي. اهڙي طرح اها ساڳي پاليسي جاري رهي، جنهن ۾ اردوءَ کي فوقيت ڏيڻ سان گڏ انگريزيءَ کي به تحفظ ڏنو ويو. اڄ به اها پاليسي جاري آهي.
اردوءَ جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ڪم ته انگريزن پاڻ 1837ع کان پوءِ شروع ڪري ڇڏيو هو جڏهن فيصلو ڪيو ويو ته ديسي ٻولين کي ماتحت عدالتن، انتظامي کاتن ۽ تعليمي ادارن ۾ استعمال ڪيو ويندو. انهيءَ کان اڳ 1811ع ڌاري ٿامس روئبڪ Thomas Rocbuck ساموندي جهازن ۽ جهازرانيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن ۽ اصطلاحن جي اردو ٻوليءَ ۾ لغت ٺاهي هئي. بعد ۾ 1840ع واري ڏهاڪي ۾ دهلي ڪاليج، جتي اڪثر مضمون اردوءَ ۾ پڙهايا ويندا هئا، يورپ مان آيل سائنسي اصطلاحن لاءِ اردوءَ ۾ اصطلاح گهڙي تيار ڪيا. عليگڙهه سائنس سوسائٽي، عثمانيه يونيورسٽي حيدرآباد (دکن) جو ترجمي وارو شعبو دارالترجمه ۽ انجمن ترقي اردو مکيه ادارا هئا، جن اردوءَ ۾ جدت آڻڻ لاءِ ڪم ڪيو. عثمانيه يونيورسٽيءَ، جتي سمورا مضمون اردوءَ ۾ پڙهايا ويندا هئا، نوان لفظ گهڙيا يا اردو ٽيڪسٽ ۾ انگريزي لفظ استعمال ڪيا، جنهن جي تجويز راس مسعود بلاٿر ڪميشن

Blatter Commission آڏو 1924ع ۾ ڏني هئي . عثمانيه يونيورسٽيءَ انهيءَ وقت جيڪي اصطلاح استعمال ڪيا هئا، اهي ئي پاڪستان حڪومت جي ناهيل نيشنل لئنگويج اٿارٽي (مقتدره قومي زبان) هتي ڇاپيا آهن . انجمن ترقي اردو بہ 1925ع کان وٺي اردوءَ ۾ نون لفظن ۽ اصطلاحن جون لغتون تيار ڪندي رهي هئي، تنهنڪري پاڪستان ٺهڻ وقت بہ انهيءَ ٻوليءَ ۾ اينترا جديد لفظ موجود هئا جو سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ڪم ڪي ان ۾ ترجمو ڪري سگهجي . بعد ۾ اولهہ پاڪستان اڪيڊمي، اردو سائنس بورڊ، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ڪمپوزيشن، ڪمپائيليشن ۽ ٽرانسليشن واري شعبي، انجمنِ ترقي اردو ۽ مقتدره قومي زبان اردو ٻوليءَ جون لغتون ڇاپيون، جن ۾ خاص طور فزڪس، مئٿميٽڪس، ڪيمسٽري، بائيولاجي، ميڊيسن ۽ سوشل سائنسز سان تعلق رکندڙ اڍائي لک کن لفظن ۽ اصطلاحن کي شامل ڪيو ويو هو تہ جيئن جديد سائنسي ۽ فني شعبن بابت اردوءَ ۾ تعليم ڏئي سگهجي . انهن مان خاص طور فرهنگِ اصطلاحات کي ڪارائتي لغت سمجهيو وڃي ٿو جيڪا ٽن جلدن ۾ ڇپي هئي، پر جيئن خُود لُغت جي ناليءَ مان اندازو ٿئي ٿو اهي سمورا لفظ ۽ اصطلاح عربي ۽ فارسيءَ مان ڪٽي اردو ٻوليءَ ۾ شامل ڪيا ويا، جيڪي هتان جي ماڻهوءَ جي سمجهہ کان ٻاهر هئا ۽ اڄ تائين انهن کي نہ ڪير سمجهي سگهيو آهي ۽ نہ ئي ڪير انهن کي استعمال ڪري ٿو. اردوءَ کي زوريءَ نافذ ڪرڻ لاءِ 1960ع واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ سنڌ جي اسڪولن ۾ نائين ۽ ڏهين درجي جي سائنسي مضمونن کي اردوءَ ۾ پڙهائڻ لاءِ انگريزيءَ ۾ ڇپيل ڪتابن کي ختم ڪري، عربي فارسيءَ واري اردوءَ جا ڪتاب رائج ڪيا ويا، پر اسڪولن جا سائنس ٽيچر بہ انهن کي سمجهي نہ سگهيا ۽ نيٺ اهڙا اردو ڪتاب پنهنجي اهميت وڃائي ويٺا .

ٻولين جي رٿابندي ڪندڙ برطانوي ماهرن هندستان ۾ انگريزي لفظ اُڌارا وٺي ديسي ٻولين ۾ شامل ڪيا، يا وري عربي فارسي لفظن جو نج ديسي لفظن ۾ ترجمو ڪرايو . هڪ هندستاني ماهر سوهن لال ديسي لفظن کي رائج

ڪرڻ جي حق ۾ هو جڏهن تہ امام الدين حسين بلگرامي عربي فارسي ٻولين کي اسلامي سڏي انهن جي لفظن کي استعمال ڪرڻ جي حق ۾ هو. اها ساڳي سوچ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ بہ جاري رهي ۽ اردو ٻوليءَ کي اسلامي ويس پارائڻ جي خيال سان عام فهم انگريزي لفظ، جيڪي عام ماڻهوءَ جي سمجهہ ۾ ايندڙ ۽ سولا هئا، تن کي عربي فارسيءَ جي ڏکين لفظن سان بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. مثال طور: بلب جي جاءِ تي برقي قمقمو لفظ آندو ويو، جنريٽر جي جاءِ تي "مُوالِدِ برق" يا "برقي جَنَڪ"، ٿرماميٽر جي بدران "تپش پئما" ۽ ايڪس رَي جي بدران "لشُءِ منظر" جهڙا لفظ متعارف ڪرايا ويا، جيڪي اڄ تائين ڪير بہ استعمال نٿو ڪري ۽ نہ ئي ڪنهن کي سمجهہ ۾ اچن ٿا. اهڙي طرح حڪومت پاران جاري ٿيل وائيٽ پيپر لاءِ عربي لفظ "قرطاس ابيض" استعمال ڪيو ويو جڏهن تہ سولي اردوءَ ۾ سفيد ڪاغذ لکي سگهجي پيو. عربي لفظ قرطاس جي معنيٰ آهي ڪاغذ ۽ ابيض معنيٰ اڇو. حقيقت ۾ اردوءَ ۾ اهڙو پنهنجو ڪوبہ لفظ ڪونهي، ڇو تہ اها ٻولي ٺهي ئي ٻين ٻولين جي لفظن گڏجڻ سان آهي، پر سنڌيءَ ۾ وائيٽ پيپر لاءِ نج لفظ "اڇو ڇٽو" موجود آهي، جنهن کي ڪچو ڇٽو بہ چون ٿا، جنهن جو بلڪل واضح مطلب آهي سڀ ڪجهہ ظاهر يا پڌرو ڪري ڇڏڻ.

ڪنهن هٺرادو نظرئي جي خاطر ٻوليءَ جي لفظن کي ڦيرائي سمجهہ کان ٻاهر ڪرڻ جا ڪي مثال عبراني ۽ هندي ٻولين جي حوالي سان بہ ملن ٿا، جن کي عوام مزاحمت تہ ڪانہ ڏني، پر عام استعمال ۾ بہ نہ آندو. انهيءَ ساڳي سوچ تحت نستعليق اسڪرپٽ کي بہ سڌارڻ جون تجويزون ڏنيون ويون هيون. جڏهن ڪي تجويزون آيون تہ اردوءَ جي عربي رسم الخط کي تبديل ڪري رومن يا ديوناگري رسم الخط اختيار ڪئي وڃي، تڏهن مسلمانن ان جي سخت مخالفت ڪئي هئي، ڇو تہ بقول انهن جي رسم الخط بدلائڻ سان ثقافتي سڃاڻپ ختم ٿئي ها. ايوب خان جي زماني ۾ تعليم بابت شريف ڪميشن جي رپورٽ ۾ اردوءَ لاءِ رومن رسم الخط

تجويز ڪئي وئي هئي، پر ايوب خان شايد سخت مخالفت جي انديشي سبب اردو ۽ بنگالي ٻولين جي ساڳي رسم الخط بحال رکڻ جو فيصلو ڪيو هو.

مقتدره قومي زبان جو نالو 18 ترميم کان پوءِ تبديل ڪري "اداره براءِ فروغ قومي زبان" رکيو ويو آهي. هي ادارو اردو ٻوليءَ تي ڪم ڪندي تازو ڊجٽل ڊڪشنري تيار ڪري چُڪو آهي ۽ اُها عربي فارسي لفظن سان ڀريل آهي.

## سنڌي ٻوليءَ جي رٿابندي

ٽالپرن جي اوائلي دور يعني ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ سنڌ ۾ اچي سترهن مهينا گذاريندڙ برطانوي آفيسر ناٿن ڪِرو Nathan Crow پنهنجي ڪتاب Crow's Account of Sindh ۾ لکي ٿو تہ اُردو جنهن کي هندستاني بہ سڏيو ويندو هو تنهن کي سنڌ ۾ سواءِ واپار سانگي ايندڙن يا ٻين مسافرن کانسواءِ ڪير بہ ڪونہ سمجهندو هو. ڪِرو لکي ٿو تہ سنڌي ٻولي اصل ۾ هندي لهجي ۾ گڏجي ويل عربي، فارسي ۽ افغاني ٻولين جي لفظن تي مشتمل آهي، جنهن جو اندازو ان جي بناوت مان ٿئي ٿو جيڪو سنسڪرت جو ڪار آهي ۽ ان ۾ وري وڌيڪ ڪار ٻين قبيلن جي ٻولين جي لکڻين ۽ ڳالهائجندڙ لفظن جي ملڻ سان ٿيو آهي. اهي لفظ ايتري تہ هڪجهڙائي رکن ٿا جو خبر نٿي پوي تہ ڪهڙو لفظ اصل ڪهڙي ٻوليءَ جو آهي. هتي پنجابي ۽ فارسي عام طور گهٽ ڳالهائي ويجي ٿي. (ڪِرو پنجابي ٻوليءَ جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو ممڪن آهي تہ سرائڪي هجي).

ڪِرو موجب ٽالپرن جي دربار ۾ فارسي ٻوليءَ جو استعمال ٿئي ٿو ۽ اسڪولن ۾ بہ اهائي پڙهائي ويجي ٿي. ٽالپرن جي شهزادي دربار ۾ هڪ سنڌي شاعر مقرر ڪيو هو جنهن جو ڪم هو تہ فردوسيءَ وانگر بلوچي پيار محبت جون ڪهاڻيون ۽ ٻيون ڳالهيون فارسي شاعريءَ ۾ لکي. شاعريءَ جي اهڙي مجموعي جو نالو "فتحنامو" رکيو ويو جيڪو دربار ۾ پڙهيو ويندو هو ۽ درباري واهہ واهہ ڪندا هئا. شهزادو جيڏانهن بہ ويندو هو تہ شاعر گڏ هوندو

هو ۽ شهزادي جي ساراهہ ۾ شاعري پڙهندو ويندو هو. هونئن ٽالپر حڪمران عام زندگيءَ ۾ سرائڪي ٻولي ڳالهائيندا هئا.

سنڌي ٻوليءَ جي رٿابنديءَ جو گهڻو تعلق برٽش دور سان آهي، جيڪو 1843ع کان 1947ع تائين جاري رهيو . پر ڪن محققن موجب غير سرڪاري طور ان کان اڳ بہ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪم ٿيندو رهيو آهي، جنهن جو هتي ذڪر ڪرڻ ضروري آهي . محقق چون ٿا تہ سنڌ ۾ عربن جي آمد سان سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ رائج ٿيا . مثال طور ڏينهن جا نالا اربع، خميس ۽ جمعو عربيءَ مان ورتا ويا . عربي ٻوليءَ جي الف ب مان يارهن حرف ث، ح، خ، ص، ض، ط ظ، ع، غ، ف ۽ ق بہ سنڌي الف ب ۾ تڏهن ئي آيا . ڪن محققن موجب پهريون ڀيرو سنڌي صورتخطي مغل دور جي آخري ڏينهن ۾ مخدوم ابوالحسن تيار ڪئي، جنهن تحت هن 1700 عيسوي سن ۾ منظوم ڪتاب "مقدمة الصلوات" تيار ڪيو هو. هن پنهنجي الف ب ۾ عربيءَ جا 29 ۽ فارسيءَ جا 3 حرف شامل ڪيا هئا . اهڙي طرح سان سنڌي لکڻ پڙهڻ جو نئون دور شروع ٿيو ۽ اها عربي طريقي سان لکجڻ لڳي.

حقيقت هيءَ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڌارين لفظن جي عمل ڪي رُڳو عربن جي آمد تائين محدود نٿو ڪري سگهجي . عربن جي اچڻ کان اڳ بہ سنڌ ۾ ٻين قومن ۽ ملڪن جا ماڻهو واپار سانگي ايندا رهيا، جنهن جو هڪ وڏو مثال چين جي علائقن مان ٻڌ مت جي ماڻهن جو آهي، جيڪي نہ رُڳو قديم شاهراهہ ريشم Silk Route ذريعي سنڌ ۾ اچي سنڌ جي ساموندي رستي کان آفريڪا، عرب ۽ ٻين ملڪن سان واپار ڪندا هئا، پر انهن مان هزارين ٻڌ هتي ئي آباد ٿي ويا . سندن ٻوليءَ جا لفظ بہ يقينن سنڌي ٻوليءَ ۾ جذب ٿي ويا هوندا . ٻيو تہ جيئن تحقيق مان ثابت ٿيو آهي تہ سنڌي ٻولي سنسڪرت مان ڦُٽي ڪانہ نڪتي آهي، پر اها سنسڪرت کان بہ آڳاٽي ٻولي آهي، جنهن مان سنسڪرت هڪ شاخ طور جنم ورتو آهي . ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب سنڌي لئنگويج اينڊ لٽريچر ائٽ آ گلانس Sindhi Language and Literature at a glance ۾ يورپ، هندستان توڙي

دنيا جي ٻين ناليوارن ٻوليءَ جي ماهرن ۽ مختلف محققن جي ڪيل ڪم جا حوالا ڏيندي انهيءَ ڳالهه کي ثابت ڪيو آهي.

جيئن سنڌي ٻولي قديم آهي، تيئن انهيءَ جو ادب به ايترو ئي پراڻو آهي. بيشڪ جيئن انگريزي ٻوليءَ جي اوائلي دور جو لکت ۾ ڪو رڪارڊ ڪونهي، تيئن سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي لکت ۾ هجڻ بابت به اسان وٽ ڪا ثابتي ڪانهي، پر اهو وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته جڏهن سنڌي ٻوليءَ جو وجود قديم آهي ته انهيءَ ۾ شاعري ۽ ٻيو ادب به ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ جنم وٺندو رهيو هوندو. اڪبر لغاري 1992 ۾ ڇپيل پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جو مختصر جائزو" ۾ لکي ٿو: "سنڌي ادب جي باقاعدي شروعات بابت عالمن ۾ ڪجهه اختلاف آهي. ڪجهه عالمن جو رايو آهي ته سنڌي شاعريءَ جي شروعات عربن جي دور کان ٿي چُڪي هئي. پر اڪثر عالم ان سان متفق آهن ته سنڌي شاعريءَ جي شروعات سومرن جي دور کان ٿي. " اڪبر لغاري ڪن محققن جي ڄاڻايل هڪ عربي شاعريءَ جي جملي جو حوالو ڏيندي لکي ٿو: "جيڪڏهن هن جملي کي سنڌي ڪري مڃجي تڏهن به هن دور کي سنڌي ادب جو دور قرار نٿو ڏئي سگهجي." اهڙو دليل ڏيندي هُو اهو نتيجو ڪڍي ٿو ته سنڌي ادب جي باقاعدي شروعات سومرن جي زماني کان ٿي، جنهن کي سنڌي ادب جو اوائلي دور به سڏيو وڃي ٿو.

اڪبر لغاريءَ جي انهيءَ تحقيق ۽ دليل ۾ ڪوبه وزن ڪونهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا به پنهنجي مٿي ڄاڻيل ڪتاب ۾ لکي ٿو ته سنڌ جي ليکڪن عرب دور توڙي انهيءَ کان به اڳ ادب جي مختلف شعبن يا صنفن ۾ ڪم ڪيو هو. "پڪيون ثابتيون موجود آهن ته هجري سن 93 (عيسوي سن 712) ۾ عربن جي سنڌ تي ڪاهه کان به گهڻو اڳ ادب جي ميدان ۾ سنڌي ليکڪن جو حصو رهيو آهي". هو لکي ٿو ۽ انهيءَ لاءِ دليل ڏئي ٿو ته سنڌي ٻولي لکت واري شڪل ۾ تڏهن به موجود هئي ۽ سنڌ جا واپاري پنهنجو حساب ڪتاب سنڌي لکت ۾ رکندا هئا، جنهن جو حوالو عرب مورخن به ڏنو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي قدامت جو ثبوت مُوهن جي دڙي مان مليل مُهرن تي ٿيل لکت مان ئي ملي ٿو جنهن جو مطلب ته پنج هزار ورهيه اڳ به سنڌي ٻولي لکت

واري شڪل ۾ موجود هئي. سال 1994ع ۾ فنلينڊ جي ماهر ڊاڪٽر آسڪو پارپولا، ڪيمبرج يونيورسٽيءَ مان Deciphering of the Indus Script جي نالي سان ڪتاب ڇپرايو هو جيڪو مُوهن جي دڙي وارين مُهرن تي موجود نشانين جي فهرستن ۽ ڏسٽين تي مشتمل آهي. ڊاڪٽر پارپولا هن ڪتاب ۾ مُهرن تان اڪر روڙي 1839 منفرد اکري نشانن تي مشتمل ڪارپس جوڙي پڌرو ڪيو هو. انهيءَ ئي ڪارپس جي آڌار شبير ڪنيار ۽ امر فياض برڙي سال 2016ع ۾ محنت سان ڪوڊنگ ڪري هڪ فونٽ جوڙيو هو.

اهڙي طرح جڏهن تحقيق ثابت ڪيو آهي ته سنڌي ٻولي سنسڪرت کان به آڳاٽي آهي ته انهيءَ جي ادب جي دور کي سومرن جي زماني سان ڳنڍي محدود نٿو ڪري سگهجي.

سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ لکت ۾ هجڻ وارين ثابتين کان پوءِ هاڻي انگريزن جي زماني ۾ کنيل قدمن جو جائزو وٺبو برطانوي راڄ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لپي سُڌاري انهيءَ کي تعليمي، انتظامي ۽ عدليا وارن کاتن ۾ رائج ڪيو ويو هو. سنڌ جي ڪمشنر آر ڪي پرنگل R.K.Pringle سال 1847ع ۾ بمبئيءَ جي گورنر کي تجويز ڏني هئي ته صوبي ۾ ديسي ٻولي ڪتب آندي وڃي. پين برطانوي آفيسرن به پڪ ڪئي ته سنڌي ٻولي عام استعمال ۾ آهي ۽ ٻيو ته اڪثر هندو به سنڌي ٻوليءَ لاءِ خُداوادي رسم الخط رائج ڪرڻ جا مخالف آهن. اهڙي طرح ڪئپٽن برٽن ۽ اسٽئڪ ٿوري گهٽي اختلاف کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ لاءِ نسخ رسم الخط تي اتفاق ڪيو. اسٽئڪ پهرين خُداوادي رسم الخط جو حامي هو. انهيءَ کان پوءِ سنڌ جي اسسٽنٽ ڪمشنر بي ايڇ ايلس B.H.Ellis جي سربراهيءَ ۾ هڪ ڪميٽي ٺاهي وئي، جنهن ۾ پنج مسلمان ۽ چار هندو ميمبر شامل هئا. هن ڪميٽيءَ 52 حرفن واري لپيءَ تي اتفاق ڪيو جنهن کان پوءِ جولاءِ 1853ع ۾ نئين لپي پڌري ڪئي وئي. انهيءَ سموري ڪم جو ڪارنامو سر هينري بارٽل فريئر سرانجام ڏنو جنهن 1850ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر جو عهدو سنڀالڻ شرط فرمان جاري ڪيو هو ته سنڌ ۾ فارسيءَ جي جاءِ سنڌي ٻولي والاريندي. هن سنڌ جي سمورن انگريز

آفيسرن کي بہ لازمي طور سنڌي سکڻ ۽ روزاني جي دفتري ڪم ۾ استعمال ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. هڪ محقق آر ڊي چوڪسي R. D. Choksey پنهنجي ڪتاب "دي استوري آف سنڌ - اڪنامڪ اينڊ سوشل سروي 1843 _ 1933" ۾ لکي ٿو تہ سر بارٽل فريئر سنڌيءَ کي سنڌ جي سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. ان وقت ڪل بہ انگريز آفيسر سنڌي ڳالهائي سگهندا هئا. پر انهن مان ڪنهن کي بہ سنڌي لکڻ ڪونہ ايندي هئي. سر بارٽل فريئر ٿي 1853ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي رسم الخط تيار ڪرڻ لاءِ ڪميٽي جوڙي هئي ۽ ان ڪميٽيءَ جي تيار ڪيل رسم الخط رائج ڪرڻ کان پوءِ ڪيترائي سنڌي ڪتاب ڇپرايا ۽ سنڌ ۾ اسڪول کولرايا. سنڌي آئيوٽا ڪميٽيءَ جي ميمبرن ۾ راءِ بهادر نارائڻ جڳن ناٿ، ننديرام ميراڻي، پرڀداس رامچنداڻي، اُڌارام ٿانورداس، خانبهادر مرزا صادق علي بيگ، قاضي غلام علي ٺٽوي، ميان محمد ۽ قاضي غلام حسين ٺٽوي شامل هئا. انهيءَ کان اڳ ابتدائي سنڌي تعليم لاءِ سڀ کان پهريائين ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر ڪئپٽن پريڊيءَ 1845ع ۾ هڪ پرائمري اسڪول کوليو هو جنهن کان پوءِ 1871ع تائين سنڌ جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ اسڪول کوليا ويا. ان کانسواءِ 1872ع ۾ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ سنڌي ٻوليءَ جو گرامر تيار ڪيو هو.

برطانوي اختيارين محسوس ڪيو تہ روينيو ۽ عدالتن جا عملدار پرڏيهي ٻوليءَ (انگريزي) ۾ صحيح نموني ڪم نہ ڪري سگهندا. انهيءَ ڪري هنن انگريزي ٻولي رائج نہ ڪئي. اهڙي طرح فارسي بہ ڌاري ٻولي هئي، جيڪا ٽالپر حڪمرانن جي باقيات هئي. ان خيال هيٺ هنن ديسي ٻولي سنڌيءَ تي اتفاق ڪيو. عربي رسم الخط انهيءَ ڪري چونڊي وئي تہ جيئن سنڌ ۾ مسلم آباديءَ کي خوش ڪري سگهجي، پر برطانوي راڄ چاهيو ٿي تہ هندو آبادي بہ ناخوش نہ هجي، تنهنڪري ڪجهہ سينئر پاليسي ٺاهيندڙ آفيسرن تجويز ڏني تہ ان لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ هندو سنڌي خاصيت رکي وڃي. سنڌ جو ڪمشنر سر بارٽل فريئر بہ هندي رسم الخط جو حامي هو تنهنڪري هندو آباديءَ کي خوش

ڪرڻ لاءِ هن 1868ع ۾ هڪ ڪميٽيءَ ذريعي اهڙي رسم الخط تيار ڪرائي. اها لِپي شروع ۾ ته گهڻو پسند ڪئي وئي، پر ڪمشنر جي تڏهوڪي تعليمي صلاحڪار ناراڻ جڳن ناٿ مهتا جي گهڻين ڪوشش جي باوجود اها ڪاميابي نه ماڻي سگهي. مهتا جي ڪوشش هئي ته نئين لِپي هندو سنڌين جي سُڃاڻپ بڻجي، پر سنڌي ٻوليءَ جي عربي لِپي سماجي طور تي وڌيڪ مقبول ثابت ٿي، تنهنڪري انگريز حڪومت تعليمي ادارن مان هندي لِپيءَ کي ختم ڪري ڇڏيو جنهن ۾ هندو آباديءَ به ساٿ ڏنو هو. آر ڊي چوڪسيءَ موجب سنڌ ۾ جيڪا سنڌي ٻولي هندو ڳالهائيندا هئا، اها مسلم سنڌين جي ٻوليءَ کان ٿورو بدليل هئي، جيئن هندي ۽ اردوءَ ۾ فرق هو. عام هندوءَ جي سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي ۽ فارسي لفظ گهٽ استعمال ٿيندا هئا ۽ اهي به ڪريل شڪل ۾ هوندا هئا. انهيءَ جي پيٽ ۾ پڙهيل لکيل هندو عملي طور اُها ئي سنڌي ٻولي ڳالهائيندا هئا، جيڪي مسلم سنڌين جي استعمال ۾ هئي. حقيقت ۾ اهي هندو سنڌ جي وچولي واري علائقي جي ٻولي ڳالهائيندا هئا، جيڪا معياري ٻولي سڏبي هئي. آر ڊي چوڪسي 1931ع جا انگ اکر پيش ڪندي ٻڌائي ٿو ته سنڌ ۾ 26 لک، 68 هزار ۽ 79 ماڻهو سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ هئا، بلوچي ڳالهائيندڙن جو انگ 287084 هو، سرائڪي يا جتڪي ٻوليءَ وارا 243353 هئا، راجستاني 131467، ڪڇي 103636 ۽ گجراتي 78399 هئا. هو لکي ٿو ته سال 1891ع ۾ سنڌ اندر بلوچن جو تعداد 56000 ۽ پنجابين جو تعداد 25000 هو. سال 1901ع ۾ بلوچن جو انگ وڌي 62000 تي ويو هو. آر ڊي چوڪسي بهرحال لکي ٿو ته سنڌي اهڙي ٻولي آهي، جيڪا هندستان جي ٻين سمورين ٻولين کان جداگانه آهي ۽ اها مختلف لهجن ۾ اُتر ڪاٺياواڙ کان ڏُور اُتر ۾ بهاولپور تائين ۽ وري رڻ جي اولهه کان وٺي ان علائقي تائين ڳالهائي وڃي ٿي، جيڪو سنڌ کي هندي اُپيٽ جي اُيرندي حصي کان ڌار ڪري ٿو. هو مختلف محققن جا حوالا ڏيندي چوي ٿو ته ڪڇ ۽ رڻ (ٿر) کانسواءِ باقي علائقن ۾ گهڻو ڪري هڪجهڙي سنڌي ڳالهائي ويندي هئي. ٿر ۾ لاڙي لهجو ڳالهائيو ويندو

هو جيڪو اُتر تائين پکڙيل هو. ڪوهستان واري علائقي، جنهن ۾ ڪراچي به اچي ٿي وڃي لاسي لهجو عام هوءِ اها ڪا الڳ نه پر سنڌي ٻولي هئي.

ڀيرومل مهرچند به 1941ع ۾ ڇپيل سندس ڪتاب ۾ انگريزن جي ڪرايل لنگئسٽڪ سروي (جلد اٺون، ڀاڱو پهريون) جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته "ڪراچيءَ کان سٽ ڪوهه پري لسٻيلو رياست جو سمورو علائقو مڪران تائين اڳي سنڌ جي حڪومت هيٺ هو تنهنڪري سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ اوڏانهين به ٿيو. اڄ به سنڌي ٻولي لسٻيلي ۽ گنداوا واهه طرف ڳالهائي وڃي ٿي. لسٻيلي رياست ۾ اٽڪل پنجاهه هزار آدم آهي، جنهن مان چوڏهن هزار بلوچي ٻولي ۽ نوَ هزار بروهي ٻولي ڪم آڻن ٿا. باقي ستاويهه هزار ماڻهو جيڪا سنڌي ڳالهائن ٿا، سا لاسي معنيٰ لسٻيلي جي سنڌي سڏجي ٿي."

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادارا ٻولين جي رٿابنديءَ جي حوالي سان جيڪو ڪم ڪرڻ لڳا، اهو گهڻو تڻو ٻولين جي حيثيت جو تعين ڪرڻ لاءِ هو. سنڌ جي شهرن ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ هندستان مان 1947ع کان 1951ع تائين لڏي آيلن جو وڏو تعداد آباد ٿي ويو هو جنهن سان نه رُڳو آباديءَ جو توازن متجي ويو پر سنڌي ٻوليءَ کي به نقصان پهتو. هندستان مان لڏي آيلن جو تعلق مختلف ٻولين ۽ ثقافتن سان هو ڇو ته ڪي هندستان جي اُترين رياستن مان آيا ته ڪي ڏکڻ مان، جن جو اردوءَ سان ڪو واسطو ڪونه هو پر نئين ملڪ جي اقتداري طبقن هتان جي ديسي عوام ۽ سندن ٻولي ۽ ثقافت کي پوئتي ڪري اردوءَ کي قومي زبان جو درجو ۽ ديسي ٻولين مٿان فوقيت ڏني. انهيءَ پاليسيءَ جي نتيجي ۾ هندستان مان لڏي آيلن منجهه به احساسِ برتري پيدا ٿيو ۽ هڪ مخصوص سوچ سندن ذهنن ۾ پاڙون ونندي وئي، جنهن کين ديسي ماڻهن، سندن ٻولي ۽ ثقافت کان نه صرف پري ڪري ڇڏيو پر نفرتن به جنم ورتو ۽ نتيجي ۾ پاڪستان ٺهڻ جي 70 سالن کان پوءِ به اهي ماڻهو سواءِ ڪجهه انفرادي حوالن جي، هتان جي سماج ۾ جذب نه ٿي سگهيا ۽ نه ئي سنڌي يا ٻي ڪا مقامي ٻولي سکي ۽ ڳالهائي سگهيا.

ڊاڪٽر ايڇ ٽي سورلي به 1957ع کان 1959ع تائين وڏي محنت سان سندس تيار ڪيل "اولهه پاڪستان گزيٽيئر" جي سنڌ واري حصي The Foermer Province of Sindh (Including Khairpur State) ۾ جيڪو لاهور ۾ آگسٽ 1968ع ۾ ڇپيو هو لکيو ته هن وقت سنڌي ٻوليءَ کي جيڪو سماجياتي اثر متاثر ڪري رهيو آهي، اُهو آهي سنڌ ۽ خيرپور (رياست) ۾ اردو ڳالهائيندڙن جي مهاجر طور وڏي تعداد ۾ آمد. ڊاڪٽر سورلي 1951ع واري آدمشماريءَ جا انگ اکر ڏيندي لکي ٿو ته سنڌ جي ڪل 49 لک، 28 هزار ۽ 57 آباديءَ ۾ 39 لک، 17 هزار ۽ 836 ماڻهو يعني 79.5 سيڪڙو خالص سنڌي هئا، جڏهن ته 6 لک، 80 هزار ۽ 816 (13.8 سيڪڙو) اردو ڳالهائيندڙ ۽ باقي بلوچ، پنجابي، پشتو بنگالي ۽ ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ هئا.

اردو ٻوليءَ کي سرڪاري سرپرستي ملڻ جي نتيجي ۾ هندستان مان لڏي آيلن کي، جن پاڻ کي مهاجر سڏرايو روزگار توڙي ٻين معاملن ۾ ترجيح ڏني ٿي وئي جنهن سان پڻ اهو نتيجو نڪتو ته هندستان مان آيل انهن ماڻهن به اردو ٻوليءَ جي حمايت ڪئي جن جي اها مادري ٻولي ڪانه هئي. ان جو مثال گجرات، ڪاٺياواڙ راجستان ۽ اهڙن ٻين علائقن مان آيل ماڻهو آهن، جن جو تاريخي ۽ فطري طور سنڌ ۽ سنڌين سان تعلق رهيو آهي. ساڳئي نموني پاڪستان لڏي آيلن مان وڏو تعداد اوڀر پنجاب وارن جو هو جن جي مادري ٻولي پنجابي هئي.

ورهاڱي کان هڪدم پوءِ اردو سرڪاري سرپرستيءَ ۾ هتي ٻين ٻولين مٿان حاوي ٿي وئي. سال 1948ع ۾ چونڊبن ڪانسواءِ تنهن وقت جي مقرر ٿيل وزيراعظم لياقت عليءَ جي حڪم تي هڪ ئي ڏڪ ۾ ڪراچيءَ جي 1300 سنڌي ميڊيم اسڪولن کي اردو ميڊيم اسڪولن ۾ بدلايو ويو ۽ انهن ۾ سنڌي استادن جو تعداد گهٽايو ويو. سال 1957ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ امتحان ڏيڻ تي بندش وجهي ڇڏي، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ

اندر مزاحمت شروع ٿي . ان وقت ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ 2000 سنڌي شاگرد هئا ۽ جيڪڏهن بندشون نه پون ها ته سندن تعداد وڌندو وڃي ها . ڪراچي يونيورسٽي، جيڪا اصل ۾ سنڌ يونيورسٽي هئي، تنهن ۾ 1950ع ۾ سنڌيءَ ۾ ماسٽرس جي تعليم شروع ڪئي وئي ۽ اڳتي هلي 1953ع ۾ پي ايڇ ڊي ڊگري ڏيڻ شروع ڪئي وئي هئي، پر انهيءَ دوران 1951ع ۾ ان کي ڪراچي يونيورسٽيءَ جو نالو ڏئي، سنڌ يونيورسٽيءَ کي ڪراچي نيڪالي ڏني وئي . سنڌي ٻوليءَ جي اهميت پنهنجي ڌرتيءَ تي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر انگريزن جي زماني ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ به ان جي اهميت کي مڃيو هو . بمبئي يونيورسٽي پهريائين ته سنڌي ٻوليءَ کي نصابي سبجيڪٽ طور مڃڻ لاءِ تيار نه هئي، پر 1921ع ۾ ان وقت جي ڪراچيءَ واري ڊي جي ڪاليج جي پروفيسر ڊاڪٽر گُربخشاڻيءَ A Brief Survey of Sindhi Literature جي عنوان سان هڪ رپورٽ بمبئي يونيورسٽيءَ کي پيش ڪئي هئي، جيڪا ايتري ته وزنائتي هئي جو بمبئي يونيورسٽيءَ جون اختياريون سنڌي ٻوليءَ کي نصاب ۾ شامل ڪرڻ کان رهي نه سگهيون ۽ 1940ع ۾ بي اي تائين آرٽس جي امتحان لاءِ سنڌيءَ کي جواب ڏيڻ جي وسيلي طور قبول ڪيو.

جڏهن ون يونٽ مڙهيو ويو ته ڪراچيءَ ۾ 1948ع وارو قانون، جنهن تحت اردو ميڊيم جي ٻارن کي ٽئين درجي کان سنڌي مضمون لازمي پڙهڻو هو اهو ختم ڪيو ويو پر سنڌي ٻارن لاءِ اردو پڙهڻ واري پابندي برقرار رکي وئي . سال 1958ع ۾ ملڪ ۾ مارشل لا لڳي وئي ته حيدرآباد ريجن ۾ به اردو ٻارن کي سنڌي پڙهڻ کان آجو قرار ڏنو ويو . سال 1959ع ۾ جوڙيل قومي تعليمي ڪميشن، جنهن ۾ هڪ به سنڌي ميمبر نه کنيو ويو اهڙيون سفارشون حڪومت کي پيش ڪيون، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي حق ۾ نه هيون . انهيءَ سفارش جا نتيجا هن ريت هئا: سنڌي زبان صرف پنجين درجي تائين تعليمي ذريعو هوندي، ٽئين درجي کان ٻارن کي اردو پڙهڻي

پونديءِ ڇهين درجي کان پارن جو تعليمي ذريعو ۽ امتحان ۾ جواب ڏيڻ جو ذريعو اردو يا انگريزي هوندو. سنڌي فائنل امتحان ختم ڪيو ويو ۽ اردو ڳالهائيندڙ ٻارن لاءِ لازمي سنڌي مضمون کي ختم ڪري اختياري ڪيو ويو.

انهن سفارشن خلاف سنڌي قوم سخت ردعمل ڏيکاريو ۽ اخباري بيانن سان گڏ ملڪ جي سربراهه کي موڪلڻ لاءِ دستخطي مهم هلائي وئي. ان وقت جي قومي اسيمبليءَ ۾ سنڌ مان چونڊيل ميمبرن مخدوم محمد زمان طالب المولي، غلام محمد وسان، غلام رسول شاهه جيلاني، غلام مصطفي جتوئي، سيد امير حيدر شاهه، غلام قادر پنهور، سردار غلام محمد مهر، دريا خان کوسي، بيگم مجيب النساءِ ۽ محمد يوسف چانڊئي پنهنجي صحيحن سان ملڪ جي صدر کي هڪ ڊگهي يادداشت موڪلي، جنهن جو تتُ هن ريت هو: "اسان انهيءَ ڳالهه تي نهايت ڳڻتي ظاهر ڪريون ٿا ته جيڪو علائقو هن وقت حيدرآباد ۽ خيرپور ڊويزنن تي مشتمل آهي (رسالي مهراڻ آڪٽوبر 1962ع ۾ ڇپيل هن يادداشت ۾ ڪراچيءَ جو ڪو ذڪر ناهي) تنهن سان قومي انتظام توڙي ترقيءَ جي سڀني ميدانن ۾ نهايت ئي بي انصافي ڪئي وئي آهي ۽ تمام نامناسب هلت هلي پئي وڃي. حڪومت پاران اولهه پاڪستان جي مختلف علائقن جي هڪجهڙي ۽ متوازن ترقيءَ ڏانهن جيڪو ڌيان ڏنو ويو آهي، تنهن جو اسين قدر ڪريون ٿا، پر هن ڳالهه تي افسوس ظاهر ڪريون ٿا ته اسان جي علائقي جي عوام جي خواهشن ۽ جذبن جي احترام ڪرڻ ۽ سندن مفادن جي حفاظت ڪرڻ طرف ڪو خاص ڌيان نه ڏنو ويو آهي. جن مقصدن کي خيال ۾ رکي اولهه پاڪستان کي يڪو صوبو ٺاهيو ويو هو سي، جيستائين اسان جي علائقي جو تعلق آهي، پورا نه ڪيا ويا آهن ۽ جيڪي به وعدا ڪيا ويا هئا ۽ خاطريون ڏنيون ويون هيون، انهن جي پڻ پيڇڪڙي ڪئي وئي آهي. ملڪ جون مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتون (سندن مطلب وفاقي حڪومت ۽ اولهه پاڪستان صوبي سان هو) ظاهر ظهور بي انصافي ۽ به اکيائيءَ وارو ورتاءُ ڪنديون رهيون آهن. اسان جا عوام قدرتي طور اها آس رکيو ويٺا هئا ته پين علائقن جيان سندن جائز اُميدون به پوريون ٿينديون، مگر کين سخت مايوسي ٿي آهي.

نہ رُڳو اهو پر اولهہ ۽ اوڀر پاڪستان جي 21 سياسي اڳواڻن بہ وقت جي حڪومت کان 2 آڪٽوبر 1962ع تي لکت ۾ سنڌي ٻوليءَ کي تعليم جو ذريعو بڻائڻ بابت مطالبو ڪيو هو. مطالبي تي هيٺين اڳواڻن جون صحيحون ٿيل هيون: محمود علي، نيشنل عوامي پارٽي اوڀر پاڪستان، محمد هاشم گذدر، مير رسول بخش ٽالپر، ميجر افسرالدين ايم اين اي اوڀر پاڪستان، نوابزادو نصرالله خان ايم اين اي، يوسف علي ۽ موهن ميان اوڀر پاڪستان، مسيح الرحمان ايم اين اي اوڀر پاڪستان، نواب خيربخش مري ايم اين اي بلوچستان، شير محمد مري بلوچستان، سيد امير حيدر شاهہ ايم اين اي سنڌ، محمد ايوب کهڙو اڳوڻو وزير دفاع، قاضي فضل الله اڳوڻو وڏو وزير سنڌ، مولا بخش سومرو اڳوڻو وزير سنڌ، آغا غلام نبي اڳوڻو وزير سنڌ، قاضي فيض محمد وڪيل، مير غلام علي ٽالپر ايم اين اي سنڌ، غلام محمد وسڻ ايم اين اي سنڌ، غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، زين الدين خان ۽ محمودالحق عثماني ايم اين اي سنڌ.

سندن مطالبي جو تتُ هن ريت هو : ”ڪجهہ عرصي کان سنڌ جي شاگردن، صحافين ۽ عوام طرفان ملڪ جي تعليمي نظام ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اڳوڻي حيثيت بحال ڪرڻ بابت مطالبا ٿيندا رهيا آهن . تعليمي ڪميشن جي غير حقيقت پسند ۽ ناقابلِ عمل سفارشن سنڌي ٻوليءَ کي نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي ۽ پنهنجي صلاحيتن سبب جنهن درجي جي اها مستحق آهي، سو کانئس ڦري ورتو آهي . سنڌي سمورين علاقائي ٻولين کان وڌيڪ ترقي يافتہ ٻولي آهي، جنهن کي پنهنجو شاندار تاريخي ۽ ثقافتي ورثو آهي . هن وٽ پنهنجو رسم الخط، پنهنجي الف ب ۽ پنهنجو ادب آهي، ۽ موجوده علمي طور ترقي يافتہ زماني جي نون لفظن، محاورن ۽ اصطلاحن کي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي . سنڌي ٻولي گذريل اڍائي سئو سالن کان وڌيڪ عرصي تائين پرائمري ۽ ثانوي سطح تائين تعليمي ذريعو گذريل نوي سالن کان ثانوي تعليم جي مٿين درجن تائين تعليمي ۽

امتحاني ذريعو ۽ گذريل ويهن سالن کان بي اي تائين امتحاني ذريعو رهندي آئي آهي . اسين ان ڪري حڪومت کان تقاضا ٿا ڪريون تہ تعليمي ڪميشن جي مذڪور سفارشن تي ٺُرت نظرثاني ڪئي وڃي ۽ سنڌي زبان کي اصل درجو ڏئي سنڌ جي شاگردن ۽ عوامي حلقي جو معقول ۽ جائز مطالبو قبول ڪيو وڃي." (مهراڻ آڪٽوبر 1962ع ۾ ڇپيل)

نتيجي ۾ اڳتي هلي ون يونٽ حڪومت سنڌي ٻوليءَ بابت پنهنجو فيصلو ڪنهن حد تائين مٽايو پر سنڌي شاگردن مٿان اردو لازمي طور پڙهڻ واري فيصلي کي برقرار رکيو. آڪٽوبر 1962ع جي مهراڻ رسالي ۾ پاڪستان حڪومت جي تعليم واري وزارت جو هڪ پريس نوٽ ڇپيل آهي، جيڪو 14 آڪٽوبر تي راولپنڊيءَ مان جاري ڪيو ويو هو. پريس نوٽ جو متن هن ريت هو : "تعليمي ڪميشن اردو ۽ بنگاليءَ جي واڌاري لاءِ ڪي تجويزون ڏنيون هيون تہ جيئن انهن کي ڏاڪي بہ ڏاڪي ترقي ڏياري اعليٰ تعليم جو ذريعو بنايو وڃي. انهيءَ سلسلي ۾ ڪميشن اڳوڻيءَ سنڌ (ان وقت ون يونٽ هو) جي ايراضيءَ ۾ تعليم جي ذريعي بابت ڪي سفارشون ڪيون هيون . اهي سفارشون تعليمي سال 1964ع ۽ 1965ع کان ڇهين درجي ۾ عمل ۾ اچڻيون هيون ۽ ان کان پوءِ ايندڙ سال ۾ مٿين جماعتن ۾ ڏاڪي بہ ڏاڪي عمل ۾ اچن ها . حڪومت هاڻي صورتحال جو نئين سر جائزو ورتو آهي ۽ فيصلو ڪيو آهي تہ سنڌيءَ جي باري ۾ اڳين حيثيت قائم رکي وڃي . سنڌي، جيئن هن کان اڳ هو انهن ادارن ۾ تعليم جو ذريعو رهندي، جن ۾ اڳ هئي . ساڳيءَ ريت اردو انهن ادارن ۾ تعليم جو ذريعو رهندي، جن ۾ اڳ هئي . اهي شاگرد جيڪي سنڌيءَ کي تعليم جو ذريعو استعمال ڪندا، تن کي پرائمري تعليم جي چوٿين درجي کان اردو لازمي مضمون جي حيثيت ۾ سيکارڻ متعلق صورتحال اڳي وانگر قائم رهندي."

پريس نوٽ ۾ وڌيڪ لکيو ويو تہ "1960ع ۽ 1961ع کان وٺي عمل ۾ ايندڙ نئين تعليمي اسڪيم موجب سنڌي ڇهين کان ٻارهين درجي (انٽر) تائين

انهن ادارن ۾ لازمي مضمون رهي آهي، جن ۾ تعليم جو ذريعو سنڌي آهي. اها حيثيت نہ بدلبي. انهيءَ نئين اسڪيم موجب اردو ڇهين ڪان ٻارهين درجي تائين لازمي مضمون آهي ۽ ان جي حيثيت بہ نہ بدلبي."

سال 1969ع ۾ وري هڪ فوجي جنرل يحيٰ خان اقتدار سنڀاليو تہ نئين تعليمي پاليسيءَ جو اعلان ڪيو ويو جنهن ۾ پڻ سنڌي ٻوليءَ سان ٻيائي ڌيکاريندي اردوءَ کي هر سطح تي رائج ڪرڻ جي سفارش ڪيل هئي.

متنازع سرڪاري پاليسيءَ جي نتيجي ۾ هڪ پاسي سنڌ جي ڌرتيءَ ڄاون منجهہ عدم تحفظ جو احساس پيدا ٿيو تہ ٻئي پاسي هندستان مان لڏي آيلن کي سنڌي ٻوليءَ لاءِ هلندڙ مزاحمت مان خطرو محسوس ٿيو تہ متان ڪين ملندڙ فوقيت ۽ سرڪاري سرپرستي گھٽجي يا ختم نہ ٿي وڃي. هتان جي ڪن دانشورن انهيءَ کي سنڌي ۽ مهاجر آباديءَ وچ ۾ اقتدار لاءِ ڇڪتاڻ جو نالو ڏنو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ فسادن بہ جنم ورتو ۽ وڏي رتوڇاڻ ٿي.

انٽرميڊئيٽ ۽ سيڪنڊري ايڊيوڪيشن بورڊ ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڊيڪيٽ 1970ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال وڌائڻ جو فيصلو ڪيو هو. بورڊ جي نمبراءَ (21 ڊسمبر 1970ع) موجب اردو ڳالهائيندڙ شاگردن لاءِ سنڌي مضمون ۽ سنڌي شاگردن لاءِ اردو مضمون پڙهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. سنڌ يونيورسٽيءَ وري پنهنجي آفيسن ۾ سنڌي استعمال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. انهيءَ تي اردو ڳالهائيندڙن احتجاج ڪيو ۽ جنوري فبروري 1970ع ۾ فساد ٿيا.

اڳتي هلي 1972ع ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت سنڌي ٻوليءَ کي صوبي جي سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت ڏيڻ وارو بل سنڌ اسيمبليءَ مان پاس ڪرايو ۽ اهڙو نوٽيفڪيشن بہ جاري ڪيو (سنڌ گزيٽ 1972ع) پر اردو ڳالهائيندڙن وري احتجاج ڪيو ۽ جولاءِ جي مهيني ۾ ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ خوني فساد ٿيا. انهن فسادن ۾ ڪراچيءَ جي هڪ مکيہ اردو اخبار "جنگ" جو بہ وڏو هٿ هو جنهن اسيمبليءَ مان بل بحال ٿيڻ واري ڏينهن اخبار جي فرنٽ

تي سڄي صفحي تي ڪارن اکرن ۾ رئيس امروهويءَ جو شعر ڇاپيو ته "اردو ڪا جنازا هئي، بڙي ڌوم سي نڪلي"، هن عمل ماڻهن کي فسادن لاءِ پڙڪايو. اردو دانشور طبقو توڙي اقتدار خاطر مهاجر سياست ڪندڙ ڌريون، اڄ تائين سنڌي ٻوليءَ جي جائز حيثيت کي مڃڻ لاءِ تيار ناهن. انهيءَ وقت پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت تي اردو طبقي ۽ خاص طور اقتداري حلقن اندر ويٺلن ايترو ته دٻاءُ وڌو هو جو حڪومت کي سنڌ اسيمبليءَ مان بحال ڪيل سنڌي ٻوليءَ واري بل ۾ ڪيترائي پيرا ترميم ڪرڻا پئي ته جيئن مخالفت کي ختم ڪري، خاص طور ڪاموراشاهيءَ تي ڇانيل اردو طبقن کي ماٺ ڪرائي سگهجي. ان ڏس ۾ سنڌ (ٽيچنگ، پروموشن اينڊ يُوز آف سنڌي لئنگويج) بل 1972ع جي حوالي سان ٻهريون نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو. جيڪو سنڌ اسيمبليءَ 7 جولاءِ 1972ع تي پاس ڪيو هو. 16 جولاءِ تي گورنر ان جي منظوري ڏني ۽ 17 جولاءِ تي ٻيو باقاعدي نوٽيفڪيشن پڌرو ڪيو ويو. بل 1972ع واري عبوري آئين موجب پيش ڪري منظور ڪيو ويو هو جنهن تي انچارج وزير طور ممتاز علي ڀٽي جي صحيح ٿيل هئي، پر ڪجهه مهينن اندر حڪومت مٿان دٻاءَ جي نتيجي ۾ 8 ڊسمبر 1972ع تي وري ٽيون نوٽيفڪيشن جاري ڪري ٻهرين بل ۽ قانون ۾ ترميم ڪري ڇيو ويو ته سنڌي ٻولي نه اچڻ جي ڪري، ڪنهن به آفيسر کي نوڪريءَ مان ڪڍيو نه ويندو. ان نوٽيفڪيشن مان ظاهر ٿئي ٿو ته انهيءَ وقت سنڌ تي راڄ ڪندڙ غير سنڌي ڪاموراشاهيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ واري قانون جي ڪري ڪيتري بيچيني هئي ۽ اها ڪاموراشاهي ڪيتري سگهاري هئي، جو حڪومت کي پنهنجي ئي ٺاهيل قانون ۾ ترميم ۽ وضاحت ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيائين. ڊسمبر 8، 1972ع واري نوٽيفڪيشن (سنڌ گورنمينٽ گزيٽ ۾ ڇپيل) موجب، جنهن تي سنڌ اسيمبليءَ جي ڏهوڪي سيڪريٽري جمال الدين ابڙي جي صحيح ٿيل آهي، سنڌ (ٽيچنگ، پروموشن اينڊ يُوز آف سنڌي لئنگويج) ائڪٽ 1972ع (سنڌ ائڪٽ II آف 1972ع) ۾ هيٺين ترميم يا واڌارو ڪيو ويو:

(الف) سنڌ جي معاملن هلائڻ لاءِ ڪنهن بہ سِول سروس يا سِول نوڪريءَ تي مقرريءَ جي اهل ڪنهن بہ شخص سان ان بنياد تي متڀيد نہ ڪيو ويندو تہ ڪيس سنڌي يا اردو ٻولي نٿي اچي.

(ب) سنڌ جي معاملن هلائڻ لاءِ سِول سروس يا ڪنهن بہ سِول نوڪريءَ ۾ هن قانون جي لاڳو ٿيڻ کان ٿورو اڳ بہ مقرر ٿيل ڪنهن بہ شخص کي انهيءَ بنياد تي نوڪريءَ مان نہ ڪڍيو ويندو تہ ڪيس سنڌي يا اردو ٻولي نٿي اچي.

جڏهن 1972ع ۾ سنڌي ٻولي بل، جيڪو 7 جولاءِ تي اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو بحث لاءِ پيش ڪيو ويو هو تہ سنڌ اسيمبليءَ جي 56 ميمبرن اجلاس ۾ شرڪت ڪئي ۽ 26 ميمبرن بحث ۾ حصو ورتو. ستين جولاءِ تي جڏهن بل منظوريءَ لاءِ پيش ڪيو ويو تہ مخالف ڌُر جي يارهن ميمبرن ۽ حڪمران پ پ پ جي ٻن اردو ڳالهائيندڙ ميمبرن واڪ آئوٽ ڪيو. منظور ڪيل هن بل جا خاص نقطا هن ريت آهن :

- ❖ هن ايڪٽ کي (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال) وارو ايڪٽ 1972ع چيو ويندو.
- ❖ اهو هڪدم عمل ۾ ايندو ۽ سموري سنڌ صوبي سان لاڳو ٿيندو.
- ❖ اهڙن سيني ادارن ۾ جن ۾ چوٿين درجي کان ٻارهين درجي تائين تعليم ڏني پئي وڃي، سنڌي ۽ اردوءَ کي لازمي مضمون جي حيثيت حاصل هوندي.
- ❖ لازمي مضمون جي حيثيت ۾ سنڌيءَ جي شروعات هيٺين سطح يعني چوٿين درجي کان عمل ۾ آندي ويندي ۽ درجي بہ درجي جيئن مقرر ڪيو وڃي، مٿين درجن ۽ ٻارهين ڪلاس تائين رائج ڪئي ويندي.
- ❖ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ثقافت جي ترقيءَ لاءِ حڪومت اڪيڊميون ۽ بورڊ ٺاهي سگهي ٿي.
- ❖ حڪومت آئين جي فقرن جي دائري اندر رهندي آفيسن ۽ سرڪاري کاتن ۾ جن ۾ عدالتون ۽ اسيمبلي بہ شامل آهن، سنڌي ٻوليءَ جي درجي بہ درجي استعمال لاءِ انتظام ڪري سگهي ٿي.

❖ هن ايڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت هيٺيان قاعدا ناهي سگهي ٿي:

(الف) سنڌي ٻوليءَ کي درجي بہ درجي پڙهائڻ جي لاءِ لازمي مضمون طور رائج ڪرڻ.

(ب) اڪيڊميون ۽ بورڊ ناهڻ ۽ انهن جو عمل ۾ آڻڻ ۽ انهن جي اختيارن ۽ ڪمن جي وضاحت ڪرڻ.

(ج) آفيسن ۽ سرڪاري کاتن، اسيمبلي، عدالتن ۽ ادارن ۾ سنڌي زبان جو درجي بہ درجي استعمال.

ان بل جي اهميت بيان ڪندي 9 جولاءِ 1972ع تي راولپنڊيءَ ۾ "لساني ڪانفرنس" کي خطاب ڪندي ان وقت جي صدر ذوالفقار علي ڀٽي چيو هو: "سنڌي هڪ قديم زُبان آهي. اها موهن جي دڙي کان وٺي سنڌين جي الڳ زبان رهي آهي. جڏهن برطانيا سنڌ تي قبضو ڪيو تڏهن سر چارلس نيپئر صاف طور چيو هو تہ مقامي زبانن سان هٿ چُراند ڪرڻ جي ضرورت ناهي. سنڌ جڏهن بمبئيءَ جو حصو هئي، تڏهن بہ سنڌي بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائي ويندي هئي. تمام گهڻي وقت کان سنڌي، عدالتن ۽ روينيو کاتن ۾ استعمال ٿيندي رهي آهي ۽ اها سرڪاري زبان جي حيثيت سان صوبي ۾ رائج رهي آهي. لساني بل جي ذريعي ان جي اڳوڻي حيثيت بحال ڪئي وئي آهي، جيڪا 1959ع ۾ مارشل لا لاڳو ٿيڻ کان پوءِ زباني حڪمن هيٺ ختم ڪئي وئي هئي."

بهرحال، سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ لاءِ 1951ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ قائم ٿيو جنهن جي ذميوارين ۾ معياري سنڌي ڊڪشنري ڇاپڻ بہ شامل هو. اهڙي طرح 1963ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ پاران سنڌالاجي انسٽيٽيوٽ قائم ڪئي وئي، تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي علم بہ آڻي سگهجي. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ سنڌي ٽائيپ رائيٽر بہ متعارف ڪرايو جيڪو نہ رڳو يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي لکپڙهہ لاءِ ڪم آيو پر ٻين ادارن ۾ بہ ان کي استعمال

ڪيو ويو . خاص طور ڪراچيءَ جي ضلعي ڪائونسل پنهنجي سموري ڪارروائي ۽ لکپڙهه لاءِ سنڌي ٽائيپ رائيٽر استعمال ڪندي رهي . اڳتي هلي 1991ع ۾ سنڌي لئنگويج اٿارٽي ٺاهي وئي، جنهن جو مکيه ڪم سنڌي ڊڪشنريون ڇاپڻ، سائنسي ۽ سماجي علمن جي حوالي سان ٽيڪنيڪل لفظن جو ترجمو ۽ ڇپائي وغيره هو . مختلف غير سرڪاري ادارا جهڙوڪ جميعت شعراءِ سنڌ، سنڌي ادبي سنگت ۽ ٻيون ڪوڙ تنظيمون توڙي اديب ۽ دانشور انفرادي طور به سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ڪم ڪندا رهيا آهن ۽ انهن ڪوشش جي نتيجي ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي نوان لفظ به شامل ٿيندا رهيا آهن . انهن ڪوشش ۾ شامل سنڌي اديب، شاعر ۽ دانشور به ٻن طبقن ۾ ورهايل رهيا آهن . هڪڙا اهي جن پنهنجي مخصوص مذهبي سوچ ۽ ذهن مطابق سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي فارسيءَ جو گهڻو استعمال ڪيو ۽ ٻيا اهي جن قومپرست ۽ ترقي پسند سوچ هيٺ ٺيٺ سنڌي لفظ يا هندي ۽ سنسڪرت جا لفظ پنهنجي لکڻين ۾ استعمال ڪيا .

سنڌين توڙي سنڌي ٻوليءَ جي هڪ وڏي خاصيت اها آهي ته اهي ٻين سماجن ۽ ٻولين سان تمام آسانيءَ سان ويجهڙائپ قائم ڪري وٺن ٿا، جنهن جو وڏو ڪارڻ سنڌين ڪشاده دلي آهي . مثال طور: انهن اردو ڳالهائيندڙن توڙي اردو ٻوليءَ سان تعصب رکڻ بدران انهن کي پنهنجي ايترو ته ويجهو آندو جو 1947ع کان وٺي هيل تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ بي حساب اهڙا لفظ مُروج ٿي ويا آهن، جيڪي عام طور اردو ٻوليءَ ۾ استعمال ٿين ٿا ۽ جن جو اصل بُڻ بنياد عربي، فارسي ۽ ٻيون ٻوليون آهن . ٻين ٻولين مان لفظن جي قبوليت واري انهيءَ خاصيت جي ڪري سنڌي ٻولي تمام گهڻي عام فهم ٿي وئي آهي . خاص طور جيڪا سنڌي ٻولي عام زندگيءَ ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، اها ادبي ۽ ڪتابي سنڌي ٻوليءَ کان گهڻي سولي آهي . بهرحال، ٻين سماجن سان واهپي ۽ خاص طور اردو ڪتاب پڙهڻ توڙي اردو فلمون، ڊراما ۽ ٽي وي پروگرام ڏسڻ جي نتيجي ۾ نقصان اهو ٿيو آهي ته جيڪا سنڌي ٻولي اسان

جا پنهنجا سنڌي ڳالهائين ٿا. تنهن جو گرامر خراب ٿي چُڪو آهي ۽ مونث وارا لفظ مذڪر ۽ مذڪر وارا مونث ۾ بدلجي ويا آهن . لفظن جي جنس مٽجڻ سان سنڌي ٻوليءَ هي اساس ڪي وڏو نقصان ٿيو آهي . اسان ڪي هي جملا عام طور ٻڌڻ ۾ ايندا تہ "منهنجو دل ٿو چوي" يا "موسم ڏاڍو سٺو آهي" .
اهڙي طرح ڪِتابَ، ڪِلاسَ، شرط ۽ مِثالَ بدران، جمع لاءِ لفظ ڪِلاسون، ڪتابون، شرطون، مثالون استعمال ڪيا وڃن ٿا . هن وقت ڇئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ کي انهيءَ جي بنيادي جوڙجڪ يا گرامر ۾ بگاڙ يا ڪار اچڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ خطرو ڪونهي ۽ اهو ئي خطرو سنڌي ٻوليءَ کي تباهيءَ ڏانهن وٺي پيو وڃي .
بهرحال، ڏٺو وڃي تہ پاڪستان جي ديسي ٻولين ۾ سنڌي واحد ٻولي آهي، جيڪا رياستي ڏاڍ ۽ ٻين مخصوص سماجن جي مخالفت جي هوندي بہ گهڻي ترقي ڪندي وئي آهي . اها ئي اڪيلي ٻولي آهي، جنهن ۾ رڳو سنڌ اطلاعات کاتي ڪراچيءَ جي انگ اکرن موجب 66 ننڍيون وڏيون اخبارون شايع ٿين ٿيون ۽ ڪيترائي ماهوار، پندرهن وار ۽ ٽماهي رسالا ڇپجن ٿا . ان ڪانسواءِ سراسري طور هڪ نئون سنڌي ڪتاب روزانو مارڪيٽ ۾ اچي ٿو ۽ ان حساب سان هڪ سال ۾ 365 سنڌي ڪتاب ڇپجن ٿا، جنهن جو ٻي ڪنهن بہ مقامي ٻوليءَ ۾ مثال ڪونهي . عبدالماجد ڀُرڳڙي، اياز شاهہ، امر فياض ٻُرڙي، شبير ڪنيار ۽ ڪن ٻين ماهرن جي ڪيل اڻٿڪ ڪوشش سان ڪمپيوٽر تي سنڌي اچڻ سان بہ سنڌي ٻوليءَ جو گهڻو واڌارو ٿيو آهي ۽ انهيءَ انقلاب جي نتيجي ۾ هاڻي فيس بُڪ ۽ ٻين سوشل ميڊيا توڙي موبائل فونن تي بہ سنڌيءَ ۾ لکي پڙهي سگهجي ٿو. هن وقت انٽرنيٽ تي اڻ ڳڻيون سنڌي ويب سائيٽون موجود آهن ۽ هزارين سنڌي ڪتاب بہ آن لائين موجود آهن، جيڪي دنيا جي ڪنهن بہ ڪُنڊ ۾ ويهي پڙهي سگهجن ٿا .
هڪ تازي ڪوشش جي نتيجي ۾ سنڌي ٻولي هاڻي گُوگل جي 102 ٻولين ۾ شامل ٿي وئي آهي، جنهن جو مطلب تہ اها گُوگل تي انگريزي، فرينچ، چيني،

عربيءَ سميت دنيا جي 102 ٻولين ۾ ترجمو ٿي سگھندي . انهيءَ ڪانسواءِ سنڌيءَ ۾ بريل جو سافٽ ويئر بہ تيار ٿي ويو آهي جنهن تي شبير ڪنيار ڪم ڪري رهيو آهي ۽ سندس ڪوشش سان جلد ئي بريل فونٽ ۽ ڪِيبورڊ ۾ سنڌي ٻولي شامل ٿيڻ سان بينائيءَ کان محروم ماڻهو بہ بريل تي سنڌي ٻولي لکي پڙهي سگھندا . ان ڏس ۾ سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جو تعاون کيس حاصل آهي . سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ تازو سنڌي ڪتابن کي ٽيڪسٽ جي شڪل ۾ آن لائين رکڻ لاءِ "سنڌي ورچوئل لائبريري" جي بہ شروعات ڪئي آهي، جنهن ۾ مختلف موضوعن تي وڏي تعداد ۾ ڪتاب رکيا ويا آهن، پر هن اداري کان گھڻو اڳ پنهنجي ذاتي دلچسپي، شوق ۽ خرچ تي محمد سليمان وساڻ، ابوبڪر ٻُلو ۽ ڪن ٻين دوستن سنڌي ڪتابن کي آن لائين رکڻ جو سلسلو شروع ڪيو هو . محمد سليمان وساڻ جو شروع ڪيل ڪم باقاعدي جاري آهي .

سنڌ ۾ ڪافي ريڊيو اسٽيشنون آهن، جن مان ڪراچي، حيدرآباد، خيرپور، مٺي ۽ لاڙڪاڻي ۾ ريڊيو پاڪستان جون اسٽيشنون بہ شامل آهن. سرڪاري انگن اکرن موجب ڪراچي ريڊيو تان 18 ڪلاڪن جي نشريات مان سنڌي پروگرامن جو وقت ڪُل ڇهہ ڪلاڪ (35 سيڪڙو) آهي، جڏهن تہ لاڙڪاڻي ريڊيو تي 18 ڪلاڪ نشريات جو سٺ سيڪڙو سنڌيءَ ۾ ۽ 30 سيڪڙو اردوءَ ۾ آهي . اهڙي طرح خيرپور ۽ حيدرآباد ريڊيو تان بہ سنڌي پروگرام هلن ٿا. حيدرآباد ريڊيو (ميڊيم وَيو) تان سٺ سيڪڙو سنڌي پروگرام ۽ ٽيهہ سيڪڙو اردو پروگرام نشر ٿين ٿا، جڏهن تہ انهيءَ جي ايف ايم ريڊيو تان پنجاهہ سيڪڙو سنڌي تہ پنجاهہ سيڪڙو اردو پروگرام هلن ٿا . اهڙي طرح سڄي سنڌ ۾ ڪوڙ خانگي ايف ايم ريڊيو اسٽيشنن تان بہ سنڌي ٻوليءَ کي وقت ڏنو وڃي ٿو . خانگي ريڊيو اسٽيشنن جي ذريعن موجب سنڌ ۾ اٽڪل بہ ڊزن ايف ايم ريڊيو اسٽيشنون آهن . هاٽ ايف ايم 105 جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر سيد ذوالفقار شاهہ موجب انهن سيني

ريڊيو اسٽيشنن مان ڪنهن تان بہ سئو سيڪڙو سنڌي پروگرام نشر ڪونہ ٿا ٿين، جڏهن تہ انڊيا جي شهر ممبئيءَ ۾ ڇهہ سنڌي ايف ايم ريڊيو اسٽيشنون آهن ۽ انهن تان سئو سيڪڙو سنڌي پروگرام نشر ٿين ٿا . لنڊن مان امداد اُوڍي جي شروع ڪيل انٽرنيٽ ريڊيو "وائس آف سنڌ" تان تہ مڪمل طور سنڌيءَ ۾ پروگرام نشر ڪيا وڃن ٿا جيڪا ساراهہ جوڳي ڳالهہ آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪار هجڻ جي باوجود اردو ٻوليءَ کي ٻين ديسي ٻولين مٿان فوقيت ڏيڻ لاءِ سرڪاري طور آدمشماريءَ جي انگن اکرن سان بہ هٿ چُراند ٿيندي رهي آهي ۽ انهيءَ جي ابتدا بہ ملڪ ٺهڻ شرط ٿي، جنهن جو مثال 1951ع واري آدمشماري آهي، جنهن ۾ ڪراچيءَ جي آدمشماري 1064557 ڏيکاري وئي ۽ ان ۾ مهاجرن جو تعداد 612680 يعني 57.55 سيڪڙو ٻڌايو ويو. حيدرآباد جي 241801 آباديءَ ۾ 159805 مهاجر (66.08 سيڪڙو) ڏيکاريا ويا ۽ سکر جي 77026 آباديءَ ۾ 41791 مهاجر (54.25 سيڪڙو) ڄاڻايا ويا . ميرپور خاص جي آبادي 40412 ڏيکاري ان ۾ 68.42 سيڪڙو يعني 27649 مهاجر ڄاڻايا ويا. نوابشاهہ جي 34201 آبادي مان 18742 (54.79 سيڪڙو) مهاجر ڏيکاريا ويا، جڏهن تہ لاڙڪاڻي ۾ 33247 آباديءَ ۾ مهاجرن جو انگ 11767 (35.39 سيڪڙو) ڏيکاريو ويو. اهڙي طرح پاڪستان (اڳوڻي اولهہ ۽ اوڀر پاڪستان سميت) جي ڪل آبادي 73880000 ۾ مهاجرن جو تعداد 7226000 (9.8 سيڪڙو) ڄاڻايو ويو (حوالو 1951ع جي آدمشماري).

فيڊرل بيورو آف اسٽيٽسٽڪس موجب 1998ع جي آدمشماريءَ جي انگن اکرن جي روشنيءَ ۾ ملڪ اندر مادري ٻولين جي صورتحال هن ريت هئي : اردو 7.57 سيڪڙو (ٻهراڙي 1.48 سيڪڙو ۽ شهر 20.22 سيڪڙو)، پنجابي 44.15 سيڪڙو (ٻهراڙي 42.51 سيڪڙو ۽ شهر 47.56 سيڪڙو)، سنڌي 14.1 سيڪڙو (ٻهراڙي 16.46 سيڪڙو ۽ شهر 9.20 سيڪڙو)، پشتو 15.42 سيڪڙو (ٻهراڙي 18.06 سيڪڙو ۽ شهر 9.94 سيڪڙو)، بلوچي 3.57

سيڪڙو (ٻهراڙي 3.99 سيڪڙو ۽ شهر 2.69 سيڪڙو)، سرائڪي 10.53 سيڪڙو (ٻهراڙي 12.97 سيڪڙو ۽ شهر 5.69 سيڪڙو) ۽ ٻيون ٻوليون 4.66 سيڪڙو (ٻهراڙي 4.53 سيڪڙو ۽ شهر 4.93 سيڪڙو).

ساڳئي آدمشماريءَ جي انگن اکرن موجب سنڌ ۾ 21.05 سيڪڙو ماڻهن جي مادري زبان اردو هئي، جنهن ۾ ٻهراڙيءَ ۾ انگ 1.62 سيڪڙو ۽ شهرن ۾ 41.48 سيڪڙو هو. سنڌي ٻولي 59.73 سيڪڙو ماڻهن جي مادري زبان هئي، جنهن ۾ ٻهراڙين ۾ 92.02 سيڪڙو ۽ شهرن ۾ 25.79 سيڪڙو تناسب ٻڌايو ويو. ٻين ٻولين جا انگ اکر هن ريت آهن : پنجابي 6.99 سيڪڙو (ٻهراڙي 2.68 سيڪڙو ۽ شهر 11.52 سيڪڙو)، پشتو 4.19 سيڪڙو (ٻهراڙي 0.61 سيڪڙو ۽ شهر 7.96 سيڪڙو)، بلوچي 2.11 سيڪڙو (ٻهراڙي 1.50 سيڪڙو ۽ شهر 2.74 سيڪڙو)، سرائڪي 1.00 سيڪڙو (ٻهراڙي 0.32 سيڪڙو ۽ شهر 1.71 سيڪڙو) ۽ ٻيون ٻوليون 4.93 سيڪڙو (ٻهراڙي 1.25 سيڪڙو ۽ شهر 8.80 سيڪڙو).

فيڊرل بيورو آف اسٽيٽسٽڪس جي انگ اکرن جو جائزو وٺڻ سان معلوم ٿيندو ته ملڪ جي پاڳا ٿيڻ تائين ته آدمشمارين ۾ سرائڪي ۽ هندڪو ٻولين کي مادري زبانن ۾ شامل ئي ڪونه ڪيو ويو. نتيجي ۾ 1951ع جي آدمشماريءَ ۾ پنجابيءَ کي 67.08 ماڻهن جي مادري ٻولي ڄاڻايو ويو جڏهن ته پنجاب ۾ سرائڪي ۽ بلوچي ڳالهائيندڙ وڏي آبادي موجود هئي. اهڙي طرح 1961ع واري آدمشماريءَ ۾ به انهن مادري ٻولين جو ڪوبه ذڪر ڪونه هو. جڏهن 1981ع ۾ آدمشماري ٿي ته پنجابي 48.17 سيڪڙو ماڻهن جي مادري زبان طور ظاهر ٿي، جڏهن ته سرائڪي 9.54 سيڪڙو ماڻهن جي مادري زبان هئي. 1951ع جي آدمشماريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو تناسب 12.85 سيڪڙو ڏيکاريو ويو جيڪو 1961ع ۾ وري گهٽائي 12.59 سيڪڙو ڪيو ويو ۽ 1981ع ۾ ته اڃان به گهٽائي 11.77 سيڪڙو ڪيو ويو جڏهن ته پناهگيرن جي آبادي گهٽ هجڻ جي باوجود 1951ع ۾ پشتو جو تناسب 8.16 سيڪڙو

هن جيڪو 1961ع ۾ وڌائي 8.47 سيڪڙو ڪيو ويو ۽ 1981ع ۾ ته 13.15 سيڪڙو ڏيکاريو ويو. ايئن سرڪاري ادارا انگن اکرن ۾ هيرا ڦيريون ڪندا رهيا آهن, تنهنڪري سندن ڏنل معلومات ڀروسي جوڳي ناهي. هن ملڪ جي سرڪار وقت تي آدمشماري ڪرائڻ ۾ به ناڪام رهندي آئي آهي, جنهن جو مثال هيءُ آهي ته 1998ع کان پوءِ ڪابه آدمشماري نه ٿي آهي سواءِ 2012ع جي گهر شماريءَ جي جنهن ۾ پڻ وڏي پئماني تي بيقاعدگين سبب, ان جي نتيجن کي ڪنهن به نه مڃيو. هي ڪتاب لکڻ جي آخري مرحلي ۾ نيٺ 19 ورهين کان پوءِ نئين آدم ڳڻپ جو عمل شروع ٿي ختم ٿيو پر نتيجا اجان پڌرا ٿي مس ٿيا ته انهن ۾ به لڳيءَ جي ڪري ڪير مڃڻ لاءِ تيار ڪونهي. آدمشماريءَ جي عبوري انگ اکرن موجب 19 ورهين ۾ 2 ڏهائي 40 سيڪڙو واڌ سان پاڪستان جي آبادي 20 ڪروڙ 77 لک, 74 هزار 520 تي پُڄي آهي. خيبر پختونخواه جي آباديءَ ۾ 2 ڏهائي 89 سيڪڙو واڌ ڏيکاري 3 ڪروڙ 5 لک, 23 هزار 371 جو انگ ٻڌايو ويو آهي, جڏهن ته فاٽا (جيڪو هن وقت خيبر پختون خواهه جي انتظام هيٺ اچي چڪو آهي) ۾ 2 ڏهائي 41 سيڪڙو واڌ سان آبادي 5 لک, هڪ هزار ۽ 676 ٻيئي آهي. پنجاب جي آباديءَ ۾ 2 ڏهائي 13 سيڪڙو واڌ ڏيکاري 11 ڪروڙ 12 هزار ۽ 442 جو انگ ڏيکاريو ويو ۽ سنڌ جي آبادي 4 ڪروڙ 78 لک, 86 هزار 51 ٻڌائي وئي, جيڪا 2 ڏهائي 41 سيڪڙو واڌ ٻيهي ٿي. حيرت جي ڳالهه آهي ته خيبر پختونخواه ۽ فاٽا ۾ دهشتگردي توڙي انهيءَ خلاف هلندڙ فوجي آپريشن جي نتيجي ۾ اُتان وڏي آباديءَ لڏپلاڻ ڪري سنڌ ۾ اچي مستقل طور خيما کوڙيا آهن, پر آدمشماريءَ جي جُڙتو انگ اکرن موجب اُتي آبادي گهٽجڻ بدران وڌي وئي آهي. اجان وڌيڪ حيرانگيءَ جي ڳالهه هيءَ آهي ته بلوچستان ۾ غير معمولي طور 3 ڏهائي 37 سيڪڙو واڌ ڏيکاري هڪ ڪروڙ 23 لک, 44 هزار ۽ 408 آبادي ٻڌائي وئي آهي. اهڙي طرح سڀ کان وڌيڪ آباديءَ ۾ واڌ وفاقي گادي اسلام آباد ۾

ڏيڪاري وئي آهي، جنهن 4 ڏهائي 91 سيڪڙو واڌ موجب آبادي 20 لک 6 هزارن کان به وڌي وئي آهي. ڪراچي شهر جي آبادي جيڪا 1998ع ۾ 93 لک 98 هزار ٻڌائي وئي هئي، اها هاڻي هڪ ڪروڙ 49 لک، 10 هزار ٿي آهي. سنڌ ۾ شهري آبادي 52 سيڪڙو کان به وڌيل ڏيکاري وئي آهي. عبوري انگ اکرن ۾ ٻولين جي حساب سان ماڻهن جو انگ اڃان ظاهر نه ڪيو ويو آهي، جيڪو فائنل رپورٽ ۾ ئي ظاهر ٿيندو.

## پنجابي ٻوليءَ جي رٿابندي

پنجاب جي مسلم دانشور طبقي سدائين پنهنجي مادري ٻولي پنجابيءَ کان لاتعلقي ڏيکاري آهي. اها صورتحال پاڪستان کان اڳ به هئي ۽ پوءِ به برقرار رهي آهي. سک برادري بهرحال پنجابي ٻوليءَ کي پنهنجو بڻايو هو ۽ 1882ع ۾ ايڊيوڪيشن ڪميشن کي گذارش ڪئي هئي ته پنجابي ٻوليءَ کي اسڪولن ۾ تعليم جو ذريعو ڪيو وڃي. پنجابي مسلم دانشور طبقو اردوءَ ۾ ئي لکندو پڙهندو رهيو. خاص طور اردو هندي تڪرار سبب هنن اردوءَ کي مسلم سڃاڻپ جو اهڃاڻ ڄاڻي، ان سان پنهنجي وفاداري ڏيکاري ۽ پنجابي ٻوليءَ کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ به جذباتي طور اهي اردوءَ سان ئي واڳيل رهيا، جو سندن خيال موجب اها ٻولي "پاڪستاني قوم ۽ ان جي ايڪي" جو اُهڃاڻ هئي، جنهنڪري هنن پنجابيءَ کي ڪمتر حيثيت ۾ رکيو. حقيقت هيءَ هئي ته پنجاب اندر ڪا هڪ ٻولي نٿي ڳالهائي وڃي. سرائيڪي علائقن ۾ سرائيڪي ٻولي آهي ته مرڪزي پنجاب ۾ هڪ قسم جي پنجابي ٻولي آهي ۽ پوٺوهار واري علائقي ۾ وري ان جو لهجو ۽ لفظ ئي منجهيو وڃن، جنهنڪري پنجاب جي اقتداري طبقي انهن مختلف لهجن واري پنجابي ٻوليءَ بدران اردوءَ کي پنهنجي اقتدار لاءِ استعمال ڪرڻ مناسب سمجهيو.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پنجاب جي دانشورن جي هڪ محدود طبقي پنجابي ٻوليءَ لاءِ تحريڪ به هلائي ته جيئن ان کي تعليمي، انتظامي ۽ عدالتي ڪاتن

۾ رائج ڪيو وڃي. ان مقصد لاءِ 1956ع ۾ لائلپور (موجوده فيصل آباد) ۾ پنجابي ڪانفرنس بہ ڪوٺائي وئي هئي، جڏهن تہ رٽائرڊ ايئر مارشل نور خان بہ اڳتي هلي 1969ع ڌاري تعليمي پاليسيءَ جي حوالي سان پنجابي ٻوليءَ بابت اهڙيون تجويزون حڪومت کي پيش ڪيون هيون. پنجابي دانشورن 1986ع ۾ لاهور ۾ عالمي پنجابي ڪانفرنس ڪوٺائي پنجابي تحريڪ کي زور وٺائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر معاملو گهڻو نہ هلي سگهيو. ان موقعي تي گهُر ڪئي وئي هئي تہ پنجابي ٻوليءَ کي سرڪاري مڃتا ڏئي پنجاب اندر بنيادي تعليم پنجابيءَ ۾ ڏني وڃي ۽ انتظامي توڙي عدالتي کاتن ۾ بہ رائج ڪيو وڃي (حوالو عالمي پنجابي ڪانفرنس 1986ع جو نمراءُ) . اهي مطالبا ان کان پوءِ بہ مختلف وقتن تي ٿيندا رهيا آهن، پر پنجاب جي اقتداري ڌرين پنهنجي ٻوليءَ کي اها حيثيت نہ ڏني.

پنجابي ٻوليءَ جي حيثيت کي تہ مڃتا نہ ملي، پر ٿورو گهڻو ڪم ان ٻوليءَ کي سنوارڻ لاءِ ضرور ڪيو ويو. پنجابي ڳالهائيندڙن کي ان ڳالهہ جو گهڻو احساس رهيو آهي تہ پنجابي هڪ مڪمل ٻولي ڪانهي، جنهن جي پنهنجي لِپي يا رسم الخط هجي. اڄ بہ هُو چون ٿا تہ پنجابي هڪ لهجو آهي ۽ اها ٻولي ڪانهي ڇو تہ پنهنجي رسم الخط نہ هجڻ ڪري اها اردوءَ جي (عربي فارسيءَ واري) رسم الخط تي دارومدار رکي ٿي. پنجابي دانشورن جو خيال آهي تہ اردو رسم الخط پنجابيءَ جي مخصوص آوازن ۽ طرز کي ظاهر نٿي ڪري سگهي. اهڙن دانشورن جي سوچ آهي تہ نئين لِپي نهڻ گهرجي، جنهن سان پنجابيءَ جي پنهنجي سُڃاڻپ ظاهر ٿئي.

پنجابي ٻوليءَ جي پنهنجي لِپيءَ جي حوالي سان بحث جي شروعات 1950ع واري ڏهاڪي کان ٿي، جڏهن "پنجابي" نالي سان هڪ رسالو ڪڍيو ويو. اڳتي هلي 1962ع ۾ پنجابي رسم الخط تيار ڪرڻ لاءِ لاهور ۾ هڪ ڪاميٽي ٺاهي وئي، جنهن جو هڪ ميمبر جوشو فضل دين پنجاهہ واري ڏهاڪي کان سرگرم هو. رسم الخط جي حوالي سان بحث 1972ع ۾ اخبار پاڪستان

ٽائمس ۾ به هليو. جنهن ۾ چيچندڙ مضمونن ۾ هڪ دانشور ظفرالله پوشنيءَ ته ڪجهه تبديلين سان پنجابي ٻوليءَ لاءِ رومن رسم الخط اختيار ڪرڻ جي تجويز ڏني، جڏهن ته ساڳئي سال ملڪ زمرد گُرمکي لِپي اختيار ڪرڻ لاءِ زور ڀريو. جوشوا فضل دين، جنهن پهرين رومن لِپيءَ جي تجويز ڏني هئي، هن پيري اردو رسم الخط کي ڪجهه تبديلين سان رائج ڪرڻ جي نئين تجويز ڏني. جيئن ته رومن ۽ گُرمکي رسم الخط کي دانشورن جو هڪ مخصوص گروهه ڪابي ڏُر ۽ آزاد سوچ وارن سان سلهاڙيل پيو سمجهي، تنهنڪري اردو رسم الخط کي ترجيح ڏني وئي، جيڪا سندن خيال ۾ پاڪستانيت جي سڃاڻپ هئي. نتيجو اهو نڪتو جو ڏار لِپيءَ بابت ڪنهن به ڳالهه تي اتفاق نه ٿي سگهيو ۽ اردو رسم الخط ئي استعمال ۾ جاري رهي.

پنجابي ٻوليءَ جون ڊڪشنريون ڇاپڻ جا مطالبا به ٿيندا رهيا هئا ۽ ان ڏس ۾ 1979ع ڌاري اخباري ايڊيٽوريلن ذريعي اهو مسئلو اُٿاريو ويو پر 1975ع ڌاري قائم ٿيل پنجابي ادبي بورڊ سردار محمد خان جي چار هزار صفحن تي مشتمل پنجابي ڊڪشنري اهو چئي ڇاپڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته اداري وٽ پئسا ناهن (حوالو پاڪستان ٽائمس ايڊيٽر ڏانهن خط 30 مئي 1979ع).

نيٺ اڳتي هلي وين گارڊ پبلشرس 1983 ۾ پائي مايا سنگهه جي پنجابي ڊڪشنري ڇاپي پڌري ڪئي ۽ 1989ع ۾ اردو سائنس بورڊ به مناسب قسم جي پنجابي ڊڪشنري شائع ڪئي. ان کان پوءِ پنجابي سائنس بورڊ به 1990ع واري ڏهاڪي کان پنجابي ڊڪشنري تيار ڪرڻ لاءِ ڪم شروع ڪيو. هن وقت پنجابي انگريزي، پنجابي، اردو ۽ پنجابي (گُرمُکي) انگريزي ڊڪشنريون آن لائن به موجود آهن، پر مسئلو اهو ئي موجود آهي ته اڪثر پنجابي ماڻهو سمجهن ٿا ته عام ڳالهائيندڙ پنجابي ٻوليءَ ۾ وڏي تعداد ۾ اردو لفظ استعمال ڪيا وڃن ٿا، جنهن ڪري پنجابي ٻوليءَ جي پنهنجي سُڃاڻپ کي خطرو آهي. پنجابي ٻوليءَ جي حيثيت مڃائڻ لاءِ سرگرم دانشور ڪوشش ڪن ٿا ته خالص ديسي لفظ پنهنجي لکڻين ۾ توڙي

ڳالهائڻ ۾ استعمال ڪن. ڪين اها بہ شڪايت آهي تہ ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿيندڙ پنجابي پروگرامن ۾ گهڻو ڪري اردو لفظ استعمال ڪيا وڃن ٿا. پنجابي اخبار "سجن" ٺيٺ پنجابي لفظ استعمال ڪرڻ شروع ڪيا تہ مٿس تنقيد ڪئي وئي تہ اهڙا لفظ عام ماڻهن جي سمجهہ کان ٻاهر آهن. اهو بہ ٻڌو هنيو ويو تہ اهي لفظ سنسڪرت يا هنديءَ جا آهن. پنجابيءَ جي سڃاڻپ قائم رکڻ جا حامي هن قسم جا لفظ استعمال ڪندا هئا: لفظ جي جاءِ تي اکر (سنڌيءَ ۾ بہ اکر استعمال ٿئي ٿو)، سيلاب يعني ٻوڏ بدران هاڙهہ، اقوامِ متحده جي جاءِ تي اِڪ مُٺ قومان، سالانا بدران ورهہ وار ۽ فڪر بدران چنتا. مخالفن کي اهي لفظ غير اسلامي ٿي لڳا، ڇو تہ سندن خيال ۾ ان سان عربي ۽ فارسيءَ جا اکر پنجابيءَ مان خارج ٿيندا وڃن ها.

پنجابي سائنس بورڊ توڙي ڪن انفرادي پنجابي دانشورن سائنسي علم لاءِ ديسي لفظن ڳولڻ تي زور رکڻ سان گڏ اهڙا نوان اکر ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي، جن جون پاڙون ديسي اکرن ۽ اصطلاحن ۾ هجن. پر مخالف دانشورن دباءُ وڌو تہ سائنسي علمن لاءِ بہ اردو ۽ انگريزيءَ مان اکر کنيا وڃن. اهڙن دانشورن جو خيال آهي تہ پنجابي ٻولي اهڙي هجڻ گهرجي، جنهن مان پاڪستانيت ظاهر ٿئي. ايئن چئي سگهجي ٿو تہ پنجابي ڳالهائيندڙ پاڻ بہ نظرياتي طور ورهايل آهن، ڇو تہ هڪڙا عربي فارسي لفظن تي زور ڏئي پنهنجي ٻوليءَ کي پاڪستان سان سلهاڙڻ گهرن ٿا ۽ ٻيا پنجابي ثقافت ۽ ٻوليءَ جي اصل سُڃاڻپ قائم رکڻ جا حامي آهن.

انڊيا ۾ پنجابي ٻوليءَ کي چڱي اهميت حاصل آهي، پر اُتي پنجابي ٻوليءَ لاءِ گُرمُکي رسم الخط سميت ٺي اسڪرپٽ استعمال ٿين ٿا. انڊيا ۾ پنجابي ٻوليءَ جون ٽيهارو کان وڌيڪ اخبارون ڇپجن ٿيون، جڏهن تہ آمريڪا ۽ يورپ ۾ بہ پنجابي اخبارن جو چڱو تعداد آهي. ساڳي طرح سندن ٽي وي چئنل، نيوز سائيٽس ۽ ريڊيو چئنل بہ آهن. پاڪستان ۾ پنجابي ٻوليءَ ۾ اخبارون ۽ رسالا ڪڍڻ جون ناڪام ڪوششون ٿينديون رهيون آهن، ڇوتہ

ڪاٻ اخبار يا رسالو پڙهندڙن جو تعداد گهٽ هجڻ ڪري گهڻو وقت نہ هلي سگهيو. هڪ اخباري گروپ خبرين (اردو) ڪان پوءِ پنجابي ٻوليءَ ۾ 'خبران' اخبار ۽ سنڌ مان سنڌيءَ ۾ 'خبرون' جي نالي سان اخبار شروع ڪئي هئي. پنجابي اخبار 'خبران' اڃان هلي پئي. اهڙي طرح ڪجھ پنجابي ٽي وي چينل بہ هلي رهيا آهن. جيستائين عام ماڻهن جي پنجابي ٻولي ڳالهائڻ جو سوال آهي، اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ پنجاب ۾ پڙهيل ڪڙهيل طبقو اردو لکندو پڙهندو هوندو پر ڳالهائڻ ۾ هُو پنجابي ضرور استعمال ڪندو جڏهن تہ عام ٺيٺ ڳوٺاڻو پنجابي ماڻهو اردو سمجھي تہ سگهندو پر ڳالهائي نہ سگهندو يا ڀڳل ٽُٽل اردو ڳالهائيندو. پنجاب ۾ هن وقت بہ تعليم جو ذريعو اردو آهي ۽ فقط انٽرميڊيئيٽ ۾ پنجابي هڪ مضمون طور پڙهائي وڃي ٿي جڏهن تہ يونيورسٽيءَ ۾ ماسٽرس پنجابي ٻوليءَ ۾ ڪرڻ جي اجازت آهي. ملڪ جي عسڪري ادارن ۾ جيئو وڃي ٿو تہ پنجابي ٻولي گهڻي ڳالهائي وڃي ٿي. ڪجھ محققن موجب دنيا ۾ پنجابي ٻولي ڳالهائيندڙن جو تعداد ڏهہ ڪروڙ آهي، جن مان 9 ڪروڙ تہ پنجاب (پاڪستان ۽ هندستان وارا ٻئي حصا) ۾ آهن ۽ باقي هڪ ڪروڙ آمريڪا، يورپ، ڪئناڊا ۽ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ پکڙيل آهن.

بهرحال، پنجاب جي اقتداري طبقي پنهنجي مادري ٻوليءَ کي نظرانداز ڪري، جنهن نموني اردوءَ کي ترقي وٺرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انهيءَ لاءِ خود هڪ پنجابي ليکڪ سعيد فارانيءَ جي پنهنجي ڪتاب "پنجابي ڪا مقدمہ: پنجاب مين _ پنجابي زبان نهين مري گي" (ڇپيل 1988ع) جي پيش لفظن مان هڪ ٽُڪرو هتي پيش ڪجي ٿو:

"اس ڪرهءِ عرض پر بلڪ ڪائنات مين هم پنجابي واحد مخلوق هين جو اپني مان بولي (پنجابي زبان) ڪو نہ صرف اپني سامني ذبح هوتي ديک رهي هين، بلڪ اس خوني نظاري سي لاپرواهہ هين اور ايسي زبانون ڪو پروان چڙها رهي هين جن ڪا اس ڌرتي سي قطعي ڪوئي تعلق يا واسطہ

نهين . تاريخ بتاتي هي ڪ دنيا کي ڪسي غيرتمند اور عقل رکني والي قوم ني اپني زبان ڪِي ڪيي قرباني نهين دي، ڪيونڪ زبان ڪا تعلق اس قوم ڪي سماجي، معاشي اور ثقافتي بنيادون سي هوتا هي . پڇلي 41 برس پنجابيون ني اس بنيادي مسئلي ڪي جانب توجہ نہ دي ڪر غيرزبانون ڪي ميٺي زهر ڪو اپني نسلون ڪي خُون مين گھولا هي اور اپني پنجابيت ڪو ختم ڪرني ڪي ليئي مفادپرستون اور موقعہ پرستون ڪي شريڪ بن ڪي اپني پائون پر ڪُلهاڙي چلاتي رهي . اپني اس گھنائوني جرم سي اپني ساٿ رهني والي ديگر اقوام ڪو ڀي نقصان پهچايا . خوني زبان اردو ڪي خاطر پهلي اپني پنجاب ڪو ذبح ڪيا اور لاکون پنجابيون ڪو مروايا، ڦر اس آدمخور زبان ڪي ليئي بنگالي پائيون ڪا خون بهايا . نہ صرف بنگالي پائيون بلڪ هزارون سال ايڪ ساٿ رهني والي سنڌي پائيون پر ڀي، گولي اسي خوني زبان ڪي ليئي چلائي گئي.“

## سرائڪي ٻوليءَ جي رٿابندي

اينسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا موجب سرائڪي ٻولي اِنڊو آرين ٻولي آهي ۽ پنجاب جي ڏکڻ اولهہ ضلعن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي جيڪي سنڌ، بلوچستان ۽ خيبر پختونخواه صوبن سان ملن ٿا . ايڪيهين صديءَ جي اوائل ۾ سرائڪي ڳالهائيندڙن جو انگ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ڪروڙ ٿيندو پر صحيح انگ اڪر موجود نہ هجڻ ڪري اصل آباديءَ جي حوالي سان ڪجهہ نٿو چئي سگهجي . واسطيدار حڪومتي ادارا اهڙن انگن اکرن گڏ ڪرڻ کان سدائين لنوائيندا رهيا آهن . اينسائيڪلوپيڊيا موجب ايئن شايد پاڪستان ۾ ٻوليءَ جي مسئلي جي گنڀيرتا جي ڪري ٿيندو هجي جو تہ سرائڪي ڳالهائيندڙن پاران سندن ٻوليءَ کي پنجابيءَ کان ڌار حيثيت ۾ مڃڻ ۽ سندن تاريخي قومي حيثيت جي ڪري سرائڪي علائقن کي ڌار صوبي جي حيثيت ڏيڻ واري گهُر لاءِ دٻاءُ وڌندو پيو وڃي . انهن مطالبن جي مخالفت اهڙا طبقا ڪري رهيا آهن، جيڪي سمجهن ٿا تہ سرائڪي الڳ

ٻولي نہ پر پنجابي ٻوليءَ جو لهجو آهي ۽ انهيءَ ڪري ان کي الڳ ٻولي هجڻ جو حق نہ ڏيڻ گهرجي.

سرائڪي علائقن جي اولهہ ۾ سرائڪي ٻوليءَ جون سرحدون بلوچي ۽ پشتو ٻوليءَ کان بلڪل ڌار بيهن ٿيون، پر انهن علائقن جي جاگرافيائي بيهڪ اهڙي آهي، جو سرائڪي ٻولي سنڌي ۽ پنجابي ٻولين جي وچ واري ڪڙيءَ جو ڪم ڏئي ٿي. سنڌ جي اُتر وارن ضلعن کان وٺي سنڌ جي سرحدن سان ملندڙ علائقن ۾ سرائڪي ٻوليءَ جو رنگ ۽ لهجو توڙي لفظ سنڌيءَ جي گهڻو ويجهو آهن، جڏهن تہ پنجاب واري پاسي وري انهيءَ جو لاڙو پنجابي ٻوليءَ ڏانهن آهي. سرائڪي ۽ ٻين ٻولين جي تاريخ ۽ ٻڻ بنياد هڪ الڳ موضوع آهي.

سرائڪي ٻوليءَ کي سنڌس ڌار حيثيت ڏيارڻ واري تحريڪ جي شروعات 1960ع واري ڏهاڪي کان ٿي، جڏهن سرائڪي ڳالهائيندڙن کي محسوس ٿيو تہ ڪين سندن ٻولي، اقتصادي ترقي ۽ سياسي اقتدار کان پوئتي ڌڪيو پيو وڃي. انهيءَ هلچل جو هڪ فائدو اهو ٿيو تہ سندن ٻوليءَ کي گهٽ ۾ گهٽ سرائڪي ٻوليءَ جي نالي سان مڃيو ويو. سرائڪي اصل ۾ سنڌي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي سِرَي وارو. سِرو سنڌ جي اُتر واري علائقي کي چوندا آهن ۽ ان حساب سان سِري وارو جنهن مان ڦري سِرائي يا سرائڪي لفظ ٺهيو. مقامي طور ان کي تاريخي شهر ملتان جي حوالي سان ملتاني بہ چون تہ بهاولپور رياست جي ڪري رياستي بہ سڏين.

ڏکڻ ايشيائي ٻولين جي انگريز محقق پروفيسر ڪرسٽافر شئڪل Christopher Shackle، جنهن سرائڪي ٻوليءَ تي ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن، تنهن جي تحقيق موجب اٺين صدي عيسويءَ ۾ ملتان تي عربن جي ڪاهہ کان اڳ سرائڪي ٻوليءَ جي لِپي براهمي طرز جي هئي، جنهن کان پوءِ عربي رسم الخط نسخ رائج ٿي ۽ پوءِ ارڙهين صدي عيسويءَ کان پوءِ فارسي رسم الخط نستعليق اختيار ڪئي وئي. سرائڪي ٻوليءَ جي الف ب

۾ آوازن جي حساب سان ڪي مخصوص حرف تيار ڪرڻ جي پهرين ڪوشش قاضي فخرالدين راضيءَ 1893ع ۾ ڪئي. اهي حرف سنڌي ٻوليءَ جي ڪجهه نج حرفن جي آوازن سان ملندڙ جلندڙ هئا.

محقق شڪل موجب برطانوي آفيسرن ئي سڀ کان پهرين سرائڪي ٻوليءَ کي جديد رنگ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. برٽش آفيسر ليفٽيننٽ اينڊريو آي مُنرو جيڪو 1856ع ۾ ديرا غازي خان ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر هو عدالتن ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ جي لفظن جي لُغت تيار ڪئي، جنهن ۾ ديسي لفظ شامل ڪيا ويا. انهيءَ لغت توڙي ايف ڊبليو آر فرائر F.W.R. Fryer جي 1876ع واري لغت، ايڊورڊ او برائن Edward O' Brien جي 1881ع واري لغت، جيمس ولسن James Wilson ۽ پنڊت هري ڪشن ڪول جي 1899ع واري لغت ۾ ڪي جديد نظرئي وارا اکر شامل ڪونه هئا. ايتري حد تائين جو اينڊريو جُوڪس Andrew Jukes جي ڏهه هزار لفظن واري ڊڪشنريءَ ۾ به ڪي جديد ٽيڪنيڪل لفظ شامل ڪونه هئا. شڪل سرائڪي ٻوليءَ جي ست مخصوص صوتي يا آوازن وارن حرفن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي اينڊريو جُوڪس (1849ع-1929ع) پنهنجي مسيحي ڪتاب جي ترجمي ۾ 1898ع ۾ استعمال ڪيا هئا. پر هن کان اڳ وليم ڪئري (1761ع_1834ع) William Carey هڪ مذهبي ڪتاب جو ترجمو سرائڪيءَ ۾ ڪرڻ لاءِ "هندي لِپيءَ" کي استعمال ڪيو هو.

موجوده دور جي حساب سان سرائڪي ٻوليءَ جي رٿابنديءَ جي ڪوشش 1975ع ڌاري شروع ٿي، جڏهن ڪراچيءَ جي سرائڪي سنگت، ڪجهه ٻين سرائڪي تنظيمن ۽ ملتان ۾ ڪوٺايل سرائڪي ڪانفرنس، سرائڪي ٻوليءَ جي لِپيءَ ۾ ڪجهه تبديلين جي تجويز ڏني. ملتان ڪانفرنس ۾ جوڙيل ڪاميٽيءَ سرائڪي ٻوليءَ جي مخصوص آوازن جي اظهار وارن حرفن مٿان يا هيٺان گولڙا ڏيڻ جي تجويز ڏني، پر ڪراچيءَ واري سنگت گولڙن بدران ٽُبڪا ڏيڻ کي ترجيح ڏني. پر ٻنهي ڌرين بهرحال نسخ رسم

الخط جاري رکڻ جي حمايت ڪئي. هن وقت سرائيڪي ٻوليءَ ۾ جيڪي ڪجهه چيچجي رهيو آهي، ان ۾ ڪجهه حرفن ذريعي مخصوص آوازن لاءِ اهڙن حرفن تي ٹُهڪا هنيا وڃن ٿا. سرائيڪي ليکڪن جي ڪوشش آهي تہ سندن ٻوليءَ کي پنجابي ٻوليءَ کان ڌار پنهنجي سڃاڻپ ملي. اهڙن ليکڪن جي ڪوشش هوندي آهي تہ ديسي يعني نيٺ سرائيڪي لفظ استعمال ڪن. اهڙن لفظن جو بُڻ بنياد گهڻو ڪري سنسڪرت آهي. بهرحال سرائيڪي ٻوليءَ لاءِ نيٺ لفظ ڳولهڻ جي چڪر ۾ ڪيترائي اهڙا ڏکيا لفظ گهڙيا ويا، جو اهي ڪڏهن بہ عام استعمال ۾ نہ آيا آهن.

سرائيڪي ٻوليءَ کي سندس حيثيت ڏيارڻ لاءِ ملتان ڪانفرنس ۾ ڪيترائي ٺهراءَ بحال ڪيا ويا هئا، جن ۾ سرڪار کان گهُر ڪئي وئي تہ سرائيڪي ٻوليءَ کي نہ رُڳو تعليم جو ذريعو هجڻ واري حيثيت ڏني وڃي، پر ميڊيا ۾ ان کي جاءِ ڏني وڃي. سرائيڪي لوڪ سانجهہ تنظيم خاص طور جدوجهد ڪندي رهي تہ سرائيڪي ٻوليءَ کي ثقافتي سرگرمين ذريعي اُجاگر ڪجي ۽ پنهنجي سُڃاڻپ ڳولهجي. عبدالمجيد ڪانجوءَ جي سربراهيءَ ۾ 1993ع ۾ ٺاهيل سرائيڪي نيشنل پارٽيءَ جو خيال هو تہ سرائيڪي ٻوليءَ کي صوبن وچ ۾ رابطي واري زبان جو درجو ڏنو وڃي. تاج محمد لانگاهہ جي پاڪستان سرائيڪي پارٽي سرائيڪيءَ کي قومي ٻولي ۽ نئون سرائيڪي صوبو ٺاهي، انهيءَ ۾ سرائيڪي کي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏيڻ جي گهُر ڪندي رهي. سرائيڪيءَ کي نہ قومي ٻوليءَ جو درجو مليو نہ الڳ صوبو ٺهيو ۽ نہ صوبي جي سرڪاري ٻوليءَ واري حيثيت ملي، پر عوام منجهہ سُجاڳي ۽ اقتداري حلقن تي دٻاءَ وڌڻ جي نتيجي ۾ سرائيڪي ضلعن ۾ ڪاليج سطح تي سرائيڪي هڪ مضمون طور پڙهائي وڃي ٿي، جنهن لاءِ خاص ليڪچرار ڀرتي ڪيا وڃن ٿا. جڏهن تہ اسلاميا يونيورسٽي بهاولپور ۾ سرائيڪي ٻوليءَ جو الڳ شعبو قائم آهي، جتي ماسٽرس کان وٺندي ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي تائين تعليم ڏني وڃي ٿي. اهو شعبو شهيد بينظير ڀُٽو جي ڀرين حڪومت

۾ قائم ڪيو ويو هو. بهاءُ الدين ذڪريا يونيورسٽي ملتان ۾ بہ ڪجھ ورهين کان سرائيڪي ٻوليءَ جو شعبو کُلي چُڪو آهي.

اسلاميا يونيورسٽي بهاولپور جي سرائيڪي شعبي جي سربراھ ڊاڪٽر جاويد چانڊيي، جنهن جو تعلق سنڌ جي گهوٽڪي ضلعي سان آهي، ڪراچي پريس ڪلب ۾ هڪ ملاقات دوران سرائيڪي ٻوليءَ بابت پنهنجا ويچار هن ريت ونڊيا:

سرائيڪيءَ اڃان ٻوليءَ جي شڪل يا حيثيت ئي اختيار نہ ڪئي آهي. اڄ تائين سرائيڪيءَ جي پنهنجي رسم الخط ناهي ۽ اردوءَ واري رسم الخط استعمال ڪئي وڃي ٿي. پنجاب جي سرائيڪي علائقن ۾ پرائمريءَ کان ويندي مئٽرڪ تائين اردوءَ ۾ تعليم ڏني وڃي ٿي ۽ فقط ڪاليج سطح تي سرائيڪي هڪ مضمون طور پڙهائي وڃي ٿي. يونيورسٽي سطح تي بهرحال اسلاميا يونيورسٽي بهاولپور ۽ بهاءُالدين ذڪريا يونيورسٽي ملتان ۾ سرائيڪي شعبا قائم آهن، جتان تمام ٿورا شاگرد پڙهي نڪتا آهن، جن کي ڪاليجن ۾ سرائيڪيءَ جي ليڪچرار طور نوڪريون مليون آهن. هتان جي ماڻهن کي قومي شعور ناهي، جنهن جو اندازو انهيءَ مان ڪري سگهجي ٿو تہ ڪنهن سرائيڪيءَ کي ڪلارڪ جي نوڪري ملي ٿي تہ اهو بہ سرائيڪي ٻوليءَ کان پاسو ڪري اردو ڳالهائڻ لڳي ٿو.

ڊاڪٽر جاويد چيو تہ "پنجابي ماڻهو اقتدار خاطر اردوءَ کي چنبڙيل آهن، پر ڳالهائڻ مهل ٺُپ شاونسٽ پنجابي هوندا آهن." چڱو ٿيو جو هن ملڪ ۾ پنجابي قومي ٻولي نہ ٿي نہ تہ وڏو عذاب ٿي وڃي ها،" هن جو خيال هو تہ پنجابي ماڻهو اقتدار خاطر پنهنجي ٻوليءَ کي ڇڏي اردوءَ جي چڪر ۾ پيا، پر ان سان سنڌن ئي ٻولي تباھ ٿي رهي آهي، جنهن لاءِ صرف اهو ئي چئي سگهجي ٿو تہ شڪاري بہ پاڻ آهن تہ شڪار بہ پاڻ ٿيا آهن.

ڊاڪٽر جاويد چانڊيو جنهن ڪراچي يونيورسٽيءَ مان پڙهي، وري اسلاميا يونيورسٽي بهاولپور مان سرائيڪيءَ ۾ ماسٽرس ۽ پي ايچ ڊي ڪئي، ٻڌايو

تہ سرائڪي علائقن ۾ هاڻي ڪن ماڻهن دڪانن تي سرائڪيءَ ۾ لکيل بورڊ هڻڻ شروع ڪيا آهن ۽ هُو گراهڪن سان بہ سرائڪيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن.
هن چيو تہ جيتوڻيڪ سرائڪي ڳالهائيندڙن جو تعداد سنڌين کان وڌيڪ آهي، پر سنڌي ٻوليءَ جي مارڪيٽ سرائڪيءَ کان وڌيڪ آهي، جنهن جو ڪارڻ هيءَ آهي تہ سنڌ ۾ گهڻن ۾ گهڻن سرڪاري اسڪولن ۾ پرائمري تعليم سنڌيءَ ۾ ڏني وڃي ٿي ۽ ڪاليجن توڙي يونيورسٽين مان سنڌيءَ ۾ ڊگريون وٺي هزارن جي تعداد ۾ سنڌي ماڻهو ماستريون ۽ ليڪچرار جون نوڪريون وٺن ٿا.
ڊاڪٽر جاويد چانڊيو چيو تہ ٻوليءَ جي ترقي سياسي اقتدار سان ڳنڍيل آهي. "سنڌ ۾ سنڌين کي سياسي اقتدار حاصل آهي، پر پنجاب ۾ سرائڪي ماڻهو سياسي اقتدار کان محروم آهن." اردوءَ کي ٻين ٻولين لاءِ قاتل ٻولي سڏيندي، هن چيو تہ ان سان ٻين ٻولين جي موت جو عمل جاري آهي. کوار شينا ۽ گلگت بلتستان جون ٻيون ٻوليون جن جي ڳالهائيندڙن جو تعداد فقط هزارن ۾ آهي، سي بہ صرف انهيءَ ڪري بچي سگهيون آهن، جو اهي ڏورانهن علائقن ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون، جتي اردو ڳالهائيندڙن جي اچ وڃ ڪانهي.
ڊاڪٽر جاويد چانڊيو سان گڏ موجود صحافي رياض پٽيءَ، جنهن اسلاميا يونيورسٽي بهاولپور مان سرائڪيءَ ۾ ماسٽرس ڪئي، پر ڪراچيءَ ۾ اردوءَ ۾ صحافت ڪري ٿو ٻڌايو تہ جيئن تہ اها ٻولي روزگار جي ضمانت نٿي ڏئي، تنهنڪري ڪير بہ سرائڪي پڙهڻ لاءِ تيار ناهي. جڏهن ماڻهن کي خبر هجي تہ هن ٻوليءَ جي ڊگري وٺڻ سان ڪين روزگار، يا نوڪري ملڻي ڪانهي تہ هُو ان ٻوليءَ ۾ ڇو پڙهندا.

## بلوچي ٻوليءَ لاءِ رٿابندي

بلوچي ٻوليءَ جي رٿابنديءَ جي حوالي سان سرڪاري سطح تي تہ ڪو خاص ڪم نہ ٿيو آهي، پر خانگي طور دانشور گهڻيون ڪوششون ڪندا رهيا آهن. هن ٻوليءَ

لاءِ بہ اصل مسئلو لپيءَ جو رهيو آهي تہ رومن لپي اختيار ڪجي يا عربي. بلوچ دانشورن جو خيال هو تہ بلوچي اڪيڊمي ڪوئٽا کي اهو ڪم ڪرڻ کپندو هو پر ايئن نہ ٿيو. پنهنجي طور بلوچ دانشورن 1969ع ۾ 37 حرفن واري بلوچي الف ب تيار ڪئي، پر ڪن حلقن ان کي نہ مڃيو ۽ رومن لپيءَ جي حمايت ڪئي.

بلوچي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ٻنهہ ٽورين تنظيمن ڪم ڪيو آهي. ورهاڱي کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ لياري ادبي بورڊ قائم ڪيو ويو هو جنهن جو پوءِ نالو مٽائي بلوچي ادبي بورڊ رکيو ويو. ان ڪانسواءِ بلوچي اڪيڊمي ۽ فاضل اڪيڊمي بہ ان ڏس ۾ ڪم ڪيو. اڳتي هلي 1951ع_1952ع ڌاري بلوچي ايڊيوڪيشنل سوسائٽي قائم ٿي جنهن ماهوار بلوچي رسالو "اومان" جاري ڪيو. اهڙي طرح 1960ع ۾ بلوچي اڪيڊمي ڪوئٽا ۽ بلوچ رائٽرس گلڊ قائم ٿيون تہ جيئن بلوچي ٻوليءَ کي سرڪاري سرپرستي ملي سگهي.

ملڪ ۾ 1970ع ۾ عام چونڊون ٿيون، 1971ع ۾ ملڪ بہ ڀاڱا ٿي ويو ۽ پوءِ جڏهن بلوچستان ۾ نيشنل عوامي پارٽي (نعپ) اقتدار ۾ آئي تہ ساڄي ڌُر جي قوتن کي مايوسي ٿي جو نعپ قومپرست پارٽي هجڻ سان گڏ کاٻي ڌُر ڌانهن جُهڪاءُ رکندڙ هئي ۽ سمجهيو ٿي ويو تہ اُها بلوچي زبان لاءِ رومن لپي اختيار ڪندي. انهيءَ وقت جي تعليم ۽ اطلاعات واري صوبائي وزير مير گل خان نصير 22 جولاءِ 1972ع تي اعلان ڪيو هو تہ بلوچي ٻوليءَ جي لپيءَ جو فيصلو ڪرڻ لاءِ ڪنوينشن ڪوٺايو ويندو. اهو ڪنوينشن 2 ۽ 3 سيپٽمبر 1972ع تي ٿيو، جنهن ۾ 80 وفد شريڪ ٿيا، جنهن ۾ گل خان نصير، بلوچ اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن ۽ کاٻي ڌُر جي ڪيترن ئي دانشورن رومن لپي اختيار ڪرڻ جي حمايت ڪئي، پر عربي رسم الخط جي حامي طبقن ان کي کاٻي ڌُر ۽ قومپرستن جي سازش ڪوٺيو. ڪن دانشورن جو خيال هو تہ سنڌ ۾ بلوچي لکڻ لاءِ عربيءَ آڌار ٺاهيل سنڌي لپي استعمال ڪئي ٿي وڃي، تنهنڪري رومن لپي اختيار ڪرڻ سان بلوچ سنڌين کان ڪٽجي ويندا (حوالو ڊان اخبار 22 سيپٽمبر 1972ع). اتفاق اهڙو ٿيو جو

1973ع ۾ نعيپ جي حڪومت ٺي ختم ٿي وئي ۽ بلوچي ٻوليءَ جي لپيءَ وارو معاملو اڻ نبريل ٿي رهيو. ان موضوع تي بحث ٻوءِ بہ ٿيندا رهيا، پر معاملو اڄ تائين جيئن جو تيئن آهي، جيتوڻيڪ بلوچي ٻوليءَ ۾ لکڻ لاءِ جيڪا رسم الخط استعمال ڪئي پئي وڃي اُها بلوچي دانشورن جي انفرادي ڪوشش سان تيار ڪيل عربي رسم الخط ۾ ڪجھہ تبديلين واري شڪل ٿي آهي.

اينسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا موجب بلوچي شاعري پندرهين صديءَ جي وچ ڌاري شروع ٿي، جنهن کي بعد ۾ فارسي نستعليق رسم الخط ۾ لکيو ويو. ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري قلات رياست جي خان مير محمد ناصر جي دربار جي خاص شاعر جام دُراڪ بہ شاعري لکي، جيڪا بلوچن ۾ اڄ تائين ڳائي وڃي ٿي، پر هڪ بلوچي ويب سائيٽ "شوران" موجب بلوچي ٻولي سڀ کان پهرين اڻويهين صديءَ ۾ لکجڻ شروع ٿي. ان کان اڳ اها لکت ۾ ڪانہ هئي ۽ لکڻ پڙهڻ لاءِ فارسي استعمال ٿيندي هئي. شروع ۾ بلوچي ٻولي لاطيني الف ب ۾ لکي ويندي هئي، جيڪا انگريز ماهرن تيار ڪئي هئي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ بلوچي دانشورن عربي فارسي رسم الخط اختيار ڪئي. "شوران" موجب هن وقت جيڪا رسم الخط استعمال ڪئي وڃي ٿي، اها افغانستان واري پشتو ڳاڏڙ عربي رسم الخط آهي.

1977ع کان پوءِ ڊگهي مارشلا جو دور جڏهن ختم 1988ع ٿيو ۽ عام چونڊن جي نتيجي ۾ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون ٺهيون تہ ان وقت پاڪستان جو وزيراعليٰ نواب اڪبر بگٽي ٿيو جنهن صوبائي اسيمبلي مان بلوچستان لاءِ پرائمري تعليم مادري زبان ۾ ڏيڻ جو بل پاس ڪرايو ۽ پوءِ بلوچستان ۾ مقامي ٻولين بلوچي، براهوي، سنڌي ۽ پشتو ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي پر مادري ٻوليءَ ۾ تعليم جي حوالي سان خاص ڪري نصاب ۽ استادن جي سلسلي ۾ ڪيترائي مسئلا پيش آيا. بهرحال بلوچستان يونيورسٽيءَ ۾ بلوچي اسٽڊيز جو شعبو کوليو ويو جنهن نہ رُڳو بلوچي ٻولي سيکارڻ ۽ پڙهائڻ

شروع ڪئي، پر بلوچي ڪتابن جي ڇپائيءَ جو سلسلو به شروع ڪيو، پر جيئن پهريائين ذڪر ٿي چُڪو آهي ته سرڪاري سطح تي بلوچي ٻوليءَ لاءِ ڪو خاص ڪم نه ٿيو هو تنهنڪري ڪي انفرادي دانشور ۽ ماهر هئا، جن پنهنجي ٻوليءَ جي رٿابنديءَ جو ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ حوالي سان سڀ کان پهريون شخص سيد هاشمي چيو وڃي ٿو جنهن "سيد گنج" جي عنوان سان هڪ ڊڪشنري تيار ڪئي. هن دانشور ڪيترائي نوان لفظ به گهڙيا جيڪي خاص طور جديد پسمنظر ۾ هئا. بهرحال وري به ايئن ٿيو جو عام فهم لفظ رد ڪري بلوچي ٻوليءَ جي اصلي ثقافتي رنگ کي اڳتي آڻڻ جي ڪوشش ۾ بلوچيءَ کي وڏيڪ ڏکيو ڪيو ويو.

## پشتو ٻوليءَ جي رٿابندي

پشتو لاءِ چيو وڃي ٿو ته اها خيبر پختونخواهه صوبي جي سٽر سيڪڙو ماڻهن جي ٻولي آهي. اهو تناسب به مشڪوڪ لڳي ٿو ڇو ته هزاره واري وسيع علائقي جا ماڻهو پاڻ کي پشتون نٿا سمجهن ۽ نه ئي پشتو سندن ٻولي آهي. ساڳي طرح ديرا اسماعيل خان وارا علائقا به سرائڪي ڳالهائيندڙن جا آهن جيڪي پاڻ کي پشتون ۽ خيبر پختونخواه جو حصو نٿا سمجهن. بهرحال پشتو قديم ٻولين مان هڪ آهي ۽ پشتو اڪيڊميءَ موجب هن ٻوليءَ جي پهرين لکت بايزيد انصاريءَ جي "خيرالبيان" (1526ع- 1574ع) جي شڪل ۾ آهي جڏهن ته اها به دعويٰ ڪئي وڃي ٿي ته پشتو شاعر امير ڪروڙ اٺين صديءَ ۾ پنهنجي شاعري پشتو ٻوليءَ ۾ لکي. پر هن ٻوليءَ جي قدامت جي باوجود اها اقتداري ايوانن جي سرپرستي حاصل نه ڪري سگهي. انگريز انهن ٻولين لاءِ جيڪا پاليسي اختيار ڪئي، اها پوءِ به جاري رهي. بيٺڪي حڪمرانن پنجاب تي 1849ع ۾ قبضو ڪرڻ کان پوءِ اُتان جي لاءِ اردو ٻولي رائج ڪئي. ان وقت خيبر پختونخواه وارا علائقا به پنجاب ۾ شامل هئا، ڇو ته انهن کي سک راجا رنجيت سنگهه فتح ڪري پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪري ڇڏيو هو. برٽش آفيسرن جي لکپڙهه مان ظاهر ٿئي ٿو ته انگريزن اردو

انهيءَ ڪري رائج ڪئي تہ جيئن انهيءَ سڄي خطي جا ماڻهو اردو سکڻ ۽ ڳالهائڻ جي نتيجي ۾ افغانستان جي بدران هندستان جي انگريزي راڄ وارن علائقن سان ڳنڍجن. پشاور جي ڪمشنر 17 جُون 1862ع تي پنجاب جي سيڪريٽريءَ کي ليٽر لکيو تہ 1853ع ۾ هنن سياسي فائدي خاطر عدالتي ٻولي فارسيءَ جي جاءِ تي اردو ڪري ڇڏي هئي. ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشنز پڻ پنجاب جي ساڳئي عملدار ڏانهن پنهنجي 22 جولاءِ 1862ع تي لکيل خط ۾ انگريز راڄ جي سياسي مقصدن جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ اردو ٻوليءَ کي رائج ڪرڻ پٺيان ڪارڻ هو تہ پشتو ڳالهائيندڙن کي افغانستان کان پري رکجي، جتي پشتو ٻولي پختون سُڃاڻپ جو اُهڃاڻ هئي. اڳتي هلي 1920ع ڌاري افغانستان کي جديد رياست جو درجو ڏيڻ لاءِ پشتو ٻوليءَ کي پختون قوم جي سڃاڻپ قرار ڏنو ويو. ذري گهٽ ساڳئي زماني ۾ انگريز مخالف اڳواڻ ۽ خدائي خدمتگار خان عبدالغفار خان 1929ع ڌاري پشتو ٻوليءَ کي پختونن جي سڃاڻپ سڏيو هو. هن غير سرڪاري اسڪول کوليا جتي پرائري درجن ۾ پشتو پڙهائي ويندي هئي. هن 1928ع ڌاري "پختون" جي نالي سان هڪ رسالو بہ جاري ڪيو هو. ان کانسواءِ ٻيا بہ پشتو رسالا شروع ٿيا، جن ۾ زور ڀريو ويو تہ تعليمي ادارن ۾ پشتو پڙهائي وڃي، خانگي ۽ سرڪاري ادارن ۾ پشتو استعمال ڪئي وڃي ۽ پشتو ٻوليءَ جي رٿابنديءَ جو ڪم شروع ڪيو وڃي. سرڪار 1935ع ۾ نيٽ مڃيو تہ اسڪولن ۾ ٻهرين ۽ ٽئين درجي ۾ پشتو پڙهائي ويندي (حوالو 4 سيپٽمبر ۽ 13 نومبر 1935ع جا سرڪاري ليٽر) پر هندو ۽ سک برادرين ان جي مخالفت ڪئي. بهرحال ڊاڪٽر خان جي حڪومت اسيمبليءَ ۾ وڏي بحث کان پوءِ 1938 ڌاري پشتو کي پرائمري سطح تي پڙهائڻ واري فيصلي ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جڏهن خان عبدالغفار خان پختونستان جو نعرو هنيو ۽ اڳتي هلي سندس فرزند خان عبدالولي خان نيشنل عوامي پارٽي

(نعمپ) ٺاهي ۽ پشتو ٻوليءَ کي پختونن جي سجاڳپ طور اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي ته اقتداري طبقن انهيءَ کي نسلي قومپرستيءَ جو نالو ڏئي ۽ پشتو جي ترقيءَ جا رستا بند ڪيا. جڏهن 1972ع ۾ ولي خان جي نعمپ مفتي محمود جي جميعت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) سان گڏجي سرحد صوبي (موجوده خيبر پختونخواه) ۾ حڪومت ٺاهي ته انهن نه رُڳو افغانستان جي اثر کان پاڻ کي پري رکڻ جي پاليسي اختيار ڪئي، پر پنهنجي ئي پارٽيءَ جي ڪجهه حلقن پاران دٻاءَ جي باوجود نسلي قومپرستيءَ واري سوچ کي به پاسيرو رکي اردوءَ کي صوبي جي سرڪاري ٻوليءَ طور جاري رکيو.

جنرل ضياءَ جي آمريت واري زماني ۾ اڳوڻين وفاقي حڪومتن وانگر اردوءَ کي اسلام ۽ پاڪستان جي سجاڳپ طور اڳتي وڌايو ويو هو پر ايترو فرق پيو جو 1984ع ڌاري خيبر پختونخواه جي ڪجهه مخصوص علائقن ۾ پشتو ٻوليءَ کي تعليم جو ذريعو ڪري رائج ڪيو ويو. ساڳئي وقت پشتو درسي ڪتابن جي ترجمي وارو هڪ پروجيڪٽ به شروع ڪيو ويو پر حيرت جي ڳالهه اِها آهي ته 1989ع ۾ تعليم کاتي پاران ورتل جائزي مان پڌرو ٿيو ته پشتو کي اسڪولن جي نصاب ۾ گهربل جاءِ نه ملي سگهي هئي. حقيقت هيءَ آهي ته اسڪولن ۾ پشتو صحيح طرح نه پڙهائي وئي ۽ تعليم جو ذريعو اردو ئي رهي ۽ انهيءَ ڪري پشتو ٻولي برٽش راڄ وانگر نظرانداز ٿيندي رهي. تازي صورتحال هيءَ آهي ته خيبر پختونخواه ۽ ان ۾ تازو شامل ٿيندڙ قبائلي علائقن جي سرڪاري اسڪولن ۾ پهرين درجي کان مئٽرڪ تائين پشتو مضمون پڙهايو وڃي ٿو ۽ انٽرميڊئيٽ ۾ پشتو مضمون اختياري آهي، جڏهن ته يونيورسٽيءَ ۾ پشتو ڊپارٽمينٽ قائم آهي، جتان ماسٽرس ڪري سگهجي ٿي. خانگي اسڪولن ۾ مالڪن جي مرضي آهي ته پشتو مضمون پڙهائين يا نه. هن وقت پشاور مان فقط هڪ اخبار "وحدت" جي نالي سان پشتو ۾ نڪري ٿي ۽ باقي ڪو هڪ اڌ رسالو ڪن تنظيمن جي ترجمان طور

شائع ڪيو ويو ٿو. پشتو ۾ ڪتاب ڇپجڻ جو تعداد وري به چڱو آهي، جن ۾ اڪثر شاعريءَ جا ڪتاب هوندا آهن. سال 2002ع کان ملڪ ۾ خانگي ٽي وي چئنل شروع ٿيڻ کان پوءِ پشتو چئنل به قائم ڪيا ويا. جن جو تعداد چار کن آهي.

تحقيق موجب سورهين ۽ سترهين صديءَ ۾ پشتو لکڻ لاءِ نستعليق رسم الخط استعمال ٿيندي هئي، پر انهيءَ ساڳئي زماني ۾ پشتو ڪتاب نسخ رسم الخط ۾ به لکيا ويندا هئا. افغانستان ۽ پاڪستان ۾ استعمال ٿيندڙ رسم الخط ۾ ٿورو فرق آهي. سال 1955ع ۾ جڏهن پشتو ٻوليءَ جي رٿابنديءَ لاءِ پشتو اڪيڊمي قائم ٿي ته انهن ٻنهي رسم الخط جي ڪجهه ڳالهين کي برقرار رکڻ سان گڏ نسخ رسم الخط جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو ويو. سال 1957ع ۾ پشتو اڪيڊميءَ پشتو ٻوليءَ جي لپي جي حوالي سان ڪانفرنس به ڪوٺائي هئي، جنهن ۾ افغانستان مان به ٻوليءَ جا ماهر شريڪ ٿيا هئا. پشتو اڪيڊميءَ جي 1991ع جي رپورٽن موجب انهيءَ ڪانفرنس ۾ ٿيل فيصلن توڙي بعد ۾ ڪابل ۾ بارا ڳلي ڪانفرنسن جي فيصلن کي پاڪستان ۾ نظرانداز ڪيو ويو.

قومپرست پختون پنهنجي ٻوليءَ جي ثقافتي سڃاڻپ قائم رکڻ لاءِ ديسي لفظ استعمال ڪندا آهن، پر سرڪاري خرچ تي هلندڙ پشتو اڪيڊمي انهن لفظن کان پاسو ڪري ٻين ٻولين مان لفظ اُڌارا کڻندي آهي. اڪيڊميءَ پاران تيار ڪيل (راج ولي خٽڪ جي لکيل) ڊڪشنريءَ ۾ اهڙا ڪوڙ لفظ ملندا.

سنڌي اخبار 'ڪاوش' جي صحافي خداڏني شاهه، جنهن ست ورهين تائين پشاور ۾ رهي پنهنجي اخبار جي نمائندگي ڪئي، پنهنجي هڪ مضمون ۾ مادري ٻوليءَ جي حوالي سان پشتو دانشورن پروفيسر راج ولي خٽڪ، سينٽر آف پشتو لٽريچر اينڊ لئنگوئيج جي ڊائريڪٽر پروفيسر اسرار گوهر، پروفيسر حڪيم الله ۽ پروفيسر ڊاڪٽر احمد علي عاجز سان خيالن جي ڏي وٺ جو ذڪر ڪيو آهي. اهي سمورا پشتو دانشور ۽ اديب ملڪ جي مادري

ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏيڻ جا حامي آهن . انهن مڃيو ته خيبر پختونخواهه صوبي ۾ پشتو ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ گهڻو ڪم نه ٿيو آهي، پر سندن خيال آهي ته جيستائين مادري ٻولين کي سرڪاري سرپرستي حاصل نه هوندي ۽ کين قومي ۽ سرڪاري حيثيت نه ملندي، اهي ترقي نه ڪري سگهنديون . ان جو مثال هيءَ آهي ته خيبر پختونخواهه صوبي ۾ اردو، انگريزي، عربي ۽ اسلاميات جا ڪيڊر ته موجود آهن، پر جيڪڏهن ڪو شاگرد پشتو ۾ ماسٽرس ڪري ٿو ته اهو بيروزگار رهجي وڃي ٿو . خدا ڏني شاهه، جنهن پشتونن جي هن صوبي جو وسيع علائقو گهمي ڏٺو آهي، لکي ٿو ته اپر ڊِير کان وٺندي مردان ۽ پشاور تائين کيس ڪٿي به دڪانن توڙي سرڪاري آفيسن تي پشتو ۾ سائن بورڊ لکيل ڏسڻ ۾ نه آيا .

## بحث جو وچُور

مٿي بيان ڪيل سمورين حقيقتن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته پاڪستان ۾ به ٻولين جي رٿابنديءَ ۾ سياست جو عمل دخل رهيو آهي . هڪڙيون ڌريون جن مٿان تسلط قائم رکڻ لاءِ هڪ قوم هڪ ٻوليءَ واري سوچ ۽ نظرئي هيٺ اردو ٻوليءَ کي استعمال ڪنديون رهيون آهن ته ٻيون ڌريون ان جي مزاحمت ۽ پنهنجي ديسي ٻولين، ثقافت ۽ الڳ قومي سُڃاڻپ کي بچائڻ جي جدوجهد ۾ رُڌل رهيون آهن . ورهاڱي کان اڳ اردوءَ کي هنديءَ جي مقابلي ۾ آندو ويو ۽ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ان کي ملڪ جي مختلف قوميتن جي ثقافت ۽ ٻوليءَ کي پوئتي ڌِڪڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو . هندستان مان لڏي آيل مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙن، جن ۾ گجرات، ڪاٺياواڙ، حيدرآباد دکن، هندستان جي ڏاکڻين رياستن، اوڀر پنجاب، بهار ۽ ٻين هنڌن جا ماڻهو شامل هئا، تن سيني جي ذهن ۾ ويهاريو ويو ته اردو ٻولي ئي سندن سڃاڻپ آهي . خاص طور سنڌ ۾ آباد ٿيل مهاجرن کي ايترو پڪو ڪيو ويو جو سندن خيال ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ سان اردو ٻولي ختم ٿي وڃي ها ۽ اردو ٻوليءَ جي خاتمي سان سندن وجود ختم ٿي وڃي ها . اقتداري طبقن ٻاران اقتدار تي

قبضي لاءِ ٻوليءَ کي استعمال ڪري نفرت جي سياست ڪيڏي وئي . هنن اقتداري طبقن اهو نہ سوچيو تہ اردو ٻوليءَ منجهہ عربي فارسي داخل ڪرڻ بدران ان کي ديسي ٻولين سان ويجهو ٿيڻ لاءِ آزاد ڇڏجي، جنهن سان اردو ٻوليءَ ۾ وڌيڪ جدت اچي ها ۽ اها بہ هتان جي ٻين ٻولين جيان قابل قبول هجي ها . جهوني صحافي ۽ بي بي سيءَ جي اڳوڻي براڊڪاسٽر رضا علي عابديءَ بہ 2010ع ڌاري هڪ پروگرام ۾ ملاقات دوران اهڙن خيالن جو اظهار ڪيو هو.

مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ڄامشوري جي اسسٽنٽ پروفيسر (انگلش) شوڪت لوهار جو بہ چوڻ آهي تہ دنيا ۾ ٻولين جو ڦهلاءُ صرف ۽ صرف طاقت جي ڪارڻ ٿيو آهي . ان ڪانسواءِ ٻين ملڪن کي طاقت جي زور تي جهڪائڻ ۽ پنهنجي ثقافت مڙهڻ سان بہ اهو ممڪن ٿي سگهيو آهي . دنيا ۾ ٽن ٻولين کي قاتل ٻوليون سڏيو ويو آهي، جن ۾ فرانسيسي، اسپيني ۽ انگريزي شامل آهن. دنيا جي سڀ کان آبادي انگلينڊ، جرمني ، اٽلي ۽ فرانس جون بيٺڪون رهيون آهن، جتي هنن قبضا ڪري وسيلا هٿ ڪيا ۽ پنهنجي ثقافت مڙهي جيئن انگريزن ڏکڻ آفريڪا، اُتر آمريڪا، ڪئريبين رياستن ۽ ننڍي کنڊ تي قبضو ڪيو. شروع ۾ هنن پنهنجي گورن آفيسرن لاءِ مقامي ٻولي سکڻ لازمي قرار ڏني، پر پوءِ هتي پنهنجي ٻولي مڙهيندا ويا ۽ انگريزي ٻوليءَ جا اسڪول کولي شاهوڪار ماڻهن کي انگريزي ٻولي سيکاري پنهنجو ڪيائون . ايڏي وڏي سازش رات ئي رات ۾ ڪانہ ٿي، پر ان لاءِ لارڊ ميڪاليءَ کي خاص طور انگلينڊ مان تعليمي ماهر طور گهرائي ڪانئس رٿابندي ڪرائي وئي . ميڪاليءَ جي پيش ڪيل رپورٽ ۾ چيو ويو هو تہ هندستان هڪ گهڻ ٻولي علائقو آهي ۽ هتان جا ماڻهو جذباتي آهن . ميڪاليءَ لکيو تہ سنسڪرت، عربي ۽ ٻين ٻولين جي مطالعي کان پوءِ هُو ان نتيجي تي پهتو آهي تہ اهي ٻوليون ادب سان تمتار آهن، پر انهن کي ڪنهن بہ طرح عالمي سطح تي يا لکپڙهہ لاءِ

استعمال نٿو ڪري سگهجي. بيو تہ هتان جا ماڻهو جهيڙاڪ ۽ آزاديءَ لاءِ وڙهڻ لاءِ هر وقت تيار هوندا آهن. تنهنڪري هنن جي انهيءَ فطرت تي ضابطي لاءِ سندن ذهنن ۾ لهڻ لازمي آهي ۽ انهيءَ لاءِ وري کين انگريزي ٻوليءَ ڏانهن راغب ڪرڻ ضروري آهي تہ جيئن اهي پنهنجي رنگ ۽ رت ۾ ڀلي هندستاني هجن، پر عادتن ۽ خيالن ۾ انگلستاني ٿين ۽ سندن اندر مان انگريزن خلاف نفرت ختم ٿئي. ميڪاليءَ جي تعليمي پاليسيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو وڏي هندستاني ماڻهن جو ڌسندي ئي ڏسندي انگريزيءَ ڏانهن جهڪاءُ ٿي ويو.

شوڪت لوهار وڌيڪ چوي ٿو تہ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ سنڌي ٻوليءَ کي وري بہ گهڻي اهميت حاصل هئي، پر اسان جي بدقسمتي چئجي تہ هڙ هندو سنڌي اديب هندستان لڏي ويا ۽ اتان اهي ماڻهو لڏي سنڌ پهتا، جن پنهنجي زندگيءَ ۾ اڳ ڪڏهن سنڌي ٻڌي بہ نہ هئي، جنهن سان سنڌي ٻوليءَ کي وڏو نقصان پهتو. خاص طور شهري علائقن ۾ اهي ماڻهو آباد ٿيڻ ڪري سنڌي ٻولي آهستي آهستي غائب ٿيڻ لڳي.

جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ آدمشماريءَ جا انگ اکر پروسي جوڳا ناهن، جيئن مٿي ذڪر ٿيل آهي، پر تڏهن بہ جيڪڏهن 2001ع جي سرڪاري انگ اکرن کي بنياد ناهجي تہ معلوم ٿيندو تہ اردو ڳالهائيندڙن جو تعداد فقط 7.57 سيڪڙو آهي، جڏهن تہ 44.15 سيڪڙو ماڻهو پنجابي ڳالهائيندڙ آهن، سنڌي ڳالهائيندڙ 14.1 سيڪڙو آهن، سرائڪين جو تعداد 10.53 آهي، 3.57 سيڪڙو بلوچي آهن ۽ 15.42 سيڪڙو پختون آهن، جن جو تعداد خيبر پختونخواهہ ۾ تہ گهڻ آهي پر اهي بلوچستان، سنڌ ۽ بين علائقن ۾ گهڻا آباد آهن. ان کانسواءِ 4.0 سيڪڙو ٻين ٻولين ڳالهائيندڙ آهن. اهڙي طرح عالمي بينڪ جي هڪ رپورٽ پاڪستان جي "گائيڊلائينس فار نيشنل لئنگويج پاليسي: پارليامينٽري پيپر 2014ع" Guidelines for National Language Policy: Parliamentary Paper 2014 جو حوالو ڏيندي ٻڌائي ٿي

تہ قومي ۽ سرڪاري ٻولي اردو صرف 10 سيڪڙو ماڻھو ڳالهائين ٿا، جڏهن تہ پنجابي 60.6 سيڪڙو سنڌي ساڍا 18 سيڪڙو بلوچي 7 سيڪڙو براهوي 4 سيڪڙو سرائڪي 13.9 سيڪڙو ۽ پشتو 26.9 سيڪڙو ماڻھو ڳالهائين ٿا . رپورٽ موجب ملڪ جي 200 ملين (20 ڪروڙ آبادي) 72 صوبائي ۽ علائقائي ٻوليون ڳالهائي ٿي . هن رپورٽ مان ظاهر ٿئي ٿو سنڌي ڳالهائيندڙن جو انگ سال 2001ع جي 14.1 سيڪڙو مان وڌي 2014 ۾ ساڍا 18 سيڪڙو ٿي ويو جيڪو هاڻي اڃان وڌي چُڪو هوندو.

## ڇا اردوءَ ڪانسواءِ ڪم نہ هلندو؟

اردو ٻولي، لاءِ اڪثر اهو چيو وڃي ٿو تہ شهري علائقن ۾ اردوءَ ڪانسواءِ ڪم نٿو هلي ۽ خاص طور روزگار لاءِ تہ اردو لازمي ٿيو پوي، پر حقيقت ۾ ايئن ڪونهي. شهرن ۾ سنڌي، پنجابي، پشتو بلوچي ۽ ٻين ٻوليون ڳالهائيندڙن جي وڏي آبادي رهي ٿي، جيڪي اُها اردو نٿا ڳالهائن جيڪا عربي فارسيءَ گاڏڙ ۽ ڏُکي آهي، بلڪ اردو ٻولي انهن ديسي ماڻهن جي ٻولين سان ملي الڳ شڪليون ۽ لهجا اختيار ڪري وئي آهي. لياريءَ جو بلوچ جيڪا اردو ڳالهائي ٿو اها مختلف آهي تہ لالو کيت جو مهاجر وري اهڙي ٻولي ڳالهائي ٿو جو لڳي ئي نٿو تہ اها سندن مادري ٻولي آهي . ڪنهن سنڌيءَ کي اردو ڳالهائيندي ٻڌبو تہ نہ رُڳو سندس لهجو الڳ هوندو پر ان ۾ سنڌي لفظ بہ شامل هوندا . اهڙو ئي حال پنجابي ۽ پختونن واري اردوءَ جو آهي . تنهنڪري چئي سگهجي ٿو تہ بنيادي طور اردو ڪٿي رابطي جي زبان وارو ڪم ڏئي ٿي، پر ايئن بہ ناهي تہ اردوءَ ڪانسواءِ ڪم نٿو هلي . مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ آبادين ۾ ماڻهو پنهنجي ٻولي ڳالهائڻ کي ترجيح ڏين ٿا ۽ ڪٿي بہ روزگار لاءِ اهو نٿو پڇيو وڃي تہ اردو اچي ٿي يا نہ ؟ عملي طور اهو تاثر مڪمل طور غلط آهي تہ اردو نہ سکڻ سان ماڻھو اڻ پڙهيل ۽ جاهل سڏبو. حقيقت انهيءَ جي اُبتڙ آهي ۽ اها هيءَ آهي تہ برٽش راڄ کان وٺي هتي انگريزي ٻوليءَ جو راڄ آهي ۽ ڪنهن بہ سرڪاري يا خانگي اداري ۾

روزگار لاءِ هر سطح تي انگريزيءَ جو اچڻ لازمي آهي. انهيءَ ڪري اقتداري طبقن جا ماڻهو ظاهر ۾ تہ اردوءَ جي سرپرستي ڪن ٿا، پر پنهنجي ٻارن کي انگريزي تعليم ڏيارين ٿا . اهو ئي ڪارڻ آهي تہ هر طبقي جو ماڻهو پنهنجي ٻارن کي مقابلي ۾ آڻڻ لاءِ انگريزي پڙهائي ٿو ۽ نتيجي ۾ نجي انگريزي ميڊيم اسڪولن جو تعداد ڏينهون ڏينهن وڌندو ئي رهي ٿو.

بهرحال انهيءَ سموري بحث مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ٻولين ۽ سماج جو پاڻ ۾ گهاٽو ڳانڍاپو آهي ۽ ٻولين جا لفظ ۽ لهجا بہ سماج جي جوڙجڪ جي حساب سان ٺهن ٿا . اسان اهو بہ ڏٺو تہ ٻولين جي رٿابنديءَ ۾ بہ سرڪاري سرپرستي نہ هجڻ جي باوجود هر ٻوليءَ جا فرد، دانشور ۽ نجي ادارا وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا . پنهنجي ٻوليءَ کي قوم ۽ ثقافت جي سڃاڻپ سمجهي، اهي طبقا سرگرم رهن ٿا . اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان اندر سنڌي، پنجابي، پشتو بلوچي ۽ سرائڪي ٻولين ۾ ڪنهن حد تائين ڪم ٿيو آهي . ڏٺو وڃي تہ انهن سڀني ٻولين جي ڀيٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي. ٻين صوبن ۾ پنجابي، سرائڪي، پشتو ۽ بلوچي ٻولين جي مارڪيٽ ۾ ڪا گهڻي گهرج محسوس نہ ٿيندي هجي ۽ اهي ماڻهو اردوءَ ذريعي ڪم هلائيندا هجن، پر سنڌ ۾ صورتحال مختلف آهي ۽ هتي سنڌي ٻوليءَ جي مارڪيٽ ۾ گهرج آهي . ٻولين جي حوالي سان اقتصاديات جو اهو ئي "گهرج ۽ رسد" وارو اصول لاڳو ٿئي ٿو.

انهيءَ اُصول جو هڪ مثال هتي ڏجي ٿو :

اديب، شاعر، ليکڪ، ريڊئي ۽ ٽيليويزن جو ميزبان ياسر قاضي چوي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جي اهميت وڌي رهي آهي، جنهن جو مثال ڏيندي هن ٻڌايو تہ اڳي پاڻ کي سنڌيءَ طور تعارف ڪرائيندي لنوائبو هو پر هاڻ سنڌي هجڻ هڪ اضافي لياقت مڃيو وڃي ٿو. ايف ايم ريڊيو 105 تي هاڻي تجارتي ادارا سڄيءَ سنڌ ۾ پنهنجي شين جي مارڪيٽنگ لاءِ سنڌيءَ ۾ اشتهار هلرائڻ کي ترجيح ڏين ٿا، جنهن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ سنڌي مارڪيٽ جي ٻوليءَ طور پاڻ کي مڃائي ورتو آهي. اهڙي طرح گڏيل قومن جي مختلف ادارن بہ ايف ايم ريڊيو تان

سنڌيءَ ۾ پروگرام هلرائڻ شروع ڪيا آهن. هن انهيءَ جو تازو مثال ڏيندي ٻڌايو ته ٻيوابين ڊي پيءَ سنڌ ۾ نشي جي لعنت خلاف مهم لاءِ اردوءَ سان گڏ سنڌيءَ ۾ به پروگرامن کي اسپانسر ڪيو آهي. هن ٻڌايو ته سنڌن حيدرآباد ۽ ميرپور خاص وارين اسٽيشنن تان ٿيهه سيڪڙو ڪمرشل (اشتهار) سنڌيءَ ۾ هلن ٿا، جڏهن ته سنڌ جي باقي شهرن وارين اسٽيشنن تان سئو سيڪڙو اشتهار سنڌيءَ ۾ هلن ٿا، جن ۾ مقامي توڙي ڪارپوريٽ ادارن جا اشتهار به شامل آهن. انهيءَ جو ڪارڻ انهن علائقن ۾ سنڌي آباديءَ جو انگ وڌيڪ هجڻ آهي. ياسر قاضيءَ جي ان ڳالهه مان سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو.

ياسر قاضيءَ آمريڪي ڪائونسل خاني جي سنڌي ويب سائيٽ جو به مثال ڏيندي چيو ته سنڌي عوام تائين پنهنجي ڳالهه پهچائڻ توڙي تيار مال جي مشهوريءَ لاءِ تجارتي ادارن توڙي عالمي ادارن سنڌي ٻوليءَ جي اهميت کي مڃيو آهي. اهڙي طرح آمريڪي ڪائونسل خاني ۾ سنڌي آفيسر رکيا ويا آهن ته جيئن سنڌين سان ويجهو رابطو رکي سگهجي.

## ٻولين بابت عالمي پڌرناما

ٻولي يا ٻولين بابت حق بنيادي انساني ۽ شهري حقن ۾ ڳڻيا وڃن ٿا، جنهن هيٺ هر فرد کي حق حاصل آهي ته ڪهڙي به ٻولي يا ٻوليون نجي زندگيءَ ۾ توڙي عام ماحول ۾ رابطي لاءِ چونڊي ۽ استعمال ڪري. انهن حقن ۾ اهو به شامل آهي ته فرد قانوني، انتظامي ۽ عدالتي معاملن، تعليم ۽ ميڊيا ۾ پنهنجي ٻولي اختيار ڪري جيڪا هو سولائيءَ سان سمجهي سگهندو هجي. بين الاقوامي قانون ٻوليءَ جي حق کي ثقافتي ۽ تعليمي حقن جي وسيع پسمنظر ۾ ڏسي ٿو. ٻوليءَ وارن حقن جي حوالي سان ڪيترائي بين الاقوامي دستاويز آهن، جن ۾ ٻوليءَ وارن حقن جو بين الاقوامي پڌرنامو (1996ع) Universal Declaration of Linguistic Rights، علائقائي ۽ اقليتي ٻولين بابت يورپي چارٽر (1992ع) European Charter for Regional or Minority Languages ۽ ٻيا شامل آهن. ان ڪانسواءِ ٻارن جي حقن بابت

گڏيل قومن جي ڪنوينشن (1989ع) Convention on the Rights of Child، قومي اقليتن جي تحفظ لاءِ فريم ورڪ ڪنوينشن Framework Convention for the Protection of National Minorities (1988) ۽ سِول ۽ سياسي حقن بابت بين الاقوامي پڌرنامي International Covenant on Civil and Political Rights (1966) ۾ بہ فردن جي ٻوليءَ وارن حقن کي واضح ڪيو ويو آهي.

پر ٻوليءَ بابت حقن جي تاريخ اجهان بہ پراڻي آهي، تاريخ جي وهڪري ۾ ٻوليءَ واري حق جو تصور تڏهن اُڀريو جڏهن محسوس ڪيو ويو تہ ٻولي ڪنهن بہ قوم جي سڃاڻپ هوندي آهي. يورپ جي تاريخ ۾ اهڙيون پاليسيون ۽ قانون پراڻي زماني کان لاڳو ٿيندا رهيا آهن، پر اڪثر ايئن ٿيندو رهيو تہ ڪن ٻولين کي اهميت ڏني ٻين ٻولين ۽ لهجن کي نظرانداز ڪيو ويو. ويهين صديءَ ڌاري نيٺ ٻوليءَ جي حقن کي سياست ۽ عالمي ناهن ۾ سرڪاري طور جاءِ ملڻ لڳي. پهريون ڀيرو ٻوليءَ جي حقن کي بنيادي انساني حق جي حيثيت ڏني 1948ع ۾ انساني حقن واري عالمي پڌرنامي Universal Declaration of Human Rights ۾ شامل ڪيو ويو.

ٻوليءَ وارن حقن لاءِ ڪوشش ۽ ناهن جي تاريخ کي پنج مرحلن ۾ ورهايو ويو آهي. هڪ مرحلو يا دور 1815ع کان اڳ جو آهي، جڏهن ٻوليءَ وارن حقن کي، ڪن ڌرين وچ ۾ ٻطرفن ناهن ۾ تہ شامل ڪيو ويندو هو پر اهي عالمي ناهن جو حصو نہ ٿي سگهيا. ٻيو دور 1815ع وارو آهي، جڏهن نيپولين جي بادشاهت ختم ٿيڻ تي يورپ جي ست مکيہ قوتن ويانا ڪانگريس وارو ناهہ ڪيو جنهن ۾ پولينڊ جي عوام کي جرمن ٻوليءَ سان گڏوگڏ سندن پنهنجي ٻولي سرڪاري ڪار وهنوار لاءِ استعمال ڪرڻ جو حق ڏنو ويو. انهيءَ کان پوءِ 1867ع ۾ آسٽريا جي آئين ۾ نسلي اقليتن کي حق ڏنو ويو تہ اهي پنهنجي قوميت ۽ ٻوليءَ کي ترقي وٺرائين. ٽيون مرحلو پهرين مهاڀاري جنگ ۽ ٻي مهاڀاري جنگ جي وچ وارو آهي، جڏهن لِيگ آف نيشنس

League of Nations تحت امن وارا ناهہ ڪرڻ سان گڏ ڪي مکيہ عالمي ڪنوينشن عمل ۾ آندا ويا. جن ۾ مرڪزي ۽ اُڀرندي يورپ ۾ اقليتن کي تحفظ ڏيندي کين پنهنجي ٻولي خانگي طور استعمال ڪرڻ جو حق ڏنو ويو. ان حق هيٺ اهي اقليتي قومون پرائمري تعليم بہ پنهنجي ٻوليءَ ۾ حاصل ڪري ٿي سگهيون. ڪيترن ئي ملڪن ان تي عمل ڪيو پر تڏهن بہ ڪي اهڙا ملڪ هئا جن انهن ڪنوينشنن تي صحيح ڪرڻ جي باوجود پنهنجي سرحدن اندر اقليتن کي اهو حق نہ ڏنو جن ۾ انگلينڊ، فرانس ۽ آمريڪا شامل هئا . انهن ناهن ۾ حق ڏنو ويو هو تہ ٻوليءَ جو حق نہ ملڻ تي لِيگ آف نيشنس ۽ انصاف جي عالمي عدالت وٽ شڪايت ڪري سگهجي ٿي . چوٿين دور ۾، جيڪو 1945ع کان 1970ع تائين آهي، انساني حقن جي تحفظ لاءِ گڏيل قومن واري اداري ۾ بين الاقوامي قانونسازيءَ جو ڪم ڪنيو ويو جنهن جو مقصد هو تہ پيڙهيل طبقن جي فردن کي توڙي انهن لاءِ اجتماعي طور حقن جي تحفظ جي پڪ ڪئي وڃي . پنجين دور ۾ اُٺويهہ سئو ستر واري ڏهاڪي کان اقليتي قومن جي ٻولي ۽ ٻين حقن جي تحفظ لاءِ نئين سر دلچسپي ڏيکاري وئي . انهيءَ ڏس ۾ قومي يا نسلي، مذهبي ۽ ٻوليءَ وارين اقليتن جي فردن جي حقن بابت گڏيل قومن جي پڏرنامي UN Declaration on the Rights of Persons belonging to National or Ethnic, Religious and Linguistic Minorities جو حوالو ڏئي سگهجي ٿو. اهڙي طرح انساني حقن وارو عالمي پڏرنامو Universal Declaration of Human Rights فردن کي ٻوليءَ جا حق ڏئي ٿو جنهن ۾ هيٺيون ڳالهيون موجود آهن :

آرٽيڪل 2 : ڪنهن بہ ٻوليءَ جي متيپد کانسواءِ هر ماڻهو انساني حقن جو مستحق آهي .

آرٽيڪل 10 : هر فرد کي منصفاڻي شنوائيءَ جو حق حاصل آهي، جنهن مطابق عدالت ۾ ڪيس جي شنوائيءَ لاءِ ڪيس سموري ڪارروائي سندس

پنهنجي ٻولي يا ٻي ڪا چونڊيل ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري ٻڌائڻ جي سهولت ڏني ويندي ته جيئن هو عدالتي ڪارروائي سمجهي سگهي. ڪيس عدالتي دستاويز به ترجمو ڪرائڻ جو حق هوندو.

آرٽيڪل 19 : هر فرد کي اظهار جي آزاديءَ جو حق حاصل آهي، جنهن ۾ ڪيس اهو به حق آهي ته هو ڪنهن به ٻوليءَ ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري.

آرٽيڪل 26 : هر فرد کي تعليم جو حق آهي ۽ اهو به ته هو جنهن به ٻوليءَ ۾ چاهي تعليم حاصل ڪري سگهي ٿو.

موجوده عالمي انساني حقن وارا قانون هر فرد کي حق ڏين ٿا ته اهي پنهنجي خانگي ۽ ذاتي زندگيءَ ۾ پنهنجي ڪٽنب توڙي برادريءَ جي ماڻهن سان پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهائي پوءِ ڀلي اها ٻولي سرڪاري اختيارين وٽ مڃيل هجي يا نه. سرڪار يا ڪنهن به ٻي اختياريءَ کي انهيءَ ۾ مداخلت ڪرڻ جو ڪو اختيار ناهي. اهڙي طرح جيئن مٿي آرٽيڪل 10 جو حوالو ڏنو ويو آهي، هر فرد کي منصفاڻي شنوائيءَ جو حق ڏيندي عدالتن ۾ سندن ٻوليءَ ۾ ڪارروائي هلائڻي آهي، يا انهن لاءِ مترجم جو انتظام ڪرڻو آهي. ڪين تعليم به پنهنجي ٻوليءَ ۾ حاصل ڪرڻ جو حق آهي، پر انهيءَ ڪانسواءِ سرڪاري ڪامورن لاءِ به لازمي آهي ته اهي اقليتي برادرين سان ڳالهائڻ مهل سندن ئي ٻولي استعمال ڪن.

سال 1966ع ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ ۾ بحال ڪيل انٽرنيشنل ڪوننٽ آن سِول اينڊ پوليٽيڪل رائيٽس The International Covenant on Civil and Political Rights جي آرٽيڪل 26 ۾ پڻ هر فرد جو ٻوليءَ جي بنياد تي متيپيد جي خلاف تحفظ ڪرڻ جو وعدو ڪيو ويو آهي. آرٽيڪل 27 به چوي ٿو ته اقليتن کان سندن ٻوليءَ جو حق نه کسيو ويندو. اهڙي طرح ڪوننٽ اگينسٽ ڊسڪريمينيشن اِن ايڊيوڪيشن The Covenant against Discrimination in Education جو آرٽيڪل 5 واضح طور چوي ٿو ته اقليتن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو

حق آهي. ڪنهن قوم، نسل، مذهبي ۽ ٻوليءَ واري اقليت جي فردن جي حقن بابت گڏيل قومن جي پڌرنامي (1992ع) جي آرٽيڪل 4 ۾ به پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ تعليم جو حق ڏنو ويو آهي.

اهڙي طرح ٻوليءَ جي حوالي سان اجتماعي حق به حاصل آهن. ڪنهن به برادري يا هڪ مخصوص ٻولي ڳالهائيندڙن جي گروهه توڙي هڪ رياست اندر رهندڙ يا ڪنهن به جاگرافيائي علائقي اندر رهندڙ ماڻهن کي حق حاصل آهي ته اهي پنهنجي ٻوليءَ جي بچاءُ ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوششون وٺن ۽ ان ٻوليءَ کي پنهنجي نئين نسل يا ايندڙ نسلن تائين پهچائين.

سال 1996ع ۾ 6 جُون تي نيٺ ٻوليءَ وارن حقن جي حوالي سان الڳ پڌرنامو جاري ٿيو جنهن کي "ٻوليءَ وارن حقن جو عالمي پڌرنامو" Universal Declaration of Linguistic Rights سڏجي ٿو. اهو پڌرنامو بارسلونا پڌرنامي Barcelona Declaration جي نالي سان به مشهور آهي ڇو ته پڌرنامو اسپين جي شهر بارسلونا ۾ جاري ڪيو ويو هو. گڏيل قومن جي اداري يونيسڪو UNESCO جي سرپرستيءَ هيٺ پنجاهه ماهرن جي ڪاميٽيءَ پڌرنامو تيار ڪيو هو جنهن تي 90 ملڪن جي 220 نمائندن صحيحون ڪيون هيون. صحيحون ڪندڙن ۾ غيرسرڪاري تنظيمن ۽ عالمي اديبن ۽ دانشورن جي تنظيمن جا نمائندا به شامل هئا. بين الثقافتي رابطي جي ترقيءَ واري عالمي ائسوسيئيشن The International Association for the Development of Intercultural Communication جي ٻارهين سيمينار ۾ ڪيل مطالبي ۽ جديد ٻولين جي ٽيچرس واري عالمي فيڊريشن International Federation of Modern Language Teachers جي جنرل اسيمبليءَ جي پڌرنامي جي نتيجي ۾ بارسلونا پڌرنامو جاري ڪيو ويو هو جنهن ۾ ٻوليءَ وارن اجتماعي حقن توڙي پناهگير اقليتي ماڻهن جي ٻولين جي حقن کي به مڃيو ويو.

انهيءَ پڌرنامي جي تجويز سڀ کان پهريائين 1984ع ۾ برازيل جي فرانسسڪو گوميز ڊي ماتوس Francisco Gomes de Matos ماڊرن

لينگويج ٽيچرس واري فيڊريشن کي ڏني هئي، ان کان پوءِ 1987ع ۾ بين الثقافتي رابطي جي ترقيءَ واري عالمي تنظيم پنهنجي ٻارهين سيمينار ۾ اهڙو مطالبو ڪيو جيڪو پڻ برازيل ۾ ئي ڪوٺايو ويو هو. سيمينار هڪ ابتدائي پڌرنامو تيار ڪري ان ۾ ٻوليءَ بابت حقن جي بنيادي ڳالهين کي اُجاگر ڪيو هو. پڌرنامي ۾ زور ڀريو ويو هو ته ٻولين جي حيثيتن ۾ سياسي ۽ جاگرافيائي فرقن جي باوجود انهن کي برابر جو درجو ڏنو وڃي، جنهن سان مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهن ۽ خاص طور انهن ماڻهن جي حقن کي تحفظ ملندو جيڪي پنهنجي ديس جي جاگرافيائي حدن ۾ نٿا رهن. ان حساب سان ٻولين وارو عالمي پڌرنامو سرڪاري حيثيت رکندڙ غير سرڪاري، اڪثريتي، مقامي، علائقائي توڙي اقليتي ٻولين وچ ۾ ڪوبه فرق نٿو رکي.

هن عالمي دستاويز جي مهاڳ ۾ ڇهه ڪارڻ ڄاڻايا ويا آهن، جن جي ڪري ٻولين بابت حقن لاءِ اهو پڌرنامو جاري ڪيو ويو. پڌرنامي جي آرٽيڪل 1 کان 6 ۾ ٻولين وارن حقن جي نظرئي کي واضح ڪيو ويو آهي، جڏهن ته آرٽيڪل 7 کان 14 تائين عام اصول ڄاڻايل آهن، جن ۾ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ برادرين ۽ فردن لاءِ برابر حقن تي زور ڀريو ويو آهي. آرٽيڪل 15 کان 22 انتظامي ڪاتن ۽ بين سرڪاري ادارن ۾ ٻوليءَ جي استعمال بابت آهن ۽ آرٽيڪل 23 کان 30 تعليمي شعبن ۾ ٻوليءَ جي حوالي سان آهن. اهڙي طرح آرٽيڪل 31 کان 34 نالا رکڻ جي حوالي سان آهن، جڏهن ته آرٽيڪل 35 کان 40 ميڊيا توڙي نئين ٽيڪنالاجيءَ ۾ ٻولين جي استعمال جي حق لاءِ زور ڀريل آهي. آرٽيڪل 41 کان 46 ثقافتي حوالي سان آهن ۽ پڇاڙيءَ ۾ آرٽيڪل 47 کان 52 سماجي اقتصادي شعبن ۾ فردن يا گروهن کي سندن پنهنجي ٻوليءَ جي استعمال واري حق بابت آهن. پڌرنامي جي پهرين آرٽيڪل يا شِق ۾ ئي ٻوليءَ جو حق هن ريت واضح ڪيو ويو آهي :

"هيءَ پڌرنامو سمجهي ٿو ته ڪا به ٻولي ڳالهائيندڙ جاتي اهڙو انساني سماج آهي، جيڪو تاريخي طور ڪنهن جاگرافيائي سرحدن اندر قائم

آهي، پوءِ ڀلي اهي سرحدون مڃيل هجن يا نہ. پر اها جاتي ڀاڻ ڪي هڪ ايڪو سمجهي ٿي ۽ پنهنجي الڳ ۽ گڏيل ٻولي اٿس، جنهن کي اها پنهنجي ماڻهن وچ ۾ رابطي جو قدرتي ذريعو سمجهي ٿي . ڪنهن بہ علائقي جي ٻوليءَ جو مطلب انهن سرحدن اندر تاريخي طور قائم جاتي جي ٻولي آهي."

حيرانيءَ جي ڳالهہ هئي تہ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ انهيءَ پڌرنامي کي منظور نہ ڪيو ۽ ساڳي طرح 1998ع ۾ پڌرنامي جو مسودو ڇپجڻ ۽ عالمي اڳواڻن پاران ان جي حمايت ۾ لکيل خطن جي باوجود يونيسڪو بہ ان کي منظور نہ ڪيو . انٽرنيشنل پين International Pen ۽ ٻيون عالمي تنظيمون ڪوششون ڪنديون رهيون تہ ٻولين جي حقن واري پڌرنامي کي گڏيل قومن ۾ منظور ڪيو وڃي . ميڪسيڪو بوليويا، چلي، آرمينيا ۽ نائجيريا توڙي عالمي اڳواڻن نيلسن منڊيلا، نوم چومسڪي، دلائي لاما، ڊاڪٽر ڊيسمنڊ ٽوٽو شمعون پيريز ۽ ٻين بہ پڌرنامي جي حمايت ڪئي، پر دنيا جا ڪيترائي ملڪ ان پڌرنامي جا مخالف آهن. مئي 2011ع ۾ پڌرنامي جي پندرهين سالگرهہ تي گِيرونا ۾ ڪوٺايل اجلاس ۾ انٽرنيشنل پين وري "گيرونا منشور" جي نالي سان مشهور دستاويز تيار ڪيو جنهن کي ساڳئي سال سيپٽيمبر ۾ انٽرنيشنل پين جي جنرل اسيمبليءَ ۾ بحال ڪيو ويو هو. اهو منشور هيل تائين دنيا جي 32 ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي . منشور ۾ هيٺيان نقطا شامل آهن :

1. ٻولين جي گهڻائي عالمي ورثو آهي، جنهن جو قدر ۽ تحفظ ڪرڻ گهرجي،

2. سمورين ٻولين ۽ ثقافتن جو احترام دنيا ۾ ڳالهين ذريعي مسئلا نبيرڻ ۽ امن قائم رکڻ لاءِ بنيادي حيثيت رکي ٿو.

3. سمورا فرد پنهنجي جاتيءَ جي ٻولي سکن، جنهن سان کين حياتي، ثقافت ۽ سڃاڻپ ملي ٿي .

4. مختلف ٻولين ۾ انهن کي ڳالهائڻ جا مختلف طريقا نه رُڳو رابطي جا ذريعا آهن، پر اهي اهڙو قدرتي سماجي ماحول آهن جن ۾ انساني واڌ ويجهه ۽ ثقافتن جي اڏاوت ٿئي ٿي.
5. ڪابه ٻولي ڳالهائيندڙ ڪنهن به جاتي کي حق حاصل آهي ته اها پنهنجي علائقي ۾ پنهنجي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت ڏئي استعمال ڪري.
6. اسڪولن ۾ انهيءَ علائقي ۾ جاتي جي ٻوليءَ جو وقار بحال رکيو وڃي.
7. سمورن شهرين کي گهرجي ته اهي مختلف ٻولين جي عام ڄاڻ رکن ڇو ته انهيءَ سان کين نه رُڳو پنهنجي ٻوليءَ بابت به ڳُوڙهي معلومات ملندي، پر سندن روشن خيالي، ڏاهپ ۽ ٻين کي سمجهڻ ۾ به مدد ملندي.
8. مختلف ثقافتن جي مواد ۾ خاص طور مشهور ادب جا ترجما انسانن وچ ۾ احترام ۽ هڪٻئي کي سمجهڻ واري عمل کي وڌائڻ لاءِ لازمي آهن.
9. ميڊيا اهڙو آواز آهي، جيڪو مختلف ٻولين جي ادب ۽ ثقافت کي اُجاگر ڪري سگهي ٿو.
10. گڏيل قومن کي گهرجي ته هر ماڻهوءَ جي پنهنجي ٻولي استعمال ڪرڻ ۽ ان کي تحفظ ڏيڻ واري حق کي بنيادي انساني حق طور تسليم ڪري.

انهن ڪوششن هلندي نيٺ گڏيل قومن جي تعليم، سائنس ۽ ثقافت واري اداري يونيسڪو نومبر 1999ع ۾ جنرل ڪائونسل ۾ هر سال مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن ملهائڻ جو اعلان ڪيو. اهڙي طرح فبروري 2000ع کان هر سال مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن ملهايو پيو وڃي. سال 2007ع جي 16 مئي تي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ به هڪ ٺهراءَ ذريعي ميمبر ملڪن کي سڏ ڏنو ته اهي دنيا جي سمورن ماڻهن جي ٻولين جي ترقي ۽ تحفظ لاءِ ڪم ڪن. ساڳئي ٺهراءَ ذريعي جنرل اسيمبليءَ 2008ع کي ٻولين جو عالمي سال ڪري ملهائڻ جو اعلان ڪيو هو ته جيئن گهڻ ٻولي ۽ گهڻ ثقافتي ماحول سان عالمي مفاهمت ۽ هم آهنگيءَ کي وڌائي سگهجي.

ساليانو عالمي ڏينهن ملهائڻ لاءِ 21 فيبروريءَ جي تاريخ انهيءَ ڪري مقرر ڪئي وئي، جو 1952ع ۾ انهيءَ ڏينهن تي ڍاڪا يونيورسٽي، جگن ناٿ يونيورسٽي ۽ ڍاڪا ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردن اڳوڻي اوڀر پاڪستان ۾

بنگالي ٻوليءَ کي بہ قومي ٻولي مڃائڻ لاءِ مظاهرا ڪيا هئا. جنهن ۾ پوليس جي فائرنگ ۾ شاگرد بہ شهيد ٿي ويا هئا . يونيسڪو هر سال مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن تي نئون موضوع چونڊيندي آهي . سال 2015ع لاءِ موضوع هو مادري ٻولين کي تعليم جو ذريعو بنائڻ . اهڙي طرح سال 2014ع لاءِ موضوع هو "عالمي شهريت لاءِ ديسي ٻولين جي ترقي" جڏهن تہ 2013ع ۾ مادري ٻولين ۾ ڪتابن جي ڇپائيءَ تي زور ڀريو ويو. مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن پاڪستان سميت ڪيترن ئي ملڪن ۾ ملهايو ويجي ٿو.

ڪنهن بہ قوم يا جاتي يا فردن جي مادري ٻوليءَ سان انهيءَ جي ڳالهائيندڙن جي جذباتي ۽ روحاني لڳاءَ جو اندازو آئسلينڊڪ (آئسلينڊ جي ٻولي) نيشنل ڪميشن فار يونيسڪو جي چيئرمن سِوين ائنارسن Sveinn Einarsson جي هڪ تقرير جي هن حصي مان ڪري سگهجي ٿو : "گذريل صديءَ جي آخر ڏاري اسان کي ڊينمارڪ کان آزاديءَ واري جدوجهد جي آخري مرحلي ۾ ڪاميابيءَ جا آثار نظر آيا . ان جدوجهد ۾ اسان جو سڀ کان طاقتور هٿيار ۽ حقيقت ۾ اڪيلو هٿيار هو اسان جي ٻولي، اسان جي تاريخ، اسان جي ثقافت ۽ اسان جي قومي سڃاڻپ . آزاديءَ جي اها جنگ اسان ٻوليءَ جي آڌار ۽ انهيءَ جي پيدا ڪيل تخليقي توتن ذريعي وڙهي . اسان کي هر شعبي ۾ ڪاميابي نظر اچي رهي هئي، جنهن ۾ زراعت، ماهيگيري، سائنس، تعليم، ثقافت ۽ تخليقي فن ۽ هنر توڙي تيڪنالاجيءَ جا شعبا شامل آهن، جنهن سان اسان انسانذات جي خدمت ڪري ٿي سگهيا سين. ترقيءَ جا در اسان جي لاءِ کليل هئا."

## پاڪستان جو آئين ۽ ديسي ٻوليون

پاڪستان جي 1973ع واري آئين جي آرٽيڪل 251 ۾ ٻولين جي حوالي سان هن ريت فرمايو ويو آهي :

1. پاڪستان جي قومي ٻولي اردو آهي، ۽ انهيءَ جي سرڪاري ۽ ٻين مقصدن لاءِ استعمال خاطر پندرهن سالن اندر انتظام ڪيا ويندا .

2. شق نمبر 1 سان مشروط انگريزي ٻوليءَ کي ايستائين سرڪاري مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ويندو جيستائين اردوءَ کي ان جي جاءِ سنڀالڻ لاءِ جوڳا انتظام ڪيا وڃن.

3. قومي ٻوليءَ جي حيثيت کي برقرار رکندي، صوبائي اسيمبلي قانونسازيءَ ذريعي اهڙا اُپاءَ وٺي سگهي ٿي تہ جيئن قومي ٻوليءَ سان گڏ صوبائي ٻوليءَ جي ترقي، تعليم توڙي صوبائي ٻوليءَ طور انهيءَ جي استعمال کي رائج ڪري سگهجي.

آئين جي آرٽيڪل 251 جي شق نمبر 3 صوبائي حڪومتن کي اختيار ڏئي ٿي تہ اهي پنهنجي ٻوليءَ کي صوبائي ٻوليءَ جو درجو ڏئي ان کي رائج ڪري سگهن ٿيون، پر سنڌ کانسواءِ ٻئي ڪنهن بہ صوبي پنهنجي ٻوليءَ جي حوالي سان اهڙي ڪوشش نہ ڪئي. ان کان اڳ سنڌ حڪومت 1972ع ۾ صوبائي اسيمبليءَ مان سنڌي ٻوليءَ کي صوبي جي سرڪاري زبان جو درجو ڏيڻ وارو بل پاس ڪيو هو جنهن تي خوني فساد ڪرايا ويا هئا. انهيءَ قانون هيٺ سنڌي ٻولي اسڪولن ۾ پڙهائڻ لازمي ڪيو ويو هو. سنڌي ٻولي بل جي مخالفت جي حوالي سان هن ڪتاب جي پهرين بابن ۾ ذڪر ڪيل آهي.

سنڌ جا قومپرست، اديب ۽ دانشور شروع کان گهُر ڪندا رهيا آهن تہ سنڌي توڙي ملڪ جي ٻين ٻولين کي بہ قومي ٻولين جو درجو ڏنو وڃي، پر سدائين انهن مطالبن کي نظرانداز ڪيو ويو. انهيءَ جي اُبتڙ انڊيا ۾ ويهن کان وڌيڪ ٻوليون سرڪاري طور مڃيل ٻولين جو درجو رکن ٿيون، جن ۾ سنڌي ٻولي بہ شامل آهي، جيتوڻيڪ انڊيا جي ڪُل آباديءَ ۾ سنڌين جو تعداد بہ اڍائي سيڪڙو مس آهي.

پاڪستان مسلم ليگ (نواز شريف) جي حڪومت ۾ قومي اسيمبليءَ جي اطلاعات، نشريات ۽ قومي ورثي واري اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ ۾ ديسي مادري ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏيڻ وارو سوال کنيو ويو. مسلم ليگ (ن) جي صدر ۽ وزيراعظم نواز شريف 2013ع وارين عام چونڊن لاءِ پارٽيءَ جي جاري

ڪيل منشور ۾ ملڪ جي عوام سان وعدو ڪيو هو تہ ديسي ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏنو ويندو. اهو واعدو سياسي قسم جو ثلهو واعدو ئي ثابت ٿيو جوتہ وڏي متاخوريءَ کان پوءِ قومي ٻولين وارو تيار ڪيل بل قومي اسيمبليءَ ۾ پيش ٿيڻ کان اڳ ئي قانون ۽ انصاف واري اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ رد ڪيو ويو. بهر حال انهيءَ ڏس ۾ اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ جي چيئرپرسن محترمہ ماروي ميمڻ جي صدارت هيٺ 13 مارچ 2014ع تي پارليامينٽ هائوس اسلام آباد جي ڪاميٽي روم نمبر 7 ۾ هڪ گڏجاڻي ٿي هئي، جنهن ۾ ملڪ اندر ڳالهائجندڙ مادري ٻولين جي تاريخ جي روشنيءَ ۾ غور ويچار ڪرڻ ۽ قومي ٻولي ڪميشن قائم ڪرڻ لاءِ تجويزون تيار ڪرڻ واري ايجنڊا شامل هئي. اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن ۾ ڊاڪٽر محمد اظهر خان جدون، مراد سعيد، محمد طلال چوڌري، ميان محمد فاروق، محترمہ غلام بيبي پروانہ وسيم اختر شيخ، طاهر اقبال چوڌري، سيد امير علي شاهہ جاموٽ، محترمہ زيب جعفر، محترمہ پروين مسعود ڀٽي، محترمہ نعيمہ ڪشور خان، محترمہ ثمن سلطانہ جعفري، محترمہ ليلا خان، محترمہ عارفا خالد پروين محترمہ مريم اورنگزيب، محترمہ ٻيلم حسنين ۽ عمران ظفر لغاري شامل هئا. انهيءَ ڪانسواءِ سڄي ملڪ مان 35 کن ٻولين جا ماهر، دانشور ۽ اديب بہ خاص طور دعوت ڏئي گهرايا ويا هئا، جن مادري ٻولين جي تاريخ، ڪين قومي ٻوليءَ وارو درجو ڏيڻ جي اهميت، انهيءَ قدم سان صوبن ۽ عوام جي مختلف طبقن وچ ۾ هم آهنگي پيدا ٿيڻ ۽ ٻين نقطن تي ڳالهايو. سنڌ مان سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سيڪريٽري ڊاڪٽر مشتاق ڦُل بہ شرڪت ڪئي هئي. اديبن، دانشورن ۽ ماهرن بلوچي، بلتي، کووار برشاسڪي، براهوي، هندڪو ڪشميري، پهاڙي، پشتو پنجابي، سرائڪي، شينا ۽ سنڌيءَ کي قومي ٻولين جو درجو ڏيڻ لاءِ زور ڀريو هو. هنن قومي ٻولي ۽ سرڪاري ٻوليءَ جي تشريحن بابت مونجهارن جي بہ وضاحت ڪئي هئي تہ قومي ٻولي ان کي چئجي ٿو جيڪا

عوام جي مادري زبان هجي ۽ سياسي، سماجي ۽ ثقافتي حيثيت رکندي هجي. ڪنهن به ملڪ ۾ اڪثر ڪري هڪ کان وڌيڪ ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن ۽ انهن جي حيثيت قومي ٻوليءَ جي هوندي آهي. اهڙي طرح سرڪاري ٻولي ان کي سڏجي ٿو جيڪا حڪومتي ڪم ڪار ۾ استعمال ٿيندي هجي. سرڪاري ٻولي هڪ يا وڌ ۾ وڌ ٻه هونديون آهن. انهيءَ حساب سان قومي ٻوليون هڪ قومي اُهڃاڻ آهن ۽ سرڪاري ٻولي عملي حيثيت رکي ٿي. گڏجاڻيءَ ۾ ٻولين ۽ لهجن Dialect جي وچ ۾ فرق کي به واضح ڪيو ويو.

گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ سمورا اديب، دانشور، ٻولين ۽ تعليم جا ماهر توڙي اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ جا ميمبر ان ڳالهه تي متفق هئا ته قومي هم آهنگيءَ لاءِ قومي ٻولين جي وڏي اهميت آهي. ڪاميٽيءَ جي ميمبرن مڃيو ته ٻولي عوام جي وچ ۾ رابطي جو مکيه ذريعو آهي ۽ اها مختلف طبقن ۽ سماجن جي ماڻهن کي هڪٻئي جي ويجهو آڻي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو ترقي يافته ملڪن سندن مادري ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏنو آهي، جنهن سان انهن ملڪن جي عوام وچ ۾ اختلافن گهٽائڻ ۾ مدد ملي آهي. ڪميٽيءَ کي دنيا جي مختلف ملڪن جا مثال ڏئي ٻڌايو ويو ته هڪ کان وڌيڪ قومي ٻوليون ٿي سگهن ٿيون. مثال طور چين ۾ 9 قومي ٻوليون آهن، ڀارت ۾ 22 سرڪاري ٻوليون آهن، بيلجم ۾ 3، نميبيا ۾ 11، سنگاپور ۾ 4، ڏکڻ آفريڪا ۾ 13، اسپين ۾ 5 ۽ سئٽزرلينڊ ۾ 4 قومي ٻوليون آهن، جنهن سان سندن قومي ايڪو سگهارو ٿيو آهي.

گڏجاڻيءَ ۾ ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ويو ته ملڪ جو عوام هڪٻئي سان سندن پنهنجين ٻولين ۾ ڳالهائيندو ته انهن جي وچ ۾ بهتر مفاهمت وارو ماحول پيدا ٿيندو. پاڪستاني سماج قديم ٻولين جو گهر آهي، پر بدقسمتيءَ سان ملڪ جي ٺهڻ کان وٺي انهن ٻولين جي مڃتا ۽ ترقيءَ بدران انهن جي تاريخي حيثيت کان ئي انڪار ڪيو ويو. تنهنڪري هاڻي انهيءَ

ڳالهه جي شديد ضرورت آهي تہ هتان جي مادري ٻولين کي قومي ٻولين طور مڃتا ڏئي قومي تعمير جي راهه تي هلجي.
اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ ان وقت جي وزير اعظم نواز شريف جي ڏنل منشور مطابق "قومي ٻولين واري ڪميشن" جوڙڻ لاءِ ورڪنگ پيپر تي بہ بحث ڪيو. منشور ۾ واضح طور چيل هو تہ : "پاڪستان ۾ ڪيترن ئي مادري ٻوليون آهن، پر فقط هڪ اردوءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو مليل آهي ۽ انگريزي سرڪاري ٻوليءَ طور استعمال ٿئي ٿي. ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ سمورين مکيہ مادري ٻولين کي قومي ٻولين جي حيثيت حاصل آهي. مسلم ليگ (ن) جي حڪومت قومي ٻولين واري ڪميشن جوڙيندي تہ جيئن هتان جي سمورين مکيہ مادري ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏيڻ لاءِ طريقو تيار ڪري." ورڪنگ پيپر ۾ ڄاڻايو ويو تہ وزير اعظم جي سوچ ۽ خيالن مطابق قومي ٻولين واري ڪميشن ملڪ جي مادري ٻولين جي تحفظ ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم ڪندي، جنهن جي نتيجي ۾ قومي تعمير، تعليم ۽ ملڪ جي پيداواري صلاحيتن ۾ واڌارو ٿيندو. ساڳئي وقت ان سان صوبن وچ ۾ هم آهنگي پيدا ٿيڻ سان گڏ ماڻهن ۾ پنهنجي مادري زبان ذريعي علم حاصل ڪرڻ ۾ سولائي بہ ٿيندي . ورڪنگ پيپر مطابق ڪميشن جي ذميواري هوندي تہ ايياس ۽ تحقيق جو عمل شروع ڪري، سائنسي بنيادن تي مادري ٻولين جي لاءِ رٿابندي ۽ پاليسيون تيار ڪري.
اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ هڪ نمراءِ بہ اتفاق راءِ سان بحال ڪيو جنهن ۾ مُکيہ مادري ٻولين جهڙوڪ بلوچي، بلتي، برشاسڪي، براهوي، هندڪو کووار، ڪشميري، پهاڙي، پشتو پنجابي، سرائيڪي، شينا ۽ سنڌيءَ جي اهميت کي ساراهيندي، انهن کي قومي ٻولين جو درجو ڏيڻ جو عزم ڪيو ويو . ڪاميٽيءَ واضح ڪيو تہ پاڪستان ۾ شاهوڪار مادري ٻولين جي قتلِ عام جي اجازت نہ ڏني ويندي . "اسان سمجهون ٿا تہ سموريون مادري ٻوليون ڪنهن هڪ علائقي سان نہ پر سڄي پاڪستان سان تعلق رکن ٿيون ۽

اسان ان ڳالھہ سان اتفاق ڪريون ٿا تہ سمورين مادري ٻولين جون پاڙون پاڪستان جي ڌرتيءَ ۾ کُتل آهن. تنهنڪري اُهي قومي ٻولين جو درجو لهڻن . انهن ٻولين جي ترقي ۽ انهن کي قومي ٻولين جو درجو ڏيڻ سان تعصب ۽ محروميءَ جا احساس ختم ٿيندا ۽ صوبن وچ ۾ هم آهنگي پيدا ٿيندي" نمراءَ ۾ اهڙن خيالن جو اظهار ڪندي قومي ٻولين بابت ڪميشن ٺاهڻ جي حمايت ڪئي وئي تہ جيئن اها بين الاقوامي طريقيڪار مطابق فيصلو ڪري تہ ڪهڙين مادري ٻولين کي قومي درجو ڏنو وڃي . اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ نمراءَ ۾ عزم ڪيو تہ خطري هيٺ آيل مادري ٻولين جو نيشنل لينگئيج ڪميشن جي ذريعي تحفظ ڪيو ويندو.

اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ نيشنل لينگئيج ڪميشن ٺاهڻ جي حوالي سان 29 صفحن جي رپورٽ تيار ڪئي. جنهن ۾ پاڪستان مسلم ليگ (ن) جو ٻولين بابت منشور جو حصو اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ جي گڏجاڻين ۾ ٿيل غور ويچار جا تفصيل، قومي ۽ سرڪاري ٻولين وچ ۾ فرق ۽ ان جي وصف، ٻولي ۽ لهجي جي وصف، تجويز ڪيل تيرهن ٻولين مان هرهڪ جي مختصر تاريخ، نيشنل لينگئيج ڪميشن جون ذميواريون، ان جي تشڪيل، ٻولين بابت ملڪي آئين جون شقون، مادري ٻولين کي قومي ٻوليون بڻائڻ ڪرڻ جا مقصد ۽ سفارشون شامل ڪيون ويون .

اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ پنهنجي تفصيلي رپورٽ سان گڏ جڏهن قومي ٻولين وارو بل قومي اسيمبليءَ جي قانون ۽ انصاف واري اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ کي جائزي لاءِ موڪليو تہ جيئن ان کان پوءِ منظوريءَ لاءِ قومي اسيمبليءَ ۾ پيش ڪري سگهجي 16 جولاءِ 2014ع تي بشير ورڪ جي سربراهيءَ ۾ قائم قانون ۽ انصاف واري اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ ان تجويز ڪيل بل کي رد ڪري ڇڏيو . بل جي مخالفت ۾ ڪاميٽيءَ جي ڇهن ميمبرن ووٽ ڏنو جڏهن تہ فقط هڪ پي ايم ايل (ن) جي ديرا غازي خان مان چونڊيل ميمبر بل جي حمايت ڪئي . گڏجاڻيءَ ۾ محترمہ ماروي ميمڻ فقط بل پيش ڪرڻ لاءِ

شريڪ ٿي هئي ۽ ڪيس ووٽ جو حق ڪونہ هو. حيرت جي ڳالھ آهي تہ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ميمبر اياز سومري سندس شروعاتي جملن ۾ اڻسڌي طرح بل جي حمايت ڪندي گهُر ڪئي هئي تہ سنڌيءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي، پر پوءِ هن بل جي مخالفت ۾ ووٽ ڏنو. مولانا فضل الرحمان جي جميعت علماءِ اسلام ۽ عمران خان جي پاڪستان تحريڪِ انصاف جي نمائندن بہ بل کي غير ضروري سڏيو ان جي مخالفت ڪئي، جڏهن تہ ايم ڪيوايم جو نمائندو ووٽ ڏيڻ مهل غير حاضر رهيو.

اهو بل پاڪستان جي آئين ۾ ترميم لاءِ هو جنهن ذريعي مٿي ڄاڻايل تيرهن ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏنو وڃي ها . ساڳئي قسم جو بل محترمہ ماروي ميمڻ مئي 2011ع ۾ بہ پيش ڪيو هو جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي مرڪز ۾ حڪومت ۾ هئي . قانون ۽ انصاف واري اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ ۾ ڳالهائيندي محترمہ مارويءَ، جيڪا پاڻ پي ايم ايل (ن) جي ايم اين اي هئي، چيو هو تہ سندس اهو بل 2011ع واري بل کان مختلف آهي، ڇوتہ هن وقت اهو بل پارٽيءَ جي منشور جي روشنيءَ ۾ تيار ڪيو ويو آهي.

قانون ۽ انصاف واري وزارت جي سيڪريٽري رٽائرڊ جسٽس رضا خان ڪميٽيءَ ۾ ڳالهائيندي چيو هو تہ اهو بل اجايو آهي ڇو تہ آئين جي آرٽيڪل 28 ۾ واضح طور چيل آهي تہ ملڪ جي ٻولين، انهن جي رسم الخط ۽ ثقافت جو تحفظ ڪيو ويندو. هن چيو تہ وزارت اڳئي عوامي نيشنل پارٽيءَ جي سينيٽر حاجي عديل پاران سينيٽ ۾ پيش ڪيل ساڳئي قسم جي بل جي مخالفت ڪري چُڪي آهي.

هن عملدار واضح مخالفت ڪندي زور ڀريو تہ ملڪ ۾ فقط هڪ قومي ٻولي هجڻ گهرجي ۽ پنهنجي پر ۾ وڌيڪ قومي ٻولين هجڻ جو نقصان بيان ڪندي چيو تہ اردوءَ سان گڏ بنگاليءَ کي قومي ٻولي ٺهرائڻ جو هاڃو هيءُ ملڪ 1971ع ۾ اوڀر پاڪستان واري سانحي جي شڪل ۾ ڀوڳي چُڪو آهي.

ڪاميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ موجود ڪنهن بہ ميمبر هن عملدار کي اهو نہ ٻڌايو تہ ملڪ جي ورهاڱي جو وڏو ڪارڻ اردو ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ طور

مڙهي ديسي مادري ٻولين کي نظرانداز ڪرڻ هو. قومي ٻولين واري بل کي هر پيري رد ڪرڻ سان قومپرست ڌرين ۾ وفاقي سياست ڪندڙ پارٽين وچ ۾ ڦوٽ ۾ عدم اعتماد وڌي ويو جڏهن اي اين پي سينيٽر حاجي عديل جو قومي ٻولين بابت بل قانون ۾ انصاف واري اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ جنوري 2015ع جي وچ ڌاري چوٿون ڀيرو به رد ڪري ڇڏيو. "قومپرست ڌريون سمجهن ٿيون ته (ان وقت) حڪمران پارٽي پي ايم ايل (ن) ۽ پ پ پ جي اها سوچيل سمجهيل ڪوشش آهي ته ملڪي معاملن تي پنهنجو تسلط جاري رکجي." حاجي عديل ميڊيا سان ڳالهائيندي 26 جنوري 2015 ع تي الزام هنيو هو. هن چيو ته 2010ع ۾ جڏهن آئين ۾ 18 هين ترميم وارو بل تيار ٿي رهيو هو تڏهن به هنن ميان رضا رباني‎ءَ جي سربراهيءَ واري پارليامينٽري ڪاميٽيءَ کي ان ڳالهه تي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر تڏهن به سخت مخالفت ڪئي وئي . بهرحال پ پ پ جي تڏهوڪي ايڊيشنل سيڪريٽري جنرل ميان رضا ربانيءَ ميڊيا آڏو چيو هو ته ذاتي طور هو ان سوچ جو آهي ته علائقائي ثقافت جي ترقيءَ کانسواءِ قومي ثقافت ترقي نه ڪري سگهندي ۽ دعويٰ ڪئي ته سندس پارٽيءَ جي ئي ڪوششن سان علائقائي ٻولين ۽ ثقافت جي ترقيءَ لاءِ اسلام آباد ۾ لوڪ ورثا ادارو قائم ٿي سگهيو. هن مڃيو ته ارڙهين آئيني ترميمي بل جي تياريءَ مهل قومپرست ڌرين پارليامينٽري ڪاميٽيءَ ۾ قومي ٻولين وارو سوال اُٿاريو هو پر هن پاڻ ننڍين پارٽين کي گذارش ڪئي هئي ته صوبائي خودمختياريءَ لاءِ ڪوششن کي ڪامياب ڪرڻ گهرجي ۽ اهڙي موقعي تي ٻولين وارو مسئلو نه اُٿاريو وڃي. "پ پ پ علائقائي ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏيڻ جي مخالف ناهي ۽ اها اڳتي هلي مناسب وقت تي پارليامينٽ ۾ واضح طور ان ڳالهه ۾ پنهنجو موقف پيش ڪندي" هن چيو هو.

پي ايم ايل (ن) جي سيڪريٽري جنرل ظفر اقبال جهگڙا کان جڏهن ان مسئلي تي سوال ڪيا ويا ته هن مڃيو ته مادري ٻولين کي قومي ٻولين جو

درجو ڏيڻ جي حوالي سان پارٽيءَ جي مختلف سطحن تي غور ويچار ٿيو هو پر پارٽيءَ جي اڪثريت جو خيال هو تہ فقط اردو ئي قومي ٻولي هجڻ گهرجي . ”پي ايم ايل علاقائي ٻولين جي اهميت کي مڃي ٿي، پر ان جو خيال آهي تہ علاقائي ٻولين جي ترقي فقط صوبن جي سطح تي ٿيڻ گهرجي. توهان انهن کي قومي ٻولين جو درجو نٿا ڏئي سگهو. نوان صوبا ناهڻ واري مسئلي وانگر اهو بہ تضادن سان ڀريل معاملو آهي،“ هن چيو هو.

بلوچستان نيشنل پارٽي (عوامي) جي سينيٽر محمد علي رند حيرت ڏيکاري هئي تہ ٻہ مُکيہ پارٽيون (پي ايم ايل (ن) ۽ پ پ پ) ٻولين بابت اهم بل جي مخالفت ڇو ٿيون ڪن. پي ايم ايل (فنڪشنل) جي سينيٽر ۽ سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير ۽ اسپيڪر سيد مظفر حسين شاهہ قومپرست ڌرين کي صلاح ڏني هئي تہ گڏجي وڏين پارٽين کي قائل ڪن تہ جيئن ٻولين وارو بل پارليامينٽ مان پاس ٿي سگهي. ”ان لاءِ قومي اتفاق راءِ گهرجي ڇو تہ پارليامينٽ ۾ ٻہ پاڳي تي اڪثريت ڪانسواءِ اهو بل پاس نہ ٿي سگهندو“ هن جو خيال هو.

قانون ۽ انصاف واري اسٽينڊنگ ڪاميٽي ٻہ ڀيرا محترمہ ماروي ميمڻ ۽ هڪ ڀيرو پ پ پ جي نواب يوسف ٽالپر جا قومي ٻولين بابت نجي بل بہ رد ڪري چڪي هئي، جڏهن تہ سينيٽ جي ساڳي ڪاميٽي بہ انهن بلن کي رد ڪندي رهي آهي. ماروي ميمڻ پهريون بل 2008ع ۾ پيش ڪيو هو جڏهن اها پي ايم ايل (ق) جي ايم اين اي هئي. ٻيو بل هن فبروري 2014ع ۾ پيش ڪيو جڏهن هوءَ پي ايم ايل (ن) جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبليءَ جي ميمبر ٿي. هن بل ۾ آئين جي آرٽيڪل 251 کي بدلائڻ جي تجويز ڏني هئي، جنهن تحت اردوءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو مليل آهي. سندس چوڻ موجب هن اهو بل وزيراعظم نواز شريف جي منظوريءَ سان پيش ڪيو هو جنهن کي سندس ئي پارٽيءَ وارن رد ڪيو.

ساڳي طرح نواب يوسف ٽالپر جو چوڻ هو تہ اڳوڻو وزيراعظم يوسف رضا گيلاني ٻولين واري بل جو حامي هو ۽ هن خاطري ڏني هئي تہ ان

مقصد لاءِ هڪ خاص آئيني ڪاميٽي ٺاهي ويندي، پر گيلاني ڪجھ نہ ڪري سگھيو جو جلد ئي سپريم ڪورٽ کيس نااهل قرار ڏئي ڇڏيو. نواب يوسف ٽالپر يوسف رضا گيلانيءَ کان پوءِ وزير اعظم جو عهدو ماٺيندڙ راجا پرويز اشرف جي حڪومت ۾ بہ اهڙي ڪوشش ڪئي، پر کيس جوڳي موٽ نہ ملي.

سال 2016ع جي سيپٽمبر مهيني ۾ وري پ پ پ جي سينيٽر ڊاڪٽر ڪريم خواجا سينيٽ جي قانون، انصاف ۽ انساني حقن واري اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ ۾ هڪ بل (آئين ۾ ترميم) لاءِ پيش ڪيو هو جنهن جو مقصد ملڪ جي علائقائي ٻولين جي ترقيءَ لاءِ قدم کڻڻ هو. ڪاميٽيءَ ان بل تي ويچار جو معاملو ئي روڪي ڇڏيو ڇو تہ قانون واري وفاقي وزير زاهد حامد ڪاميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ آئين جي شق 28 ۽ 251 جو حوالو ڏيندي چيو هو تہ آئين ان معاملي تي واضح آهي، جنهن موجب صوبائي اسيمبلين کي علائقائي ٻولين جي ترقيءَ لاءِ قدم کڻڻ جو اختيار آهي ۽ آئين ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. اهو ساڳيو بل هن جولاءِ 2016ع سينيٽ ۾ پيش ڪيو هو. سينيٽ جي چيئرمن ميان رضا رباني‌ءَ اهو بل اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ ڏانهن موڪلي ڇڏيو هو. مسلم ليگ فنڪشنل جي سينيٽر ۽ سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير ۽ قانوندان مظفر حسين شاهہ بہ ان بل جي مخالفت ڪئي هئي، جنهن تي سنڌي ميڊيا ۾ وڏي تنقيد ڪندي مٿس ڇوهہ ڇنڊيا ويا، پر حقيقت ۾ سينيٽر ڪريم خواجا جي بل ۾ ڪوبہ دم ڪونہ هو ڇوتہ اهو سنڌي ۽ ٻين ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏيڻ بدران انهن کي علائقائي ٻوليون قرار ڏئي (جيڪو درجو اڳئي آئين ۾ مليل آهي) سندن ترقيءَ لاءِ اُپاءَ وٺڻ تي زور ڏئي رهيو هو. ان بل جي ڪُل 28 سينيٽرن حمايت ڪئي هئي. سيد مظفر حسين شاهہ جي تجويز هئي تہ بل کي ٻيهر ڊرافٽ ڪري، ٻين پارٽين جي سينيٽرن کي اعتماد ۾ وٺي پوءِ پيش ڪيو وڃي.

جنهن ڳالهہ جي کوٽ ڊاڪٽر ڪريم خواجا جي بل ۾ هئي، اها نيٺ پ پ پ سينيٽر سسئي پليجي ۽ سينيٽر عاجز ڌامراهہ پوري ڪئي، جن آئين ۾

ترميم ڪري سنڌي، پنجابي ۽ ٻين ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏيڻ وارو بل 2016ع ۾ ٿي پيش ڪيو جيڪو سينيٽ جي قانون، انصاف ۽ انساني حقن واري اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ 10 مئي 2017ع تي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ منظور ڪري ورتو. هن بل ذريعي آئين جي آرٽيڪل 251 جي شق (1) ۾ ترميم ڪري سنڌي، پنجابي، پشتو ۽ بلوچيءَ کي اردوءَ سان گڏ قومي ٻوليون پڌرو ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي. بل جو واسطيدار حصو هتي پيش ڪجي ٿو:

## آرٽيڪل 251: قومي ٻوليون

1) اردو ۽ وفاقي ايڪن جون ٻوليون جهڙوڪ بلوچي، پشتو پنجابي ۽ سنڌي پاڪستان جون قومي ٻوليون آهن؛ 2) پاڪستان جي سرڪاري ٻولي ايستائين انگريزي هوندي، جيستائين اردوءَ کي ان جي برابر آڻڻ لاءِ انتظام ڪيا وڃن؛ 3) وفاقي حڪومت قومي ٻولين جي واڌ ويجهه لاءِ فنڊ رکندي ۽ 4) صوبائي حڪومتون قانونسازيءَ ذريعي اهڙا اُپاءَ وٺنديون ته جيئن قومي ٻولين سان گڏ ڪنهن به ٻوليءَ ۾ تعليم ۽ ان جي ترقي ٿي سگهي.

بل جي مقصد ۽ ڪارڻن بابت حصي ۾ چيو ويو ته وفاقي ايڪن جي ٻولين بلوچي، پشتو پنجابي ۽ سنڌيءَ کي ملڪ جي آئين ۾ جائز اهميت نه ڏني وئي هئي، جنهنڪري ملڪ ۾ ڪيترين ئي تحريڪون هلائي انهن ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏيڻ جي گهُر ڪئي وئي. تنهنڪري هاڻي لازم آهي ته پاڪستان جي انهن ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏنو وڃي.

ڊاڪٽر ڪريم خواجا به پنهنجو اڳوڻو رد ٿيل بل وري پيش ڪيو جنهن ۾ بلتي، براهوي، شينا ۽ سرائڪي ٻولين جي به گهُر ڪيل هئي، پر ڪاميٽيءَ جو متفقه خيال هو ته ٻهرين چئن مُکيه ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏيڻ گهرجي. ڪاميٽيءَ جي خيال سان متفق ٿيندي، سينيٽر ڪريم خواجا پنهنجو بل واپس ورتو هو.

سينيٽ ڪاميٽيءَ هيءَ جيڪو بل پاس ڪيو ان لاءِ چيو وڃي ٿو ته سينيٽر سسئي پليجو سنڌ جي ثقافت واري وزير هئڻ وقت سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ پاران

22 فبروري 2010ع تي ڪوٺايل سيمينار "سنڌي ٻولي قومي ٻولي ڇونه؟" ۾ تقرير ڪندي محمد ابراهيم جوئي جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ ڪميٽي جوڙڻ جو اعلان ڪيو هو ته جيئن اها ان ڏس ۾ ڪيس تيار ڪري سگهي. ان جي نتيجي ۾ 20 فبروري 2010ع تي اٿارٽيءَ جي ڪميٽي روم ۾ ڏگهي بحث مباحثي کان پوءِ پرپور ڪيس جو ڊرافٽ تيار ڪيو ويو جيڪو 21 فبروري 2010ع تي مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سيمينار ۾ اٿارٽيءَ جي تڏهوڪي چيئرپرسن ڊاڪٽر فهميده حسين پڙهي ٻڌايو ۽ سڀني پليجي کي پيش ڪيو جنهن ان ڪيس کي اقتداري ايوانن تائين پهچائڻ جو ذمو کنيو. ان مُسودي جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

## مُهاڳ Preamble

پاڪستان قائم ٿيڻ بابت اهو دليل ڏنو ويجي ٿو ته برصغير جي مسلمانن جي ڌار وطن واري مطالبي جي ڪري اهو ناهيو ويو هو. اها ڳالهه هميشه ذهن ۾ رکڻ جي ضرورت آهي ته برصغير جا مسلمان هڪ ٻولي ڳالهائيندڙ نه، پر تاريخي طور تي گهڻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهو هئا ۽ هنن انهيءَ وفاق ۾ شامل ٿيڻ لاءِ اهو سمجهي رضامندي ڏني هئي ته سندن انفراديت ۽ تشخص کي ڪو هاڃو نه رسندو. ان هوندي به نئين قائم ٿيل ملڪ ۾ صرف "هڪ ٻوليءَ" کي رياست جي ٻوليءَ طور مڃتا ملي، جيتوڻيڪ اها اوير پاڪستان سميت سموري ملڪ جي ڪل آباديءَ جي رڳو 7.75 سيڪڙو آباديءَ جي ٻولي هئي (حوالو بيورو آف اسٽيٽسٽڪس، حڪومت پاڪستان، ساليانو ڪتاب، ص 24).

نئين ملڪ جي "گهڻ- ٻوليائي حيثيت" کي ان وقت ڪنهن حد تائين قبوليت ملي، جڏهن بنگالين هلچل هلائي ۽ خوني تحريڪ کان پوءِ هنن پنهنجي بنگاليءَ کي اردوءَ سان گڏ پاڪستان جي ٻي رياستي ٻوليءَ طور مڃتا ڏياري.

انهيءَ دور ۾ پاڪستان جو مغربي حصو هٿرادو ناهيل "ون يونٽ" ۾ قابو هو ان ڪري جيئن ئي ون يونٽ ٽوڙيو ويو ته پنهنجي حيثيت واپس ماڻيندڙ

وحدتن يا صوبن جي ٻولين کي ساڳئي فارمولي تحت رياست جون ٻوليون قرار ڏيڻ ڪپندو هو.

باقي بچيل ملڪ جي مختلف وحدتن جي سڃاڻپ يا يڪجهتيءَ لاءِ مذهب جي جاءِ تي ٻوليءَ کي آڻڻ جو نتيجو تڪرارن کي جنم ڏيندو جنهن ڪري ملڪ ٽٽڻ جو انديشو ٿي سگهي ٿو. اهڙي خطري بابت اسٽيبلشمينٽ جي حامي عنصرن ڪڏهن به نه سوچيو آهي، ايتري قدر جو هڪ قومي ٻوليءَ جي حمايت ۾ فتوائون جاري ڪيون ويون.

سنڌ ۾ ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ ۽ ثقافت جي باري ۾ ڏاڍا حساس ۽ جذباتي آهن. پاڪستان ۾ ملڪ جي قومي ٻوليءَ جو معاملو ڏاڍو تلخ ۽ تڪراري رهيو آهي. دراصل اهو تڪرار ايترو ته خطرناڪ هو جو ان سبب اوڀر پاڪستان ۾ ڀيانڪ قتلام ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ آخرڪار اوڀر پاڪستان ڌار ٿي ويو. بنگالين ان وقت سفاڪيءَ سان قتل ٿيلن جي ياد ۾ پلٽڻ ميدان ڍاڪا ۾ قومي ٻوليءَ جو هڪ وڏو يادگار ڪڙو ڪيو آهي، جيڪو "شهيد مينار" سڏيو وڃي ٿو.

پيپلز پارٽيءَ جي پهرين حڪومت دوران اُن وقت جي وزيراعظم جناب ذوالفقار علي ڀٽي خلاف هڪ سازش رچي وئي هئي. انهن ڏينهن ۾ بنگالين جي مثال تي هلندي، سنڌين جي هڪ وڏي انگ سنڌي ٻوليءَ کي باقي بچيل پاڪستان جي "قومي ٻولين" مان هڪ قومي ٻولي بنائڻ لاءِ جدوجهد پئي ڪئي ته سازشين ان خلاف هڪ تحريڪ هلائي ۽ وڏي پيماني تي فساد ڪرايا ويا، جن ۾ گهڻا ئي ماڻهو مارجي ويا. ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ باهين ۽ لٽ مار جي واقعن وڏو نقصان ڪيو. پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت حالتن کي ماٺو ڪرڻ لاءِ 1972ع ۾ مصلحتاً صوبائي اسيمبليءَ ۾ ٻوليءَ جو بل آندو جنهن ۾ بعد ۾ ترميم ڪري، سنڌيءَ سان گڏ اردوءَ کي به سنڌ صوبي جي سرڪاري ٻوليءَ طور شامل ڪيو ويو. جيئن ته هن بل ۾ ٻنهي ٻولين کي سنڌ لاءِ قومي ٻوليون هئڻ جو ڪو اشارو ڏنل ڪونه هو (جو ته اردو اڳئي سڄي

پاڪستان جي قومي ٻولي هئي) ان سبب سنڌ جا ماڻهو خوش ڪونہ ٿيا هئا.
بهرحال سياسي رهنمائن سنڌي ماڻهن کي اهو چئي پرچايو تہ انهيءَ بل ۾ ترميم ڪري سنڌيءَ (۽ ٻين پاڪستاني ٻولين) کي اردوءَ سان گڏ پاڪستان جون رياستي/ قومي ٻوليون بڻايو ويندو. جنهن تي سنڌي ماڻهن ڪٽي بس ڪئي. جيتوڻيڪ بظاهر حالتون ماٺيون هيون، پر اندر ئي اندر سنڌ جي ماڻهن ۾ سياستدانن کان غير مطمئن هئڻ ۽ دوکو کائڻ وارا جذبا موجود هئا.
اهو طوفان آهستي آهستي جهڪو ٿي ويو آهي، پر اندران جذباتي اٿل موجود آهي. نتيجي طور حال ۾ "سنڌي ٻولي- قومي ٻولي" تحريڪ سڄي سنڌ ۾ پکڙجي چڪي آهي. جيتوڻيڪ ماڻهو ضابطي ۾ آهن ۽ ڪنهن تشدد جو امڪان ڪونهي، پر سنڌ جو سمورو عوام انهيءَ تحريڪ جي حمايت ڪري ٿو.
سنڌي ٻوليءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولي ڇو قرار ڏنو وڃي؟
سنڌي ٻوليءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولي قرار ڏيڻ جو مطالبو هيٺ ڏنل دليلن تي ٻڌل آهي:
1. قومي ٻوليءَ جي وصف:
سڀ کان پهرين اچو تہ ڏسون تہ قومي ٻوليءَ جي وصف ڪهڙي آهي؟
لسانيات جي سائنس جا ماهر ان خيال جا آهن تہ ڪنهن ٻوليءَ کي هيٺين اصولن موجب قومي ٻولي قرار ڏئي سگهجي ٿو:
(الف) سماج جي هر هڪ ڪارج لاءِ اها ماڻهن جي روزمره زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندي هجي.
(ب) جيڪا ڪنهن قوم جون سموريون پيڙهيون، هميشہ ۽ اڻ ڪٿيل وقت کان ڳالهائينديون آيون هجن.
(ٻ) جيڪا سرڪاري، درباري ۽ عدالتي ٻوليءَ طور ۽ پرائمريءَ کان اعليٰ تعليم تائين تعليم جي ذريعي طور استعمال ٿيندي رهي هجي.
(ڀ) جيڪا ادبي ۽ ميڊيا جي ذريعي طور استعمال ٿيندي هجي.

(پ) جيڪا ڪنهن قوم جي مختلف احساسن جي مظهر هجي.
(ت) جيڪا ڪنهن به ترقي يافته ٻوليءَ کان لفظ وٺي استعمال ڪري يا ان کي ڏئي سگهي ۽ اهڙن لفظن کي پنهنجي وياڪرڻي سٽاءَ موجب استعمال ڪرڻ جي صلاحيت رکندي هجي.
(ٽ) جيڪا ٻولي، قوم جي ڏرتيءَ منجهان ئي ڦٽي نڪتل هجي.
(ٺ) ان ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ اُن کي پنهنجي قومي ٻوليءَ طور پيش ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪن.

**2. پاڪستان هڪ گهڻ-ثقافتي گهڻ-قومي ۽ گهڻين ٻولين رکندڙ ملڪ آهي.**

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته پاڪستان هڪ گهڻ- ثقافتي، گهڻ-قومي ۽ گهڻين ٻولين وارو ملڪ آهي. اها به هڪ مڃيل ڳالهه آهي ته پاڪستان هڪ وحدت (Unitary) وارو ملڪ نه آهي، بلڪه مختلف صوبن/ ايڪن جو وفاق آهي. 23 مارچ 1940ع جي لاهور واري ٺهراءَ موجب پاڪستان هڪ کان وڌيڪ صوبن جو وفاق آهي، جنهن ۾ مختلف ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون ۽ جتي مختلف ثقافتون رائج آهن. وفاق ۽ مذهب جي قوت به ڪين پنهنجي پنهنجي منفرد سڃاڻپ کان ڌار ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهي آهي.

**3. سنڌيءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولي ڇو قرار ڏنو وڃي؟**

(i) پاڪستان ۾ رهندڙ سمورين قومن مطالبو ڪيو آهي ته اهي سموريون ٻوليون، جيڪي صوبن ۾ مادري ٻولين طور ڳالهايون وڃن ٿيون، انهن کي پاڪستان جون قومي ٻوليون قرار ڏنو وڃي. خود پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس، 1994ع ۾ پاڪستان جي سمورين ٻولين کي قومي ٻوليون قرار ڏنو هو.
پاڪستان جي جوڙجڪ اندر سمورن ايڪن/ حصن کي چاڻ آهي ته اردو پاڪستان جي صرف 7.75 سيڪڙو آباديءَ جي مادري زبان آهي، ته به اها پاڪستان جي باقي 92.43 سيڪڙو آباديءَ مٿان سندن مرضيءَ خلاف صرف هڪ "قومي ٻوليءَ" طور نافذ ڪئي وئي آهي.
(ii) ان مان ثابت ٿئي ٿو ته پاڪستان جي ماڻهن جي مادري ٻولين کي "قومي ٻولين" جو درجو نه ڏيڻ سان ساڻن ناانصافي ڪئي وئي آهي.

(iii) مٿين دليلن جي بنياد تي سنڌيءَ سميت پاڪستان جي سمورين مادري ٻولين کي پاڪستان حڪومت پاران قومي ٻوليون قرار ڏنو وڃي.

(iv) سنڌي، سنڌو ماٿريءَ جي اصلوڪي ٻولي آهي، جنهن ۾ دنيا جي ترقي يافته ٻولين واريون سموريون خوبيون موجود آهن.

(v) سنڌي دنيا جي قديم ٻولين مان هڪ ٻولي آهي، ان جي قدامت ملڪي ۽ غير ملڪي عالمن کي موهي چڏيو آهي.

(vi)سنڌي ٻولي پاڪستان جو قومي سرمايو آهي. اها سنڌو ماٿريءَ جي تمام اهم زبان آهي.

(vii)سنڌي ٻولي لوڪ، ڪلاسيڪي، جديد، ترقي پسند ۽ سائنسي ادب سان مالامال آهي.

(viii) سنڌي ٻولي انگريزن کان اڳ ۽ ان دور ۾ توڙي اڄ سوڌو سرڪاري، تدريسي، درٻاري ۽ عدالتي ٻولي رهندي آئي آهي.

(ix) موجوده وقت ۾ گهڻن ئي موضوعن ۽ مضمونن جا ڪتاب، نصابي ڪتاب، روزانين اخبارن، هفتيوار ۽ ماهوار اشاعتن سميت، باقاعدگيءَ سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپجي رهيا آهن.

(x) سنڌي ٻوليءَ جا اٺ سيٽلائيٽ ٽي.وي چينل ۽ ٻيو اليڪٽرانڪ ميڊيا باقاعدگيءَ سان سنڌ ۽ ملڪ کان ٻاهر سرگرم آهن.

4. گذارشون :

مٿين حقيقتن ۽ دليلن جي روشنيءَ ۾ گذارش ڪجي ٿي ته:

(1) سنڌي هڪ مڃيل، قديم توڙي جديد سڌريل ٻولي آهي، جيڪا مٿي پيرا- 01 ۾ قومي ٻوليءَ لاءِ مقرر ڪيل معيارن تي پوري لهي ٿي.

(2) سنڌي ٻوليءَ کي اهو درجو ڏيڻ کان انڪار ماضيءَ ۾ بنگالي ٻوليءَ کي نظرانداز ڪرڻ ۽ اهو صوبو هٿان وڃائڻ واري غلطيءَ جي ورجاءَ برابر ٿيندو.

(3) موجوده حالتن، جهڙوڪ: سياسي، سماجي، تعليمي ۽ معاشي حالتن جي تقاضا آهي ته سنڌيءَ کي قومي ٻولي قرار ڏنو وڃي.

(لئنگئيج ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جون صحيحون)

سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ پر ان بل جي منظوريءَ سان سموري سنڌ ۾ خوشيون ملهايون ويون ته سنڌيءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ملي ويو پر حقيقت ۾ منزل اڃان پري آهي. بل کي صرف ڪاميٽيءَ منظور ڪيو آهي، جڏهن ته اهو اڃان سينيٽ ۾ پيش ٿيڻو آهي ۽ جڏهن پارليامينٽ ان بل کي منظور ڪندي، تڏهن ئي آئين ۾ ترميم ٿي سگهندي. اُن وقت جيئن ته پ پ مخالف ڌُر جي پارٽي هئي تنهنڪري اهو بل ايوان ۾ خانگي بل طور پيش ٿي پئي سگهيو ۽ ضروري نه هو ته حڪمران پارٽي مسلم ليگ (ن) به ان جي حمايت ڪري ها.

## ٻولين جي مونجهاري ۾ ڦاٿل پاڪستان

لنڊن مان همايون ڊار لکي ٿو ته گهڻن ئي ماڻهن کي حيرت ٿيندي ته پاڪستان اهڙن ملڪن جي فهرست ۾ ڳڻي سگهجي ٿو جيڪي پاڻ کي انگريزي ڳالهائيندڙ ملڪ سڏائين ٿا، پر عملي طور انهيءَ جي اُبتڙ آهي. "پاڪستان ۾ ڏهن مان ڪو هڪ ماڻهو اهڙو هوندو جيڪو صحيح طرح انگريزي لکي پڙهي ۽ ڳالهائي سگهندو هوندو. باقي 90 سيڪڙو ماڻهو هڪ يا ٻن جملن کان وڌيڪ صحيح انگريزي نٿا ڳالهائي سگهن. لکڻ جي معاملي ۾ اهي ٿورو بهتر آهن، پر انهن لاءِ هڪ صفحي کان وڌيڪ انگريزي لکڻ به وڏي چئلينج آهي،" هو لکي ٿو.

پنهنجي هڪ رپورٽ ۾ هن لکيو ته اڪثر سياستدان پاڻ کي انگريزيءَ ۾ ماهر ڪري پيش ڪندا آهن، پر ٻاهرين ملڪن ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪرڻ مهل سندن پول پڌرا ٿي ويندا آهن. ساڳيو حال ملڪ جي ڪامورن جو آهي، جيڪي انگريزيءَ ۾ روان هجڻ جي دعويٰ ڪندا آهن، پر اڪثر حالتن ۾ اهي به ناڪام ٿيندا آهن. اهي پنهنجي غلط انگريزيءَ سبب پرڏيهي وفدن سان ڳالهين ۾ ملڪ جي صحيح نمائندگي نه ڪري سگهندا آهن. هن پنهنجي ملڪ جي رانديگرن جو به مثال ڏنو جيڪي انگريزيءَ جو هڪ به جملو مس ڳالهائي سگهندا آهن. نتيجي ۾ راندين

ڪتڻ ڪان پوءِ ايوارڊ وٺڻ مهل غلط انگريزي ڳالهائي، ماڻهو ڪلائيندا آهن ۽ دنيا آڏو ملڪ ۽ قوم لاءِ خراب تاثر اُڀاريندا آهن.

همايون ڀار هيءَ رپورٽ تہ انگريزي ٻوليءَ جي حق ۾ لکي آهي، پر سندس ڏنل انگن اکرن مان ملڪ ۾ انگريزي ڳالهائيندڙن جي انگ جي خبر پئجي وڃي ٿي. هو لنڊن جي هڪ انٽرنيشنل صلاحڪار اداري ايڊ بز Edbiz جي رپورٽ جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ پاڪستان ۾ رُڳو پنجاهہ هزار ڪن ڪٽنب اهڙا آهن، جيڪي انگريزيءَ ۾ صحيح طور ڳالهائي سگهن ٿا. جيڪي ملڪ جي ٽي ڪروڙ ڪٽنبن جو هڪ معمولي حصو آهن. انهيءَ حساب سان چئي سگهجي ٿو تہ پاڪستان ۾ صحيح انگريزي ڳالهائيندڙن جو تناسب فقط هڪ سيڪڙو آهي.

همايون ڀار جي ڳالهہ جي تصديق نومبر 2017ع جي هڪ رپورٽ سان بہ ٿئي ٿي، جنهن موجب جرمنيءَ جي شهر بون Bonn ۾ موسمياتي تبديلين بابت ٿيل هڪ عالمي ڪانفرنس ۾ پاڪستان جو وزير مشاهدالله موسمياتي تبديلين ۽ حڪومت پاران ڪنيل قدمن ۽ پاليسين بابت سوالن تي انگريزيءَ ۾ ڳالهائي نہ سگهيو ۽ هن ڪانفرنس جي منتظمين کي گذارش ڪئي تہ کيس لکيل مواد پڙهي ٻڌائڻ جي اجازت ڏني وڃي. اردوءَ جي هڪ ٽي وي چئنل اهڙي رپورٽ نشر ڪندي چيو تہ وفاقي وزير بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ ملڪ جي بيعزتي ڪرائي وڌي.

عالمي پسمنظر ۾ انگريزيءَ جي اهميت پنهنجي جاءِ تي، پر ناليواري صحافڻ محترمہ زبيده مصطفيٰ پنهنجي ڪتاب Tyranny of Language in Education ۾ لکي ٿي تہ ٻارن جي ابتدائي تعليم لازمي طور سندن مادري ٻوليءَ ۾ ٿيڻ گهرجي. جڏهن سندس ڪتاب مارڪيٽ ۾ آيو تہ ڪن ماڻهن مٿس وڏي تنقيد ڪئي تہ ليکڪا پاڪستان جي ٻارن کي پوئتي ڌڪڻ ٿي گهري. ڪن ماڻهن جو خيال هو تہ پاڪستان ۾ ٻولين جو ڪوبہ مسئلو ڪونهي ۽ ڏِسڻو رُڳو اهو آهي تہ ٻارن کي ڇا ٿو پڙهايو وڃي. اهڙا غيرمنطقي

تبصرا انهن ماڻهن ڪيا هئا جيڪي تمام گهڻو پڙهيل لکيل هئا ۽ رواني ۽ سان انگريزي ڳالهائيندڙ هئا، اهڙا ئي ماڻهو پاليسي ناهيندڙ اختيارين تي اثرانداز ٿيندا رهيا آهن. محترمہ زبيده مصطفيٰ لکي ٿي تہ خانگي اسڪول انگريزي اُستاد رکي انگريزي پڙهائڻ تي زور ڏين ٿا، پر عوام جي اڪثريت پنهنجي ٻارن کي انهن اسڪولن ۾ پڙهائڻ جو خرچ برداشت نٿي ڪري سگهي ۽ نتيجي ۾ اڪثريتي ٻار رواني ۽ سان انگريزي ۽ تي عبور نٿا رکن. "مون کي انهي ۽ پنتي پيل اڪثريتي آبادي ۽ جي مسئلن جي ڳڻتي رهي آهي ۽ سدائين انهي ۽ آبادي ۽ جي ٻارن لاءِ بنيادي تعليم سندن مادري ٻولي ۽ ۾ ڏيڻ تي زور ڀريندي رهي آهيان، ڇوتہ ننڍڙن ٻارن کي پنهنجي مادري ٻولي ۽ ۾ هر ڳالہ سولائي ۽ سان سمجهہ ۾ اچڻ فطري ڳالہ آهي. پنهنجي مادري ٻولي ۽ ۾ تعليم ملڻ سان ٻار جي ذهني صلاحيت وڌي ٿي ۽ هو هر ڳالہ کي سمجهڻ ۽ سکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تنهنڪري انگريزي ۽ جي تعليم اڳتي هلي ڏجي ۽ اها بہ ٻئي نمبر تي هجي،" هوءَ لکي ٿي.

"اهڙن ٻارن کي ڇڏيو، جيڪي اسڪول ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ئي بہ ٻوليون ڳالهائيندڙ آهن، ۽ جن جو تعداد بہ بنهہ ٿورڙو هوندو آهي، باقي ٻارن کي مادري ٻولي ۽ کانسواءِ ٻيءَ ٻولي ۽ پڙهائڻ سان انهن ٻارن کي نقصان ٿئي ٿو ۽ سندن اُستاد پلي ڪيترا بہ پلا هجن، ان سان مٿن خراب اثر پوي ٿو ڇو تہ ڪانئن گهر ۾ ڳالهائجندڙ فطري ٻولي ۽ ۾ تعليم جو فائدو کسيو وڃي ٿو" هن دليل ڏنو هو. سندس خيال آهي تہ انگريزي ٻولي ۽ لاءِ زوري ۽ جاءِ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ اهو تاثر اُپاربو ويو آهي تہ انگريزي ٻولي جادو ۽ جي اهڙي لٺ آهي، جنهن جي حاصل ڪرڻ سان ماڻهو خوشحال ٿيو وڃي. اقتصادي وسيلن تي قابض ۽ سماجي رُتبو رکندڙ ماڻهن اهڙي سوچ کي وڌايو آهي، جنهن سان رُڳو محدود طبقي جي ماڻهن کي فائدو رسيو آهي. "پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ جتي گهڻيون ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون ۽ جتي اٺ ٻوليون پنهنجي حيثيت مڃائڻ جي جاکوڙ ۾ آهن، اُتي انگريزي

ٻولي بين الاقوامي رابطي واري حيثيت جي ڪري پنهنجو اثر ڄمايو ويٺي آهي. انهيءَ اثر جي ڪري روزگار واري شعبي ۾ ٻه انگريزيءَ کي اوليت ڏني وڃي ٿي. جڏهن ته حقيقت هيءَ آهي ته هر نوڪري يا روزگار لاءِ انگريزي اچڻ لازمي ناهي،" هوءَ لکي ٿي.

خانگي اسڪولن جي هٿ ٺوڪئي انگريزي ميڊيم هجڻ بابت هڪ دلچسپ مثال ڏيندي زبيده مصطفيٰ لکيو هو ته اهڙا اسڪول پنهنجي پبلسٽيءَ لاءِ بورڊن تي يا پمفليٽن تي اردوءَ ۾ "انگلش ميڊيم" لکندا آهن ۽ اهڙن اسڪولن جا انگريزي اُستاد انگريزي پڙهائڻ مهل اردوءَ ۾ سمجهاڻي ڏيندا آهن.

"اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان ٻولين جي مونجهاري ۾ ڦاٿل آهي. هڪ پاسي ماڻهو انگريزيءَ تي عبور حاصل ڪرڻ لاءِ پريشان آهن ۽ ٻئي پاسي انهن کي پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ تي شرم ٿو اچي، جڏهن ته مادري ٻولي اها واحد ٻولي آهي، جنهن ۾ هُو رواني‌ءَ سان ڳالهائي ۽ رابطو ڪري سگهن ٿا ڇو ته انهن کي انگريزيءَ تي عبور ناهي. خانگي اسڪول، اهڙي صورتحال جا ذميوار آهن. ان ڪري لازمي آهي ته ٻارن کي بنيادي تعليم سندن مادري ٻوليءَ ۾ ڏني وڃي،" زبيده مصطفيٰ زور ڀريو.

ٻولين جي مونجهاري ۾ ڦاٿل هن ملڪ جو حال هيءَ آهي ته انگريزيءَ ۾ ڪارروائي هلائيندڙ ملڪي عدالتون وري حڪومتي ادارن تي فيصلا مڙهين ٿيون ته اردوءَ کي ملڪ ۾ هر سطح تي رائج ڪيو وڃي ۽ سرڪاري ادارن ۾ اردوءَ ۾ لکپڙهه ڪئي وڃي. (حوالو: سپريم ڪورٽ جو آرڊر سال 2015ع ۽ وري 2017ع جو آرڊر جنهن ۾ چيو ويو ته فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جا امتحان ٻه اردوءَ ۾ ورتا وڃن). ان جي ابتڙ اردو ٻوليءَ جي صورتحال هيءَ آهي ته نئون نسل ان کان پري ٿيندو پيو وڃي، جنهن جو اظهار اسلام آباد ۾ ٿيل پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف آرٽ پاران ٻارن لاءِ ڪوٺايل هڪ تقريب ۾ پروگرام ايگزيڪيوٽو مسٽر عبيدالله هنن لفظن ۾ ڪيو: "اڄڪلهه ٻارن ۾ اردو پڙهڻ تمام گهٽجي ويو آهي، تنهڪري اسان

هن پروگرام ۾ ٻارن لاءِ اردو اخبارون بہ شامل ڪيون آهن. " (حوالو: ا پ پ نيوز ايجنسيءَ جي خبر، تاريخ 7 جون 2017ع)

هن ملڪ ۾ اسان انگريزي ٻوليءَ لاءِ بہ چريا آهيون، جو ان ڪانسواءِ مقامي اهم ادارن توڙي ٻين ملڪن ۾ روزگار لاءِ ان کي ضروري سمجهيو وڃي ٿو پر 6 مئي 2017ع تي يورپي يونيورسٽي انسٽيٽيوٽ فلورينس ۾ ٿيل هڪ ڪانفرنس ۾ تقرير ڪندي يورپي ڪميشن جي صدر مسٽر جين ڪلاڊ جنڪر Jean Claude Juncker واضح طور چيو تہ يورپ ۾ انگريزي ٻولي پنهنجي اهميت وڃائيندي پئي وڃي.

ان تقريب ۾ مختلف ملڪن جا سفارتڪار بہ موجود هئا، جن جي سامهون هن اها ڳالهہ چٽي ڏني . مسٽر جين ڪلاڊ جنڪر مختلف يورپي ٻوليون ڳالهائي سگهي ٿو ۽ انگريزي ٻولي صرف عالمي سطح جي پروگرامن ۾ ڳالهائيندو آهي . سندس اها ڳالهہ يورپي يونين مان برطانيا جي نڪرڻ واري ردعمل ۾ چيل ٿي سگهي ٿي، پر هن انگريزيءَ جي گهٽجندڙ اهميت واري ڳالهہ بنا ڪنهن بنياد جي نہ چٽي هوندي . ڪيس چاڻ آهي تہ يورپي يونين جي ميمبر ملڪن جا 32 لک ماڻهو برطانيا ۾ ۽ برطانيا جا ٻارهن لک ماڻهو انهن ملڪن ۾ آباد آهن . انهيءَ جي باوجود انگريزي ٻوليءَ جي اهميت يوربي ملڪن ۾ گهٽجندي پئي وڃي، جنهن جو مطلب تہ اُتي انگريزيءَ ڪانسواءِ بہ ڪم هلي سگهي ٿو جيئن چين، جپان، ڪوريا ۽ دنيا جي ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ هلي پيو.

## ٻولين جي اقتصاديات ڇا آهي؟ نظريو ڪنهن ۽ ڪڏهن ڏنو؟

دنيا ۾ معيشت جي گلوبلائيزيشن سان گڏ ماڻهن وچ ۾ رابطن جي اهميت بہ وڌي وئي آهي . اهڙي طرح رابطن لاءِ وري مختلف ٻولين يا ڪنهن هڪ اهڙي ٻوليءَ جي ڄاڻ هجڻ لازمي ٿيو پوءِ جيڪا وڌ ۾ وڌ ماڻهو سمجهي سگهندا ۽ ڳالهائيندا هجن . انهيءَ پسمنظر ۾ محسوس ڪيو ويو آهي تہ ٻولين جو اقتصادي سرگرمين سان ويجهو لاڳاپو آهي . گهڻن ماڻهن جي وچ

۾ واپار ۽ ڏيتي ليتيءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ کي انهيءَ سبب جي ڪري مارڪيٽ جي ٻولي سڏيو وڃي ٿو. ٻوليءَ يا ٻولين جي اهڙي اهميت محققن جو ڌيان ڇڪايو جن کوجنا ڪان پوءِ نتيجو ڪڍيو تہ ٻولين جي اقتصاديات بہ علم جو هڪ الڳ شعبو آهي، جنهن تي وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي گھرج آهي . اها سوچ کڻي محققن پنهنجو ڪم شروع ڪري ڇڏيو جنهن کي پنج ڏهاڪا گذري چُڪا آهن.

اوٽاوا يونيورسٽيءَ جي پروفيسرن ويگو زانگ ۽ گِلز گرينئر سال 2012ع ۾ پنهنجي ورڪنگ پيپر ۾ لکيو تہ "ٻولين جي اقتصاديات" جو اصطلاح پهريون ڀيرو 1965ع ۾ ظاهر ٿيو جڏهن جيڪب مارشڪ Jacob Marschak جو هڪ گمنام قسم جو مضمون Behavioral Science جي عنوان سان ڪنهن هنڌ ڇپيو. پنهنجي مضمون ۾ جيڪب مارشڪ ڪي سوال اُٿاريا هئا، جيڪي هن ريت آهن : مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ رابطي جا بهترين سرشتا ڪهڙا آهن؟ ماضي ۽ حال جون ڪهڙيون ٻوليون آهن، جن رابطن جو ڪم ڏنو؟ اهو ڪهڙو عنصر آهي، جيڪو ٻوليءَ جي انهيءَ اهميت کي ڊگهي مُدي تائين ڪارگر رکي ٿو؟ انهن سوالن تي پنهنجا خيال پيش ڪندي جيڪب مارشڪ اقتصادي نقطيءَ نظر پيش ڪيو. سندس چوڻ موجب ٻولي هڪ اهڙو عنصر آهي، جنهن جي چونڊ ڪجهي تي يا ڪرڻي پوي ٿي.

مارشڪ کان پوءِ ٻين ڪيترن ئي محققن ٻولين جي اقتصاديات واري موضوع تي ڪم ڪيو پر سندن واٽ الڳ هئي. سندن تحقيق گهڻو تڻو سرڪاري ٻوليءَ واري پاليسيءَ جي چُنڊڇاڻ جي حوالي سان هئي ۽ خاص طور انهن آزاد ملڪن ۾ جتي هڪ ئي وقت گهڻين ٻولين جو وجود هو. سندن تحقيق جو مرڪز ڪنهن هڪ ٻوليءَ ۾ رابطي واري صلاحيت جي بدران مختلف ٻولين وچ ۾ لاڳاپا هو. ٻولين جي اقتصاديات جي موضوع تي جيڪو ڪجهہ لکيو ويو هو تنهن جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪجهہ محققن 1980ع ۽

1990ع وارن ڏهاڪن ۾ سروي به ڪئي، جنهن سان محققن کي ٻولين سان لاڳاپيل اقتصادي پهلوئن بابت ڪجهه ڄاڻ ملي، پر ويجهڙائيءَ (سن 2000ع، 2001ع، 2004ع ۽ 2006ع) ۾ ٻن اقتصادي ماهرن رُوبنسٽين Rubinstein ۽ گليزر Glazer هڪ نئين نظر سان ٻولين جو جائزو ورتو ۽ اهڙو عنصر ڳولي لڌو جيڪو مارشڪ جي ابتدائي نظرئي سان ويجهڙائپ رکندڙ هو. ظاهر ۾ نئين نظر ايندڙ ٿيوريءَ جو عنوان هو "اقتصاديات ۽ ٻولي" پر انهيءَ جو واسطو به اقتصادي محرڪن وچ ۾ رابطي يا مواصلات سان هو.

جيڪب مارشڪ پنهنجي 1965ع واري مضمون ۾ جنهن نقطي تي زور ڀريو هو اُهو هيءَ هو ته ٻوليءَ جي ڀرپور فائدي ۽ اقتصاديات وچ ۾ ويجهو لاڳاپو آهي ۽ انساني اقتصادي سرگرميءَ ۾ ٻوليءَ جو اٿر ڪردار آهي. سندس چوڻ موجب ٻوليءَ جون پنهنجون اقتصادي خاصيتون آهن، جن ۾ مُلهه، ڪارج، قيمتن جو تعين ۽ ٻيا فائدا شامل آهن. جيڪڏهن ڪنهن ٻوليءَ جون اهي خاصيتون اڃان قائم آهن، يا وقت گذرڻ سان گڏ اهي ختم ٿي يا گهٽجي ويون آهن، ته اِهو صرف اُن ٻوليءَ جي اهليت جي بنياد تي ئي ممڪن هوندو. مثال طور: جيڪڏهن ڪنهن ٻوليءَ ۾ اهليت هوندي ۽ اُها ٿورڙي ڪوشش سان وڏ ۾ وڏ معلومات منتقل ڪري ٿي يا ماڻهن وچ ۾ رابطي جو سولو ذريعو هجڻ جو ڪم ڏئي ٿي ته معنيٰ ته اُن ۾ اڃان اهليت موجود آهي، پر جيڪڏهن ٻولي پنهنجي خاصيت وڃائي ويٺي هوندي ته ائين ممڪن نه ٿيندو.

ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ جن ملڪن کي آزادي ملي، اُتي قومپرستي اُڀرڻ لڳي هئي. انهن ملڪن کي پنهنجي لاءِ سرڪاري ٻولي يا ٻولين جي چونڊ ڪرڻي هئي ته جيئن انهن کي ترقي ونرائي سگهجي. اهڙي سوچ ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين وڏين طاقتن جون بيٺڪون ٻڻجي رهڻ جي ڪري پيدا ٿي هئي، جنهن دوران بيٺڪي قوتن جي ٻولي مٿن حاوي رهي. هتي ڪئناڊا جو مثال ڏئي سگهجي ٿو جيڪو وڏي عرصي تائين سرڪاري ٻوليءَ جي چونڊ

ڪرڻ جي حوالي سان مسئلن تي قائل رهيو. ڪئناڊا جي ڪوشش هئي تہ اهڙو علمي ماحول تيار ڪيو وڃي، جنهن سان ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت واري مسئلي جو بہ حل نڪري. انهن ڪوششن جي نتيجي ۾ ڪئناڊا ۾ اهڙو لٽريچر تيار ٿيڻ لڳو جنهن ۾ ٻولين بابت پاليسي، ٻولي ۽ آمدنيءَ وچ ۾ لاڳاپن تي تحقيق ٿيل هئي. خاص طور بريٽن Breton (1964ع کان 1978ع) قومپرستي تي بدّل سندس ٿيوريءَ ۾ اقتصادي جائزي کي ٻوليءَ سان ڳنڍڻ جي ڳالهہ ڪئي. انهيءَ کان اڳ جي اڀياسن ۾ ٻولين جي حيثيت صرف نسلي سڃاڻپ ۽ مختلف ٻولين وارن گروپن جي اقتصادي حالت کي سمجهڻ جو ذريعو هئي.

انساني سرمائي يا مُوڙيءَ واري نظرئي ۽ تعليم واري اقتصاديات، ٻولين جي اقتصاديات تي کوجنا جي ڏس ۾ اڃان بہ اهم ڪردار ادا ڪيو. انساني سرمائي واري نظرئي جي بنيادي ڳالهہ آهي تعليم ۽ ٻين هنرن ۾ سيڙپ. بريٽن (1978ع Breton، ويلانڪورٽ (1980ع Vaillancourt ۽ گرينيئر (1982ع Grenier سندن تحقيق دوران محسوس ڪيو تہ ٻولي سکڻ انساني سرمائي ۾ سيڙپ جو هڪ حصو آهي. ان سوچ سان جيڪب مارشڪ جي ابتدائي خيال کي هٿي ملي ٿي تہ هر ٻوليءَ جو پنهنجو مُلھ، ڪارج ۽ لاڀ آهي. انهن تحقيقن جي نتيجي ۾ ٻولين جي اقتصاديات وارو علم ٻولين جي سماجيات کان هٽي پنهنجي الڳ ٿلڳ حيثيت ۾ ترقي ڪرڻ لڳو. سن 1970ع کان 1980ع واري ڏهاڪي ۾ ٻولين جي هنر تي خاص ڌيان ڏنو ويو جنهن ۾ بنيادي نقطو هو ٻولين جو اقتصادي لاڀ. کوجنا ڪندڙن جو سمورو زور انساني سرمائي ۽ رابطي لاءِ ٻولين جي ڪردار تي هو. ڪيترن ئي اڀياسن ۾ ان مفروضي کي بنياد بنايو ويو تہ ٻوليءَ جو هنر ماڻهن جي سماجي اقتصادي حيثيت تي اثرانداز ٿئي ٿو. ڪئناڊا ۽ آمريڪا ۾ انهن اڀياسن ۾ ٻولي ۽ ماڻهن جي ڪمائيءَ وچ ۾ لاڳاپن تي کوجنا ڪئي وئي، جنهن سان هڪ نئون تحقيقي مواد تيار ٿيو.

آمريڪا ۽ ڪئنادا ۾ ٿيل انهن کوجنائن جي اثر هيٺ سئٽزرلينڊ، اسپين، برطانيا ۽ ڪجهه ٻين يورپي ملڪن جي محققن به ٻولين جي اقتصاديات تي کوجنا شروع ڪئي. انهيءَ کوجنا جي نتيجي ۾ ٻولين بابت پاليسي ۽ رٿابنديءَ سان گڏ ٻولي ۽ ماڻهن جي آمدني يا ڪمائيءَ جي حوالي سان ڪيترين ئي نئين ڳالهيون آڏو آيون. اهي اڀياس ڊسٽمئن (1999ع) Dustmann، وان سُئسٽ ۽ ڊسٽمئن (2001ع) Van Soest & Dustmann ۽ ڊسٽمئن ۽ فابري (2003ع) Dustmann & Fabbri ڪيا هئا. جيتوڻيڪ 1990ع واري ڏهاڪي تائين ٻوليءَ جي اقتصاديات جي مختلف پهلوئن تي کوجنا ٿي، پر تحقيق جي طريقن ۾ ڪا خاص تبديلي ڪانه آئي. بهرحال 21 هين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي ۾ گليزر Glazer ۽ رُبنسٽين Rubinstein ڪي نوان مفروضا پيش ڪيا، جن سان اقتصاديات توڙي ٻولين جي ماهرن لاءِ به کوجنا جا نوان رستا کُليا ته ٻولين جي اقتصاديات واري ميدان ۾ اڀياسن لاءِ به وسيع موقعا فراهم ٿيا ۽ انهن سڀني ۾ اهم هو ٻولي ۽ معيشت وچ ۾ لاڳاپن جو اڀياس، جيڪو هن ڪتاب جو موضوع آهي، جنهن کي مختصر نموني "ٻولين جي اقتصاديات" سڏيو ويو آهي.

## ٻولين بابت اڀياسن جي درجابندي

هيل تائين جيڪي به اڀياس ڪيا ويا، تن کي ٽن درجن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (1) ٻولي ۽ اقتصادي حيثيت (گهٽ وڌ ڪري ڪمائي يا آمدني)، (2) ٻولين جي سگهاري ترقيءَ واري عمل جو اقتصادي تجزيو (3) ٻولين بابت پاليسي ۽ رٿابنديءَ جو اقتصادي پاسو.

## ٻولي ۽ اقتصادي حيثيت

ٻولي ۽ ماڻهن جي معاشي حيثيت، خاص طور ڪمائي يا آمدنيءَ وچ ۾ ڳانڍاپي جي حوالي سان سڀ کان اڳ ڪئنادا ۾ ٻه سرڪاري (ملڪ جي سرڪاري ٻولين جو درجو مليل) ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهن جي آمدنيءَ بابت اڀياس ڪيو ويو. 1970ع ۽ 1980ع وارن ڏهاڪن ۾ اڀياس دوران ظاهر ٿيو ته

ٻوليءَ جي مهارت جو ماڻهن جي آمدنيءَ سان ويجهو تعلق آهي، بلڪ ايئن چئجي ته ٻوليءَ جي مهارت جي آڌار ئي ڪنهن به ماڻهوءَ جي ڪمائي يا اُجرت جو تعين ٿئي ٿو. تجربن ۽ مشاهدن جي بنياد تي ڪيل تحقيق ۾ انگريز ۽ فرينچ نسل جي ماڻهن کي شامل ڪري، سندن اُجرتن ۾ فرق سان گڏ سندن معاشي حيثيت معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان کان پوءِ آمريڪا، آسٽريليا، اسرائيل، جرمني، برطانيا، سئٽزرلينڊ، ڏکڻ آفريڪا، ڀارت، چين ۽ ٻين ملڪن ۾ به ماڻهن جي آمدنيءَ تي ٻولين جي اثر بابت کوجنا ڪئي وئي. انهن مان اڪثر اڀياسن ۾ ٻاهران لڏي آيل ماڻهن کي شامل ڪيو ويو. ٻنهه تازن اڀياسن ۾ محققن ٻولين جي هنرن جي پنهنجي محرڪات سان گڏوگڏ ٻولي ۽ انساني سرمائي وچ ۾ رابطن تي به ڌيان ڏنو ۽ کوجنا ڪئي. انهن اڀياسن جي نتيجي ۾ ٻه نظريا آڏو آيا جن مان هڪ آهي ٻولي ۽ آمدنيءَ وچ ۾ لاڳاپو ۽ ٻيو آهي متبيد وارو نظريو.
محققن موجب ٻوليءَ جي ڄاڻ هڪ هنر آهي ۽ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ٻوليون سکڻ انساني سرمائي يا مُوڙيءَ ۾ سيڙپ ڪرڻ برابر آهي، جنهن سان معاشي فائدو ٿئي ٿو. 1980ع واري ڏهاڪي ۾ ٿيل اڀياسن ان حقيقت کي هٿي ڏني آهي ته انساني سرمائي جي حيثيت ۾ ٻولي ماڻهن، خاص طور لڏپلاڻ ڪري ٻين علائقن يا ملڪن ۾ آباد ٿيندڙن، جي ڪمائيءَ جو تعين ڪرڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿي. ملازم جيترو روانيءَ سان ڪنهن علائقي يا ملڪ جي ٻولي ڳالهائي سگهندو هوندو ان حساب سان کيس اُجرت ملندي. محققن آمريڪا جو مثال ڏنو جتي بيروزگاري ۽ گهٽ اُجرت جو تناسب انهن ماڻهن ۾ وڌيڪ هو جيڪي روانيءَ سان انگريزي ڳالهائي نٿي سگهيا. سندن چوڻ موجب ڪنهن به ٻوليءَ کي ٻڌڻ، سمجهڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ وارين صلاحيتن جو آمدنيءَ تي مثبت اثر پوي ٿو. تنهنڪري انساني سرمائي واري خيال کان ماڻهن ۾ ٻولي سکڻ جي خواهش پنهنجي معاشي ڪشش يا ڇڪ آهي. محققن ان سان ملندڙ مثال سئٽزرلينڊ جو به ڏنو آهي.

متيبيد واري نظرئي جي حوالي سان محقق چون ٿا تہ اقليتي ٻولي ڳالهائيندڙ محنت ڪش مارڪيٽ ۾ متيبيد جو شڪار ٿين ٿا ۽ ڪين سٺي نوڪري توڙي اُجرت نٿي ملي. نتيجي ۾ سندن آمدني بہ گھٽي نہ هوندي آهي. ايپياسن دوران مختلف ٻولين ڳالهائيندڙ ماڻهن جي گروهن وچ ۾ اُجرتن جو فرق ظاهر ٿيو. اهڙي طرح ٻولي ۽ آمدنيءَ جو لاڳاپو نسل جي حوالي سان بہ آڏو آيو. پينداڪر (2002ع ـ 1998ع) Pendakur پنهنجي تحقيق ۾ ٻڌايو تہ ڪئناڊا ۾ اقليتي گروهن جي ماڻهن سان محنت ڪش مارڪيٽ ۾ متيبيد وارو سلوڪ اختيار ڪيو ويو ۽ ڪين گھٽ اُجرتون ڏنيون ويون. اهڙي طرح 2007ع ۾ ڪيل ايپياس ۾ ليونسان Levinsohn انڪشاف ڪيو تہ ڏکڻ آفريڪا ۾ انگريزي ڳالهائيندڙ گورن باشندن کي تہ وڏا پگھار ڏنا ويندا هئا، پر انگريزي ڳالهائيندڙ ڪارن مقامي باشندن کي نسل پرستيءَ واري متيبيد ڪري گھٽ اُجرت ملندي هئي.

## ٻولين جي ترقيءَ جو اقتصادي جائزو

ٻولين جي سماجيات جا ماهر ٻولين ۾ ايندڙ تبديلين، ٻولين جي زوال ۽ ٻولين جي سنڀال جهڙن موضوعن تي ڪم ڪندا رهيا آهن. جيڪب مارشڪ جو 1965ع ۾ اُٿاريل سوال تہ "ماضي ۽ حال جون ٻوليون ڪهڙيون هيون ۽ آهن" هنن ماهرن جي ايپياسن سان سڌوسنئون تعلق رکي ٿو. موجوده جديد زماني جي معاشي گلوبلائيزيشن جي پسمنظر ۾ انگريزي ٻوليءَ جي رابطي واري زبان جي حيثيت کي ڏسي انهيءَ سوال جي اهميت اجان بہ وڌي وڃي ٿي. ڪي ماڻهو ان سوال تي ويچارين ٿا تہ اقتصادي تبديلين ڪيترين ٻولين جو خاتمو آڻي ڇڏيو آهي. ٻولين جي سماجيات جا ماهر ٻوليءَ کي ثقافتي ورثو سمجھندي ختم ٿيڻ جي خطري ۾ آيل ٻولين جي تحفظ لاءِ بلڪل ايئن وڪالت ڪن ٿا، جيئن ماحوليات جا ماهر خاتمي جي خطري ۾ آيل جاندارن توڙي نباتيات جي بچاءَ لاءِ جاکوڙ ڪندا آهن. بهرحال ٻولين جي معاشي پهلوءَ کان ايپياس بہ ٻولين جي سماجيات

وارن ماهرن جي سوچ کي هٿي ڏني ٿو چو تہ ان سان ٻولين جي سگهاري نموني ترقي، انهن جي بچاءَ توڙي خاتمي جي حوالي سان سوالن کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي.

ٻولين جو ميڙاڪو بہ ٻولين جي ترقيءَ جي حوالي سان اهم مسئلن مان هڪ آهي . سمورين ٻولين جو هڪ اهم ۽ عام مقصد آهي رابطي جو ذريعو . فرض ڪريو تہ ڪا اهڙي صورتحال آهي، جنهن ۾ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهو هڪ هنڌ گڏ ٿيا آهن، پر هر ڪنهن جي خواهش آهي تہ اهي هڪٻئي سان ڳالهائين . هڪ طريقو تہ اهو آهي تہ هرڪو هڪٻئي جي ٻولي سکي ۽ ٻيو طريقو آهي تہ اها ٻولي سکن جيڪا مشترڪ هجي بظاهر سموري معاشري لاءِ پلي ۽ اثرائتي ڳالهہ آهي، ڪنهن مشترڪ ٻوليءَ جو هجڻ . انهن تجربن مان ثابت ٿئي ٿو تہ جڏهن ڪنهن هنڌ هڪ کان وڌيڪ ٻوليون ڳالهائيندڙ موجود هوندا يا گهٽيون ٻوليون موجود هونديون تہ اُتي اقتصادي قوتون ماڻهن کي ڪنهن مشترڪ ٻوليءَ ڏانهن ڌڪينديون، جيڪا سندن وچ ۾ رابطي جي زُبان جو ڪم ڏيندي . ماهرن موجب اقتصادي لحاظ کان ڏسجي تہ مشترڪ ٻولي خرچ گهٽائي ٿي ۽ خاص طور ڏيتي ليتيءَ ۾ فائدو ٿئي ٿو پر ساڳئي وقت فردن وچ ۾ ڏيتي ليتيءَ لاءِ اهي مختلف ماڻهو پنهنجي سهولت سان ڪا بہ ٻولي استعمال ڪري سگهن ٿا، جڏهن تہ مختلف هنڌن تي مختلف ٻوليون رابطي جي زُبان جو ڪم ڏئي سگهن ٿيون . بهرحال 1998ع ۾ ٿيل هڪ کوجنا موجب ڪجهہ عنصر جهڙوڪ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقي، سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي قوتن جو اُڀار توڙي سماجي تبديليون گهڻ - ٻولي سرشتي تي اثرانداز ٿي، رابطي جي گهٽين ٻولين جي تعداد کي گهٽائي ڇڏين ٿا . انهن ڪارڻن جي ڪري عالمي سطح تي هڪ اثرائتي رابطي جي زُبان پنهنجي جاءِ ناهي وٺي ٿي، مثال طور: ڪنهن زماني ۾ لاطيني ٻوليءَ اهو ڪردار ادا ڪيو ۽ پوءِ 18 هين کان 19هين صديءَ تائين فرينچ ٻولي حاوي رهي ۽ اڄ انگريزي ٻوليءَ

اهو ڪردار سنڀاليو آهي.

مارڪيٽ تي حاوي رهندڙ رابطي جي ٻولي سدائين ٻين ٽورائيءَ وارين يا ختم ٿيڻ جي خطري ڪي منهن ڏيندڙ ٻولين لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندي آهي. ماڻهن کي پنهنجي مادري ٻولين سان لڳاءُ هوندو آهي، تنهنڪري ڪنهن هڪ ٻوليءَ کي رابطي جي زُبان جو درجو ڏيڻ مهل انهيءَ عنصر کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي. اقتصادي تجزيو ماڻهن جي پسند واري ٻوليءَ بابت به آگاهي ڏئي سگهي ٿو. سال 1975ع ۽ 1983ع ۾ انهيءَ ڏس ۾ تحقيق ڪئي وئي هئي. بيڪر Becker جي کوجنا موجب ڪنهن به ٻوليءَ جون سرگرميون پنهنجي اندر مان جنم وٺن ٿيون. جڏهن ڪي ماڻهو به يا ان کان وڌيڪ ٻوليون ڳالهائين ٿا ته انهيءَ سان گڏ سندن وقت به انهن منجهه ورهائجي وڃي ٿو تنهنڪري ڪنهن مخصوص سرگرميءَ لاءِ ڪين ٻوليءَ جي چونڊ ڪرڻي پوي ٿي.

## ٻولين بابت پاليسي ۽ رٿابنديءَ جو اقتصادي جائزو

موجوده وقت دنيا ۾ ٻولين جي رٿابنديءَ بابت اهڙو ڪو به نظريو ڪونهي، جيڪو سڀني قومن سان لاڳو ٿيندو هجي. هيل تائين ٻولين واري پاليسي ۽ رٿابنديءَ تي سماجي ۽ لساني بنيادن تي روايتي نموني ويچار ٿيندو رهيو آهي پر جيڪڏهن ان ۾ اقتصادي نظرئي کي به شامل ڪيو وڃي ته ان جا نوان ۽ اثرائتا نتيجا نڪرندا. ٻولين بابت پاليسي ۽ رٿابنديءَ لاءِ اقتصاديات وارو پهلو ويچار هيٺ آڻڻ گهٽ ۾ گهٽ ٻن ڪارڻن جي ڪري فائديمند آهي. هڪ ته ٻولين سان لاڳاپيل فيصلن واري سموري عمل کي سمجهڻ ۾ مدد ملندي ۽ ٻيو ته اقتصاديات اسان کي اهو سمجهڻ ۾ مدد ڏيندي ته ٻوليءَ جي چونڊ ڪهڙي طرح اقتصادي نتيجن تي اثرانداز ٿيندي. مثال طور: مادري ٻوليءَ سان گڏ ٻي ٻولي به سکڻ سان آمدنيءَ ۾ واڌارو ٿي سگهي ٿو. ايئن به ٿي سگهي ٿو ته ڪي اقتصادي عنصر ٻوليءَ جي چونڊ تي به اثرانداز ٿين، مثال طور: عالمي واپار ڪن مخصوص ٻولين کي ترقي

وڌرائي ٿو ۽ ٻين ٻولين لاءِ زوال آڻي ٿو. پاڪستان ۾ اڄ تائين ٻولين جي حوالي سان ڪنهن قسم جي نه ڪا پاليسي ٺاهي وئي ۽ نه ئي رٿابندي ٿي آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته وفاق توڙي صوبن جي سطح تي خاص شعبا قائم ڪري ٻولين جي حوالي سان تحقيق ڪري پاليسيون ٺاهيون وڃن ۽ رٿابندي ڪئي وڃي ۽ انهيءَ لاءِ بجيٽن ۾ باقاعدي رقمون رکيون وڃن. گِرن ۽ وئلنڪورٽ Grin & Vaillancourt جي 1999ع واري تحقيق ۾ تجويز ڪيو ويو هو ته صحت، تعليم، ماحوليات ۽ ٻين شعبن جيان ٻولين لاءِ به بجيٽ ۾ فنڊ رکيا وڃن ته جيئن محقق ۽ رٿابنديءَ جا ماهر ٻولين بابت ريسرچ ڪري سگهن. انهن محققن "جاگرافيائي ۽ گهڻ ٻولي ماڊل" به پيش ڪيو هو جنهن ۾ هنن ڪنهن جاگرافيائي حدن اندر مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ گروهن ۽ سندن ٻولين بابت تحقيق ڪئي هئي. گِنسبرگ ۽ ويبر (2011ع- 2005ع) Ginsburgh & Weber ان تحقيق ۾ واڌارو ڪري ٻولين جي حقن تي بحث ڪندي چيو هو ته Language Disenfranchisement يعني جڏهن ڪا ٻولي سرڪاري مڃتا وڃائي ويهي ته ان سان گهڻ ٻولي پاليسيءَ کي اختيار ڪرڻ جو بنياد ملي ٿو. مختصر نموني چئي سگهجي ٿو ته ٻولين جي اقتصاديات وارو اڀياس ڪيترن ئي عملي سوالن جا جواب فراهم ڪري ٿو ته ڪيئن ۽ ڪهڙي نموني ٻوليءَ يا ٻولين بابت پاليسي تيار ڪجي. موجوده وقت ٻوليءَ يا ٻولين بابت پاليسي ۽ ٻولين بابت رٿابندي رڳو ٻولين جي ماهرن جو معاملو نه رهيو آهي، پر ان ۾ سماجيات، سياسي علم، تعليم ۽ اقتصاديات جا شعبا به واسطو رکن ٿا.

## مڪ نئون لاڙو: گيم ٿيوري Game Theory

محققن ٻولين جي اقتصاديات تي ڪوجنا ڪندي، ڪوجنا جا ڪي نوان لاڙا به متعارف ڪرايا آهن. اهڙي ڪوجنا جي طريقن ۾ "گيم ٿيوري" به شامل آهي جنهن تي ڪرافورڊ ۽ سوبيل Crawford & Sobel 1982ع ۾، فاريل Farrell 1993ع ۾ ۽ رُبنسٽن Rubinstein 1996ع کان 2000ع تائين ڪم ڪيو. گيم ٿيوريءَ ۾ ٻوليءَ کي سِگنل Signal طور استعمال ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ تجزئي جا نوان طريقا اختيار ڪندي ٻوليءَ جي فطرت، جوڙجڪ ۽ ارتقا واري عمل جو جائزو ورتو ويو. ان راند واري ٿيوري ۾ ٻن ڪردارن وچ ۾ ٻه طرفن لاڳاپن جو اظهار لفظن جي شڪل ۾ ڪيو ويو. جنهن جو مقصد ٻوليءَ جي قدرتي ارتقا جي عمل کي ڏسڻو هو. ٻطرفن لاڳاپن جي تجزئي سان ٽي نقطا آڏو آيا: دوستاڻو اشارو، معلوماتي اشارو ۽ خواهش. ان جي معنيٰ ته ٻولي تڏهن وجود ۾ اچي ٿي، جڏهن ڪي ٻه انسان ملن ٿا ۽ اهي هڪٻئي لاءِ دوستي ۽ چاڻ جي ڏي وٺ جي خواهش رکن ٿا. رُبنسٽن پنهنجي تحقيق ۾ چوي ٿو ته ڪنهن به ٻوليءَ جا لفظ جڏهن ڪا سُچاتل معنيٰ وٺن ٿا ته ان سان ٻوليءَ جي ارتقا جو عمل شروع ٿئي ٿو. جڏهن ڪا ٻولي ماڻهن جي ضرورتن کي پورو نٿي ڪري يعني هڪٻئي وچ ۾ رابطن جو مڪمل ڪم نٿي ڪري سگهي ته پوءِ ارتقا واريون قوتون انهيءَ ٻوليءَ کي سڌارين ٿيون ۽ انهيءَ سڌاري جي نتيجي ۾ اُها رابطي لاءِ استعمال جوڳي ٿئي ٿي. ارتقا جو اهو عمل هلندو ئي رهي ٿو ايستائين جو ڪو به لفظ ڳچڙ شرط اڳلو ماڻهو ان کي سمجهيو وڃي. سندس ڪوجنا مطابق ٻوليءَ جي اهليت اُن جي بناوت کي وڌيڪ سُڌاري ٿي. ايئن به ٿيندو آهي ته بدلجندڙ غير معمولي حالتن ۾ ٻوليون نا مڪمل يا اڌوريون به رهجي وينديون آهن. بهرحال هڪ محقق بليوم Blume چوي ٿو ته ٻولين جو تخليقي استعمال عام گڏيل چاڻ وارن بنيادن مان اُڀري ٿو.

# سنڌ جي اقتصادي تاريخ جو مختصر جائزو

پراڻي زماني ۾سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت کي سمجهڻ لاءِ اسان کي سنڌ جي اقتصادي تاريخ کي پڙهڻو پوندو . ڊاڪٽر ايس پي ڇٻلاڻي پنهنجي ڪتاب "سنڌ جي اقتصادي تاريخ 1592ع کان 1843ع" ۾ لکي ٿو ته : "مان مستند ۽ اهم تصنيفن کي غور ۽ خبرداريءَ سان مطالعي ڪرڻ بعد هن نتيجي تي پهتو آهيان ته هيءَ ننڍڙو ۽ بظاهر غير اهم صوبو هندستان جي هڪ ڏورانهين ڪنڊ ۾ هجڻ جي باوجود ماضيءَ جي تجارتي دنيا ۾ وڏي مرتبي ۽ عروج تي هو ۽ ڪنهن وقت هندستان جي ترقي يافته واپار ۽ تجارت ۾ هڪ مکيه لنگهه هجڻ جي حيثيت سان ڪافي اهم ڪردار ادا ڪيو اٿس ." ڊاڪٽر ڇٻلاڻي لکي ٿو ته تاريخي کوجنا جي هاڻوڪي رُخ مان ڏسجي ٿو ته تاريخ جو بنيادي محرڪ هر زماني ۾ فقط اقتصادي معاملو پئي رهيو آهي . مارشل جو سندس ڪتاب "پرنسيپلس آف اڪنامڪس" Principles of Economics ۾ چوڻ درست آهي ته انسان جي زندگي جن ٻه قوتن جي زير اثر رهندي پئي آئي آهي، تن سيني ۾ مذهب ۽ اقتصاديات کي سدائين بنيادي جڳهه حاصل پئي رهي آهي، ۽ مذهب ۽ اقتصاديات جا اثر ٻين سيني قوتن جي جملي اثر کان هر حالت ۾ گهٽ وڌيڪ اهم ثابت ٿيا آهن . ڊاڪٽر ڇٻلاڻيءَ جان مارلي جو به حوالو ڏنو جنهن موجب تاريخ ۾ جيڪي ڳالهيون سڀ کان وڌيڪ اسان جو ڌيان ڇڪائين ٿيون، سي آهن سماج جي اقتصادي قوتن جون عظيم تحريڪون ۽ ٻيو انسانن جا مذهبي عقيدا ۽ مذهبي تنظيمون . ڊاڪٽر ڇٻلاڻي لکي ٿو ته زراعت، صنعت، ڪاريگري ۽ واپار سنڌ جي رهواسين جا خاص ڌنڌا پئي رهيا آهن ۽ اهي ئي سنڌ جي اقتصادي تاريخ جا خاص جُزا آهن، پر ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۽ اڻويهين صديءَ جي اوائل ۾ انگريزن جڏهن واپاري ۽ سياسي ايجنٽن طور هن پرڳڻي ۾ پير پاتو ته هنن هتي جهيڙاڪ شهزادن ۽ بدنيت جاگيردارن جو راڄ ۽ قبضو ڏٺو ۽ انگريزن پنهنجي تحريرن ۾ عام ۽ گمراهه

ڪندڙ تاثر پکيڙي ڇڏيو تہ سنڌ هميشہ کان رُڃو هُڙين، شڪارگاهن، ٻيلن ۽ جهنگلن سان ڍڪيل ملڪ آهي، جنهن ۾ ڪو نالي ماتر واپار صنعت ۽ ڪاريگري پئي رهي آهي، پر حقيقت ۾ سترهين ۽ اوائلي ارڙهين صديءَ جي سنڌ هڪ شڪيو ستابو ۽ آسودو ملڪ هو جنهن جي ماضيءَ جا سمٽا آثار اڃان تائين عوامي آکاڻين، گيتن، قديم شهرن، کنڊرن ۽ ڦٽل دڙن ۾ سدا جيئرا آهن . ان جي ڪيتي اوج تي هئي، صنعت ۽ ڪاريگري ترقي يافتہ هئي، ان جا شهر سڪيا ۽ آباد هئا، سندس واپار گهڻي انداز ۾ پري پري ڏيهن تائين هلندو هو. ان جا واپاري ۽ تاجر هندستان ۽ يورپ جي جدا جدا ڀاڱن تائين واپار سانگي ويندا هئا . ان جي عيوض وري سنڌ ۾ حملا ڪندڙ دشمن، سياح، سيلاني، واپاري ۽ تاجر وقت بوقت پيا پيرا ڪندا هئا .

تاريخي دستاويز ٻڌائن ٿا تہ سنڌ ۾ انگريزن جي قبضي کان اڳ بہ آبپاشيءَ جو بهترين سرشتو هو ۽ خاص طور ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي صاحبيءَ وقت سنڌ ۾ واهن جي سرشتي کي وڏي ترقي وترائي وئي هئي، جنهنڪري هتي زراعت اوج تي هئي. سنڌ جو قديم ترين تاريخي رڪارڊ بہ ٻڌائي ٿو تہ هتي پنج هزار سال اڳ بہ ڪڻڪ پوکي ويندي هئي. موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان اهڙيون ثابتيون مليون آهن . اهڙي طرح قديم زماني ۾ هتي ڦٽين جي اُپت جا آثار بہ ملن ٿا . اهڙي طرح عربن جي اچڻ سان سنڌ ۾ کجين جي پوک شروع ٿي. سال 1696ع ۾ هئملٽن لکي ٿو تہ سنڌ جي باغن ۾ ڏاڙهون ۽ انجير بہ ٿيندا هئا . ڊيل هوسٽ وري انبن، ٻيرن، ٽُوتن ۽ ڊاک جو ذڪر ڪري ٿو جڏهن تہ پوسٽنس ليمن، نارنگين، ترنج، گدامڙي، ڄمون ۽ پستن ۽ پائنجر وري هنداڻن، گدرن، بادامن ۽ ڪيوڙي بابت لکيو آهي . انگريز لکن ٿا تہ سنڌ جا بهترين باغ ٺٽي، نصرپور، حيدرآباد، شڪارپور، سيوهڻ، روهڙي ۽ ٻين هنڌن تي هوندا هئا . پوسٽنس موجب روهڙي ۽ حيدرآباد ۾ بهترين قسم جا باغ آهن ۽ اونهاري جي مند شروع ٿيڻ تي سڄو ملڪ خاص ڪري گلابن جي گلن سان ڍڪجيو وڃي ٿو. هر طبقي جا ماڻهو هتي

باغن تي گهڻو ڌيان ڏين ٿا . آئين اڪبريءَ ۾ سنڌ جي چانورن ۽ انبن جو ذڪر ڪيل آهي، پر انگريز ليکڪ هئملٽن ٻڌائي ٿو ته سنڌ ڪڻڪ، چانورن، ٻاجهين، گهوڙن ۽ چوپائي مال جي چاري ۾ گهڻي آسُودي هئي . المسعودي ڏهين صديءَ جي وچ ڌاري لکي ٿو ته سڄو ملڪ چڱيءَ طرح آباديءَ هيٺ آهي ۽ وڻن ۽ کيتن سان جنجهيو پيو آهي . اِبنِ حوقل (1193ع) به سنڌ جي ڪمند، صُوفن، ليمن، انبن ۽ ڇُهارن جو ذڪر ڪرڻ سان گڏ لکي ٿو ته ملڪ ۾ اناج جا انبار لڳا پيا آهن ۽ قيمتون به گهٽ آهن . تاريخ فيروزشاهيءَ جو مصنف سراج شمس ٻڌائي ٿو ته فيروز شاهه تُغلق جي ڪاهه وقت سنڌ جا ماڻهو زرعي ڪمن ۾ تمام گهڻو مشغول هئا . تاريخ طاهريءَ جي مصنف سنڌ ۾ سمن جي صاحبيءَ وقت هن پرڳڻي جي زرعي آسودگيءَ بابت گهڻو لکيو آهي . اهڙي طرح بارڊوسا چوي ٿو ته هن ملڪ ۾ ڪڻڪ، جَوَن ۽ گوشت جا عظيم ذخيرا موجود آهن . تاريخ معصومي لکي ٿي ته سنڌ ۾ وونئڻ وڻن جيڏا ڏگها ٿيندا هئا .

سترهين صديءَ جي پورچوگيز سيلانين لکيو آهي ته سنڌ ملڪ ۾ کاڌ خوراڪ ۽ گوشت تمام جهجهو آهي . جوزف سٽلبئنڪ، جنهن سنڌ جي رستي هندستان کان ايران جو سفر ڪيو ان جو بيان به اهڙو آهي . هو چوي ٿو ته کاڌي جون شيون تمام سستيون آهن ۽ هت ڏهه ڪڪڙيون ڏهن پنسن ۾ ملن ٿيون ۽ هڪ سُٺي رِڍ جي قيمت هڪ شلنگ آهي . سترهين صديءَ جي انگريز ليکڪن به لکيو آهي ته سنڌ ۾ زرعي جنسن جي جهجهائي ۽ سستائي آهي . هو لکن ٿا ته هر ڪنهن قسم جون کاڌي جون شيون هت جام آهن ۽ هندستان جي ٻين سمورن علائقن جي ڀيٽ ۾ سستيون آهن . مڇي ۽ ميوا جام آهن ۽ شيون ايتريون ته سستيون آهن جو اعتبار ئي نٿو اچي . هڪ ڪڪڙ چئن پاين ۾ ۽ هڪ رِڍ هڪ رُپئي ۾ ملي ٿي . چانور، مکڻ ۽ ٻيون شيون به جام ۽ سستيون ملن ٿيون . پورچوگيز سيلاني منوڪي (1659ع) لکي ٿو ته ملڪ ۾ اناج تمام گهڻو پيدا ڪيو وڃي ٿو جنهن مان گهڻو حصو مسقط ڏانهن بر آمد ڪيو وڃي ٿو.

سنڌ جي زرعي آسودگيءَ سان گڏ هتان جي صنعت ۽ واپار جي باري ۾ بہ تاريخ پيري پئي آهي. سورهين صديءَ جي اوائل ۾ ڊيوارٽ بارڊوسا لکي ٿو تہ سنڌ ۾ ڪڻڪ، جوَن، ڪپهہ، ڪپڙي، گهوڙن ۽ گوشت جا عظيم ذخيرا آهن. هو درياهہ ڪناري آباد شهرن بابت ٻڌائي ٿو تہ اُتي مڇيءَ جو ايترو تہ گهڻو ذخيرو آهي، جو ماڻهو گهوڙن کي بہ سُڪل مڇي کارائيندا آهن. سندس چوڻ موجب سنڌ جو هندستان ۽ ٻين ملڪن سان گهڻو وڻج واپار هو.

ڊاڪٽر ڇبلاڻي لکي ٿو تہ مغلن ۽ ڪلهوڙن جي اوائلي ڏينهن ۾ ٺٽو نصرپور، سيوهڻ، لهري بندر بکر، روهڙي، سکر، ڪنڊيارو درٻيلو گمبٽ، بوبڪ ۽ سن سنڌ جا مکيہ شهر هئا، جيڪي حقيقت ۾ واپار ۽ صنعت جا وڏا مرڪز هئا. ٺٽي لاءِ تہ تاريخدان لکن ٿا تہ سترهين صديءَ ۾ تہ هندستان جو ڪوبہ شهر ٺٽي جي مقابلي جو ڪونہ هو ۽ اهو ئي واپار ۽ صنعت جو وڏي ۾ وڏو مرڪز هو. ٺٽو سوٽي ڪپڙي جي مختلف قسمن جهڙوڪ بافتي، ڇيٽن، ململ ۽ وائل جي ٺهڻ جو مکيہ مرڪز هو. ريشم مان تيار ٿيل شين ۽ چمڙي جي ڪم جي غيرمعمولي ڪاريگريءَ لاءِ پڻ ٺٽو بيحد مشهور هو. ٺٽو سنڌ ۾ تيار ٿيندڙ شين جهڙوڪ ڪپڙي، چمڙي جي سامان، نير، شوري، چانورن، کنڊ، مکڻ ۽ لوڻ جو مکيہ مارڪيٽ هو جيئن آئينِ اڪبريءَ جو مصنف ٻڌائي ٿو تہ ٺٽو نهايت آباد بندر هو جنهن ۾ ننڍيون توڙي وڏيون اٽڪل چاليهہ هزار ٻيڙيون هونديون هيون ۽ هندستان جي ٻين مکيہ مارڪيٽن ملتان، لاهور، آگري ۽ احمدآباد سان ٺٽي جا گهاٽا واپاري لاڳاپا هوندا هئا ۽ سندس واپار الهندي ڪناري تي گوئا، ڪئمبي ڊيو سورت ۽ ڌکڻ ۾ ملبار جي مکيہ بندرن سان هلندو هو. ٺٽي جو واپار رڳو هندستان تائين محدود ڪونہ هو پر ايران، افغانستان، وچ ايشيا ۽ اولهہ يورپ سان پڻ وڏي پئماني تي واپاري مٽا سٽا هلندي هيس. ٺٽي جي وڻج واپار ۽ خوشحاليءَ جو اندازو ان مان ڪري سگهجي ٿو تہ جڏهن پورچوگيز

ڪمانڊر بٺريتو 1555ع ۾ شهر تي ڪاهه ڪئي، تڏهن ويهه لک سونين مهرن جون ملڪيتون رڳو باهه ۾ سڙي ناس ٿي ويون.
نڪولس وٿنگٿن، جنهن 1613ع -1614ع ۾ سنڌ جو سفر ڪيو لکي ٿو ته هندستان جو ڪوبه شهر ٺٽي کان واپار ۾ وڌيڪ ڪونه هو. اهڙي طرح والٽر پيٽن، جيڪو انهن ئي ڏينهن ۾ ڪئپٽن ڪرسٽوفر نيوپورٽ سان سفر جو ساٿي هو ٺٽي لاءِ لکي ٿو ته اهو هڪ عظيم شهر هو ۽ هندستان جي مشهور ترين مارڪيٽن مان هڪ هو. هو لکي ٿو ته رڳو پورچوگال سان واپار ڪرڻ لاءِ جهاز موڪلڻ تي ڪين ساليانو هڪ لک رُپيا محصول ملي ٿو جيڪو انگريزي سڪي ۾ ڏهه هزار پائونڊن جي برابر هو. سال 1635ع کان 1662ع واري عرصي ۾ انگريزي واپاري ڪوٺين جي منتظمين به ٺٽي جو ڪيترن ئي هنڌن تي ذڪر ڪيو آهي. هو لکن ٿا ته ٺٽي ۾ ڪورين جا اٽڪل ٽي هزار خاندان آباد آهن ۽ انهن مان گهڻا ڪاريگر چونڪڙيءَ تي اُٽيل ڪپڙو (ڪيس) ٺاهن ٿا، جيڪو ترڪي ۽ ايران ۾ گهڻو ٿو وڪامي. هتان جا واپاري انهن کي گهڻي تعداد ۾ ايران جي ڪانگن بندر ۽ بصري جي بندر ڏانهن موڪليندا آهن. پورچوگيز سياح مانريق (1641ع) جنهن ٺٽي ۾ هڪ مهينو گذاريو چوي ٿو ته ٺٽو وڏو صنعتي مرڪز ۽ مکيه بندر هو جنهن ۾ سدائين جهازن جون قطارون بيٺل هونديون هيون. اهي جهاز هر قسم جو سامان ايشيا ۽ پورچوگال جي مختلف علائقن ڏانهن کڻي ويندا هئا. منوڪي (1659ع) لکي ٿو ته ٺٽي ۾ عاليشان سفيد ڪپڙو ٺلهو ڪپڙو ۽ ٻن قسمن جو چريل ڪپڙو گهڻي انداز ۾ تيار ٿئي ٿو جيڪو عربستان ۽ ايران ڏانهن وڪرو ڪيو وڃي ٿو. هڪ مورخ ٿيونات، جيڪو سنڌ ته ڪڏهن ڪونه آيو پر لکي ٿو ته ٺٽو واپار جو وڏو مرڪز هو جتي سموري هندستان جا واپاري اتي جي رهواسي صنعتڪارن ۽ ڪاريگرن جون ٺاهيل عجيب و غريب شيون اچي خريد ڪندا آهن. اليگزينڊر هئملٽن، جيڪو 1699ع ۾ سنڌ آيو تنهن پڻ ٺٽي لاءِ اهڙن خيالن جو اظهار ڪيو ۽ لکيو ته ٺٽو اٽڪل

ٽي ميل ڏکڻ ۾ ڏيڍ ميل ويڪرو شهر هو. پاٽنجر (1816ع) لکي ٿو ته مختلف ملڪن سان ٺٽي جو واپار هلندڙ هو ۽ اهو هندستان جي اُپبيٽ ۽ ايشيا جي مختلف علائقن سان هلندڙ واپار جو وڏي ۾ وڏو مارڪيٽ هو. هڪ ٻئي انگريز ڪئنيڊيءَ (1840ع) لکيو ته ٺٽي جو واپار چين، آفريڪا ۽ عربستان سان به هلندڙ هو ۽ سنڌو درياهه ۾ ان وقت جا وڏا واپاري جهاز هلندا هئا، جنهنڪري ٺٽو هندستان جي ٻين سيني بندرن کان گوءِ کڻي ويو هو.

سترهين صديءَ ۾ ٺي نصرپور به وڏو شهر ٿي چڪو هو ۽ ان وقت ڪپڙي جي صنعت جو وڏو مرڪز هو. جتي خاص ڪري هرڪ، بافتي ۽ سُوسين جا ڪپڙا سنا تيار ٿيندا هئا. اهو شهر ٺٽي سان برابري ڪندڙ شهر هو جتي انگريزن به پنهنجي واپاري ڪوٺي کولي هئي. انگريز واپاري ڪوٺيءَ جي عملدارن جي رپورٽن موجب نصرپور ۾ به ڪورين جا ٽي هزار خاندان آباد هئا. وچولي سنڌ ۾ نصرپور واپار ۽ صنعت جو وڏو مرڪز هو ۽ درياهه رستي ٺٽي سان ڳنڍيل هو جتان ٻيڙين رستي مال ٺٽي پهچندو هو ۽ اُتان وري دنيا جي وڏين مارڪيٽن ڏانهن موڪليو ويندو هو.

سيوهڻ جي اقتصادي اهميت لاءِ به تاريخ ۾ گهڻو ڪجهه لکيل آهي. اهو به وچولي سنڌ جي وڏي مارڪيٽ هو. ابنِ بطوطه (1334ع) جي سنڌ ۾ اچڻ وقت به سيوهڻ اهم شهر هو جتي نير، ڪپڙي ۽ آفيم جي صنعت هئي ۽ اهو مال ٺٽي ۽ لاهري بندر رستي ٻاهرين ملڪن ڏانهن ويندو هو. سترهين صديءَ ۾ انگريزي واپاري ڪوٺيءَ وارن جا سيوهڻ جي واپاري اهميت بابت بيان خاص دلچسپيءَ وارا آهن. هن شهر ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي وڏي آفيس قائم هوندي هئي، جتي هڪ آفيسر مستقل مقرر هوندو هو. انگريز آفيسر لکن ٿا ته نير جي تياري هتان جي مکيه صنعت آهي، پر هتي ڪورين جا هڪ هزار ڪٽنب به آباد آهن، جيڪي بهترين قسم جو بافتو تيار ڪن ٿا. ان کانسواءِ مکڻ ۽ تيل به اُتان جام ٺٽي موڪليو وڃي ٿو ته جيئن اهو ٻاهرين ملڪن کي وڪرو ڪري سگهجي.

بکر بہ وڏي عرصي تائين سنڌ جو تختگاھ ۽ واپاري مرڪز رهيو هو جتان اتر هندستان ۽ وچ ايشيا سان نہ رڳو واپار ٿيندو هو پر اهو ٻين شهرن کي بہ ان واپاري شاهراھ سان ڳنڍيندڙ شهر هو سترهين صديءَ ۾ بکر، سکر ۽ روهڙي تجارتي اهميت رکندڙ شهر هئا. ابنِ بطوطہ بہ بکر شهر جي سونهن کان متاثر هو. جوزف سٽلبٽنڪ (1609ع) لکي ٿو تہ روهڙيءَ جا ڪڙمي محنتي ماڻهو آهن ۽ اهي پاڻ نير، ڪپڙي ۽ ٻين شين جو واپار بہ ڪن ٿا. هتي ترارون بہ سستيون ملن ٿيون. سکر ۾ گهڻو ڪري ڪورين ۽ رنگريزن جا ڪٽنب رهندا هئا، جو اتي بهترين قسم جو نير ملي ٿو. پورچوگيز سيلاني مارنڪ بہ ٻڌائي ٿو تہ بکر شهر جي بازار ۾ دڪان هر قسم جي سامان سان ڀريل هوندا هئا. وليم فنچ (1108ع-1111ع) ٺٽي، روهڙي ۽ بکر جو پنجاب جي وڏن شهرن سان واپاري لاڳاپن هئڻ جو ذڪر ڪيو آهي. مانريق (1641ع)، جنهن انهيءَ سال لاهور کان ٺٽي تائين سنڌوءَ رستي سفر ڪيو هو لکي ٿو تہ بکر ۾ تمام گهڻو واپار هلندڙ هو ۽ هتان جا اُٺن جا قافلا ايران ۽ خراسان ڏانهن مال کڻي ويندا هئا.

ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري آبادي ۽ واپار پراڻن شهرن مان نڪري نون شهرن ۾ گڏ ٿيڻ لڳا. ايئن شڪارپور، حيدرآباد، ڪراچي، خيرپور، لاڙڪاڻو ميرپور ۽ ٻيا شهر اُسريا تہ پراڻا شهر ويا ڦٽندا. شڪارپور جنهن جو بنياد سنڌ جي دائودپوٽن 1217ع ڌاري وڌو هو پنهنجي جاگرافيائي بيهڪ جي ڪري افغانستان، خراسان ۽ وچ ايشيا سان خشڪيءَ رستي واپار جو وڏو مرڪز ٿي ويو. هندستان جي اُتر ۽ اُتر اولھ جي واپارين کي شڪارپور مان لنگهڻو پوندو هو. هن شهر جي اهميت ڪنهن صنعت ۽ مال ٺهڻ جي ڪري نہ ٿي، پر صرف انهيءَ ڪري جو شڪارپور جي ماڻهن جي ٻئنڪن جي ڏيتي ليتي سموري هندستان کان وٺي وچ ايشيا ۽ ڪئسپين سمنڊ تائين هلندي هئي. سر اليگزينڊر برنس لکي ٿو تہ شڪارپور ۾ ڪامياب ترين ٻئنڪر (صراف) پيدا ٿيا ۽ منجهس ان وقت جون وڏيون

بئنڪون يا ڏيتي ليتيءَ وارا ادارا هئا، جن جا گماشتا سيني مشهور شهرن جهڙوڪ اوله ۾ اسارا خان (روس جي ڪئسپين سمنڊ تي)، اوپر ۾ ڪلڪتي ۽ ڏکڻ ۾ حيدرآباد دکن ۾ مقرر هوندا هئا . سنڌن هُنديون هر هنڌ هلنديون هيون . اڄ تائين شڪارپور جا صراف هندستان جا بهترين بئنڪر سڏجن ٿا .

حيدرآباد لاءِ محقق لکن ٿا ته هتان مکيه صوبائي رستا ڦُٽي ٿي نڪتا، تنهنڪري هيءُ شهر صوبي جي مکيه واپاري مرڪزن سان زميني رستن جي ذريعي ڳنڍيل هو . هتي شاندار ريشمي ۽ سوٽي ڪپڙو تيار ٿيندو هو پر خاص طور هتي هٿيار سٺا ٺهندا هئا، جن ۾ بندوقون، تلوارون ۽ خنجر شامل هئا، جن جو معيار يورپ جي هٿيارن کان ڪنهن به نموني گهٽ ڪونه هو . وقت جي حاڪمن جو تختگاهه هئڻ سان گڏ آسپاس جي علائقن ڏانهن مال هتان روانو ٿيندو هو . پاٽنجر ۽ پوسٽنس مطابق شهر ۾ ميل کن ڊگهي بازار هئي، جتي وڪري لاءِ هر قسم جو سامان موجود هوندو هو .

ڪراچيءَ کي پراڻي زماني ۾ پنهنجي ڪابه صنعت ڪانه هئي، پر لاهري ۽ ٻين بندرن جي تباهه ٿيڻ بعد ان جي اهميت وڌي وئي ۽ هتان ڪڇ، ڪاٺياواڙ، بمبئي، ملبار جي بندرن، بندر عباس ۽ زنجبار سان ڪراچيءَ رستي وڏو واپار هلندو هو . هتان جي هندو واپارين جا گماشتا ۽ آفيسون شڪارپور، بهاولپور، ملتان، مانڊيوي، بمبئي، مسقط، بحرين، هرات، ڪابل ۽ قنڌار ۾ ڪم ڪندا هئا .

سنڌ جا ٻيا شهر خيرپور، راڻيپور، گمبٽ، لاڙڪاڻو، ميرپور خاص، ڪنڊيارو، درٻيلو، پريا، بوبڪ ۽ ڪي ٻيا وڏا ڳوٺ به واپاري اهميت وارا هئا . خيرپور ۾ ڪپڙي ئاهڻ ۽ رڱڻ جو ڪم ٿيندو هو جڏهن ته راڻيپور، گمبٽ ۽ ڪوڏا به ڪپڙي جي صنعت لاءِ مشهور هئا . لاڙڪاڻو زرعي علائقو هجڻ ڪري اناج جو مکيه مارڪيٽ هو پر هتي سُٽ ۽ ريشم به تيار ٿيندو هو . ميرپور خاص کي زرعي علائقي هجڻ سان گڏ سنڌ ۽ ڪڇ وچ ۾ اچ وڃ لاءِ مکيه لنگهه

واري اهميت حاصل هئي. مطلب تہ سنڌ جا پراڻا توڙي نوان شهر صنعت، واپار ۽ تجارت جا مرڪز هئا. سنڌ جي واپار ۽ تجارت جي ڪهاڻي اتي ڪانہ ٿي کُٽي، جو تہ اها تمام ڊگهي ۽ پراڻي آهي. اسان وٽ ميسر تاريخ ڪان بہ اڳ اولهہ توڙي اوڀر جي ملڪن سان سنڌ جا واپاري تعلقات رهندا پئي آيا آهن. ميسر تاريخن جي حساب سان بہ معلوم ٿئي ٿو تہ عربستان، آفريڪا، ايران، هندستان توڙي يورپ سان سنڌ جو واپار هلندڙ هو ۽ ديبل ۽ لاهري بندران جا وڏا ذريعا هئا.

سن 712ع ۾ جڏهن عربن سنڌ تي قبضو ڪري ان کي پنهنجي حڪومت سان ملائي ڇڏيو ان کان پوءِ بہ سنڌ جو واپار خشڪي توڙي سامونڊي رستي جاري رهيو. سنڌ ۽ خراسان جي وچ ۾ ڪابل ۽ باميان جي رستي توڙي سنڌ ۽ زابلستان ۽ سيجستان جي وچ ۾ غزني ۽ قنڌار جي رستي مال سان پريل قافلن جا قافلا پيا ايندا ويندا هئا.

عرب مورخ ۽ جاگرافيءَ جا ماهر المسعودي، الاستخاري، اِبن حوقل ۽ الادريسي سنڌ جي ديبل بندر جي وڏي ساراهہ ڪن ٿا تہ اهو هڪ وڏو مارڪيٽ ۽ مکيہ بندر هو جتي عمان، چين ۽ هندستان کان وڏا وڏا جهاز پرجي ايندا هئا ۽ هتان جا رهواسي آسودا ۽ شاهوڪار هئا جيڪي ڪيترن ئي قسمن جي شين جو واپار ۽ ناڻو اُڌارو ڏيڻ جو ڌنڌو ڪندا هئا، پر ان کان پوءِ تاريخ ۾ سنڌ جي لاهري بندر جو وڏو ذڪر ملي ٿو. چوڏهين عيسوي صديءَ جي ٻي چوٿائيءَ ۾ ابنِ بطوطہ لکي ٿو تہ لهري يا لاهري بندر ديبل کان بہ گوءِ کڻي ويو هو. ”سمنڊ ڪناري اهو سهڻو شهر هو جنهن جي بندر تي يمن، فارس (عربستان ۽ ايران) ۽ ٻين هنڌن تان ماڻهو واپار سانگي ايندا هئا ۽ هن شهر مان ساليانو سٺ لک رُپيا محصول اوڳاڙيو ويندو هو“ ابن بطوطہ لکي ٿو.

انگريز ۽ پورچوگيز عملدار لکن ٿا تہ سترهين صديءَ ۾ لهري (لاهري) بندر هندستان ۾ داخل ٿيڻ لاءِ هڪ مکيہ لنگهہ هو. اهو نهايت مصروف بندر هو

۽ سنڌ توڙي سموري هندستان جي سامونڊي واپار جو مرڪز هو جنهن پورچوگيزن، انگريزن ۽ ڊچن کي هتي ڇڪي آندو. ان بندر جو ڪنارو ڏاڍو سٺائو هو جتي 200 کان 300 ٽنن جا جهاز جيڪي ان وقت وڏا جهاز ليکيا ويندا هئا، هتي لنگر ڪوڙيندا هئا. "خلاصة التواريخ" جو مصنف، جيڪو مغل بادشاهه اورنگزيب جي ڏينهن ۾ دهلي حڪومت جو آفيسر هو اهو لاهري بندر کي ديبل سڏيندي لکي ٿو ته ان بندر تي اٽڪل چار هزار جهاز ۽ ٻيڙيون آهن ۽ هتان موتين ۽ ٻين قيمتي شين جو ڪاروبار ٿئي ٿو.

سنڌ جي تجارت ۽ صنعت جي مجموعي صورتحال تاريخ جي روشنيءَ ۾ اڳ ۾ اچي چڪي آهي، پر جيڪڏهن اسان هتي سنڌ جي صنعتن جو ڌار جائزو وٺون ته هن پرڳڻي جي اقتصادي سرگرمي اچان وڌيڪ چٽي ٿي بيهندي. مغلن ۽ ڪلهوڙن جي اوائلي دور ۾ هتي ڪوڙ صنعتون قائم هيون، جهڙوڪ: ڪپڙو ناهڻ، پرت جو ڪم، چمڙو ۽ ان جي رڱاوت، عاج تي نقاشي، ڪاشيءَ جو ڪم، مڇي ۽ کير مان تيار ٿيندڙ شيون، مختلف قسم جو ٿلهو توڙي سنهو خالص سوٽي يا اُن ۽ ريشم سان گڏيل سوٽي ڪپڙو سنڌ جي خاص صنعت هئي. سنڌ کي سوٽي ڪپڙي جو گهر سڏيو ويندو هو ۽ سڄي دنيا ۾ هتان جي ڪپڙي جو نالو هو ڇوته قديم زماني کان سنڌ جي ڪپڙي جو ٻاهرين دنيا سان روانگي واپار هلندڙ هو. مغلن ۽ ڪلهوڙن جي زماني ۾ ته سنڌ هندستان جي ڪپڙي جي صنعت جي اهم ترين مرڪزن مان هڪ هئي. يورپي واپاري لکن ٿا ته سوٽي ڪپڙي جي ٻين سيني ڪوئين کان سنڌ جي ڪوئي وڌيڪ اطمينان جوڳي ۽ جاري رکڻ جهڙي آهي. يورپي ليکڪ رالنسن پنهنجي ڪتاب "انٽرڪورس بٽوين انڊيا اينڊ دي ويسٽ" Intercourse between India and the West ۾ لکي ٿو ته سنڌ سوٽي ڪپڙي جي ڪري ايترو ته مشهور هئي، جو ستين عيسوي صديءَ ۾ ميسوپوٽيما جا حڪمران جيڪي سوٽي وڳا پائيندا هئا، سي سنڌ مان آيل ڪپڙي جا ٺهيل هوندا هئا ۽ انهن کي سڏيندا به سنڌو هئا. تاريخ ۾ سنڌ

جي ڪپڙي جو گهڻو ذڪر ملي ٿو ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ ڦٽيون جام ٿينديون هيون ۽ ڪپهہ جي مقامي پيداوار مقامي طور مختلف قسم جو ڪپڙو تيار ڪرڻ تي استعمال ڪئي ويندي هئي. پورچوگيز حڪومت جو سرڪاري روزنامچو رڪندڙ عملدار انٽونيو بوڪارو (1631ع - 1635ع) جي رپورٽن موجب جڏهن ڪپڙي جي صنعت لاءِ مقامي ڪپهہ بہ پوري نہ پوندي هئي تہ ڪڇ ۽ ٻين علائقن مان خريد ڪئي ويندي هئي. تاريخي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جو ڪپڙو هندستان، اولهہ ايشيا ۽ يورپ ۾ تمام گهڻو مقبول هو ۽ اُتان جي مارڪيٽن ۾ وڏي طلب هئي. يورپي واپاري جن ۾ پورچوگيز ڊچ ۽ انگريز شامل هئا، پنهنجي ملڪن جي مارڪيٽن لاءِ بي انداز ڪپڙو کڻي ويندا هئا. انگلنڊ ۾ سنڌ جي ڪپڙي جي وڏي طلب هجڻ ڪري ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي سنڌ وارن ايجنٽن کي حڪم مليل هو تہ وڏي مقدار ۾ مال وٺي رکن ۽ ٻين ملڪن لاءِ ويندڙ مال ۾ ڪٽر هڻي انگلنڊ لاءِ آرڊر پورو ڪن. ٺٽي، نصرپور، سيوهڻ ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ ان زماني ۾ آڏاڻن توڙي ان صنعت سان لاڳاپيل ڪٽنبن جي تعداد بابت تاريخ ۾ ملندڙ حوالن مان اندازو ٿئي ٿو تہ هڪ لک کان وڌيڪ سنڌي ڪاريگر ۽ پورهيت ان صنعت ۾ ڪم ڪندا هئا.

جيئن مٿي ذڪر ٿيل آهي، سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت سان گڏ ٻيون صنعتون بہ هيون، جن ۾ ريشم جي صنعت بہ اوج تي هئي. سترهين ۽ اوائلي ارڙهين صديءَ ۾ سنڌ ۾ عاليشان ريشمي لُنگيون بہ تيار ٿينديون هيون. سنڌ توڙي هندستان جا نواب ۽ امير ماڻهو انهن لُنگين کي گلوبند، دستارن ۽ واسڪوٽين طور استعمال ڪندا هئا. سنڌ جون لُنگيون پرڏيهي مارڪيٽن ۾ کڻي وينديون هيون، جتي انهن جي وڏي طلب هئي. ان صنعت لاءِ ڪچو ريشم چين، ايران ۽ ترڪستان مان درآمد ڪيو ويندو هو. ريشمي ڪپڙي تي سون ۽ چانديءَ سان عاليشان ڀرت ڀريو ويندو هو. ان ڪانسواءِ شالن، چوغن، ٽوپين، ٻارن جي سلوارن، زنانن لباسن ۽ وهاڻن تي بہ

سوني ۽ چانديءَ سان ريشم جو ڪم ڪيو ويندو هو ۽ ان جي به مارڪيٽ ۾ وڏي گهرج هئي. سنڌ ۾ جيئن تہ رڍون جام هيون، تنهنڪري هتي اُوني ڪپڙي جي صنعت بہ موجود هئي، جنهن ۾ غاليچا، ڪمبل، کٿا، فراسيون ۽ لوئيون بہ تيار ڪيون ويندیون هيون. ٻڪرين جي وارن (ڏاس) مان بہ ٿلها ڪمبل، خرزينون فراسيون ۽ ٻيون شيون ٺاهيون وينديون هيون.

سترهين صديءَ ۾ سنڌ ۾ نير جي صنعت بہ اوج تي هئي. يورپ توڙي ايشيا ۾ نير جي وڏي کپت هئي. نير ڪپڙن رڱڻ لاءِ استعمال ٿيندو هو ۽ سنڌ ۾ سيوهڻ ۽ ٻين هنڌن تان نير جي چڱي پيداوار ملندي هئي. رڳو سيوهڻ مان ساليانو ٻہ سئو مڻ نير جي اُپت هئي. سنڌ مان ملندڙ شورو بہ عالمي مارڪيٽ ۾ جام وڪامندو هو جو اهو شيشي، ڪپڙي ۽ رڱاوت جي صنعت ۾ توڙي سامونڊي جهازن لاءِ گهڻو استعمال ٿيندو هو. انگريز ۽ پورچوگيز واپارين پنهنجي رپورٽن ۾ انهن شين جا حوالا ڏنا آهن. انهن واپارين سنڌ ۾ چوپائي مال، کير ۽ مکڻ جو بہ خاص طور ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ چوپائي مال جي گهڻائيءَ جي ڪري هتي کير ۽ مکڻ جام ٿئي ٿو ۽ اهو ايتري اضافي مقدار ۾ هوندو آهي، جو مکڻ ۽ ديسي گيهہ مسقط ۽ ٻين ملڪن ڏانهن وڪرو ڪيو ويچي ٿو. سنڌ ۾ اُٺن ۽ گهوڙن جي پالنا ۽ ڪاروبار جو ذڪر بہ جام ملي ٿو. هتان جو چوپايو مال سموري هندستان ۾ پسند ڪيو ويندو هو ۽ ٻين ملڪن ۾ بہ طلب هئي. چوپائي مال جي ڪري هتي چمڙي جي صنعت بہ گهڻو ترقيءَ تي هئي. ايتري قدر جو ڪلن جا جهاز پرجي ٻين ملڪن ڏانهن ويندا هئا. وينس جو وينل سياح ۽ فوجي منوڪي لکي ٿو تہ ٺٽي واري علائقي ۾ چمڙو جام ملندو هو ۽ اهو عرب ۽ ايران برآمد ڪيو ويندو هو. هڪ ٻيو يورپي وان آر لچ لکي ٿو تہ سنڌ جو چمڙو هندستان جي بهترين قسم جي چمڙن مان آهي ۽ نرمائي ۽ پائداريءَ ۾ يورپ جي چمڙي کان ڪنهن بہ نموني گهٽ ڪونهي. سنڌ مان چمڙو رڳو ڪچي مال جي شڪل ۾ ئي نہ پر رڱيل چمڙو توڙي ان مان تيار ڪيل سامان بہ ٻاهر موڪليو

ويندو هو. هڪ يورپي لنشوٽن ساراهہ ڪندي لکي ٿو تہ سنڌ جا ماڻهو عاليشان قسم جو چمڙو تيار ڪن ٿا، جنهن تي وري سيني قسمن جي رنگن جي ريشم سان پرت پريو وڃي ٿو. هندستان ۾ بسترن ۽ ميزن مٿان غاليچن بدران سنڌ جو اهو چمڙو چادرن طور وڇائڻ پسند ڪيو وڃي ٿو. ان ڪانسواءِ گهوڙن ۽ اُٺن لاءِ زينون، سنج، ڍالون، دستانا، بُوٽ، پخالون ۽ گيهہ مکڻ لاءِ مرتبان بہ تيار ڪيا ويندا هئا.

سنڌ کي پنهنجو درياهہ، ڍنڍون ۽ سمنڊ هجڻ ڪري هتي مڇيءَ جي اُپت بہ جام هئي، جنهنڪري نہ رُڳو مڇي، پر ان مان نڪرندڙ تيل، مڇين جا هڏا وغيره بہ ڪڇ، گجرات، بمبئي ۽ مسقط توڙي ٻين ملڪن کي وڪرو ڪيا ويندا هئا. اهڙي طرح عاج، جنڊي ۽ ڪاشيءَ جو ڪم بہ ڏيهان ڏيهہ مشهور هو. پر سنڌ هٿيارن جي صنعت ۾ بہ نالو ڪمايو هتي بهترين معيار جا هٿيار ٺهندا هئا. خاص طور بندوقن جون ناليون تہ گهڻو مشهور هيون، جن تي سون ۽ چانديءَ جو ڪم بہ ڪيو ويندو هو. انگريز عملدار پوسٽنس مطابق سنڌ ۾ ٺهندڙ هٿيار هندستان ۾ ٺهندڙ اڪثر هٿيارن کان معيار ۾ وڌيڪ هئا. ڍگهن ڦرن توڙي گولائيءَ واريون ترارون بہ اعليٰ درجي جون هونديون هيون، جن کي امير ۽ نواب گهڻو پسند ڪندا هئا. اٺويهين صديءَ ۾ حيدرآباد هٿيارن جي صنعت جو مرڪز هو پر سانگهڙ واري علائقي ۾ مُکي ٻيلي وٽ تہ هٿيارن جي وڏي صنعت هئي، جنهن جو ذڪر حُر گوريلا ويڙهہ جي تاريخن ۾ گهڻو ملي ٿو. پڙهندڙن کي عجب ٿيندو تہ سنڌ مان جانورن جي هڏن جو بہ روانگي واپار ٿيندو هو. سال 1898ع ۽ 1899ع ۾ هندستان ۾ وڏو ڏُڪار آيو هو جنهن سبب سنڌ بہ گهڻي متاثر ٿي ۽ هتي 95 سيڪڙو ڍور ڍڳا ۽ ٻيو چوپايو مال مري ويو. اُٺ بہ وڏي تعداد ۾ مري ويا هئا، جنهنڪري سنڌ مان هڏن جو واپار بہ وڌيو. رُڳو شادي پلي اسٽيشن تان پهرين سال هڏن جو روانگي واپار 9557 مڻن مان وڌي 63167 مڻ تي ويو ۽ ٻئي سال اهو انگ 46647 مڻ هو.

ڊاڪٽر ايس پي ڇبلاڻيءَ موجب سنڌ ۾ هڪ ڊزن صنعتون اوج تي هيون، جن جو تيار ٿيل مال مارڪيٽن ۾ پهچندو هو ۽ جتي ان مال جي وڏي طلب هئي . اهي صنعتون اڄ جي زماني وانگر ڪي وڏا ڪارخانا ڪونہ هئا، جتي مشينن تي ڪم هلندو هجي، پر هڪ هڪ گهر ۾ ڪٽنب ۽ پاڙي جا ڪاريگر هٿن سان ڪم ڪندا هئا . اڪثر هنڌن تي مسواڙ تي وڏا گهر وٺي آڏاڻا هلايا ويندا هئا . اليگزينڊر برنس موجب اڪثر هنڌن تي تہ هڪ هڪ ڪمري ۾ ٽي ٽي آڏاڻا لڳل هوندا هئا . بهرحال، ڊاڪٽر ڇبلاڻي لکي ٿو تہ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي زماني کان هوريان هوريان سنڌ جي صنعتن جو زوال شروع ٿيو جنهن جو ڪارڻ حڪمرانن پاران وڏا محصول مڙهڻ ۽ سندن بيون پاليسيون هجڻ سان گڏ بدلجندڙ حالتون هيون . هندستان توڙي دنيا جي ٻين ملڪن ۾ وڏو صنعتي انقلاب اچي ويو پر سنڌ هٿ جي هنر تائين محدود رهي . سنڌ ۾ صنعتن جي ڪا باقاعدي تنظيم بہ ڪانہ هئي، جنهنڪري هتي انهن جي منظم نموني واڌ ويجهہ لاءِ بہ ڪجهہ نہ ٿي سگهيو.

هڪ پاسي انگريزن سنڌ جي واپار ۽ صنعت جي وڏي واڪاڻ ڪئي آهي ۽ ٻئي پاسي عام طور انگريزن جو چوڻ رهيو تہ سنڌ اڪيلائپ جو شڪار ملڪ هو جنهن کي هنن اڪيلائپ مان ڪڍي ٻاهرين دنيا سان روشناس ڪرايو. سندن اها پرچار غلط آهي ڇو تہ جنهن ملڪ سان دنيا جي مختلف ملڪن جو واپار هلندڙ هو تنهن کي اڪيلو ۽ دنيا کان ڪٽيل ڪيئن ٿو چئي سگهجي . انگريزن جي ئي لکيل ڪتابن مان سنڌ جا واپاري رستا بہ معلوم ٿين ٿا، مثال طور: ٺٽو مشهور درياهي بندر هو جتان درياهي آمدرفت ذريعي ملتان ۽ لاهور سان واپار هلندو هو. آگري مان تجارتي مال گاڏين ۾ ملتان آندو ويندو هو جتان وري اهو ٺٽي موڪليو ويندو هو . اوپر وارن پرڳڻن مان وري جيسلمير ۽ پاليءَ کان خشڪيءَ رستي ما ل سکر پهچندو هو . ان لاءِ وري ٻيو متبادل رستو بہ هو جيڪو گجرات ۽ ڪاٺياواڙ کان لکپت وچان گذرندو هو . ٺٽي ۽ احمدآباد جي وچ ۾ بہ هڪ زميني رستو

موجود هو جيڪو ڪلال ۽ راڌڻپور مان لنگهي، ڪڇ جي رڻ مان ٿيندو نگرپارڪر ۽ اُتان ٺٽي پهچندو هو. انگريز عملدار ڻي پوسٽنس به پنهنجي ڪتاب "پرسنل آبزرويشنس آن سنڌ" ۾ سنڌ جي اوير ۽ اولهه وارن علائقن سان واپار لاءِ موجود رستن ۽ لنگهن جو ڪافي ذڪر ڪيو آهي. هٿي پاسي وري ترڪستان، افغانستان، خراسان، عربستان، ايران، ميسوپوٽيميا، ايشيا مائنر، چين، مغربي يورپ ۽ ٻين ملڪن سان واپاري لاڳاپا هئا. جتان واپاري قافلا سوين اُٺن تي مال ڪڻي سنڌ پهچندا هئا ۽ هتان جو مال ڪڻي واپس ويندا هئا. انهن ملڪن سان واپار لاءِ رستا هن ريت هئا : سنڌ کي مغرب سان ملائڻ لاءِ به تاريخي زميني رستا هئا، جيڪي ايران ۾ وڃي پاڻ ۾ ٿي مليا. واپاري قافلا يا ته جوهي، ضلعي دادوءَ مان کيرٿر جبل جي هڪ لنگهه "مولا لڪ" جي رستي بلوچستان ٿيي ايران ويندا هئا. جتان وري يُونِيچ سمنڊ وارن ملڪن ڏانهن ويندا هئا. يا وري واهي پانڌيءَ رستي ٿنٻي رحيم (گورک وڃڻ واري هڪ رستي تي جبل جي شروع ٿيڻ کان پهرين آخري ڳوٺ) وٽان "لڪ روهيل"، "لڪ ڦوسياند"، "لڪ گاري" مان ٿيندا ايران پهچندا هئا ۽ اُتان وري ترڪيءَ لاءِ روانا ٿيندا هئا. ايران وڃڻ لاءِ ٽيون رستو لسٻيلي ۽ مڪران منجهان پڻ هو پر اهو رستو گهٽ استعمال ٿيندو هو. افغانستان ۽ ٻين اُترين ملڪن سان واپار هڪ شاهي رستي ذريعي هلندو هو جيڪو بکر (جنهن کان پوءِ شڪارپور گوءِ کٽي ويو) کان شروع ٿي سليمان ۽ هالار جبلن جي قطار جي سولن لڪن وچان "بولان دري" مان لنگهي قندار ۽ ٻين هنڌن تان ٿيندو ترڪستان ۾ ختم ٿي ٿيو.

مغربي ملڪن ڏانهن وڃڻ لاءِ سامونڊي رستو به هو جيڪو لهري بندر، اورنگ بندر، شاهبندر، وستا بندر کان ا يراني نار جي بندرن بصريٰ، بندر عباس (گومبرون)، هُرمز، مسقط، ڪانگو (ڪانگن) ۽ بحرين بندرن تائين هو جتان وري يورپ کي مال پهچائڻ لاءَ خشڪيءَ رستي قسطنطنيه آندو ويندو هو. سمنڊ جي ڪناري سان سڌا جهاز به هلندا هئا، جيڪي نه رُڳو

هندي سمنڊ جي ڪناري وارن مختلف بندرن ڏانهن پر ڏور اوير جي ملڪن ۽ چين تائين مال کڻي ويندا هئا . مغلن جي زماني ۾ لهري بندر تي سامونڊي جهازن جي تمام گهڻي اچ وڃ هئي . ان ڪانسواءِ اتان مال لاهي اندرين علائقن ۾ موڪلڻ لاءِ ٻيڙيون استعمال ٿينديون هيون . ان وقت ننڍي ويجهو سنڌو درياهه ۾ چار هزار ٻيڙيون ان مقصد لاءِ هلنديون هيون . لاهور تائين ته سٺ ٽنن جون وزني ٻيڙيون به مال کڻي وينديون هيون .

مٿي ڏنل تفصيلن مان سنڌ جي قديم شاندار اقتصادي تاريخ جو چڱيءَ طرح اندازو ڪري سگهجي ٿو پر هوريان هوريان سنڌ جو واپار ۽ صنعت پوئتي پوندا ويا . لاهري ۽ ٻيا بندر به تباهه ٿي ويا ته ڪپڙي جي صنعت به ايئن ختم ٿيندي وئي. ڪپڙي جو روانگي واپار ڪندڙ سنڌ ٻاهران ڪپڙو گهرائڻ لڳي . سنڌ جو واپار ۽ صنعت تباهه ٿيڻ جو ڪارڻ هڪ ته ٽالپرن جي صاحبيءَ ۾ ٻرن محصولن جو مڙهجڻ ۽ ٻيون غلط پاليسيون هيو ٻيو ته يورپ ۾ صنعتي انقلاب ۽ خاص طور مشينن وارن ڪارخانن تي ڪپڙو تيار ٿيڻ جي ڪري، سنڌ ۾ هٿ سان ٺهندڙ ڪپڙي جي اهميت گهٽجي وئي . انگلنڊ ۾ مشينن تي ٺهندڙ ڪپڙو سنڌ جي ڪپڙي جي ڀيٽ ۾ سستو ٿي مليو ۽ ٻيو ته انگلنڊ پنهنجي صنعتن جي تحفظ لاءِ سنڌ مان ايندڙ ڪپڙي تي ڳرا محصول هڻي ڇڏيا هئا . اها صورتحال خاص طور ٽالپرن جي راڄ واري آخري ڏهاڪي ۾ پيدا ٿي . پر ايئن به ناهي ته سنڌ جو واپار ۽ تجارت بنهه ختم ٿي ويا . سنڌ جي واپارين جون آفيسون دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ۽ ويندي آفريڪا تائين قائم رهيون . سنڌ ۽ روس وچ ۾ به گهٽ ۾ گهٽ ٽي سئو ورهين کان واپاري لاڳاپا رهيا آهن ۽ سترهين ۽ ارڙهين صديءَ کان وٺي سنڌ جا واپاري قافلا روس ويندا رهيا ته روسي واپاري به هتي ايندا رهيا . روسي دستاويزن جا حوالا ڏيندي اُتان جا محقق لکن ٿا ته وولگا نديءَ جي پر ۾ روس جي وڏي تجارتي شهر آستراخان ۾ ڏزنن جي حساب سان سنڌي واپاري مستقل آباد هوندا هئا . اهي واپاري تعلقات سنڌ تي انگريزن جي قبضي تائين جاري رهيا .

هاڻ 1843ع ۾ سنڌ جي انگريزن هٿان فتح ٿيڻ کان پوءِ هن پرڳڻي جي واپار ۽ صنعت جو مختصر جائزو وٺبو جنهن بعد ٻولي ۽ اقتصاديات وچ ۾ ڳانڍاپي جي ڇنڊڇاڻ ڪري سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت جي اصل موضوع تي اچبو. انگريزن سنڌ ۾ پير ڄمائڻ شروع ڪيا ته پورچوگيزن ۽ ٻين جي تڏاويڙهه شروع ٿي، جنهن جو هاڃيڪار اثر سنڌ جي واپار ۽ صنعت تي پيو. مٿان وري انگلنڊ ۾ مشيني صنعتي دور شروع ٿيو ته سنڌ جي صنعتن جو زوال آيو. هتان جي تيار مال جي گهرج ختم ٿي. سن 1843ع ۾ سنڌ تي انگريزن جي قبضي کان پوءِ هتي وڌيڪ تباهي آئي. هندستاني محقق آر ڊي چوڪسي پنهنجي ڪتاب "دي اسٽوري آف سنڌ - اڪنامڪ اينڊ سوشل سروي 1843 - 1933ع" ۾ لکي ٿو ته ٽالپر اميرن جي ڏينهن ۾ اهميت رکندڙ ڪي صنعتون، جن لاءِ صنعت ٻدران هٿ جو هنر ڇوڻ بهتر آهي، برطانوي راڄ ۾ هوريان هوريان تباهه ٿي ويون، جن ڏانهن ڪنهن جو ڌيان ڪونه ويو ڇوته معيشت جو گهڻو دارومدار زراعت تي ٿي رهيو. واپار ۽ صنعت هڪٻئي پٺيان ٻوڏتي پوندا ويا ۽ شايد واپار وري ڪجهه ساهه پٽيو پر زراعت کان اڳ نه وڌي سگهيو. هڪ لحاظ کان واپار جو دارومدار به زراعت تي ٿي رهيو ڇوته ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ سنڌ مان انگلينڊ جي ڪارخانن لاءِ خام مال، جهڙوڪ: ڪپهه خريدڻ تي زور رکيو هو. ان هوندي به چوسڪيءَ جي ڏنل انگن اکرن مان معلوم ٿئي ٿو ته ويهين صديءَ جي اوائل تائين انگريزن جي ٿي راڄ ۾ واپار توڙي صنعت جي شعبن سان ڪوڙ ماڻهو لاڳاپيل هئا. هندستاني محقق لکي ٿو ته 1931ع جي انگن اکرن موجب سنڌ ۾ زراعت جي شعبي ۾ 18 لک 95 هزار 652 ماڻهو (63.44 سيڪڙو) هئا، صنعتي شعبي ۾ 3 لک 42 هزار 156، واپار جي شعبي ۾ 3 لک 78 هزار 696، ٻين هنرن ۾ 55218 ۽ ٻين ڌنڌن ۾ 6 لک 7 هزار 655 ماڻهو هئا. زراعت ۾ لاڙڪاڻو اڳيرو هو جتي وڌ ۾ وڌ ماڻهو (406633) ان شعبي ۾ هئا، جنهن کان پوءِ حيدرآباد جو علائقو هو جتي 325352 ماڻهو زراعت سان لاڳاپيل هئا. صنعتن جي حساب سان حيدرآباد سڀ کان اڳتي هو جتي

71711 ماڻهو صنعتن سان واڳيل هئا ۽ ٻئي نمبر تي ڪراچي هئي جتي صنعتن ۾ 65650 ماڻهو هئا ۽ سکر جو ڳاٽيوان ڪان پوءِ ٽي آيو جتي پڻ 64933 ماڻهن صنعتن ۾ ڪم تي ڪيو. ڪراچي شهر واپار ۾ سڀني کان گوءِ کڻي ويو جتي 98554 ماڻهو ان شعبي ۾ هئا ۽ ٻئي نمبر تي سکر هو جتي 73669 ماڻهو واپار سان واڳيل هئا . ڪراچيءَ ۾ واپار ۽ صنعت جو مرڪز هجڻ ڪري هتي واپارين ۽ صنعتڪارن جو منظم ادارو ڪراچي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي نالي سان قائم هو جيڪو ايترو سگهارو ۽ سرگرم هو جو 1865ع ۾ ان اداري ساموندي جهازن جي اگهن ۾ واڌ خلاف هندستان حڪومت وٽ احتجاج ڪيو هو. پروفيشن جي حساب سان سکر اڳيرو هو جتي 13916 ماڻهو ۽ ٻئي نمبر تي ڪراچيءَ ۾ 12846 ماڻهو مختلف پروفيشنن ۾ هئا. ٻين ڌنڌن ۾ ڪراچي گوءِ کڻي ويو جتي 166797 ماڻهو ڪم ۾ رُڌل هئا. ٻئي نمبر تي حيدرآباد هو جتي اهڙن ماڻهن جو انگ 111663 هو ۽ ٽئين نمبر تي سکر هو جتي 96533 ماڻهو ٻين ڌنڌن سان هئا. جيڪڏهن ٻين انگن اکرن کي ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته سيرامڪس ۽ ٺڪر جا ٿانوَ ٺاهڻ جي ڪم ۾ ئي 28918 ماڻهو رُڌل هئا، جڏهن ته ڌاتُوءَ جي صنعت ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جو تعداد 10353 هو. چمڙي جي صنعت، درزڪي ڪم ۽ بُوٽ ٺاهيندڙن جو تعداد به هزارن ۾ هو.

انگريز محقق ڊبليو پي اينڊريو پنهنجي ڪتاب "انڊس اينڊ اِٽس پراونسز ــ ڊيئر پوليٽيڪل اينڊ ڪمرشل امپارٽنس" — Indus and its Provinces Their Political and Commercial Importance ۾ تفصيل سان سنڌ جي پرڏيهي واپار جا انگ اکر ڏنا آهن . سندس دليل آهي ته انگريز راڄ ۾ مواصلات جي ذريعن ۾ سڌارو اچڻ سان سنڌ جي واپار ۽ صنعت به ترقي ڪئي. هن سنڌ جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪسٽمس، ڪراچي ڪسٽم هائوس پي ايم ڊلزل P. M. Dalzell جي سيپٽمبر 1857ع جي هڪ رپورٽ جو حوالو ڏنو آهي، جنهن ۾ ڪسٽم عملدار لکيو هو ته مالي سال 1847ع ــ

1848ع ۾ سنڌ جو ڪل واپار 44 لک 26 هزار رُپين جو ٿيو هو جنهن ۾ درآمدات 28 لک 78 هزار 720 رُپين جون هيون ۽ برآمدات يعني روانگي واپار فقط 15 لک 47 هزار 308 رُپين جو ٿيو. پر اهو واپار مالي سال 1856ع _ 1857ع تائين هڪ ڪروڙ 42 لک رُپين کان بہ ٽپي ويو جنهن ۾ روانگي واپار 73 لک 45 هزار 222 رُپين جو ۽ درآمدات جو مُلهہ 68 لک 56 هزار 657 رُپيا هو.

اينڊريو جي ڪتاب ۾ ڏنل ڪسٽم عملدار جي رپورٽن مان سنڌ جي تيار مال جي واپار جي تباهيءَ جي ثابتي ملي ٿي. ڪسٽم عملدار پاڻ پنهنجي رپورٽ ۾ لکيو آهي تہ خام مال جي خريداريءَ تي وڌيڪ ڌيان ڏنو ويو جنهن ۾ اُن، ڪپهہ ۽ ٻيون شيون شامل هيون. انگلنڊ جي ڪپڙي جي ڪارخانن کي خام مال پهچائڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ هائڊرالڪ مشينون هنيون ويون هيون، جيڪي ڪپهہ کي پريس ڪري ڳنڍڙي ٺاهڻ لاءِ استعمال ٿينديون هيون. ڪپهہ جون اهي ڳنڍڙيون ڪراچيءَ مان سامونڊي جهازن ۾ انگلنڊ روانيون ڪيون وينديون هيون. انگريزن جي ان عمل سان سنڌ جي ڪپڙي جي صنعت تباهہ ٿي وئي ۽ اڳي جيڪو ڪپڙو هتي ٺهندو هو ۽ مقامي توڙي پرڏيهي گهرج پوري ڪندو هو ان جي جاءِ مانچيسٽر ۾ مشينن تي تيار ٿيل ڪپڙي والاري. نتيجي ۾ انگريزن جي ڏنل انگن اکرن موجب سنڌ جي خام مال جو روانگي واپار بہ وڌيو تہ پرڏيهي ڪپڙي ۽ ٻين تيار ٿيل شين جون درآمدات بہ وڌيون، جڏهن تہ سنڌ ۾ اڳي انگلنڊ جي ڪپڙي جي ڪا مارڪيٽ نہ هئي ۽ نہ ئي ڪا گهرج هئي.

بهرحال انگريز ليکڪن ۽ محققن جي دعوائن جي اُبتڙ روسي محققن جو خيال آهي تہ برطانوي تاريخ نويسن سنڌ تي انگريز تسلط کي هن پرڳڻي لاءِ رحمت ڪري پيش ڪيو پر اصل ۾ ائين ڪونهي. وي ايف آڳئيف جي ڪتاب "سنڌهہ ـ تاريخ ڪي آئيني مين" (اردو ترجمو) جي پيش لفظن ۾ خاص طور لکيو ويو تہ انگريز دعويٰ ڪندا آهن تہ هنن سنڌ کي سياسي انتشار کان ڇوٽڪارو ڏياريو، معاشي ترقي ڏني ۽ آباديءَ جي سماجي حيثيت شڌارڻ سان گڏ سنڌين کي مغربي تهذيب سان روشناس ڪرايو پر

سندن خلاف جيڪي بغاوتون ٿيون ۽ سماج ۾ جيڪا بيچيني پکڙيل رهي، ان بابت اهي ماٺ رهيا . وي ايف آگئيف ڪتاب جي پهرين باب "سنڌ - برطانوي هند ڪي عملداري مين". ۾ 1918ع کان 1947ع تائين جي عرصي جي سماجي ۽ معاشي ترقيءَ جو جائزو ورتو آهي، لکي ٿو تہ اهو عرصو سنڌ لاءِ اهم هو ڇو تہ ان عرصي ۾ هتي صنعتي ترقي ٿي . سنڌس ڇوڻ موجب سکر جو آبپاشي سرشتو (سکر بئراج)، جنهن ۾ ست وڏا واهہ تعمير ڪرڻ بہ شامل هو ۽ جنهن تي سٺ هزار ماڻهن ڪم ڪيو سنڌ لاءِ وڏي اهميت واري رٿا هئي، جنهن سان پرڳڻي جي وڏي زرعي زمين پوک هيٺ آئي، پر انهيءَ سان گڏ وڏي ايراضي سم ۽ ڪلر جو شڪار ٿي . ان رٿا سان برطانوي سرمائيدارن کي تمام گهڻي آمدني ٿي.

وي ايف آگئيف لکي ٿو تہ پهرين مهاڀاري جنگ کان اڳ سنڌ ۾ ڪل چاليهہ ڪارخانا هئا، جن ۾ 8400 ماڻهو ڪم ڪندا هئا . انهن ۾ هٿيارن ٺاهڻ جو سرڪاري ڪارخانو پرنٽنگ پريس، ڪراچي ۽ سکر جا بہ ريلوي ورڪشاپ، ڪپهہ جي صفائي ۽ پروسيسنگ جا ڪراچيءَ ۾ ڇهہ حيدرآباد ۾ 23 ۽ ٿرپارڪر ۾ هڪ فيڪٽري شامل هئي. جنگ وارن سالن ۾ سنڌ اندر فيڪٽرين ۽ ڪارخانن جي تعمير تيز ٿي وئي ۽ 1916ع تائين انهن جو تعداد 83 تائين پهچي ويو ۽ وري ٻن سالن اندر اهو 94 ٿي ويو جن ۾ 17376 ماڻهو ڪم ڪندا هئا . اهي ڪارخانا گهڻو ڪري خام مال جي تياريءَ جا هئا . روسي محقق لکي ٿو تہ ٻي مهاڀاري جنگ وقت بہ سنڌ ۾ صنعتن جو تعداد وڌيو پر پنجاب ۾ صنعتي ترقي سنڌ کان ڪجهہ وڌيڪ ٿي. برطانوي دستاويزن جا حوالا ڏيندي هُو ٻڌائي ٿو تہ سنڌ ۾ 1919ع ۾ 98 ڪارخانا هئا، جن ۾ 17717 مزدور ڪم ڪندا هئا . صنعتن جو انگ 1945ع ۾ 449 تائين پهچي ويو جن ۾ 41717 مزدور ڪم ڪندا هئا . سنڌ اندر ڪاٽين جي حوالي سان بہ ترقي ٿيڻ لڳي، جنهن ۾ 1938ع ڌاري ڪل 157 ماڻهو ڪم ڪندا هئا، جن جو تعداد 1944ع ۾ 688 ٿي ويو. ٻي مهاڀاري جنگ جي نتيجي ۾

اتحادين جي معيشت ڪمزور ٿي وئي هئي. انهن ڏينهن ۾ موقعي جو فائدو وٺندي، آمريڪا سنڌ ۾ مشين سازيءَ واري صنعت ۾ گهڙڻ جي ڪوشش ڪئي، آمريڪا جو سنڌ ۾ موٽر ڪارون ٺاهڻ وارو ڪارخانو هڻڻ جو ارادو هو پر برطانوي حڪومت کين روڪي ڇڏيو تنهن هوندي به آمريڪا جا ادارا هتي آٽو اسيمبلنگ ورڪشاپ قائم ڪرڻ جي اجازت وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. برطانوي راڄ ۾ جيڪي به ڪارخانا سنڌ ۾ قائم ٿيا، تن مان اڪثر ڪراچيءَ ۾ هئا. ان ڳالهه جو اندازو هنن انگن اکرن مان ڪري سگهجي ٿو ته 1948ع ۾ پاڪستان جي پهرين صنعتي ڳڻپ Industrial Census جي رپورٽ مطابق سنڌ ۾ 522 مکيه صنعتون هيون، جن مان 288 (55 سيڪڙو) ڪراچيءَ ۾ هيون. ڊالميا نالي سان سيمينٽ فيڪٽري، اٽي پيهڻ جا ڪارخانا، صابڻ، ٻوٽن ۽ ٻين شين جا ڪارخانا به ڪراچيءَ ۾ هئا. ڪراچيءَ ۾ صنعتي ترقيءَ جي نتيجي ۾ اندروني سنڌ جي روايتي صنعت، جتي هٿ سان ڪم ٿيندو هو بلڪل تباهيءَ جي ڪنڌيءَ تي پهچي وئي.

واپار ۽ صنعت سان لاڳاپيل هڪ ٻي اقتصادي سرگرمي به سنڌ ۾ جاري رهي آهي. ڪراچي يا حيدرآباد ۾ ته شايد ٿن ڏهاڪن کان هفتيوار بچت بازارن جو رواج پيو پر تمام ٿورن ماڻهن پڙهيو هوندو ته 19 هين ۽ 20 هين صديءَ ڌاري يورپ ۾ جديد قسم جي مارڪيٽن جي وجود ۾ اچڻ کان گهڻو اڳ سنڌ جي ڳوٺن ۾ هفتيوار بازارن لڳڻ جا ڏينهن مقرر ٿيل هوندا هئا، جتي پسگردائيءَ جا ماڻهو اچي پنهنجي ضرورت جون شيون خريد ڪندا هئا ۽ صرف ڪن خاص قسم جي ضرورتن جو سامان سڙو ڳنهڻ لاءِ کين پر وارن شهرن ۾ وڃڻو پوندو هو. ٺٽي، نصرپور، حيدرآباد يا ڪراچيءَ ۾ باقاعدي مارڪيٽون هونديون هيون. جڏهن ته ڳوٺ باقي شين ۾ پاڻپرا هوندا هئا. اقتصادي سرگرمين جو ٻيو طريقو ميلن جي شڪل ۾ به هتي رائج رهيو آهي. جيئن يورپ جي مختلف ملڪن، جهڙوڪ: انگلنڊ، فرانس، اسپين، اٽلي، ناروي، جرمني توڙي روس ۾ اڳي باقاعدي نمائشون يا ميلا لڳندا هئا،

جتي مختلف قسم جي شين جو ڪاروبار بہ ٿيندو هو تيئن سنڌ بہ انهن ميلن ملهائڻ ۾ ڪڏهن بہ پوئتي نہ رهي آهي. سال جي مختلف وقتن تي سنڌ ۾ ميلا لڳندا هئا، جتي وڏي تعداد ۾ ماڻهو اچي خريداري ڪندا هئا. انهن ميلن ۾ خاص طور چوپائي مال، اُٺن ۽ گهوڙن جو چڱو واپار ٿيندو هو. سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ ميلن جو سنڌ جي معيشت ۾ مکيہ ڪردار هو. اهي ميلا درياهہ جي پتڻن تي، واپاري مرڪزن يا صوفي فقيرن، سنتن ساڌن جي مقبرن ۽ مزارن تي لڳندا هئا، جتي واپار سان گڏ سماجي مذهبي لاڳاپن کي بہ وڌڻ جو موقعو ملندو هو. اهي ميلا اڄ بہ سنڌ جو رواج آهن ۽ ساليانو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، قلندر شهباز سمن سرڪار، شاهہ عنايت، مغليبن، روهل فقير ۽ ٻين ڪيترن ئي صوفي بزرگن جي مزارن تي توڙي ساڌ ٻيلي، اُڏيري لال ۽ ٻين آستانن تي ساليانو عرس ۽ ٻين موقعن تي ميلا لڳن ٿا. چوپائي مال جون هفتيوار پڙيون تہ اڄ بہ سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ باقاعدي لڳن ٿيون ۽ سنڌ جي معاشي سرگرمين جو هڪ مکيہ ذريعو آهن.

اڄان هڪ ٻي اقتصادي سرگرمي آهي، واپاري يا تجارتي نمائش، جنهن جو رواج بہ سنڌ ۾ هو. جيئن گذريل ڪجهہ ڏهاڪن کان ڪراچيءَ ۾ ايڪسپو سينٽر ۾ نمائشون لڳن ٿيون ۽ وڏي تعداد ۾ گراهڪ اچي خريداري ڪن ٿا يا مال جا آرڊر ڏين ٿا، تيئن اڳي بہ ٿيندو هو. ڪراچيءَ جي موجوده ايڪسپو سينٽر ۾ پاڪستاني جنگي هٿيارن توڙي ٻين صنعتن جي نمائشن ۾ دنيا جي مختلف ملڪن مان گراهڪ ايندا آهن. مٿي ذڪر ڪيل انگريز محقق اينڊريو لکي ٿو تہ ڪراچيءَ ۾ واپاري نمائشون لڳنديون هيون، جن ۾ وچ ايشيا جي ملڪن جا واپاري بہ حصو وٺندا هئا. هو لکي ٿو تہ وچ ايشيائي ملڪن جي واپارين کي سامونڊي جهازن ۾ سفر ڪري ڏورانهن ملڪن ۾ وڃي ڪاروبار ڪرڻ ڏکيو لڳندو هو تنهنڪري هو ڪراچيءَ کي ترجيح ڏيندا هئا، جتي کين سٺي رهائش بہ ملي ويندي هئي ۽ ٿوري وقت ۾ ڏيتي ليتي ڪري وري وطن موٽي ويندا هئا تہ

جيئن بيهر مال کٽي اچن ۽ ٿوري وقت ۾ وڏيڪ ڪاروبار ڪري نفعو ڪمائين. اينڊريو انگريز راڄ جي تاريخي دستاويزن جي حوالي سان لکي ٿو ته افغان واپاري ڪراچيءَ واري مارڪيٽ مان گهڻو پُراُميد هئا ته اها اجان ترقي ڪندي. "اسان کي ڪراچيءَ ۾ هڪ سال ۾ هڪ ڀيرو اچڻ جي عادت آهي، پر جيڪڏهن هتي جي مارڪيٽ وڌي ته سال ۾ ٻه يا ٽي ڀيرا به اچي سگهون ٿا. جنهن لاءِ اسان جي آڏو برفباريءَ (سنڌن ملڪ ۾) ڪانسواءِ ٻي ڪا به رنڊڪ ناهي" انڊريو افغان واپارين جو جملو لکيو. انهن نمائشن ۾ گهڻو ڪري مال جي بدلي مال وارو سرشتو Barter System رائج هو. اهي نمائشون انگريزن جي زماني ۾ به جاري رهيون. هندستاني محقق آر ڊي چوڪسي به لکي ٿو ته ڪراچيءَ ۾ ساليانو واپاري نمائش لڳندي هئي، جنهن ۾ وچ ايشيا توڙي بمبئيءَ جا واپاري اچي گڏ ٿيندا هئا. سنڌس چوڻ موجب اهڙي قسم جي پهرين نمائش 1852ع ۾ لڳي ۽ اهو سلسلو ايستائين جاري رهيو جيستائين واپار جا پراڻا طور طريقا نه بدليا. واپاري قافلن جي اچڻ وڃڻ لاءِ لنگهه ته گهڻا ئي هئا، پر اهي هوڏن جي منڊ ۾ واهن ۽ برساتي ندين جي پرجي اچڻ ڪري بند ٿي ويندا هئا ۽ واپاري قافلا بيهي ويندا هئا. ان صورتحال جي ڪري بارٽل فريئر ڪان پوءِ سنڌ جي ڪمشنر جو عهدو سنڀاليندڙ ميجر جان جيڪب پرڳڻي ۾ روڊن کان وڏيڪ واهن ۽ برساتي ندين تي محرابدار پُليون اَڏڻ تي ڌيان ڏنو. اڳتي هلي 1860ع واري ڏهاڪي ۾ ريلوي سرشتو رائج ٿيو ته مواصلات جو پراڻو طريقو ئي منجي ويو.

## سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت: ماضيءَ جو جائزو

جيئن ته هن ڪتاب جو بنيادي مقصد سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت تي بحث ڪرڻ آهي، تنهنڪري هاڻ ان پهلوءَ تي اچبو. اها ظئي ٿيل ڳالهه آهي ته ٻولين جو معاشي سرگرمين سان ويجهو ڳانڍاپو آهي، تنهنڪري مٿي مختصر طور بيان ڪيل سنڌ جي اقتصادي تاريخ جي روشنيءَ ۾ ماضيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت جو جائزو وٺبو. سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت جو جائزو وٺڻ کان اڳ اهو به ڏسڻو آهي ته سنڌي ٻولي

ڪمڙن ڪمڙن علائقن ۾ ڳالهائي ويندي هئي . انگريز عملدار ايچ ٽي لئمبرڪ پنهنجي ڪتاب "سنڌ: آ جنرل انٽروڊڪشن" Sindh — A General Introduction ۾ لکي ٿو تہ جن علائقن ۾ سنڌي ٻولي رائج هئي، انهن ۾ موجوده سنڌ، ڪڇ وارو اُڀيٽ، بلوچستان جي لسٻيلي واري علائقي جو ڏاکڻو حصو، سنڌ جي اُتر اولهہ سان ملندڙ بلوچستان جو ڪڇيءَ وارو علائقو ۽ بهاولپور جو ڏاکڻو علائقو شامل هئا . معياري سنڌي ٻولي سنڌ جي وچولي واري علائقي ۾ ڳالهائي ويندي هئي . انهيءَ کانسواءِ سنڌي ٻوليءَ جا پنج علائقائي لهجا هئا، جن ۾ سنڌ جي اُتر يا سِري وارو سرائڪي لهجو جيڪو ڪڇيءَ واري پاسي بہ ڳالهايو ويندو هو ٿر وارو ٿاريلي يا ڍاٽڪي لهجو سنڌوءَ جي ڊيلٽا يا ساحلي علائقن وارو لاڙي لهجو ڪڇ اُڀيٽ واري پاسي ڪڇي لهجو ۽ ڪراچي توڙي لسٻيلي واري پاسي ڳالهائجندڙ لاسي لهجو شامل هئا . لئمبرڪ لکي ٿو تہ لاسي لهجو لاڙي لهجي بدران وچولي واري معياري سنڌيءَ سان وڌيڪ ملي ٿو. سرائڪي لهجي لاءِ هُو چوي ٿو تہ اهو لهجو گهڻو ڪري جت يا بلوچن جا اهي قبيلا ڳالهائين ٿا، جيڪي پنجاب مان سنڌ ۾ آيا ۽ سنڌ ۾ جتي بہ اهي آباد آهن، اهو ئي لهجو ڳالهائين ٿا . سرائڪيءَ جي ہي معنيٰ آهي اها ٻولي يا لهجو جيڪو سنڌ جي سري واري علائقي ۾ ڳالهايو ويندو هجي. ٿاريلي يا ڍاٽڪي ۽ ڪڇي سنڌيءَ جا اهي لهجا آهن، جن ۾ راجستاني ۽ گجراتيءَ جي ملاوت گهڻي آهي.

جيئن سنڌ ۽ سنڌي قوم قديم آهن، تيئن سنڌن ٻولي بہ قديم آهي ۽ انهيءَ لاءِ ڪنهن کوجنا جي ضرورت ناهي تہ سنڌ اندر وڻج واپار ۽ ڏيتي ليتيءَ لاءِ سنڌي قوم پاڻ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي ڳالهائيندي هئي يا ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ ڏيتي ليتي ٿيندي هئي ! اها فطري ڳالهہ آهي تہ ڪنهن بہ ملڪ اندر ڪاروباري ڏيتي ليتي اُتان جي ئي ٻوليءَ ۾ ٿيندي، سواءِ ڪن غيرفطري حالتن جي، جن بابت گذريل بابن ۾ بحث ٿي چڪو آهي . اهڙي طرح سنڌ جو قديم زماني کان دنيا جي ٻين ملڪن سان ڪاروباري تعلق رهيو آهي ۽

دنيا جي ٻين ملڪن جا واپاري سنڌ ۾ ۽ سنڌ جا واپاري ٻين ملڪن ۾ مال کپائڻ ايندا ويندا رهيا آهن . ان ڪري اهڙين واپاري سرگرمين ۾ ٻه رابطي لاءِ ٻولين جو مجيل فارمولو استعمال ٿيندو رهيو آهي، مثال طور: ٻين ملڪن مان سنڌ ۾ ايندڙ واپارين کي سنڌي ٻولي سکڻي پوندي هئي يا وري اهي هتان جي مقامي گماشتن ذريعي سنڌ جي واپارين سان رابطو ڪندا هئا . بلڪل ساڳئي نموني سنڌ جا واپاري ٻين ملڪن ۾ ويندا هئا ته اُتان جون ٻوليون ڳالهائيندا هئا .

سنڌي ٻوليءَ بابت پراڻي زماني جي سياحن ۽ محققن جي لکڻين مان گهڻو احوال ملي ٿو جنهن مان پڻ اهو ثابت ٿئي ٿو ته سنڌي ٻولي عام ماڻهن جي روزمره جي واپار جي ٻولي هجڻ سان گڏ سنڌ جي عام ماڻهن، واپارين ۽ عالمن وٽ گهڻو مقبول هئي . ڪاڪي ڀيرومل مهرچند پنهنجي ڪتاب ۾ ايلفنسٽن جو حوالو ڏنو آهي، جنهن موجب عرب حڪمران سنڌ ۾ هندن کان جزيو وٺي، پنهنجي ڌرم مطابق رهڻ جي اجازت ڏيندا هئا ۽ ان حساب سان سنڌي ماڻهو عربي سکڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ پابند نه هئا . بني عباس گهراڻي وارن خليفن جي ڏينهن ۾ عراق ۾ ڪي بغاوتون ٿيون، جنهنڪري هو پنهنجي مونجهاري ۾ هئا ۽ سنڌ ڏانهن پورو ڌيان نه ڏئي سگهيا، جنهن جو وجه وٺي سنڌ جو پرڳڻو سولائيءَ سان موٽي خودمختيار ٿيو. ڀيرومل موجب "اهڙي طرح يقين سان چئي سگهجي ٿو ته سن 711 عيسويءَ کان وٺي سنڌ مان هندن (سنڌين) جي صاحبيءَ جو صفا خاتمو ڪونه ٿيو هو جيئن ڪي ماڻهو غلط سمجهن ٿا . حقيقت هيءَ آهي ته گهڻو ڪري سموري سنڌ هندن (سنڌين) واپس هٿ ڪئي هئي ۽ باقي رڳو ڪراچي ضلعي جي لاڙ وارو ٿورو ٽڪر ۽ هالاڪي نوابشاهه ضلعي ۾ شهدادپور جي ڀريان برهمڻ آباد جي ويجهو منصوره جو شهر (هالاڪي سانگهڙ ضلعي ۾) عربن جي هٿ هيٺ هو تنهنڪري عربيءَ جو جيڪو به اثر ٿيو هوندو تنهنڪري انهيءَ ٿوري ايراضيءَ ۾ ۽ نه سڄيءَ سنڌ تي ." عرب سياحن جاحظ (864ع) ،اِبن حوقل، اسطخري (951ع)، المسعودي (957ع)، اِبن نديم (995ع) به پنهنجي لکڻين ۾

سنڌي ٻوليءَ کي عام استعمال ڻيندڙ ٻولي ڪري لکيو آهي . سندن چوڻ موجب سنڌ جي ماڻهن وٽ 200 رسم الخط هيون، جن مان 9 عام هيون. جاحظ لکي ٿو تہ سنڌ جا ماڻهو علم نجوم ۽ علم رياضيءَ ۾ تمام گهڻو اڳتي آهن ۽ ڪين پنهنجي رسم الخط آهي . بشاري مقدسي (985ع) موجب ديبل جا ماڻهو واپاري آهن ۽ اهي سنڌي توڙي عربي ڳالهائين ٿا . راجا ڏاهر جو هڪ خط بہ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ ان وقت سنڌ ۾ لکڻ جو رواج هو ۽ هتي سنسڪرت ۽ سنڌي ٻولي رائج هئي . البيروني لکي ٿو تہ اسلام جي آمد وقت سنڌي ٻولي نہ فقط ڳالهائي ويندي هئي، پر اها مختلف رسم الخط ۾ لکي بہ ويندي هئي . ظاهر آهي تہ سنڌ، سنڌي قوم ۽ سندن ٻولي ڪي چوڏهن سئو سالن کان نہ پر گهٽ ۾ گهٽ بہ پنج هزار سال قديم تهذيب جا امين آهن ۽ عربن هٿان سنڌ فتح ٿيڻ کان گهڻو اڳ عربن جا واپاري قافلا سنڌ ۾ ايندا رهندا هئا ۽ اهي عرب واپاري سنڌ ۾ سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائڻ لاءِ مجبور هوندا . ان وقت سنڌ جي هر خطي ۾ سنڌي ٻوليءَ جون الڳ لپيون هيون، مثال طور: سنڌي لهاڻا پنهنجي نموني سنڌي لکندا هئا تہ ٺٽي ڀاٽين توڙي سيوهاڻي ڀاٽين جي رسم الخط بہ الڳ هئي . عرب سياحن جي احوالن مان صاف ظاهر آهي تہ سنڌي واپاري ڏيتي ليتي ۽ عام استعمال واري ٻولي هئي، جنهن ۾ علم نجوم، هيئت، ٻين علمن، واپار، تجارت، دوائن ۽ زندگيءَ جي ٻين سمورن شعبن بابت لفظن جا ڀنڊار موجود هئا . لسانيات جو ماهر سر ڊاڪٽر جارج ابراهم گريئرسن Sir Dr. George Abraham Grierson جنهن 1888ع کان ويهہ ورهين تائين لڳاتار ڪوشش سان پنج سئو ٻولين جي سروي ڪري لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا Linguistic Survey of India جا يارهن جِلد تيار ڪيا، تنهن پڻ لکيو آهي تہ سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان اڳ بہ سنڌي ٻولي، نہ رڳو ڳالهائي ويندي هئي، پر لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ بہ مُروج هئي .

جڏهن بہ ڪنهن ملڪ ۾ ڪو ڌاريو ماڻهو ويندو ۽ اُتان جي مقامي ماڻهن سان ملندو تہ لازمي طور کيس انهيءَ ملڪ جي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻو پوندو ۽ مقامي ماڻهو بہ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ئي هن سان ڳالهائيندو . سنڌ ۾ بہ ايئن ئي

ٿيندو رهيو. مثال طور: انگريز ليکڪ ٿي پوسٽنس پنهنجي ڪتاب "پرسنل آبزرويشنس آن سنڌ" ۾ هتان جي ريتن رواجن جي حوالي سان لکي ٿو ته سنڌ اوير جو واحد ملڪ آهي، جتي ڪنهن ڌارئي ماڻهوءَ جي ملڻ تي سنڌي ماڻهو هن کان پنهنجي اخلاقي روايتن موجب، سندس تالي کان وٺي گُتنب تائين جو حال احوال وٺندو آهي . سنڌي ماڻهو "پاڻ ڪير آهيو ڪٿان جا آهيو ڪيئن اچڻ ٿيو" جهڙا ڪيترائي سوال اچ به پڇندا آهن ۽ پوسٽنس سنڌين جي صديون پراڻي ان روايت جو حوالو ڏنو آهي . "اُلهندي هندستان ۽ وچ ايشيا جي وچ ۾ سنڌ هڪ منفرد ملڪ آهي، جتان جي وڏن شهرن ۽ اُتان جي مصروف بازارن ۾ اُتر ۽ اولهه توڙي ٻين ملڪن مان آيل ماڻهو پري کان پڌرا هوندا هئا ۽ انهن کي به محسوس ٿيندو هو ته ڪنهن مهذب ملڪ ۾ پهتا آهن . انهن شهرن ۾ بنگال جي مختلف حصن جي حڪومتي عملدارن، پارسين، مرهٽن، اُلهندي هندستان جي ماڻهن، افغانين، پشين جي سيدن، پٺاڻن، بلوچن، ڪابل، هرات ۽ ڪشمير جي واپارين سان ملاقات ٿيندي . سنڌ، هندستان توڙي وچ ايشيا جي لاءِ هڪ عظيم تجارتي دروازو آهي ۽ ٻنهي علائقن جا تجارتي مفاد هتي ئي گڏجن ٿا . مختلف قسمن جا ڪردار، لباس، ريتن رسمن ۽ ٻولين وارا واپاري ۽ خريدار پنهنجي گڏيل مفاد خاطر هتي گڏجن ٿا . سنڌ جي انهن بازارن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ترڪ به نظر اچي وڃن ٿا." هو لکي ٿو.

پُراڻن ڏينهن ۾ سنڌ جو سمورو ڪاروبار ۽ ڏيتي ليتي ڪرڻ لاءِ سنڌي ٻولي استعمال ٿيندي هئي ۽ جيئن مٿي ذڪر ٿي چُڪو آهي، ٻين ملڪن مان آيل واپاري پڳل ٽُٽل سنڌيءَ ۾ سنڌي واپارين سان سودا ڪندا هئا يا وري پنهنجي گماشتن ذريعي ڳالهيون ڪندا هئا . سنڌ جا واپاري پنهنجا حساب ڪتابن جا کاتا به سنڌيءَ ۾ لکندا هئا . سنڌن لکپڙهه سنڌ جي خاص لپيءَ ۾ ٿيندي هئي، جنهن کي هندو - سنڌي چوندا هئا . انهيءَ جو ثبوت سيٺ نائونمل هوتچند جي آتم ڪٿا "يادگيريون" ۾ ملي ٿو جنهن ۾ هن 1841ع ۾ ڪڇ ڀڄ

۾ سندس ڇهن مهينن تائين رهڻ جو احوال ڏيندي لکيو آهي تہ : "مان پڄ ۾ ڇهہ مهينا رهيس ۽ ان وقت جو روزنامچو (ڊائري) پڻ رکيم. جيڪو سنڌ جي خاص لپيءَ هندو - سنڌيءَ ۾ لکيل آهي ۽ ان ۾ منهنجا ڪڇ جي باري ۾ تاثرات تفصيلوار ڏنل آهن ." سيٺ نائونمل، جيڪو رواني‌ءَ سان فارسي بہ ڳالهائي سگهندو هو انگريزن لاءِ روزانو سنڌيءَ ۾ رپورٽون بہ تيار ڪندو هو. پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکي ٿو : "مان دستور موافق ڪابل، قنڌار، بخارا، هرات ۽ هندستان جي مختلف علائقن مان خبرون گهرائيندو هئس . پوءِ هڪ هڪ خبر جدا ڪري ترتيب ڏئي الڳ الڳ پنن تي سنڌيءَ ۾ لکي وقت بوقت ڪئپٽن پريڊيءَ (ڪراچيءَ جو پهريون ڪليڪٽر ۽ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ) وٽ کڻي ويندو هئس . اُتي مان اهي خبرون پڙهندو ويندو هئس ۽ ڪئپٽن پريڊي انهن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪندو ويندو هو ۽ پوءِ اهي ڪمشنر سر بارٽل فريئر کي پهچائيندو هو." سيٺ نائونمل سر بارٽل فريئر ۽ سندس ريونيو نائب مسٽر ايلس جو بہ ذڪر ڪندي سنڌي ٻوليءَ جي نئين الف ب تيار ڪرڻ جي حوالي سان، سندن ڪوشش کي هنن لفظن ۾ ساراهيو آهي : "مسٽر ايلس سنڌي ٻوليءَ جي پهرين لکيل لِپي يعني عربي - سنڌي الف ب تيار ڪري سنڌ تي دائمي احسان ڪيو. ان کان اڳ سنڌ جي واپاري طبقي جي هندن کي هڪ آئيوتا هوندي هئي، جيڪا تمام ناقص، غير مستقل ۽ مخصوص هئي . انهيءَ ڪري سيني محسوس پئي ڪيو تہ اهڙي ڪا لِپي تيار ڪجي جو عام ڪاروبار لاءِ توڙي گهٽي کان گهٽ ماڻهن جي ڪم اچي." اصل ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ جي حساب سان تہ عام هئي، پر هندو واپارين جا مختلف طبقا پنهنجا ليکا چوکا لکڻ لاءِ سترهن مختلف قسم جون لپيون استعمال ڪندا هئا . ان کي واڻڪي سنڌي بہ سڏيندا هئا، جنهن ۾ هُنڊين جو حساب ڪتاب بہ رکيو ويندو هو . ويهين صديءَ جي شروعاتي ڪجهہ ورهين تائين، شڪارپور ۽ ٻين هنڌن تي لوڪلبورڊن جي اسڪولن ۾ اها واڻڪي سنڌي بہ سيکاري ويندي هئي .

مٿي حوالو ڏنل آهي تہ بلوچستان جي لسبيلي واري علائقي ۾ بہ سنڌي ڳالهائي وڃي ٿي. سال 1907ع ۾ انگريزن جو تيار ڪيل لسبيلو گزيٽيئر بہ انهيءَ جي ثابتي ڏئي ٿو جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ لسبيلي جي اصل ۽ ديسي ٻولي سنڌي آهي، جنهن کي بروهي ماڻهو "جدگالي" سڏين ٿا ۽ ٽي ڀاڱي چار حصو آبادي اها ٻولي (سنڌي) ڳالهائي ٿي. لسبيلي جي آباديءَ جا مکيہ لاسي قبيلا پاڻ کي سنڌ جي سمن ۽ سومرن جا پونئير سڏائين ٿا. لسبيلي ۾ رهندڙن ۾ جاموٽ، خوجا، شيخ، انگاريا ۽ ٻُرڙا بہ شامل هئا، جيڪي ذاتيون، سنڌ ۾ آهن. اهڙي طرح شاهوزئي قبيلي جا ماڻهو اصل سنڌ جي سولنگين ۽ ماڇين مان آهن، جنهن جي اهي پاڻ دعويٰ ڪن ٿا. ٻُرڙا بہ پاڻ کي سمن جو اولاد سڏائين ٿا، جڏهن تہ ٻاريجا سيوهڻ جي قلندر شهباز جا معتقد آهن. اُٿل شهر لاءِ تہ چيو وڃي ٿو تہ ٻُرڙا برادريءَ جي مُريد نالي هڪ شخص، ٽي سئو سال اڳ ان جو بنياد وڌو. گزيٽيئر موجب لسبيلي جي خوجن کي عام طور ميمڻ ۽ لوٽيا (بوهري) بہ سمجهيو ويندو هو. ان علائقي ۾ 1901ع جي آدمشماريءَ موجب 339 سنڌي هندو بہ آباد هئا، جيڪي سڀ واپاري هئا. انهن هندن ۾ لُهاڻا، برهمڻ، ڀاٽيا ۽ ٻيا شامل هئا. لسبيلي ۾ گهڻ ذات سمجهيو ويندڙ غلامن جي برادري بہ هزارن ۾ هئي، جن کي عام طور "گدرا" سڏيو ويندو هو. ان برادريءَ جا ماڻهو پنهنجي اصل وطن واري ٻولي وساري ويٺا هئا ۽ فقط سنڌي ٻولي ڳالهائيندا هئا. گزيٽيئر موجب لسبيلي ۾ ماڻهن جا نالا روايتي سنڌي نموني رکيا ويندا هئا، مثال طور: ڪنهن کي پُٽ ڄائو تہ ان تي بہ نالا رکيا ويندا، جن مان هڪ عام طور ننڍپڻ ۾ سڏيو ويندو ۽ وڏي ٿيڻ تي وري اصل نالو سڏبو. انهن نالن کي "ننڍو نالو" ۽ "وڏو نالو" سڏيو ويندو هو. ننڍپڻ جي نالن ۾ ٿوهر، ڪِرڙ ڪنڌو، جمعو ۽ نِم جهڙا نالا شامل هئا، جيڪي نيٺ سنڌي نالا آهن. اهڙي طرح هفتي جي ڏينهن جا نالا بہ سنڌي هئا يعني آچر، سومر، اڱارو، اربع، خميس ۽ جمعو. ڏينهن ۽ رات جي مختلف حصن لاءِ بہ بلڪل نيٺ سنڌي اکر

استعمال ۾ هئا. جهڙوڪ: پهريون پهر، ٻيو پهر، ٽيون پهر ۽ چوٿون پهر، وڏو صبح، پرهه ڦٽي، صبح، سج اُڀريو هڪڙو نيزو (سج جڏهن هڪ نيزي جيترو اُڀريو هجي)، ٻه نيزا يا سج ٻن نيزن جيترو اُڀريو هجي، ڪچا ٻه پهر (11 وڳي ڌاري جو وقت)، پڪا ٻه پهر، لڙيو سج (منجهند کان پوءِ)، وچين گهڙي (شام جو 3 کان 4 جو وقت)، سانجهي، سمهڻي، پڪي سمهڻي ۽ اڌ رات. ساڳيءَ ريت پائي، پيسو ٽڪو آنو ٻياني يا ٻه آنا، پائلي، آڌيو ۽ رُپيو به سنڌي ٻوليءَ جا اکر رائج هئا. پهراڻ ۽ ٻين ڪپڙن جا نالا به ساڳيا هئا. جن اکرن جا حوالا گزيٽيئر ۾ به خاص طور ڏنل آهن. انهن ۾ ڪٽ، منجهي، دِلو لٿي ۽ تمر جا وڻ ۽ ڪوڙيا لفظ شامل آهن.

لسٻيلي جي ماڻهن جو به ساڳيو ڪاروبار هو جهڙو سنڌ وارن جو ۽ اهو ڪاروبار ڪراچي ۽ بمبئي تائين ٻين علائقن سان هو جنهن جي ماليت گهٽي ته ڪانه هئي، پر هتي انهيءَ جو ذڪر لازمي ٿيندو ڇو ته لسٻيلي جي روينيو رڪارڊ مان ظاهر ٿئي ٿو ته هتان جي دفتري ٻولي به سنڌي هئي ۽ رجسٽرن ۾ مختلف شين جا سنڌي نالا استعمال ٿيندا هئا. مثال طور: روينيو رڪارڊ ۾ زراعت، چوپائي مال ۽ ان سان لاڳاپيل شمبي لاءِ هن قسم جا لفظ استعمال ٿيندا هئا. جن لاءِ گزيٽيئر ۾ فهرست ڏني، انهن لفظن جي معنيٰ به شامل ڪئي وئي آهي: لٽڻ، لُڙو پاڻي (ٻوڏ وارو پاڻي)، ميهار مُند، پاڃاڻو پڪي، پڪو آئون، پکيارو (ٻنين مان پکي هڪلڻ تي رکيل ماڻهو)، ڦرجڻ، پوکڻ، رکوال، رِڍ، ريڍار، اُٺلائي پوکڻ (ٻج ٻيهر پوکڻ)، وٿاڻ، وکر، واڙهه (ٻنيءَ چوڌاري لوڙهو)، مُڱ، جوئر وغيره.

سنڌ جي جاگرافيائي ۽ اقتصادي اهميت جي ڪري روس جا ماڻهو به هتي ايندا رهيا ۽ سنڌ بابت پنهنجي مشاهدن تي ڪتاب به لکيائون. انهن روسي سياحن ممڪن آهي ته واپار لاءِ روس وينديڙيا اُتي رهندڙ سنڌين کان سنڌي ٻولي سکي هجي يا سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ سنڌي ڳالهائڻ سکي هجي. روسي ليکڪ ۽ محقق وي ايف آگشيف جي ڪتاب "سندهه تاريخ ڪي آئيني

ميين" (اردو ترجمو 1988ع) جي مُهاڳ ۾ يُو وِي گنڪوفسڪي لکي ٿو تہ ارڙهين صديءَ جي اٺين ڏهاڪي ۾ اورنبرگ جو رهاڪو بائيدالله اميروف سنڌ جا شڪارپور سکر حيدرآباد ۽ ٻيا ڪيترا ئي شهر گهميو ۽ واپس اچي سنڌ جو سفرنامو لکيائين، جيڪو ايترو تہ دلچسپ هو جو اهو ڪتاب ڪيترائي ڀيرا ڇپيو. آخري ڀيرو اهو ڪتاب 1965ع ۾ بہ ڇپيو. سال 1798ع ۾ بہ اورنبرگ جو مفتي محمد امين حسين سنڌ گهمڻ آيو ۽ سفر جا داستان لکيائين . اُڻويهين صديءَ جي پنجين ڏهاڪي ۾ مشهور روسي سياح اليڪسئي سالتيڪوف بہ سنڌ جو سفر ڪيو جنهن جو سفرنامو 1851ع ۾ ڇپيو. سنڌ ۾ جڏهن وبا پکڙي ۽ هزارين ماڻهو مرڻ لڳا هئا، تڏهن روسي ڊاڪٽرن جو هڪ وفد هتي آيو هو ۽ مقامي رضاڪارن سان گڏجي خوفناڪ وبا جي مريضن جو علاج ڪيو. واپس روس وڃڻ کان پوءِ انهن ڊاڪٽرن پنهنجي سرگرمين ۽ سنڌ جي صورتحال بابت مضمون لکيا . پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ بہ روسي محقق هتي ايندا رهيا آهن، جن سنڌ جي زرعي تاريخ ۽ اقتصادي تاريخ تي تحقيق ڪري ڪيترائي ڪتاب لکيا . ان کانسواءِ 1963ع ۾ ميخائل ڪدريافتسيف سنڌين جي ايٿنوگرافي (سماجي اينٿروپولاجي) تي تحقيق ڪري ڪتاب لکيا، جيڪي سنڌي ٻوليءَ سان شناسائيءَ کانسواءِ لکڻ ممڪن ڪونہ هئا . اهڙي طرح 1959ع کان 1975ع تائين سنڌين جي نسلي تاريخ تي يوري گنڪوفسڪيءَ جا ڪيترائي تحقيقي مقالا ڇپيا . هڪ روسي خاتون محققہ رئيسہ ايگوروِوا جو سنڌي ٻوليءَ بابت ڪتاب 1966ع ۾ ڇپيو جڏهن تہ سنڌي ٻوليءَ بابت روسي ليڪڪن گيورگي زوگراف ۽ سنڌي ادب بابت الڪئي سوخاچوف جا ڪتاب 1960ع ۽ 1970ع وارن ڏهاڪن ۾ ڇپيا . سنڌ جي 19 هين صديءَ جي هڪ عملدار (انگريز حڪمرانن جي خاص وفادار) خداداد خان جو ڪتاب "لُبِ تاريخ سنڌ" جو ترجمو بہ هڪ روسي محقق محمدي صافولوف ڪيو جيڪو 1980ع واري ڏهاڪي ۾ ڇپيو. سنڌ ۾ تحقيق لاءِ ايندڙ پرڏيهين لاءِ

سنڌي سکڻ جي اهميت جو هڪ تازو مثال بہ ملي ٿو. سال 2014ع ۾ سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽيءَ پاران ڪوٺايل سيمينار "سنڌ صدين کان" ۾ آسٽريا جو هڪ محقق بہ آيل هو جيڪو جرمنيءَ جي ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر هو. ڪيس هنگلاج ۾ ٻين تاريخي ماڳن تي تحقيق ڪرڻي هئي ۽ ان لاءِ هن ٽن مهينن ۾ ايتري سنڌي سکي ورتي هئي، جو سيمينار ۾ نہ رڳو سنڌيءَ ۾ تقرير ڪيائين، پر ان کان پوءِ صحافين سان بہ رواني‌ءَ سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو رهيو.

سنڌ ۾ ڪاروبار جي خيال کان توڙي سياحت يا تحقيق لاءِ ايندڙن کي پنهنجي سهولت خاطر سنڌي سکڻي پوندي هئي. انهيءَ جو اندازو ڊاڪٽر ائڊرين ڊُئارٽ Dr. Adrian Duarte جي ڪتاب "آ هسٽري آف برٽش رليشنس وِد سنڌ 1613ع _ 1843ع" ۾ لکيل هنن جملن مان ڪري سگهجي ٿو: ڪمپنيءَ (ايسٽ انڊيا ڪمپني) جي تجارتي تنظيم جو اپياس ڪرڻ لاءِ ڏسڻو پوندو تہ ڪيئن انگريز واپاري سنڌ جي مقامي ماڻهن توڙي سنڌ مغل حڪمرانن سان ويجهي رابطي ۾ رهندا هئا. مارڪيٽ جي قيمتن تي نظر رکڻ لاءِ انگريز واپارين (ڪمپنيءَ جي عملدارن) کي بازارن ۾ ويهڻو پوندو هو. مال جو آرڊر ڏيڻ لاءِ انهن عملدارن کي مقامي گماشتي سان لهہ وچڙ ۾ اچڻو پوندو هو. ڪپڙي، نير ۽ شوري جي چڪاس (مال ڏسڻ) لاءِ هنن کي وري ڪپڙو اُڻندڙن ۽ آبادگارن وٽ وڃڻو پوندو هو ۽ مال هڪ هنڌان ٻئي هنڌ موڪلڻ جي حالت ۾ ڪين روينيو ۽ ڪسٽم عملدارن سان لهہ وچڙ ڪرڻي پوندي هئي. انهن سمورين ڏيتين ليتين ۽ ڪار وهنوار لاءِ ڪنهن واپاري عملدار ۾ جيڪي خوبيون هجڻ لازمي هيون، اهي هيون ملڪ ۽ انهيءَ جي ٻوليءَ جي ڄاڻ، مقامي ماڻهن لاءِ نيڪ خيالي ۽ دوستاڻي روش ۽ عملدارن سان مفاهمتي تعلقات." سترهين صديءَ ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي هڪ جونيئر عملدار ڊينئل ايلڊر کي مُدو ختم ٿيڻ کان پوءِ بہ سنڌ ۾ ٻيو ٻيرو فقط انهيءَ ڪري مقرر ڪيو ويو هو جو کيس هن ملڪ جي ٻوليءَ

(سنڌي) جي جاڻ هئي. ڪمپنيءَ جي هڪ ٻئي عملدار گلبرٽ هيريسن ۾ به اهڙيون خاصيتون هيون ۽ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ۽ دوستاڻي روش جي ڪري مقامي سنڌي واپارين ۾ هردل عزيز هو ۽ جڏهن 1847ع ۾ هُو نصرپور ۾ فوت ٿيو ته هندو واپاري، انگريز واپاري عملدارن جي اجازت سان سندس لاش پاڻ کڻي قبرستان ۾ دفنائڻ ويا.

## سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت:موجوده وقت جو جائزو

اسان سنڌي پاڪستان ئمڻ کان وٺي پنهنجي مادري ٻوليءَ کي قومي سڃاڻپ ۽ ثقافتي اهڃاڻ طور بچائڻ لاءِ جاکوڙيندا رهيا آهيون، پر ڪڏهن سوچيو اٿئون ته ٻولين جو اقتصاديات سان ڪو ڳانڍاپو به ٿي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن ٻولين جو اقتصاديات سان ڪو واسطو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت ڪهڙي آهي ۽ ان جي اقتصادي اهميت ڪيتري آهي؟ اسان پنهنجي ٻوليءَ جي ماضيءَ ۾ اقتصادي اهميت جو ته جائزو ڪڏهن ڪونه ورتو پر ان جي حال ۽ مستقبل کان به لاتعلق آهيون. جيڪڏهن اسان سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت سمجهي ورتي ۽ ان کي مارڪيٽ جي ٻوليءَ واري حيثيت ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين ته پوءِ اسان کي پنهنجي ٻوليءَ جي مستقبل جو اُلڪو به ڪرڻو ڪونه پوندو ۽ نه ئي اسان جي ثقافت کي ڪو خطرو هوندو. اهو سڀ ڪجهه اسان جي ئي هٿ ۾ آهي، جنهن لاءِ سنڌي قوم جي هر فرد کي پنهنجي ذميواري نڀائڻي پوندي.

ٻولين جو معيشت يا اقتصاديات سان ڪهڙو واسطو آهي ۽ مارڪيٽ جي ٻولي ڇا ٿيندي آهي؟ ڪتاب جي ٻهرين بابن ۾ ان تي گهڻو لکيو ويو آهي، پر هتي ان جو مختصر ورجاءُ پيش ڪجي ٿو. ماهرن ان سوال جو ڏاڍو سولو جواب ڏنو آهي . ماهر چون ٿا ته ڪابه شئي وڪڻندڙ ۽ ان جو خريدار "اقتصادي ايجنٽ" آهن ۽ ٻولي انهن جي وچ ۾ رابطي جو ذريعو آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته اقتصادي سرگرميون ڏيتي ليتيءَ جو نالو آهي ۽ ڏيندڙ ۽ وٺندڙ انهن اقتصادي سرگرمين جا ڪردار آهن . پر

جيڪڏهن اهي ڪردار هڪبئي جي ٻولي سمجهي نہ سگھندا تہ ڪاروبار ڪيئن هلندو. ان جو مطلب تہ ڏيتي ليتيءَ لاءِ ڪا اهڙي ٻولي هجڻ گھرجي، جنهن کي اهي سمورا ڪردار سمجهي سگھن . اهڙي ٻوليءَ کي مارڪيٽ جي ٻولي سڏجي ٿو. اهڙي طرح دنيا جو مڃيل اصول آهي تہ جنهن علائقي، صوبي يا ملڪ ۾ ڪا بہ هڪ ٻولي ڳالهائيندڙن جو تعداد وڌيڪ هوندو اُتي سندن ٻولي ئي حاوي رهندي ۽ اُهائي مارڪيٽ جي ٻولي هوندي.

هاڻ تہ سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن ۾ پٺاڻن وڏا ڪاروبار کولي ڇڏيا آهن، پر اڳي ڏسندا هئاسين تہ پٺاڻ سائيڪلن يا پنهنجي پُٺن تي ڪپڙو يا ٻيو سامان کڻي سنڌ جي ڳوٺن ۾ وڪرو ڪرڻ لاءِ ڦرندا وتندا هئا . اهي پٺاڻ ڪاروبار جي ڪاميابيءَ جو گُر ڄاڻندا هئا. تنهنڪري سنڌي ڳالهائيندا هئا، ڇو تہ سنڌ جي ڳوٺن ۾ ماڻهو ٻي ڪا بہ ٻولي ڪونہ ڳالهائيندا هئا ۽ نتيجي ۾ سنڌين سان ياراڻو ناهي وٺندا هئا، جنهن سان سندن ڪاروبار ٺيڪ ٺاڪ هلندو هو . سنڌي سندن مستقل گراهڪ هوندا هئا جو پٺاڻ واپاري اوڌر تي بہ سامان ڏئي ويندا هئا . انگريزن وٽ سنڌي ٻوليءَ جي ڪهڙي اهميت هئي، تنهن جو بہ مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي . هاڻي سوال آهي تہ موجوده وقت سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت ڪيتري آهي ؟ ڇا سنڌي ٻولي پنهنجي مارڪيٽ واري ٻولي هجڻ جي حيثيت وڃائي ويٺي آهي يا اڃان سندس اها حيثيت ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين موجود آهي ؟ جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جي مارڪيٽ واري ٻوليءَ جي حيثيت گھٽجي وئي يا ختم ٿي وئي آهي تہ ان کي ڪيئن بحال ڪجي ؟ ان جو جائزو وٺڻ لاءِ اسان کي موجوده سنڌ جي جاگرافيائي حدن اندر توڙي ان کان ٻاهر سموري علائقي جو جائزو وٺڻو پوندو تہ اقتصادي تاڃي پيٽو ڪهڙو آهي، سنڌي ڪٿي ڳالهائي وڃي ٿي ۽ موجوده اقتصادي تاڃي پيٽي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت ڪهڙي بيهي ٿي.

ڀيرومل مهرچند موجب "سنڌي ٻولي قديم وڏيءَ سنڌ جي ٻولي آهي، جنهن جون حدون ڪشمير کان وٺي گجرات جي سورت شهر تائين هيون، جنهنڪري پنجاب جو ڪِجهہ ڀاڱو راجپوتانا، سڄو ڪڇ علائقو ۽ ڪاٺياواڙ

جو اُتر وارو پاڱو بہ سنڌ ۾ اچي ٿي ويا . هوڏانهن افغانستان ۽ بلوچستان جا ڪي پاسا، لسبيلي ۽ مڪران سميت، سنڌ جي حڪومت هيٺ هئا . انهن سيني هنڌ اسان جن سنڌي ماڻهن راڄ ٿي ڪيو جنهنڪري سنڌي ٻولي انهن پاسن ڏي چالو ٿي . ٻهاولپور ۽ ملتان جي حدن تائين سرائڪي ٻولي هلي ٿي، پر تڏهن بہ انهيءَ پاسي ڪيترائي ماڻهو سنڌي ڳالهائين ٿا . هوڏانهن بلوچستان طرف لسبيلي ۾ ۽ هيڏانهن ڪڇ ڀڄ ۽ ڪاٺياواڙ جي اُتر واري پاڱي تائين سنڌي ڳالهائي وڃي ٿي . مطلب تہ سنڌي ٻولي هاڻوڪي سنڌ جي چئني حدن کان گهڻو پري بلوچستان، پنجاب ۽ گجرات جي حدن ۾ داخل ٿيو بيٺي آهي . سنڌي ٻوليءَ جون اهي حدون اڄ تائين قديم وڏيءَ سنڌ جي حدن جا اُهڃاڻ ڏين ٿيون . مطلب تہ سنڌي قديم سنڌ جي ٻولي آهي، نہ ڪي هاڻوڪي محدود سنڌ جي ٻولي."

ڪاڪي ڀيرومل جي بيان ڪيل انهن وزنائتي تاريخي حقيقتن جي روشنيءَ ۾ اڄ جي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو جائزو وٺبو تہ گهڻو فرق محسوس ڪونہ ٿيندو . سنڌي ٻولي اڄ بہ سنڌ کان ٻاهر انهن بيان ڪيل علائقن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، جنهن کي بيشڪ اُتان جي مقامي يا ديسي ثقافت جو رنگ مليل آهي، جنهنڪري اُن جو پنهنجو مٺيل لهجو آهي، پر تڏهن بہ اها سنڌي ٻولي ئي آهي . انهيءَ حقيقت کي نظر ۾ رکندي سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ 31 مارچ 2017ع تي پنجاب جي سرائڪي پٽي واري رحيم يار خان ضلعي جي لياقتپور تعلقي جي ڳوٺ بستي چڪ شيخيو مٺيرا ۾ سُگهڙن جي ڪچهري ڪوٺائي هئي، جنهن ۾ چولستان توڙي صادق آباد، رحيم يار خان ۽ ٻين علائقن مان وڏي تعداد ۾ سُگهڙ ۽ ڳائڻا شريڪ ٿيا . مقامي ڳائڻن سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ ڪلام ڳايا . انهيءَ ڪچهريءَ ڪوٺائڻ ۽ ان کي رڪارڊ ڪرڻ جو ڪارڻ اهو هو تہ انهن علائقن ۾ اڄ بہ سنڌي ۽ سرائڪي گاڏڙ ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي . پنجاب جي سرائڪي پٽيءَ وارن انهن ئي علائقن جي ماڻهن جو سنڌ جي ويجهو هجڻ سبب اقتصادي طور سنڌ جي

مارڪيٽن سان واسطو پوي ٿو. پنهنجي مال جي وڪري يا سنڌ جو مال خريد ڪرڻ لاءِ ڪين سنڌ اچڻو پوي ٿو ۽ سنڌي ٻولي يا سنڌيءَ ڳاڙر سرائڪي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻو پوي ٿو. سرائڪي علائقي جي ڪيترن ئي ماڻهن سان، جن ۾ پورهيت طبقي جا ماڻهو شامل آهن، ڪچهري ڪرڻ سان معلوم ٿيو تہ اهي نہ رُڳو پاڻ ڪي سنڌي سمجهن ٿا، پر پنهنجن گهرن ۾ بہ سرائڪي لهجي واري سنڌي ٻولي ڳالهائين ٿا.

موجوده وقت سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت ۽ اهميت جو اندازو ڪرڻ لاءِ مارڪيٽ جي نيٽ ورڪ يا تاجي پيٽي جو بہ جائزو وٺڻو پوندو. اسان وٽ مارڪيٽ نيٽ ورڪ يا تاجي پيٽو هن ريت آهي تہ هڪڙا وڏا شهر آهن، جتي ڪارخانن ۾ مال تيار ٿئي ٿو ۽ ٻيا ننڍڙا شهر ۽ سندن چوڌاري ٻهراڙيون پکڙيل آهن، جتي زراعت ٿئي ٿي ۽ خام مال تيار ٿئي ٿو. وڏا شهر ٻهراڙين کي تيار مال پهچائن ٿا تہ ٻهراڙيون وري وڏن شهرن جي صنعتي مرڪزن کي خام مال مهيا ڪن ٿيون. ٻهراڙين مان ئي ياجيون ۽ ٻيو کاڌ خوراڪ جو سامان شهرن کي پهچي ٿو. ان حد تائين جو گوشت لاءِ ڍور بہ ٻهراڙين مان موڪليا وڃن ٿا تہ درياهہ ۽ ڍنڍون ڍورا اندرين علائقن ۾ هجڻ ڪري مڇي بہ اُتان ئي مهيا ٿئي ٿي ۽ شهرن کي ملندڙ کير جو وڏو وسيلو بہ ٻهراڙيون ئي آهن. چانورن، ڪنڊ ۽ اٽي جا ڪارخانا هجن، ڪپڙي جون فيڪٽريون هجن، زرعي پروسيسنگ يونٽ هجن يا اهڙيون ٻيون صنعتون، ڪين ٻهراڙين سان رابطو ڪرڻو پوي ٿو ۽ ٻهراڙين ۾ زراعت سان واڳيل ماڻهن جي اڪثريت سنڌي آهي، باوجود انهيءَ حقيقت جي تہ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ بيشڪ زراعت جي شعبي ۾ پنجابي ۽ ڪي ٻيون قوميتون بہ شامل آهن، پر نيٺ ٻهراڙين جي ماحول ۾ اهي بہ سنڌين جي ثقافت جو حصو ٿي چُڪا آهن ۽ اڪثر ماڻهو سنڌي ڳالهائين ٿا. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ شهرن جي غيرسنڌي ڪارخانيدارن جو واسطو لازمي طور سنڌين سان پوي ٿو ۽ پوندو رهندو. بلڪل ساڳي طرح شهرن جي ڪارخانيدارن کي پنهنجي

مال جي کپت خاطر عام دڪاندارن تائين پهچڻ لاءِ وڏن توڙي ننڍين شهرن ۾ ڀهراڙين جي ٻڏي جي واپارين يا ڊسٽريبيوٽرن سان واسطا رکندا پون ٿا، جن ۾ پڻ سنڌين جو چڱو خاصو تعداد شامل آهي. اهڙي طرح ٻڏي جي واپارين ۽ ڊسٽريبيوٽرن جو واسطو عام دڪاندارن سان پوي ٿو جن جو بہ حساب ڪجي تہ سڄي سنڌ ۾ سنڌي دڪاندارن جو انگ لکن ۾ ٿيندو. انهيءَ جو مطلب تہ سنڌ جي مارڪيٽ ۾ سنڌي ماڻهو وڏي تعداد ۾ موجود آهي ۽ سنڌن ان تعداد جي ڪري ساڻن رابطي ۾ ايندڙ غير سنڌي اقتصادي ايجنٽن کي ساڻن ويجهو رستو رکڻو پوندو هوندو ۽ ان لاءِ کين سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻو پوندو هوندو يا جيڪڏهن نہ تہ اسان کين انهيءَ لاءِ مجبور ڪري سگهون ٿا.

سنڌ جي اندروني علائقن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت جو هڪ مثال هن وقت سکر ۾ رهندڙ هڪ زميندار سليم مهر سان انٽرويوءَ مان مليو. شڪارپور جي پرسان هڪ ڳوٺ جو رهواسي سليم مهر ٻڌائي ٿو تہ سنڌن علائقي ۾ ماڻهو سنڌي ڳالهائين ٿا جنهن ۾ سرائڪي ڳاڙ اُترادي لهجو شامل هوندو آهي. سرائڪي ڳالهائيندڙ آبادي ڪان مٿي پنجاب تائين ملندا. سندس چوڻ موجب سکر شهر ۾ اڳي ڪاروباري ماڻهو سنڌي ٻولي نہ اچڻ سبب اردو ڳالهائيندا هئا، پر وقت گذرڻ سان گڏ کين سنڌي سکڻ جي ضرورت پئجي وئي ڇو تہ سکر وڏو ڪاروباري مرڪز آهي، جنهن سان اُتر سنڌ جي سمورن ضلعن جا ماڻهو ڳنڍيل آهن. هن وقت ڪو بہ واپاري ۽ دڪاندار پوءِ اهو پنجابي هجي، اردو ڳالهائيندڙ هجي يا پٺاڻ لازمي طور گراهڪن سان سنڌي ڳالهائي ٿو. ڀهراڙيءَ جي زراعت جو شهرن سان واسطو هجڻ جو هڪ ننڍڙو مثال هيءَ آهي تہ ڪراچيءَ جي منڊين جا پٺاڻ واپاري سنڌ جي آبادگارن جي فصلن جي اُپت جو فصل لهڻ کان اڳ سودو ڪري ڇڏين ٿا. هڪ وڏي انگريزي اخبار جي رپورٽ موجب نوابشاهہ ضلعي ۾ ٽماٽا مهانگا ۽ ڪراچيءَ ۾ سستا انهيءَ ڪري آهن، جو پٺاڻ واپارين نوابشاهہ ضلعي ۾ ٿيندڙ ٽماٽن جي فصل جو اڳواٽ سودو ڪري

ڇڏيو هو . اهڙي طرح شهدادڪوٽ قمبر ضلعي مان هنداڻن جو فصل به ڪراچيءَ جي پناڻن جو خريد ڪيل هو. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته پناڻ واپاري سنڌ جي مختلف علائقن ۾ آبادگارن سان جيڪڏهن مڪمل طور سنڌيءَ ۾ نه، ته به ڀڳل ٽُٽل سنڌيءَ ۾ ضرور ڳالهائيندا هوندا .

ساڳي طرح ٿرپارڪر توڙي ٻين ضلعن ۾ هرهفتي لڳندڙ چوپائي مال جي پڙين ۾ به سنڌيءَ ۾ واڪ لڳن ٿا، جتي ڪراچي توڙي ٻين شهرن مان مال جا خريدار پهچن ٿا . ان جو هڪ مثال مٺي شهر جي مال پڙي ۾ ڏٺو ويو. ٿر ۾ ماڻهن جي گذر سفر جو وسيلو چوپايو مال پالڻ آهي ۽ هُو پنهنجي ضرورتن جي پورائيءَ لاءِ هر هفتي منڊيءَ ۾ مال آڻيندا آهن . اهڙيون منڊيون سنڌ جي اڪثر شهرن ۾ لڳن ٿيون، جتي ٻهراڙين مان مال وڪري لاءِ آندو وڃي ٿو.

گراهڪن سان سنڌي ڳالهائڻ جي ڪري گراهڪ کي به پنهنجائپ جو احساس ٿئي ٿو ۽ وري جيڪڏهن سنڌي گراهڪ سنڌي واپاريءَ سان پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندو ته ان سان ٻنهي ڌرين ۾ اجان وڌيڪ ويجهڙائپ ٿئي ٿي . ان جو هڪ عملي مثال 1980ع واري ڍاڪي جو هڪ واقعو آهي . ان وقت ڪراچيءَ جي صحافين جو هڪ وفد ڀٽي جي دوري تي ويو جنهن ۾ هڪ سنڌي صحافي به شامل هو. ڀٽي ۾ هڪ جهوني حڪيم (مرحوم) جو شربت گهڻو مشهور هو ۽ صحافين کي اهو شربت وڻو هو. تن ڏينهن ۾ ڪنڊ جي کوٽ هئي ۽ اطلاع هئا ته حڪيم صاحب شربت جي بوتلن جو عام وڪرو نٿو ڪري . ان ڪري ڪن صحافين ٻين کان اڳ وڃي حڪيم صاحب سان رابطو ڪيو. سنڌي صحافي ۽ کي ٻيا ٿورو پوءِ اُتي پهتا ته ڏٺن ته پهريائين پهتل صحافين جا منهن لٿل هئا . کين شربت کان ٺپ جواب مليو هو . جڏهن سنڌي صحافيءَ حڪيم صاحب سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائي گذارش ڪئي ته هن هڪدم مڃي ورتو ۽ سمورن صحافين کي شربت جون بوتلون ڪڍي ڏنائين . اهڙا ڪيترائي مثال ٻين ماڻهن وٽ به هوندا . بلڪل ايئن ئي ڪنهن پنجابي، بلوچ يا پناڻ سان سندن مادري ٻوليءَ ۾ ڳالهائبو ته ان جو ساڳيو اثر ٿيندو.

سنڌ ۾ هن وقت 29 ضلعا آهن، جن ۾ ٺٽو سجاول، بدين، دادو حيدرآباد، ڄامشورو مٽياري، ٽنڊوالهيار ٽنڊو محمدخان، جيڪب آباد، ڪشمور ڪنڌڪوٽ، لاڙڪاڻو قمبر شهدادڪوٽ، شڪارپور، ميرپورخاص، سانگهڙ ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، گهوٽڪي، خيرپور، سکر، نوشهروفيروز بينظيرآباد (اڳوڻو نوابشاهه ضلعو) ۽ ڪراچيءَ جا ڇهه شهري ضلعا اولهه اوڀر، ڏکڻ، سينٽرل، ملير ۽ ڪورنگي شامل آهن. انهن ضلعن جون 143 سب ڊويزنون يا تعلقا آهن ۽ انهن تعلقن ۾ وري ڪيترائي ننڍا شهر ۽ ڳوٺ آهن. صوبي اندر يونين ڪائونسلن جو تعداد 1108 آهي. فيڊرل بيورو آف اسٽيٽسٽڪس جي 1998ع جي انگن اکرن موجب سنڌ ۾ 200 کان 250 گهرن تي مشتمل ڳوٺن جو تعداد 5871 آهي. ان حساب سان اسان چئي سگهون ٿا ته ان کان ننڍن ڳوٺن جو انگ اڃان وڌيڪ هوندو. ڪجهه ڏاهڪا اڳ جي انگن اکرن موجب سنڌ ۾ ننڍن ڳوٺن جو تعداد 63000 هو. سنڌ جي ضلعن، تعلقن، يونين ڪائونسلن ۽ ڳوٺن جا تفصيل بيان ڪرڻ جو مقصد اهو ڏيکارڻ آهي ته سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن جا مرڪز ڪهڙا آهن. سنڌ بيورو آف اسٽيٽسٽڪس جي ويب سائيٽ تي هلندڙ آباديءَ واري گهڙيال موجب صوبي جي آبادي چار ڪروڙ 91 لک، 11 هزار 501 (24 مئي 2016ع تي) آهي جنهن ۾ هر هڪ منٽ تي هڪ ماڻهوءَ جو واڌارو ٿي رهيو آهي. اهي انگ اکر هڪ يا ڏيڍ سال اڳ جا آهن ۽ آباديءَ واري گهڙيال جي حساب سان هن مهل (ڪتاب ڇپجڻ) تائين آبادي گهٽ وڌ پُڄي ڪي هوندي. فيڊرل بيورو آف اسٽيٽسٽڪس موجب سنڌ جي آبادي 5 ڪروڙ 52 لک، 45 هزار 497 آهي. ان حساب سان اندازو آهي ته انهيءَ ۾ سنڌين جي آبادي ساڍن ٽن کان چئن ڪروڙن جي لڳ ڀڳ آهي ۽ ايتري وڏي آباديءَ جي ٻولي مارڪيٽ جي ٻولي بنجڻ جي خاصيت رکي ٿي.

مٿي شهري ۽ ٻهراڙيءَ وارن علائقن جي اقتصادي ڪردار جو ذڪر ٿيل آهي. هتي هاڻ ڪجهه مثال ڏئي صورتحال کي ٿورو وڌيڪ واضح ڪبو.

ڪراچي سنڌ جي گادي آهي جتي غير سرڪاري ذريعن ۽ مقامي ماڻهن موجب ڳوٺن جو تعداد 2173 آهي، پر سرڪاري رپورٽن موجب 1985ع کان اڳ جي آباد ٿيل ڳوٺن مان 653 ڳوٺ پڪا يا رجسٽر ٿيل آهن جن مان 60 ڳوٺ شهر جي اندر ۽ 593 ڳوٺ پسگردائيءَ ۾ آهن . ڳوٺن جا تازا انگ اکر ڪجهه مختلف هوندا ڇو تہ اوير ضلعي ۾ خاص ڪري وڏي تعداد ۾ ڳوٺ آباد ٿي چڪا آهن، جيڪي ڇوڻ ۾ تہ ڳوٺ آهن، پر اصل ۾ شهري آباديون آهن، جتي سنڌين جي آبادي ايتري آهي جو سنڌي اُميدوار اسيمبليءَ جي سيٽ کٽي سگهي ٿو. سنڌ يونيورسٽيءَ جي ريسرچ جرنل (سائنس سيريز) ۾ ڪراچيءَ جي مرڪزي ڳوٺاڻن علائقن Rural Central Places in Karachi جي حوالي سان ڇپيل هڪ رپورٽ موجب ڪراچيءَ جو ٻهراڙيءَ وارو علائقو 51 ديهن تي مشتمل آهي، جيڪو 2000 چورس ڪلوميٽرن تي پکڙيل آهي ۽ اهو ڪراچي ڊويزن جي ڪُل پکيڙ جو سٺ سيڪڙو آهي، پر ان ۾ آبادي جو تناسب شهر جي ڪُل آباديءَ جو پنج سيڪڙو آهي . هن رپورٽ ۾ ڪراچيءَ جي رجسٽرڊ ڳوٺن جو تعداد فقط 321 ڄاڻايل آهي، جيڪو شايد پراڻين سرڪاري رپورٽن مطابق ڊيڪاريل ۽ بلڪل غلط آهي. ڪراچيءَ جي ٻهراڙيءَ ۾ زراعت جي لحاظ کان مرڪزي حيثيت رکندڙ علائقا آهن، ڪونڪر، گڏاپ، ملير ۽ ڪانوڙ جتي وڏن اُونهن کوهن تي لڳل ٽيوب ويلن ذريعي ڀاڄيون ۽ ميوو جام اُپايو وڃي ٿو ۽ ڪن هنڌن تي ڪڪڪ بہ پوکي وڃي ٿي . انهن علائقن مان تازيون ڀاڄيون ۽ ميوا ڪراچي شهر کي روزاني بنيادن تي مهيا ڪيا وڃن ٿا . هتان چوپايو مال توڙي مال جو چارو بہ ڪراچيءَ کي مهيا ٿئي ٿو. انساني وسندين جي لحاظ کان بہ اهي وڏا علائقا آهن، جنهنڪري گڏاپ، ڪونڪر، ڪانوڙ ملير جو ميمڻ ڳوٺ شهرن جي شڪل اختيار ڪري ويا آهن . ڳوٺ مراد ميمڻ انهن مان سڀني کان اڳيرو آهي، جتي اقتصادي سرگرميون وڌيڪ آهن . ان کان پوءِ گڏاپ ۽ ڪانوڙ شهر اقتصادي سرگرمين جا مرڪز آهن . زراعت کان پوءِ وري ماهيگيريءَ ۾

ڪراچيءَ جا ساحلي ڳوٺ اهميت رکن ٿا. جن ۾ ابراهيم حيدري، ريڙهي ميان ۽ ٻيا ڳوٺ اچي وڃن ٿا . انهن سمورن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ سنڌي ۽ بلوچي ڳالهائيندڙ ماڻهو اڪثريت ۾ آباد آهن ۽ ڪراچيءَ جي مکيه شهري آباديءَ ۽ مارڪيٽن سان زرعي جنسن توڙي مڇيءَ جي ڪاروبار سبب سڌو رابطو رهي ٿو. سنڌين جا اهي ئي علائقا وري ڪراچي ۽ ملڪ جي ٻين صنعتي مرڪزن جي تيار ڪيل مصنوعات جي وڪري جي لحاظ کان به مکيه مارڪيٽ آهن، جتي ٻڌي جا سنڌي واپاري توڙي آڙهتي ۽ عام دڪاندار انهن مصنوعات جو وڪرو ڪن ٿا . شهر جو پراڻو علائقو لياري به سنڌين جي آباديءَ جي اهميت رکي ٿو. جيتوڻيڪ هتي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پنجابي، پٺاڻ، هزاريوال، ڪشميري ۽ ٻيون قوميتون به آباد ٿي ويون آهن، پر تڏهن به وڏو تعداد بلوچي ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن جو آهي، جن ۾ ڪڇي، لاسي، هڱورا، سومرا، ميمڻ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي برادريون شامل آهن . لياري، ڪياماڙي، ماڙيپور ۽ ٻيا پرپاسي وارا علائقا، انهن پورهيت سنڌين جو ڳڙهه آهن، جيڪي ڪراچي بندر، مڇي بندر (فش هاربر)، ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ۽ ان سان لاڳاپيل ٻين ادارن ۽ ڊنڊن ۾ پورهيو ڪن ٿا . لياريءَ جي مختلف علائقن جا ڪيترائي سنڌي ماڻهو پنهنجي پراڻي ڪاروبار يعني جانورن جي ڳَلن جي واپار ۾ اڄ به سرگرم آهن ۽ ان حساب سان شهر جي چمڙي جي واپارين سان سندن واسطا آهن . ڪراچيءَ ۾ هن وقت ڏيڍ سئو کن چمڙي رڱڻ جا ننڍا وڏا ڪارخانا آهن، جتي ڳَلن کي رڱڻ جو ڪم ٿئي ٿو ۽ انهن ڪارخانن کي خام مال پهچائڻ وارا اڪثر سنڌي آهن . سوين سنڌي ٻيڙين ۽ لانچن جا مالڪ به آهن، جيڪي سمنڊ جو سينو چيري ڪراچيءَ جي آبادي توڙي ملڪ جي ٻين حصن لاءِ مڇيءَ واري غذا جي پورت ڪن ٿا . ڏيک ويک ۾ به پورهيت نظر ايندڙ يا ٻيءَ ڪنهن ڪرت ۾ رُڌل توڙي ٻاڪڙا هوٽلن تي چانهه چُڪي پيئندڙ اهي ماڻهو پاڻ ۾ سنڌي ڳالهائيندي ٻُڌڻ ۾ ايندا .

ٻئي پاسي ڪراچيءَ جي شهري علائقن اندر ٻنگوريا ڳوٺ، ڪنڊو ڳوٺ، ڇڪرا ڳوٺ، شانتي نگر، سچل ڳوٺ، ماروئڙا ڳوٺ، مخدوم بلاول ڳوٺ، مخدوم بلاول سوسائٽي، غازي ڳوٺ ۽ ٻيا اهڙا ڳوٺ وڏي تعداد ۾ موجود آهن، جتي رهندڙ سنڌي نہ رڳو نوڪري ڪندڙ آهن، پر ٻين ڌنڌن توڙي دڪانداري ۽ ڪاروبار ۾ رُڌل آهن . هن وقت ڪراچيءَ ۾ سنڌين جي موجودگي وڌيڪ نظر اچي ٿي، جنهن جا انگ اکر آدمشماري نہ ٿيڻ جي ڪري موجود ناهن، پر سنڌن وڌندڙ آباديءَ جو اندازو سولائيءَ سان ڪري سگهجي ٿو. ڪراچيءَ ۾ هڪڙا تہ قديم سنڌي هئا ۽ آهن ۽ ٻيا سنڌي اهي آهن، جن سنڌ جي اندرين علائقن مان مختلف ڪارڻن جي ڪري لڏپلاڻ ڪئي . ان لڏپلاڻ ڪي مختلف مرحلن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ لڏپلاڻ تہ عام رواجي آهي، جيڪا ننڍي پئماني تي جاري هوندي آهي . ڪراچيءَ ڏانهن وڏي پئماني تي سنڌين جي آمد تڏهن شروع ٿي، جڏهن ون يونٽ ختم ٿيو ۽ ڪراچي وري سنڌ جي گادي ٿي ۽ سنڌين لاءِ روزگار جا وسيلا پيدا ٿيا ۽ مٿان وري 1971ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اقتدار ۾ آيو جنهن ڪراچيءَ ۾ سنڌين لاءِ سرڪاري نوڪرين جا در کوليا . ان ئي زماني ۾ ڪيترائي سنڌي ٻين ڌنڌن ڌاڙين خاطر بہ هن پاسي نڪري پيا هئا ۽ اهو سلسلو پوءِ هلندو رهيو . لڏپلاڻ جي ٻي لهر جنرل ضياءَ جي آمريت واري زماني ۾ 1977ع کان پوءِ شروع ٿي، جڏهن سنڌ جي اندرين علائقن ۾ آمريتي پاليسين تحت ڌاڙن، اغوائن ۽ ٻين سنگين ڏوهن کي هٿ وٺي وڌايو ويو ۽ ماڻهو خاص طور مالدار ڪاروباري ماڻهو پاڻ کي پنهنجي علائقن ۾ غير محفوظ سمجهڻ لڳا هئا . اهڙن ڪاروباري سنڌين ڪراچيءَ جي مختلف علائقن ۾ اچي پنهنجا دڪان کوليا . ڪراچيءَ ۾ سنڌين جي وڌندڙ تعداد کي ڏسي ڪجهہ قوتن وري کين واپس پيچاڻڻ جي رٿابندي ڪئي ۽ 1988ع ۾ بدترين نسلي فساد ڪرايا ويا، جنهن دوران ڪراچيءَ ۾ سنڌين کي سندن گهرن ۾ توڙي رستن تي وات ويندي قتل ڪيو ويو ۽ اهو سلسلو 1990ع واري

ڏهاڪي جي ابتدائي ورهين تائين جاري رهيو. ان رتوڇاڻ سبب سنڌين کراچي ته ڪاڻ ڇڏي پر شهر اندر لڏپلاڻ جو عمل شروع ٿيو ۽ مختلف علائقن ۾ پکڙيل سنڌين محفوظ علائقن ۾ پنهنجون آباديون ٺاهڻ شروع ڪيون، جن جو مثال گلشنِ اقبال ۽ گلستان جوهر جي علائقن ۾ شانتي نگر، سچل ڳوٺ، ماروئڙا ڳوٺ ۽ ٻيا ڳوٺ آهن. اهڙن ڳوٺن جي آباد ٿيڻ کان پوءِ اندرين سنڌ مان سنڌين جو ڪراچيءَ اچڻ اجان به سولو ٿي پيو هو. اهڙي طرح نوڪرين ۽ ٻئي روزگار خاطر ڪراچيءَ ڏانهن سنڌين جي آمد جاري رهي آهي. سال 1999ع کان 2008ع تائين جنرل پرويز مشرف جي آمريت ۾ ڪراچيءَ ۾ بدترين دهشتگردي، بم ڌماڪن، ڀتہ خوري ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ جهڙي صورتحال ۾ به سنڌين جي آمد جاري رهي، جنهن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر واڌ سڄي سنڌ ۾ 2010ع جي درياهي ٻوڏ ۽ 2011ع ۾ طوفاني برساتن سبب تباهيءَ جي ڪري آئي، جڏهن ٻوڏ متاثر سنڌين پنهنجا اجها تباهہ ٿيڻ جي نتيجي ۾ ڪراچيءَ ڏانهن رُخ رکيو. هن وقت ڪراچيءَ ۾ اسان کي پيٽرول پمپن تي ڪم ڪندڙ سنڌي نوجوان ملندا ته انهن پيٽرول پمپن سان گڏ ڪار واش ۽ سروس وارا به سنڌي هوندا. گهٽ پڙهيل يا پنهنجو روزگار پاڻ ڳولڻ وارن سنڌين رڪشائون ۽ چنگچيون هلائڻ شروع ڪيون، جن جو تعداد به ڪافي ۾ آهي. ڪيترن ئي سنڌين کي شهر جي مختلف علائقن ۾ پان ٻيڙيءَ جون ڪئبنون هلائيندي، پارڪنگ ايرياز ۾ پارڪنگ في وصول ڪندي ڏسي سگهجي ٿو. اهڙي طرح سنڌين جا سونارڪا دُڪان، گفٽ شاپ ۽ جنرل اسٽور به شهر جي اڪثر علائقن ۾ ملندا. ڪراچيءَ ۾ سنڌين لاءِ سڀ کان وڏيڪ موافق ماحول انهيءَ ڪري ميسر ٿيو جو دهشتگردي ۽ ٻين سنگين ڏوهن ۾ ڌارين ماڻهن جي ملوث هجڻ ڪري سنڌين مٿان سنڌ امن پسنديءَ جي ڪارڻ ويساهه وڌيو. نتيجي ۾ اڄ نہ رُڳو ڪئٽرنگ سروس جي شعبي ۾ سنڌي نوجوانن کي ترجيح ڏني وڃي ٿي، پر خانگي سڪيورٽي ايجنسين ۾ گارڊ طور به وڏي تعداد ۾ سنڌين کي ڀرتي ڪيو وڃي ٿو

جيڪي شهر جي اهم تجارتي مرڪزن، ٻئنڪن توڙي ٻين هنڌن تي ڊيوٽي ڪندي ڏسڻ ۾ ايندا . سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت وڌڻ ۽ انهيءَ جي ڪري سنڌين جي مارڪيٽ ۾ گهرج جو هڪ ٻيو وڏو مثال آهي پرنٽ توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا يعني اخبارن ۽ ٽي وي چئنلن ۾ سنڌين جي کپت. اڳي ڪراچيءَ ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا سنڌي صحافي هوندا هئا، جن مان هڪ اڌ انگريزي اخبار ۽ نيوز ايجنسيءَ ۾ هوندو هو ۽ باقي ڪجهه سنڌي اخبار ۾ ڪم ڪندا هئا . اردو اخبارن ۾ ته سنڌين جي لاءِ ڪا گنجائش ئي نه هوندي هئي . وقت گذرڻ سان گڏ اردو ۽ انگريزي اخبارن کي سنڌ جي سنڌي عوام سان ويجهو ٿيڻ ۽ پنهنجي سرڪيوليشن وڌائڻ لاءِ مارڪيٽنگ حڪمت عمليون بدلائڻيون پيون ۽ پنهنجي هيڊ آفيسن ۾ سنڌي اسٽاف ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ سنڌي نمائندا رکڻا پيا . اڳتي هلي سال 2002ع کان جڏهن خانگي شعبي ۾ ٽي وي چئنل ڪم ڪرڻ لڳا ته کين به ساڳي ضرورت محسوس ٿي ۽ سنڌي نوجوانن کي اليڪٽانڪ ميڊيا ۾ پير پائڻ جو موقعو مليو. اڄ چڱي تعداد ۾ سنڌي نوجوان اردو ٽي وي چئنلن ۾ ڪم ڪن ٿا . انهيءَ تبديليءَ جي ڪري هن وقت ڪراچيءَ ۾ سنڌي صحافين جو تعداد سوَن ۾ آهي .

## سنڌي ڪا ڏُکي ٻولي آهي ڇا ؟

سنڌي ڪا اهڙي ڏُکي ٻولي آهي، ڇا جنهن کي سمجهڻ، سکڻ، ڳالهائڻ ۽ لکڻ اڻ ٿيڻي ڳالهه هجي ؟ ايئن بلڪل ڪونهي . جيڪڏهن چيني ٻوليءَ جهڙي ڏُکي ڀاشا به چين جي وڌندڙ اقتصادي اهميت جي ڪري ماڻهو سکي سگهن ٿا ته پوءِ سنڌي سکڻ ته وڌيڪ سولو ڪم آهي . هت سنڌي ٻوليءَ بابت انگريز آفيسر ۽ ليکڪ ڪئپٽن سر رچرڊ فرانسس برٽن (1821ع کان 1890ع) جا جملا پيش ڪبا، جن مان اندازو ٿيندو ته سنڌي ٻولي مختلف هوندي به ٻين ٻولين جي ويجهو آهي ۽ ان کي سمجهڻ ڏکيو ناهي. سال 1876 ۾ انگريز سرڪار جي ڇپرايل سنڌ جي گزيٽيئر ۾ برٽن جا هي جملا ڇاپايل

آهن. برٽن لکي ٿو: "سنڌي، هندستان ۾ ڳالهائجندڙ هر ٻوليءَ کان مڪمل طور مختلف آهي. اها ڪاٺياواڙ جي اترين سرحدن کان ويندي بهاولپور جي اترين علائقن تائين ۽ اولهه جي جبلن کان ويندي سنڌ کي هندستان کان ڌار ڪندڙ رڻ تائين ڳالهائي وڃي ٿي. ان جي گرامر جي جوڙجڪ ۾ به تمام گهڻي وسعت آهي. ان جي اِسم ۽ انهيءَ جي شاخن جو تعلق سنسڪرت سان آهي، ته فعل ۽ ظرف وري فارسي نموني جا نميل آهن. سنڌي ٻولي عربي بنياد وارن لفظن سان ڀريل آهي، جنهنڪري هندستان ۽ سينٽرل ايشيائي ٻولين ۾ سنڌيءَ ۾ ڪيترائي هڪجهڙا لفظ عام جام آهن. سنسڪرت جا اصل توڙي ڪريل لفظ به سنڌيءَ ۾ موجود آهن." هندستان ۾ رهندڙ سنڌي محقق لڇمڻ ايم خوبچندانيءَ به پنهنجي ڪتاب "سر رچرڊ برٽن اينڊ سنڌي لنگويج" ۾ برٽن جي انهن خيالن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا جي محقق ڊاڪٽر ابراهم گريئرسن به لکيو آهي ته آرين جي زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ سان ٽڪرائجڻ جي نتيجي ۾ سنسڪرت نه رُڳو پنڊتن تائين محدود ٿي وئي، پر قديم سنڌي ٻوليءَ جا لفظ به ان ۾ گڏجي ويا. هُو لکي ٿو ته سنڌي جيتوڻيڪ خاص سنڌ علائقي جي ٻولي آهي، پر ان جي پنهنجي همه گير مقبوليت جي ڪري علائقائي حدون عبور ڪري سيني پاڙيسري پرڳڻن جي ڳچ حصن تي ڇانئجي وئي آهي ۽ اُها اُتي اهڙي ئي محبت سان ڳالهائي وڃي ٿي جهڙو خاص سنڌ ۾.

هڪ ٻئي انگريز ليکڪ ڊئن ڪئنيڊي Dane Kennedy پنهنجي ڪتاب "دي هائلي سولائيزڊ مئن" The Highly Civilized Man (رچرڊ برٽن بابت لکيل ڪتاب) ۾ به برٽن جو هيءُ جملو ڇاپيو ويو آهي: "سنڌي ٻولي ڪيترن ئي ٻارن جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪري ٿي ۽ هنن لاءِ مناسب تعليم جو ذريعو آهي، جنهن ۾ اينترو شاهوڪار ادب موجود آهي، جنهن مان نصاب تيار ٿي سگهي ٿو."

سنڌي ٻوليءَ لاءِ انگريز آفيسر ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جا چيل هي لفظ به ذڪر جوڳا آهن : "لسانيات جي ماهرن لاءِ سنڌي ٻولي هند جي ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ دلچسپ ثابت ٿيندي ۽ اڀياس ڪرڻ سان اها ٻين ٻولين کان نرالي ڏسڻ ۾ ايندي." هيءُ اهو شخص هو جنهن سنڌي ٻوليءَ جي نه رُڳو گرامر تي ڪم ڪيو پر پهرين انگريزي سنڌي ڊڪشنري به تيار ڪئي جيڪا 1849ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي، جڏهن ته هن سنڌي، انگريزي ڊڪشنريءَ تي به گهڻو ڪم ڪيو جنهن جي ڇپائي 120 صفحن تي پهتي ته 1853 ۾ هُو وفات ڪري ويو. سندس هن ڊڪشنريءَ کي بي ايچ ايلس بعد ۾ سهيڙي 1855ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو.

سنڌي تمام وسيع ٻولي آهي، جنهن ۾ اهڙي خاصيت آهي جو دنيا جي ڪنهن به ٻوليءَ جي ڪنهن به تلفظ يا اُچار کي سولائيءَ سان نه رُڳو لکي پڙهي پر اُچاري يا ڳالهائي به سگهجي ٿو. ان جو اندازو ڪاڪي ڀيرومل جي هنن سِٽن مان ڪري سگهجي ٿو : "سنڌي اهڙي ته وسيع ٻولي آهي، جنهن ۾ سري لاءِ هڪڙا لفظ وچولي لاءِ ٻيا، لاڙ جا ٽيان ۽ ٿر جا وري انهن کان به اور. وري واپارين، ڪاسبين، حڪيمن وٽ لفظ ۽ اصطلاح ئي پنهنجا. پسارين وٽ ڏسو ته سوين شيون ــ وڻ ٽڻ، گاهه ٻوٽا، گل ڦل، ڏوٽين ڏٽ ۽ ٻيون انيڪ شيون آهن، جن مان ڪيترين جا نالا ڪنهن به ڊڪشنريءَ ۾ ڏنل ڪينهن. سنڌ ۾ مڇيءَ جا سوا سئو قسم آهن ۽ هرهڪ جا الڳ نالا آهن. انگريز ڪمشنر جيمس ته رُڳو پکين جي قسمن جا چار سئو نالا ڪٺا ڪيا هئا. ايئن نانگ بلائن ۽ جيتن جا اڻ ڳڻت قسم ۽ نالا آهن. مالدارن وٽ ڍورن جا نالا انهن جي عمر، ڪير ڏيڻ، وياميل هجڻ يا نه هجڻ، سِڱ هجڻ يا نه هجڻ، سِڱ سڌا هجڻ يا ڦِڏا هجڻ وغيره جي حساب سان الڳ الڳ ملندا. زراعت ۾ هر جنس ۽ انهن سان لاڳاپيل هر شئي جا نالا سنڌي ٻوليءَ ۾ ملندا. ڪنهن به هاريءَ سان ملندو ته هُو هر زرعي شئي جا نالا ٻڌائيندو. ڪنهن ماليءَ کان پڇندو ته گلن ڦلن توڙي ماليءَ واري

ڪرت جا سمورا لفظ بيان ڪندو. ايئن سازن ۽ سُرندن جا لفظ به اڪيچار ملندا."

ڪاڪي ڀيرومل سنڌي ٻوليءَ کي شاهوڪار ٻولي سڏيو آهي، جنهن ۾ هڪ معنيٰ لاءِ گهڻا لفظ ۽ هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون موجود آهن ۽ اها هزارين ٻهاڪن ۽ اصطلاحن سان ڀريل آهي. آگسٽ 1937ع ۾ ڇپيل جرنل آف سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي The Journal of the Sindh Historical Society (آءِ بي آڏواڻي ۽ اين ايم ٻلموريا جو ايڊٽ ڪيل) ۾ شامل پنهنجي مضمون Some Sindhi Proverbs and their connection with Sindh History ۾ آءِ بي آڏواڻي لکي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ اٽڪل ٽي هزار ٻهاڪا، اصطلاح ۽ محاورا موجود آهن، جن جي اڀياس سان سنڌين جي سماجي ۽ مذهبي ريتن رسمن سان گڏوگڏ پاڙيسري علائقن، جهڙوڪ: ڪڇ، ڪاٺياواڙ گجرات ۽ پنجاب جو سنڌ تي اثر جو به اندازو ڪري سگهجي ٿو ۽ معلوم ٿيندو ته سنڌ جي تاريخ سنڌي ٻوليءَ کي تمام گهڻو شاهوڪار ڪري ڇڏيو آهي.

انهيءَ جو مطلب ته سنڌي ٻوليءَ ۾ اها خاصيت موجود آهي ته اها دنيا جي ڪنهن به شعبي جي باري ۾ لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ پنهنجي اندر لفظن جا ڀنڊار سمايو ويٺي آهي. ضرورت رڳو ان خزاني کي استعمال ڪرڻ لاءِ هر عام ۽ خاص ماڻهوءَ سان روشناس ڪرائڻ جي آهي ته جيئن اها باقاعدي مارڪيٽ جي ٻوليءَ واري پنهنجي قديم حيثيت حاصل ڪري سگهي.

سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ خاصيت جي روشنيءَ ۾سنڌي ٻوليءَ کي مارڪيٽ جي ٻوليءَ طور ترقي وٺرائڻ ۽ ان کي عام ماڻهو پورهيت، هاري ناري، عورتن توڙي ڪاروباري ماڻهن لاءِ عام فهم ۽ سولو بنائڻ لاءِ سڀ کان پهرين جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت ۾ سندس هدايتن تي ڪم ڪيو ويو هو. هن 1971ع واري جنگ کان پوءِ جيئن ئي اقتدار سنڀاليو ته 1972ع ۾ ان ڏس ۾ وزارتِ تعليم کي هدايتون جاري ڪيون هيون، جنهن جي نتيجي ۾سنڌي

ٻوليءَ جي بنيادي لغت تيار ڪرڻ تي ڪم شروع ٿيو هو. ان وقت وفاقي حڪومت جي تعليم واري وزارت پاران تيار ڪرايل ڦهريون پيرو هڪ ننڍڙي ڪتابڙي جي شڪل ۾ اهڙي ڊڪشنري 1976ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇپرائي پڌري ڪئي هئي، جنهن جا ٻه ڇاپا وري ڪجهه وڌاءَ سان گڏ 1977ع ۽ 1982ع ۾ پڌرا ڪيا ويا. ان ڊڪشنري يا لغت جو مقصد عام فهم ۽ روزاني استعمال ۾ ايندڙ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن کان ماڻهن کي آگاهه ڪرڻ هو. اهڙي لغت تيار ڪرڻ ۾ مرحوم پير حسام الدين راشدي، غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد صالح شاهه ۽ محمد ابراهيم جوئي جون ڪوششون شامل هيون، جن کي سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن طور لغت تيار ڪرڻ جو ڪم سونپيو ويو هو ۽ پير حسام الدين ان جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو هو. لغت ۾ سنڌي گرامر بابت سمجهاڻي، بنيادي لغت جا 800 لفظ ڳڻپ، تور ماپ ۽ ڪئلينڊر جا 75 لفظ، 175 قومي لفظ وڌايل بنيادي لغت جا 450 لفظ (1982ع ۾ ڪيل واڌارو) ۽ ڪاروباري لغت جا 750 لفظ شامل آهن.

هن لغت جي تياري انهيءَ وقت شروع ٿي، جڏهن مئي 1972ع ۾ وفاقي وزارتِ تعليم سنڌي ادبي بورڊ کي لکي موڪليو ته سنڌي ٻوليءَ جي گهٽي ۾ گهٽ ڪم ايندڙ بنيادي لفظن جون ٽي فهرستون تيار ڪرائي ڏنيون وڃن. هڪڙي فهرست اٽڪل 500 لفظن جي بنيادي تعليم لاءِ، ٻي فهرست اٽڪل 1000 کان وڌيڪ لفظن جي هر خاص گروهه، جهڙوڪ: هارين، عورتن (گهرو زالن)، ڪارخانن جي مزدورن وغيره جي ڪاروباري ضرورتن لاءِ ۽ ٽين فهرست اٽڪل ٻين 1000 لفظن جي سماجي، ثقافتي مقصدن لاءِ هجي.

ان وقت جي سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري غلام رباني آگري لغت جي پيش لفظن ۾ لکيو آهي ته 8 جون 1972ع تي وزارتِ تعليم ملڪ ۾ عالمي ڪتابي سال ملهائڻ لاءِ مکيه ادارن جي سربراهن ۽ نمائندن جي گڏجاڻي اسلام آباد ۾ ڪوٺائي، جنهن ۾ سنڌ مان ڪيس ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي تڏهوڪي چيئرمن سيد غلام مصطفيٰ شاهه کي سڏيو ويو هو.

تڏهوڪي وزير تعليم عبد الحفيظ پيرزادي گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪئي، جنهن لغت جي ڪتابن ۾ گهڻي دلچسپي ڏيکاري ۽ ان تي تيزيءَ سان ڪم ڪرڻ جي هدايت ڪئي ڇو تہ نئين تعليمي پاليسيءَ هيٺ اهڙي لغت بالغن جي تعليم لاءِ استعمال ڪرڻي هئي . انهن هدايتن هيٺ 14 ۽ 15 جُون 1972ع تي سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي آفيس ۾ تعليمي ماهرن جي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهہ پير حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر نور محمد ٽالپر، ڊاڪٽر غلام علي الانا، جمال رند، سيد محمد صالح شاهہ بخاري، احمد علي ظهور انصاري، عبدالله شيخ، محمد اسماعيل عرساڻي، شيخ جميل احمد ۽ غلام رباني آگرو شريڪ ٿيا .

غلام رباني آگري جي لکڻ موجب انهيءَ قسم جون لغتون (مختلف نوعيت جي لفظن جون فهرستون) سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون ڀيرو تيار ٿيون آهن، جنهن سان سنڌي ٻوليءَ جي علمي سرمائي ۾ قابل قدر واڌارو ٿيو .

مٿي ڄاڻايل پنج ماهرن لغت جي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ دنيا جي سڌريل ٻولين ۾ هزارين لکين لفظ آهن، پر ڪنهن بہ ماڻهوءَ لاءِ انهن سڀني لفظن کي نہ ڄاڻڻ ضروري آهي ۽ نہ ئي اهو ممڪن آهي . خاص طور ڪنهن ڌاري ٻوليءَ جي سکڻ لاءِ ضروري ڳالهہ رکڻو هيءَ آهي تہ لفظن جو اهو گهٽ ۾ گهٽ تعداد سکجي، جيڪي وڌ ۾ وڌ ڪم ايندا هجن . خود پنهنجي ٻوليءَ ۾ بہ عام ماڻهو توڙي ڪو اديب ۽ عالم بہ گهڻي ۾ گهڻا رڳو ڪي ٿورا ئي لفظ ڪم آڻي ٿو. سوال اُٿي ٿو تہ لکڻ توڙي ڳالهائڻ لاءِ عام ماڻهوءَ کي گهٽ ۾ گهٽ ڪيترن لفظن جي مُوڙي گهرجي . انگريزيءَ لاءِ ڄاڻُن جو ڇوڻ آهي تہ ان جا پهريان سڀ کان وڌيڪ ڪم ايندڙ 736 لفظ ڪنهن بہ عام لکيل مواد جو 75 سيڪڙو حصو والارين ٿا . يعني انگريزيءَ جي هر لکيل مواد ۾ جيڪي لفظ ڪم اچن ٿا، تن جو ٽي پاڱي چار حصو انهن 736 لفظن جو ئي ٿئي ٿو. ڳالهائڻ ۾ انهيءَ کان بہ وڌيڪ عجب جهڙي ڳالهہ معلوم ٿئي ٿي .

ڄاڻن جو چوڻ آهي تہ لکڻ ۾ 3000 لفظن کي چڱي ۽ ڳالهائڻ ۾ 1000 لفظن کي چڱيءَ انگريزيءَ جا لکين لفظ عام لکڻ يا عام ڳالهائڻ ۾ رڳو ڏهين پتيءَ جيترو ڪم ڏين ٿا. ماهرن موجب اها حقيقت رڳو انگريزيءَ سان نہ پر گڏيل نموني هر ٻوليءَ سان لاڳو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي انهن پنجن ماهرن وڏيڪ لکيو تہ دنيا جي سڀني سڌريل ٻولين ۾ انهيءَ نموني ڪتب ايندڙ لفظن جون ڪيتريون ئي فهرستون ۽ لُغتون تيار ٿيل آهن. جيڪي ٻارن توڙي بالغن لاءِ درسي ڪتابن توڙي وڏيڪ تعليم لاءِ ڪتاب تيار ڪرڻ ۾ استادن، ليکڪن ۽ تعليمي ماهرن لاءِ ڪمائتيون ثابت ٿيون آهن. اهڙي ئي مقصد هيٺ سنڌ ۾ خاص گروهن، جهڙوڪ: هارين، عورتن، ڪارخاني جي پورهيتن ۽ ڪاروباري ضرورتن لاءِ هن قسم جون فهرستون تيار ڪيون ويون آهن.

وڏيڪ وضاحت ڪندي پير حسام الدين ۽ ٻين ماهرن لکيو آهي، تہ انگريزي ٻوليءَ جي بنيادي لُغت ۾ ڪل 850 لفظ ڏنل آهن، جن سان گرامر جي گهٽ ۾ گهٽ ٿير گهير سان، ڳالهہ ٻولهہ جي وسيلي يا لکت ۾ عام ۽ روزاني حال احوال جي ڏي وٺ جون گهرجون پوريون ٿي سگهن ٿيون. بنيادي لفظن جي رٿا ۾ هڪ نموني جو اندروني لاڳاپو ٿئي ٿو ۽ ان ۾ ڪي ٿورا اهڙا لفظ ٿين ٿا، جيڪي غير ضروري يا قاعدي کان ٻاهر هجن. لفظن جي هن رٿا اندر جيڪڏهن ڪو سلسليوار نصاب تيار ٿئي تہ هرڪو پڙهندڙ يا سکندڙ 30 کان 50 ڪلاڪن تائين ان کي پڙهڻ سان ٻولي سکي سگهي ٿو ۽ ان کي ڪارائتي نموني پنهنجي رواجي گهرجن لاءِ ڪم آڻي سگهي ٿو. انگريزيءَ جي لُغت ۾ هڪ کان پنج لک لفظ ٿين ٿا، پر روزاني ڪم ۾ ڪنهن جو بہ، سواءِ ڪن خاص عالمن جي، ست هزارن کان وڏيڪ لفظن سان ڪڏهن ڪو لاڳاپو ڪونہ ٿو رهي. انهن ست هزار لفظن مان بہ رڳو 20 هزار لفظ آهن، جيڪي اسڪولي ڪتابن يا ٻين عام ادبي ۽ علمي ڪتابن ۾ وري وري ۽ گهڻي ۾ گهڻا ڪتب اچن ٿا. پر انگريزيءَ جي بنيادي

لُغت جا 850 لفظ اهڙا ۾ ايئن گڏ ڪيا ويا آهن، جو اهي 20 هزار لفظن جو ڪم ڏئي سگهن ٿا ۽ نہ رڳو ايترو پر انهن 20 هزار لفظن مان ڪيترن ئي لفظن جون جيڪي هڪ کان وڌيڪ يا بيون اصطلاحي معنائون نڪري سگهن ٿيون، اُهي پڻ انهن 850 بنيادي لفظن جي مدد سان ڪم آڻي سگهجن ٿيون. "بنيادي لُغت سچ پچ تہ لفظن جي ڪفايت جي فن جي هڪ عملي شڪل آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جون هيءَ ٽي لُغتون (هڪ ئي ڪتابڙي ۾ شامل) بہ انهيءَ ڳالهہ کي خيال ۾ رکي تيار ڪيون ويون آهن." ماهر لکن ٿا.

ڀاڱي جي پڇاڙيءَ ۾ ماهر لکن ٿا تہ سنڌي ٻوليءَ جي هن بنيادي لغت ۾ اٽڪل هڪ سئو عام سائنسي لفظ وڌيڪ ملائي، هر علم ۽ فن، جهڙوڪ رياضي، ڪيميا، طب، انجنيئري وغيره جا مخصوص اٽڪل پنجاهہ پنجاهہ بيا لفظ ڪٺي ان ۾ علم ۽ فن بابت پوريءَ طرح ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهجي ٿي ۽ لکت ۾ ان جو پورو بيان ادا ڪري سگهجي ٿو. ساڳيءَ طرح ڪاروباري لغت ۾ آيل خاص گروهن مان يا ٻئي رهجي ويل هر گروهہ لاءِ پڻ وڌ ۾ وڌ پنجاهہ پنجاهہ لفظ ڪٺي، ان بابت خيالن جي اظهار جون سڀ ضرورتون پوريون ڪري سگهجن ٿيون. انگريزي ٻوليءَ جي بنيادي لغتن جي پوري استعمال لاءِ پڻ اهڙي قسم جي گنجائش رکيل آهي.

ڪاڪي ڀيرومل بہ پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ "انگريزيءَ ۾ جيڪي وڏيون ڊڪشنريون آهن، تن ۾ جملي ٽي لک لفظ آهن، جيئن ايمرسن جي جوڙيل انگريزي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ ڄاڻايل آهي. هن وقت (ورهاڱي کان اڳ 1941ع ڌاري) سنڌ سرڪار پاران جيڪا نئين لُغت ٺهي پئي، تنهن ۾ رُڳو الف سان شروع ٿيندڙ سنڌي لفظ پنج هزار کن ٿيندا. سڄي لُغت تيار ٿئي تہ پوءِ ڪل جوڙ جي ڪل پوي. انهيءَ هوندي بہ ڪنهن بہ رد ڪد جي خطري ڌاران ايترو اڳواٽ چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻولي صفاتي لفظن ۾ بلڪل ڀرپور آهي. باقي سائنس جي لفظن ۽ ذاتي اسمن جو گهٽو زور ڪونهيس. سائنس جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪبا تہ ساڳيا انگريزي لفظ ڪم آڻڻا

پوندا، يا عربي ۽ سنسڪرت مان مدد وٺي پوندي ۽ ڪن حالتن ۾ پنهنجا لفظ جوڙڻا پوندا. ڪيترائي لفظ تہ ويجهڙ ۾ جُڙيا بہ آهن."

حقيقت هيءَ آهي تہ سنڌي ٻولي پنهنجي خاصيت موجب ٻين ٻولين جا اڻ ڳڻيا لفظ پاڻ ۾ جذب ڪندي پاڻ کي شاهوڪار بڻائيندي وئي آهي. انهن ۾ نہ رڳو سنسڪرت جا لفظ آهن، پر عربي، فارسي ۽ ترڪي ٻوليءَ کانسواءِ يورپي ٻولين جا لفظ بہ شامل آهن. عيسوي پندرهين ۽ سورهين صديءَ ۾ پورچوگيز فرينچ ۽ پوءِ انگريز آيا تہ سندن ٻولين جا بہ ڪيئين لفظ سنڌيءَ ۾ مروج ٿي ويا، جن جي وڏي ڊگهي فهرست آهي.

ڪاڪي ڀيرومل موجب ٽڏهوڪي سنڌي ڇهين درجي جي ڪتاب ۾ لکيو ويو تہ انگريزي لفظن کانسواءِ سنڌي ٻوليءَ جا ويهہ هزار لفظ آهن، جن ۾ سنسڪرت ۽ پراڪرت جا ٻارهن هزار ديسي ساڍا ٽي هزار، فارسيءَ جا ٻہ هزار ۽ عربيءَ جا اڍائي هزار لفظ شامل آهن. ڪاڪو ڀيرومل انهن انگن کي رد ڪندي لکي ٿو تہ ساڳئي ئي سبق ۾ لکيو ويو تہ شاهہ جي رسالي ۾ ويهہ هزار لفظ آهن ۽ جيڪڏهن رڳو هڪ رسالي ۾ ايترا لفظ آهن، تہ پوءِ سنڌي ٻوليءَ جا جملي لفظ ان کان گهڻو وڌيڪ ٿيندا. سندس چوڻ موجب بمبئي سرڪار سنڌي ٻوليءَ جا تفصيل گهريا تہ هتان جي ڪامورن مسٽر شرٽ جي تيار ڪيل 928 صفحن واري ڊڪشنريءَ مان حساب ڪري 20 هزارن جو انگ موڪلي ڏنو ڇو تہ ان کان اڳ اهڙو ڪاٿو ڪيل ڪونہ هو. مسٽر شرٽ جي ڊڪشنريءَ ۾ هر صفحي تي پندرهن سورهن کان ٽيهہ ٻتيهہ لفظ لکيل هئا، جنهن جو حساب ڪرڻ سان ويهہ هزار لفظ ٿين پيا.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جنهن شخص مفصل سنڌي ڊڪشنري تيار ڪرڻ لاءِ ڪم ڪيو، اهو هو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ. هن 1951ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي نئين سر تشڪيل ۽ بحاليءَ کان پوءِ ڪيس سونپيل ذميواريءَ تحت جامع سنڌي لغات تي ڪم شروع ڪيو جنهن لاءِ ڪيس اڳ گڏ ڪيل لفظن ۽ معنائن جا هزارين لفظ بنياد طور ڏنا ويا، جيڪي ڪانئن اڳ ماهرن تيار

ڪيا هئا. ان کان پوءِ سنڌ مان چونڊ ماهر استادن ۽ عالمن ڊاڪٽر بلوچ جي رهنمائيءَ ۾ مثالي ڪم ڪيو ۽ هٿ اکرين لکيل ٻاويهہ جلد ڪجهہ ورهين اندر تيار ڪري ورتا. جيڪي 3088 (ٽي هزار اٺاسي) ڇپيل صفحن تي ٻڌل پنج جلدن جي شڪل ۾ موجود آهن. جامع سنڌي لغات جو پهريون جلد 1960ع ۾ ڇپيو ۽ آخري پنجون جلد اداري اندر موجود ماڻهن جي سياست ۽ رنڊڪن جي نتيجي ۾ تمام دير سان 1988ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هن لغت جي تياريءَ لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ نہ رڳو سنڌي لوڪ ادب ۽ ٻين موضوعن جي انيڪ ڪتابن مان لفظ ڳولي ڪڍيا، پر سنڌ جي سري، وچولي، لاڙ ۽ ٿر وارن علائقن ۾ تعلقي وار ڪارڪن مقرر ڪري خطي وار سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن (ڪوهستاني، لاسي، لاڙي، ٿري ۽ اُترادي) جي لفظن ۽ محاورن جو وڏو انبار هٿ ڪري ورتو هو. سندس ان لغات ۾ سنڌي لفظن ۽ محاورن جو ڳڻ انگ ڄاڻايل ڪونهي، پر پنج جلدن جي 3088 صفحن مان سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪار هجڻ جو اندازو ڪري سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي انهيءَ لغات واري سلسلي کي اڳتي وڌائيندي سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ بہ ڪيترن ئي ورهين کان مفصل سنڌي ڊڪشنري تيار ڪرڻ جو ڪم جاري رکيو آهي ۽ هيل تائين فقط چار جلد ڇپجي پڌرا ٿي چُڪا آهن، جڏهن تہ پنجون جلد ڇپائيءَ هيٺ آهي. اٿارٽيءَ جي عملدارن جي رٿا آهي تہ سنڌي ڊڪشنري ٻاويهن جلدن ۾ ڇپائي مڪمل ڪجي. هن مهل تائين ڇپيل جلدن ۾ الف کان پ تائين جيترا سنڌي لفظ گڏ ڪيا ويا آهن، انهن جو تعداد آهي ڇاونجاهہ هزار ست سئو تيرهن (56713) جنهن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ "ي" تائين پهچندي 22 جلدن ۾ لکين لفظ گڏ ٿي ويندا ۽ اهي لفظ سنڌيءَ کي دنيا جي شاهوڪار ٻولين ۾ شمار ڪرائڻ لاءِ ڪافي آهن. سنڌي ٻوليءَ جي اختياريءَ ٻيون بہ ڪيتريون ئي ڊڪشنريون ڇپرايون آهن. هن وقت ان اداري توڙي ٻين ادارن

جون ڇپرايل جيڪي سنڌي ڊڪشنريون مارڪيٽ ۾ موجود آهن تن مان ڪن جا نالا هن ريت آهن : هارپ جي اصطلاحن جي لُغت (صالح محمد شاهه)، ڪمپريهينسِو انگريزي-سنڌي لغت پاڪيٽ سائيز (عبدالحسين ميمڻ)، هيماڻالاجي ڊڪشنري (پروفيسر رشيده ڀٽي)، هندي سنڌي لُغت (محمد پناهه ڦرڙو)، سنڌي براهوي لُغت (داد محمد خادم بروهي)، پرنٽ ٽيڪنالاجيءَ جي ڊڪشنري (امين لغاري)، تعميرات جي لُغت (سيد حاڪم علي شاهه بخاري)، سنڌي انگريزي لُغت ٻارن لاءِ (تصويري) (بشير احمد منگي)، بين الاقوامي تعلقات جي لُغت (انعام شيخ)، سنڌي ٻٽن لفظن جي لُغت (ڊاڪٽر غلام قادر سومرو)، دفتري لُغت (خالد آزاد ۽ خان محمد جروار) جيڪا اصل مرحوم سيد غلام مصطفيٰ شاهه ڇپرائي هئي؛ ڪئپٽن اسٽئڪ جون ٻه ڊڪشنريون موجوده لِپيءَ ۾ اُلٿائي ڇپيون ويون آهن ۽ جواهر لُغت سنڌي اڪيچار (آخوند عبدالرحيم عباسي) . انهيءَ ڪانسواءِ آن لائين به سنڌي ڊڪشنريون موجود آهن، جڏهن ته نيشنل يونيورسٽي آف ڪمپيوٽر اينڊ سائنس، لاهور وارن 1910ع ۾ سنڌ جُوينائل ڪوآپريٽو سوسائٽي Sindh Juvenile Cooperative Society جي ڇپرايل پرمانند ميوارام جي تيار ڪيل سنڌي انگريزي ڊڪشنريءَ کي ڊجيٽل ڊڪشنريءَ جي شڪل ڏني آهي، جنهن ۾ ڪين اِلوناءِ يونيورسٽيءَ جي ڊاڪٽر جينيفر ڪول Jennifer Cole جو سهڪار ۽ آمريڪي تعليم کاتي جا فنڊ ڪم آيا . اها ڊڪشنري ڊجيٽل ڊڪشنريز آف سائوٿ ايشيا جي ويب سائيٽ تي ڏکڻ ايشيا جي ٻين ٻولين جي ڊجيٽل ڊڪشنرين سان گڏ موجود آهي . اهڙي طرح سنڌي اردو ڊڪشنري به مارڪيٽ ۾ موجود آهي، پر هڪ ٻي اهم ڊڪشنريءَ جو واڌارو به ٿي چُڪو آهي ۽ اُها آهي، سنڌي نيپالي ڊڪشنري جيڪا نيپال ۾ ڪافي ورهين کان رهندڙ ٽر جي ڊاڪٽر راڻومل پرياڻيءَ تيار ڪئي آهي . ان ڊڪشنريءَ جو مهورت 20 آڪٽوبر 2016ع تي انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي جام شوري ۾ ٿي هئي . ڊاڪٽر راڻي مل موجب نيپالي ٻوليءَ منجهه

ڪيترائي لفظ اهڙا آهن جيڪي سنڌيءَ ۾ استعمال ٿين ٿا. مثال طور ڪيميائي علم، ڪرڻ، ڪتو شينهن، شينهڻ، شمسي سرشتو شطرنج، ڪهڪشان، فرانسيسي وغيره. (هن ڪتاب جو ليکڪ پاڻ بہ 2002ع ۾ نيپال جي دوري ۾ سنڌيءَ سان ملندڙ توڙي نيٺ سنڌي لفظ ٻڌي ڇِرڪو هو جن مان هڪ لفظ هو ترائي جنهن کي پٽائيءَ بہ پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪيو آهي).

سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪار هجڻ جو ٻيو مثال 2010ع ۾ اوڪسفورڊ يونيورسٽي پريس جي ڇپرايل انگريزي سنڌي ڊڪشنري آهي، جنهن جو چيف ايڊيٽر سراج ميمڻ آهي ۽ هن ڪتاب جو ليکڪ انهيءَ جي ايڊيٽرن جي ٽيم ۾ شامل هو جڏهن تہ ٻدر ابڙو سموري پروجيڪٽ جو انچارج هو. اها انگريزيءَ جي ڪنسائز اوڪسفورڊ ڊڪشنريءَ جي ترجمي تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ 65 هزار بنيادي لفظن، انهن جي مشتق صيغن ۽ محاورن جون مجموعي طور هڪ لک چاليهہ هزار معنائون ڏنيون ويون آهن. سنڌي ٻوليءَ جي وسعت جو اندازو انهيءَ مان ڪري سگهجي ٿو انگريزي ٻوليءَ جي ايتري وڏي تعداد ۾ لفظن ۽ محاورن جو ترجمو سنڌيءَ ۾ ممڪن ٿي سگهيو آهي.

ڪاڪي ڀيرومل سنڌي ٻوليءَ منجهہ سائنسي لفظن جي کوٽ جو ذڪر ڪيو آهي، انهيءَ کوٽ کي محسوس ڪندي 1980ع واري ڏهاڪي ۾ سائنسي ۽ طبي موضوعن تي ڪجهہ سنڌي مضمون ۽ ڪتاب بہ لکيا ويا، جن ۾ نيٺ سنڌي لفظن سان گڏ ڪي نوان لفظ تيار ڪري استعمال ڪيا ويا. ڊاڪٽر ممتاز قاضيءَ پهريون ڀيرو جديد سائنٽيفڪ اصطلاحن جي لُغت جوڙي، جنهن کان پوءِ شمس الدين تنئي جي 690 صفحن تي تيار ڪيل "جديد سائنٽيفڪ ڊڪشنري" بہ هڪ خانگي پبلشر ايس ايم منصور موهن جو دڙو پبلشنگ هائوس پاران ڇپرائي پڌري ڪئي، جنهن ۾ زراعت، باٽني، زولاجي، ڪيمسٽري، فزڪس، جيالاجي، ميڊيڪل سائنس ۽ فارميسيءَ جي شعبن جا انگريزي لفظ ۽ انهن جون سنڌيءَ ۾ معنائون شامل هيون. انفرادي طور بہ ڪيترائي اديب ۽ ليکڪ ان ڏس ۾ ڪم ڪندا رهيا

آهن، مثال طور: جهونو صحافي ۽ ليکڪ عمرالدين بيدار جنهن جو تعلق ساهتي پرڳڻي جي ڳوٺ دليپوٽا سان هو پر ڏهاڪن کان ڪراچيءَ ۾ آباد هو صحافت سان گڏ ٻوليءَ تي به پيو ڪم ڪندو هو. هن غريباڻي حال آهر انڊس ڊائجسٽ نالي هڪ رسالو ڪڍيو جنهن ۾ اڪثر سنڌي مُحاورن ۽ اصطلاحن جي فهرست ۽ توڙي انگريزي لفظ ۽ انهن جون خالص سنڌي معنائون ۽ خاص طور قانوني، روينيو ۽ ٻين شعبن سان لاڳاپيل انگريزي اکرن جا نيٺ سنڌي نعم البدل اکر ڇاپيندو رهندو هو.

حقيقت هيءَ آهي تہ سائنسي لفظ هر ٻولي ٻين ٻولين جي مدد سان پاڻ تيار ڪندي آهي يا ايئن چئجي تہ هر نئين ايجاد سان گڏ انهيءَ ايجاد جو بہ نئون لفظ يا نالو ايجاد ٿي ويندو آهي . انگريزيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ سائنسي لفظ بہ ايئن ئي ايجاد ٿيا آهن، جن کي ٻيون ٻوليون ترجمو ڪري يا جيئن جو تيئن استعمال ڪنديون رهيون آهن . خود انگريزي ٻولي بہ ساڳئي عمل مان گذري آهي ۽ اهو عمل اڃان بہ جاري آهي . اردو هجي يا ٻي ڪابہ ٻولي، انهن ۾ بہ سائنسي لفظن لاءِ بلڪل ساڳيو عمل جاري رهيو آهي . اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ ترجمو ڪيل سائنسي لفظ ڏکيا هجڻ ڪري عام استعمال ۾ نٿا اچن. تنهنڪري عام ماڻهوءَ کي اصل سائنسي لفظ استعمال ڪرڻ سولو لڳي ٿو، مثال طور: بلب، ٽيليفون، فِرج، ٽيليويزن، ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ، سافٽ ويئر، هارڊ ويئر، روبورٽ وغيره ۽ اهڙا انيڪ لفظ جيئن جو تيئن لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ اچن ٿا ۽ مروج ٿي چُڪا آهن ۽ هاڻي جيڪڏهن انهن جو ترجمو ڪري استعمال ڪبو تہ ڪير بہ انهن کي نہ سمجهي سگهندو ۽ نہ استعمال ڪندو تنهنڪري سنڌيءَ کي سولي ۽ عام فهم ٻوليءَ طور اڳتي وڌائڻ لاءِ ڌارين سائنسي لفظن جو استعمال جاري رکڻو پوندو جنهن ۾ نہ صرف ڪو هرج ڪونهي، پر ان عمل سان سنڌي ٻولي اڃان وڌيڪ سولي ۽ عام فهم ٿي مارڪيٽ جي ٻوليءَ واري حيثيت ماڻي سگهندي . ان حوالي سان هتي پروفيسر شيخ محمد فاضل جي

ڪتاب "ماٿيلي - اُڀاوڙي جي ٻولي" (سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جو ڇپرايل) جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي، جنهن ۾ سندس چوڻ آهي ته سنڌي ٻوليءَ جا ڏهه لهجا يا مُحاورا (لهجي Dialect کي هُو مُحاورو سڏي ٿو) آهن ۽ انهيءَ جي ماٿيلي- اُڀاوڙي واري لهجي ۾ تمام گهڻي سهل پسندي آهي، جنهن تحت لفظن کي ڪاري سولو ڪيو ويجي ٿو ۽ جنهن سان لفظن جا اُچار به بدلجيو وڃن ٿا . هن ماٿيلي - اُڀاوڙي جي سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ خاصيت جي حمايت ۾ ڪاڪي ڀيرومل جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن پنهنجي ڪتاب ۾ هندستان جي ٻولين جي ماهر ڊاڪٽر ڀنڊارڪر جو حوالو ڏيندي لکيو ته "ماڻهن کي جيئن سولو سنهنجو لڳي ٿو تيئن هڪڙن لفظن جي نموني ٻيا لفظ جوڙي ڪم پيا آڻين . هاڻي هڪڙي پاسي ايئن چيو وڃي ٿو ته عام ماڻهو ٻوليءَ جو غلط استعمال ڪري، ان کي بگاڙيندا رهن ٿا، ته ٻئي پاسي اها به حقيقت آهي ته ٻولي ڪا هڪ ئي وقت ماڻهن جي زبان تي نازل نه ٿي آهي . زبان آهي هڪ ٽڪسال، جنهن ۾ روزمره ٻولي پئي گهڙجي . زبان جي اها ٽڪسال ڪڏهن بند ٿيڻي ناهي . جيستائين ڪو هڪ انسان به هن ڌرتيءَ تي رهندو ته ٻولي پيئي گهڙبي ۽ وڌندي ويجهندي رهندي . تحريري ٻولي بيشڪ قيد ٿيو وڃي ۽ انهيءَ جون صلاحيتون محدود ٿيو وڃن، پر زباني طور ورتاءَ ۾ ايندڙ ٻوليءَ ۾ سدائين پيون ڦيريون گهيريون ٿين ."

ڀيرومل لکي ٿو : "ٺيڪ ايئن ڪيپي ته اهڙين تبديلين کي خنده پيشانيءَ سان برداشت ڪجي ۽ سهل پسنديءَ مطابق جيڪا تبديلي ٻوليءَ ۾ اچڻي آهي، تنهن کي جاري رهڻ ڏجي ته جيئن زبان جي انهيءَ قالب ۾ ٻولي پوري طرح ٺهڪي ڪا جاءِ وٺي پنهنجي صُورت قائم ڪري."

مٿين ماهرن جي ٻڌايل سنڌي ٻوليءَ جي انهن خاصيتن توڙي ڊڪشنرين ۽ ٻين حوالن جي آڌار يقين سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ کي سمجهڻ، سکڻ، ڳالهائڻ، لکڻ ۽ پڙهڻ ڏکيو نه ٿيندو . سنڌي ادبي بورڊ جي لغت ۾ ڏنل

فهرستن جو جائزو وٺڻ سان به معلوم ٿيندو ته انهيءَ ۾ اڻ ڳڻيا لفظ اهڙا آهن، جيڪي اردو توڙي ملڪ جي ٻين ٻولين ۾ به ساڳيا آهن. جيڪي اصل ۾ انگريزي، عربي، فارسي توڙي هنديءَ مان ورتل آهن ۽ هاڻ ته هر ماڻهوءَ جي عام ۽ روزاني استعمال ۾ آهن . اهڙن لفظن جو مثال هن ريت آهي : جبل، جابلو الله، آباد، آسمان، آفيسر، آواز اثر، اخبار ارادو استاد، انصاف، اولاد، بازار ٻُت، برابر، بس، بسم الله، بيماري، پروسو تعليم، تيار تيل، ترڪ، گلاس، پليٽ، ثواب، ثابت، پيار پهلوان، پيٽ، پيشاب، جادو جلسو جنس، چادر چُست، چمچو چِٽ، حالت، حجم، حد، حرام، حساب، حق، سبق، حڪيم، ڊاڪٽر، انجنيئر، حلال، خاص، خدا، خراب، خط، خوشي، خيال، خير، خبر، دال، درزي، دڪان دِل، دنيا، دمُ دوست، دير، ديس، ذات، رات، راشن، روز زبان، زراعت، زمين، سال، سامان، سرڪار سوال، جواب، سُست، سيمينٽ، شاباس، شايد، شراب، شرط شڪل، شوق، شهر، صاف، صبر، صلاح، ضرور طوفان، عادت، عجب، عرض، عزت، عقل، علاج، عمل، عيب، عينڪ، غريب، غلام، ڪاغذ، فرض، فرياد، فصل، قبر، قوم، ڪاريگر، ڪتاب، ڪرسي، ٽيبل، ڪلام، ڪوٽ، گرمي، سردي، گروي، گوشت، گول، گهر، لالچ، ماستر، مالش، مبارڪ، مُدت، عرصو مزو مشهور مغز مُلڪ، مهمان، ميدان، ميز نظر، نسل، نوڪر، ياد، اسپتال، اسڪول، دروازو ٽيليويزن، ريڊيو عمارت ۽ اهڙا ٻيا انيڪ لفظ . خود هن ڪتاب جي لکڻ ۾ اڪثر لفظ اهڙا آهن، جيڪي ٻين ٻولين ۾ به عام آهن ۽ ڪي تمام ٿورا لفظ هوندا جن کي نيٺ سنڌي لفظ سڏي سگهجي ٿو. هتي ڪيترائي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ وارا لفظ به جيئن جو تيئن انگريزيءَ واري حساب سان استعمال ڪيا ويا آهن، ڇو ته اهي ٻنهي سولا آهن ۽ ترجمو ڪري لکڻ سان عام ماڻهن جي سمجهه کان ٻاهر ٿي ويندا .

انهن بنيادي ۽ ٻين ٻولين منجهه شامل ساڳين لفظن جو مثال ڏيڻ جو مقصد اهو آهي ته سنڌي ٻولي ڏکي ناهي ۽ ٻين ٻولين جا ماڻهو به ان کي سولائيءَ سان سمجهي سگهن ٿا .

سنڌي توڙي ٻين ٻولين ۾ مشترڪ لفظن هجڻ جا ڪارڻ مٿي ٻڌايا ويا آهن. اهي ساڳيا ڪارڻ انگريزي ٻوليءَ سان به لاڳو آهن، جنهن جي نتيجي ۾ اِها اڄوڪي سولي ٻوليءَ جي شڪل اختيار ڪري بيٺي آهي. ان ڳالهه کي سمجهائڻ لاءِ هتي انگريزي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ اوسر جو اڀياس پيش ڪجي ٿو.

اينسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا موجب انگريزي اِنڊو يورپين ٻولين واري ڪٽنب مان هڪ آهي ۽ انهيءَ جو اصل بڻ بنياد جرمنيءَ جي اُلهندي علائقي جو آهي. سندس ويجهو تعلق جرمنيءَ جي فِريسين Frisian ۽ بيلجم جي ڊچ (فليمش Flemish) ٻولين سان آهي.

ميريم ويبسٽر ڊڪشنريءَ موجب انگريزي ٻوليءَ جي ارتقا جا ٽي دور چئي سگهجن ٿا. پهريون دور پراڻي انگريزيءَ وارو اينگلو سيڪسن Anglo-Saxon آهي، جڏهن پنجين عيسوي صديءَ ۾ جرمينڪ قبيلا انگلينڊ واري علائقي ۾ لڏپلاڻ ڪري آيا، پر خود انگريزن وٽ به سنڌن ان پراڻي ٻوليءَ جو ستين عيسوي صديءَ کان اڳ جو ڪوبه رڪارڊ لکت ۾ موجود ڪونهي. ٻيو دور ٻارهين کان پندرهين عيسوي صديءَ جو آهي، جنهن کي وچولي زماني واري انگريزي چيو وڃي ٿو. ان دور ۾ داخل ٿيڻ لاءِ چيو وڃي ٿو ته ٻارهين عيسوي صديءَ کان انگريزيءَ جو پراڻو گرامر پچڻ پُرڻ شروع ٿيو. ٽيون دور جديد انگريزيءَ جو آهي، جيڪو پنج سئو ورهيه اڳ سورهين عيسوي صديءَ کان شروع ٿيو ۽ تبديلين مان گذرندو اڄوڪي انگريزيءَ تائين پهتو. اڀياس ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته ڏهين عيسوي صديءَ جي انگريزيءَ ۽ اڄ جي انگريزيءَ ۾ تمام گهٽ مشابهت آهي.

اينسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا لکي ٿي ته ڏيڍ هزار کان وڌيڪ ورهين جي عرصي ۾ انگريزيءَ جا لفظ هوريان هوريان مٿجي سادا ٿيندا ويا آهن. اينسائيڪلوپيڊيا موجب انگريزي ٻوليءَ جون ٻه مکيه خاصيتون آهن. هڪ عمل جي لچڪ Flexibility of function ۽ ٻي ٻين جي ٻولين لفظن کي پاڻ ۾ سموئڻ Openness of vocabulary جنهنڪري انگريزيءَ جملن کي اُبتو

سُبتو ڪري به لکي يا ڳالهائي سگهجي ٿو ته اها بنا هٻڪ جي ٻين ٻولين منهجان لفظ اُڌارا وٺي مستقل طور بنا تبديليءَ يا ٿوري گهڻي تبديليءَ سان پاڻ ۾ جذب ڪري وٺي ٿي. اينسائيڪلوپيڊيا ٻڌائي ٿي ته انهيءَ خاصيت سبب اڄ تائين اُها دنيا جي 350 کان وڌيڪ ٻولين مان لفظ اُڌارا وٺي چُڪي آهي ۽ لفظن جو قرض Wordloan جو اهو سلسلو اڃ به جاري رکيو اچي ٿي.

ڏٺو وڃي ته سواءِ ٿورن بنيادي لفظن ۽ جملن جي جوڙجڪ جي موجوده انگريزي ٻوليءَ ۾ پنهنجي ڪابه شئي ڪانهي. انهيءَ جو گرامر به پنهنجو ڪونهي ڇو ته اوڪسفورڊ ڊڪشنريءَ موجب جڏهن جرمينڪ قبيلا انگلينڊ ۾ آيا ته اُتي سيلٽس نسل Celts اڳ ئي آباد هو جن جي سيلٽڪ ٻوليءَ Celtic جو ان تي اثر پيو ۽ انهيءَ ٻوليءَ جو گرامر ئي انگريزيءَ جو بنياد بڻيو.

جيئن اردو لشڪري ٻوليءَ جيان ٻين ٻولين جي لفظن تي مشتمل آهي، تيئن انگريزي به هزارين بلڪ لکين ڌارين ٻولين جي لفظن جو مجموعو آهي. مٿي ڄاڻايل اينسائيڪلوپيڊيا ۽ ڊڪشنرين موجب انگريزيءَ ۾ هڪڙا لفظ ٿوري ڦير گهير سان اختيار ڪيا ويا، جنهن جو مثال Passtime لفظ آهي جيڪو فرينچ جي Passe-temps ، اسپيني ٻوليءَ جي Pasatiempo ۽ اطالوي ٻوليءَ جي لفظ Passatempo مان ٺاهيل آهي. وڏي تعداد ۾ ته اهڙا لفظ آهن، جيڪي سڌا سنوان بنا ڪنهن تبديليءَ جي اختيار ڪيا ويا آهن، جن جا مثال هن ريت آهن:

لاطيني لفظ : , Ad nauseam, Bona fide, Ipso facto, Modus operandi, Maximum, Person non grata, Pro bono, Quid pro-quo, Status quo Minimum, Micro, Macro, Para, Poly, Mega

فرينچ: Passport, Mansio, Residence, Domicile, President, Representation, Legislature, Congress, Constitution, Parliament, Boil, Toast, Fry, Grill, Dinner, Supper, Track, Artisan, Shephered, Scent, Broil, Bon Voyage, Carte blanche, En masse, Fait accompli, Ballet, Café, Enterpreneur, Genre, Renaissance, Rendezvous

ڊچ لفظ: Boss, Cookie, Dope, Snoop, Waffle, Appartheid, Commando

اسپيني لفظ : Guerrilla, Cigar, Mosquito, Tornado , Macho, Siesta

جرمن لفظ : Fest, Kindergarten,Waltz, Ruck sack

اطالوي لفظ : Corridore, Plaza, Stanza, Extravaganza,Paparazzi

چيني لفظ : Kung fu, Typhoon

روسي لفظ : Babushka (ناني يا ڏاڏيءَ برابر ڪا پيڙهي عورت) Glasnost (يعني عام يا کليل بحث. اهو لفظ ميخائيل گورباچوف 1985ع ۾ استعمال ڪيو هو)

جپاني لفظ : Karate, Ninja, Tsunami

سويڊش لفظ : Moped

آمريڪي ديسي ٻولي : Chocolate

ڪوريائي لفظ : Taekwondo

عربي لفظ : Sheikh, Alcheme, Alcohol, Algebra, Alkali, Almanic, Arsenal, Assassin, Attar, Mosque, Sugar, Syrup, Zenith, Zero

فارسي لفظ : Devan, Paradize, Bazaar, Shah, Caravan, Chess

آسٽريلوي ديسي لفظ : Kangaroo

تامل لفظ : Curry

هندي لفظ : Guru, Nabab

پراڻي نارس ٻوليءَ جا لفظ : Berserk, Ugly, muck, Skull, Knife, Die, Cake, Want, Whirl, Glitter, Hit, Skin, Give, Husband, Weak, Club, Bag, Scathing, Slaughter, Gun, Bylaw, Sale, Kindle, Raise, Skill, Heathen, Muck, Snare, Bark, Scrape, Loose, Dirt, Tidings, Hell, Steak, Thrift, Thrall, Mire, Window, Wand, Leg, Loan, Litmus, Saga, Troll, Sleuth, Rotten, Skip, Knot, Ball, Glove, Weak, Link, Bull, Choose, Stain, Snub, Wing, Reindeer, Bug, Thwart, Keel, Bulk, Clip, Stammer, Sway, Seem, Shake, fellow, Guest, Kid, Lad, Anger, Awe, Happy, Irk.

حقيقت ۾ انگريزيءَ ۾ ڏينهن جا نالا بہ پنهنجا ڪونهن ۽ اهي بہ قديمي ساموندي سيلاني وائڪنگس جي ٻولي نارس مان ورتل آهن. مثال طور: انگريزيءَ جو Thursday نارس جي Thor's day مان ورتل آهي ۽ Tuesday, Wednesday, Friday بہ نارس جي خدائن جي نالن Tyr, Odin, Freya پٺيان رکيل آهن.

ايئن ئي عبراني، ترڪي، هنگري، زيڪ، پولش، مالي ۽ دنيا جي بيشمار ٻين ٻولين جا لفظ انگريزيءَ پاڻ ۾ سموئي ورتا آهن ۽ لڳي ئي نٿو تہ اهي ڪي ڌاريا لفظ آهن. انگريزي ٻوليءَ ۾ عربي لفظ اسپيني ۽ لاطيني ٻولين ذريعي آيا. سنڌ جي هڪ محقق ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهيءَ تہ پنهنجي ڪتاب "سنڌي براهوئي ٻوليءَ جو تقابلي جائزو" ۾ دعويٰ ڪئي آهي تہ انگريزي ٻوليءَ (براهوئي) براهويءَ مان بہ لفظ ڪنيا آهن. ان لاءِ هن مثال ڏنو آهي تہ براهويءَ جي لفظ جُپ مان انگريزيءَ جو لفظ جمپ Jump ۽ سور (ڪٽو) مان انگريزيءَ جو لفظ Soar ٺاهيو ويو.

هاڻي ڏسبو تہ انگريزي سائنسي ٻوليءَ جي حيثيت ڪيئن اختيار ڪئي ۽ ڇا واقعي اها سائنسي ٻولي آهي. اينسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا موجب فرينچ، اسپيني ۽ روسي ٻولين وانگر انگريزيءَ ۾ سائنسي لفظ ٺاهڻ جي صلاحيت آهي، پر انهيءَ لاءِ ڪيس يوناني ڪلاسيڪي لفظن جو سهارو وٺڻو پوي ٿو. آمريڪا جي مشهور ريڊيو جرنلسٽ نينا پورزوڪي Nina Porzucki پنهنجي هڪ بلاگ How did English become the language of science? ۾ لکيو تہ انگريزيءَ کي سائنسي ٻولي سڏين ٿا ۽ جڏهن ڪوبہ سائنسدان ڪو نئون لفظ ٺاهي ٿو تہ پڪ سان انهيءَ کي انگريزي لفظ سمجهيو وڃي ٿو جڏهن تہ حقيقت انهيءَ جي اُبتڙ آهي ڇو تہ اهي لفظ بہ ٻين ٻولين مان ورتل آهن، مثال طور: Permafrost, Oxygen, Hydrogen انگريزي ٻوليءَ جا لفظ سمجهيا وڃن ٿا، پر انهن جو اصل بنياد روسي، يوناني ۽ فرينچ ٻوليون آهن. سندس خيال آهي تہ ڪنهن بہ هڪ ٻوليءَ کي

سائنس جي ٻولي نٿو سڏي سگهجي، ڇو ته سائنسي لفظ فرينچ، جرمن ۽ انگريزيءَ گاڏڙ هوندا آهن.

آمريڪا جي پرنسٽن يونيورسٽيءَ ۾ سائنس جي تاريخ جي پروفيسر ۽ ٻولي ۽ سائنس جي تاريخ تي ڪتاب Scientific Babel جي ليکڪ پروفيسر گورڊن Gordin لکيو آهي، ته عيسوي سن 1900ع وقت به انگريزي سائنس جي ٻولي سڏائڻ لائق ڪانه هئي. ان وقت جرمن ٻولي سائنسي ٻولي هئي، پر ويهين صديءَ ۾ انگريزي اڳتي اچي وئي. ان کانسواءِ لاطيني ٻولي به وڏي عرصي تائين سائنسي ٻولي رهي ۽ ان کي ئي اولهه يورپ ۾ رابطي جي زبان واري حيثيت حاصل هئي. گورڊن موجب گئليليو Galilco پهريون شخص هو جنهن پنهنجي اطالوي ٻوليءَ ۾ سائنسي ڪم لکيو جنهن کي پوءِ لاطيني ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو ته جيئن ٻيا سائنسدان به ان مان لاڀ حاصل ڪري سگهن.

انگريزي ٻولي جرمن ٻوليءَ تي ڪيئن حاوي ٿي وئي؟ ان سوال جو جواب ڏيندي گورڊن پنهنجي بلاگ ۾ لکي ٿو ته پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ بيلجم، فرانس ۽ برطانوي سائنسدانن جرمني ۽ آسٽريا جي سائنسدانن جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ کين سائنسدانن جي ڪانفرنسن ۾ به ڪوٺائڻ تي به بندش وجهي ڇڏي ته ان سان گڏ سندن تحقيقي ڪم اولهه يورپ جي ريسرچ وارن رسالن ۾ به ڇاپڻ بند ڪري ڇڏيو. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ جو ٻيو اثر اهو ٿيو جو جڏهن 1917ع ۾ آمريڪا جنگ ۾ ٽپي پيو ته جرمن مخالف لهر سموري ملڪ ۾ پکڙجي وئي. ان زماني ۾ آمريڪا ۾ جرمن باشندن جو به ڪافي تعداد هو جيڪي جرمن ٻولي ڳالهائيندا هئا. سال 1915ع ۾ ته آمريڪا ۾ ٻيون پرڏيهي ٻوليون به سيکاريون وينديون هيون. جرمن مخالف پاليسين جي نتيجي ۾ آمريڪا جي 23 رياستن عام هنڌن تي جرمن ٻولي ڳالهائڻ تي بندش وجهي ڇڏي. ايتريقدر جو ريڊيو تي به جرمن ٻولي ڳالهائڻ تي روڪ هجڻ سان گڏ حڪم جاري ڪيو ويو ته ڏهه ورهين کان گهٽ عمر جي ٻارن کي جرمن ٻولي سيکارڻ تي به بندش هوندي.

جيتوڻيڪ 1923ع ۾ آمريڪا جي سپريم ڪورٽ جرمن ٻوليءَ توڙي ٻين ڌارين ٻولين مٿان بندش وارو قانون ختم ڪري ڇڏيو پر تڏهن به ايندڙ ڪيترن ئي ورهين تائين اهو جڻ ته قدرتي قانون بڻيل رهيو. انهيءَ صورتحال جي نتيجي ۾ 1920ع کان پوءِ واري دور ۾ اُڀرندڙ سائنسدانن کي جرمن ٻوليءَ جي ڪا به ڄاڻ ڪانه رهي. اهو ئي زمانو هيو جڏهن آمريڪا ۾ سائنسي ادارا اڳتي وڌيا ۽ دنيا تي ڇائنجي ويا ۽ سندن ڪم انگريزي ٻوليءَ ۾ پکڙجڻ لڳو. ٻي مهاڀاري ويڙهه کان پوءِ ته اهو ڪم اجان تيز ٿيندو ويو پر حقيقت هيءَ آهي ته انگريزي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ خالص انگريزيءَ جا نه هئا. ان لاءِ گورڊن به آڪسيجن لفظ جو مثال ڏنو آهي، جيڪو اصل فرينچ ٻوليءَ جو لفظ آهي، جڏهن ته جرمنيءَ جي سائنسدانن پنهنجي ٻوليءَ ۾ ان لاءِ Sauerstoff جو لفظ تيار ڪيو. اهڙي طرح انگريزيءَ ۾ آن لائين، ٽرانسسٽر ۽ مائڪرو چپ جهڙا لفظ به ٻين ٻولين مان آندل آهن. اوڪسفورڊ ڊڪشنريءَ موجب ڪالونائيزيشن (بينڪيت) ۽ گلوبلائيزيشن جي نتيجي ۾ دنيا جون جيڪي به قومون انگريزيءَ سان لهه وچڙ ۾ آيون ته انهن ٻولين جا لفظ به ان ۾ سمائجندا ويا.

انگريزي دنيا جي سڀ کان وڏيڪ ڳالهائجندڙ ٻولي ڪيئن بڻي؟ ان سوال جو جواب برطانيا جي نامياري ٽيليويزن جرنلسٽ اليڪس هيمنڊ Alex Hammond پنهنجي بلاگ ۾ ڏنو آهي. هُوءَ لکي ٿي: پنج سئو ورهيه اڳ پنجاهه کان سٺر لک ماڻهو انگريزي ڳالهائيندا هئا ۽ سي به فقط برطانوي ٻيٽن تي رهندڙ. اڄ دنيا جا پوڻا به ارب ماڻهو انگريزي ڳالهائين ٿا ۽ ايندڙ ڏهاڪو ورهين ۾ اهو انگ وڌي به ارب ٿي ويندو. انگريزي ٻوليءَ کي جهازين، واپارين، سپاهين، سيلانين ۽ تبليغي پادرين دنيا ۾ پکيڙيو. ويهين صديءَ ۾ برطانيا دنيا جي چوٿين حصي تي راڄ ڪندڙ ملڪ هو ۽ چيو ويندو هو ته برطانوي راڄ تي سج ڪڏهن به ڪونه لهندو. انهيءَ جي اُبتڙ برطانوي راڄ تان ته سج گهٽو اڳ لهي چُڪو پر انگريزي ٻوليءَ تي سج اجان به چمڪي رهيو آهي. آفريڪا ۽ ايشيا کنڊن جي ملڪن ۾ انگريزي

واپار جي ٻوليءَ طور داخل ٿي، پر اڄ انهن اڳوڻين بينڪن (ملڪن) ۾ انگريزي اُتان جي انتظامي معاملن واري ٻوليءَ جي حيثيت رکي ٿي ۽ انهيءَ ٻوليءَ جي ڪري ئي هندستان ۽ آفريڪا ۾ هڪ مخصوص مٿانهون طبقو Elite class پيدا ٿيو. اڄ دنيا جي 75 ملڪن ۾ انگريزي ٻولي ڳانيل آهي ۽ آسٽريليا، ڪئناڊا ۽ آمريڪا ۾ ته اُتان جون ديسي ٻوليون ذري گهٽ ختم ٿي چُڪيون آهن . پنجويهن مان اُٺويهه يورپي ملڪن ۾ سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت نه هجڻ جي باوجود انگريزي ڳالهائي وڃي ٿي . اليڪس لکي ٿي ته اُٺويهين صديءَ تائين به انگريزي عام رابطي جي ٻولي نه هئي ڇو ته انهيءَ وقت فرينچ کي اهو درجو حاصل هو. هُوءَ پروفيسر گورڊن جي ان خيال سان سهمت آهي ته ٻن مهاڀاري جنگين جي نتيجي ۾ آمريڪا هڪ وڏي قُوت طور اُڀري آيو جنهن جي نتيجي ۾ آمريڪي واپار وڌيو ۽ انگريزي ٻوليءَ کي به هٿي ملي . هڪ پاسي آمريڪا گلوبل پاور طور اُڀريو ته ٻئي پاسي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي شعبي ۾ وڏي تيزيءَ سان ترقي ٿي ۽ انهيءَ ٽيڪنالاجيءَ واري انقلاب، ڪمپيوٽر جي ايجاد ۽ انٽرنيٽ انگريزي ٻوليءَ کي عالمي حيثيت بخشي ڇڏي . برطانوي صحافڻ پنهنجي مضمون جي آخر ۾ به اهم معروضي حقيقتون لکيون آهن، جيڪي ڪنهن به ٻوليءَ سان لاڳو ڪري سگهجن ٿيون. سندس چوڻ آهي ته وقت گذرڻ سان گڏ ٻولين ۾ زميني سرحدن ۾ تبديليون ٿينديون رهنديون آهن . هن ٻه ٻيا لفظ ڇپيا ته انگريزي ٻوليءَ لاءِ آهن، پر اسان انهن کي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ لاڳو ڪري يا عمل ڪري سگهون ٿا . اهي لفظ آهن Pull, not Push يعني "پاڻ ڏانهن ڇڪيو پاڻ کان پري نه ڌڪيو" . انهيءَ جو مطلب ته دنيا جي مختلف ٻولين جي لفظن کي ڌڪارڻ بدران پنهنجو ڪريو.

هڪ ٻئي برطانوي بلاگ رائيٽر رَوبي Robby ويب سائيٽ englishharmony.com تي لکيو آهي ته انگريزي ٻوليءَ جي واڌاري ۾ ڪيترين ئي ڳالهين جو عمل دخل آهي، جن ۾ نائي ۽ واپار جي معاملن ۾ انهيءَ جو

استعمال، هالي ورد جون فلمون، اسٽيج ڊراما، سنگيت، گانا، ڪتاب، لٽريچر، اشتهار انگريزيءَ جو سادو سلوٽو هجڻ، لفظن جا پنڌار جدت، سفر جي ٻوليءَ واري حيثيت، انٽرنيٽ جي غير سرڪاري ٻوليءَ واري حيثيت، آمريڪا (جتي انگريزي اڃ بہ سرڪاري ٻولي ناهي) ۽ ٻين ملڪن ۾ انگريزيءَ جو استعمال ۽ انگريزي ڳالهائڻ سان پاڻ کي معتبر سمجهڻ جو احساس.

## سنڌيءَ کي مارڪيٽ جي ٻولي ناهڻ لاءِ ڇا ڪجي؟

سنڌ جو ناميارو ليکڪ ۽ تاريخ نويس يوسف شاهين چوي ٿو تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جو زنده رهڻ انهيءَ جي مارڪيٽ جي ٻوليءَ واري حيثيت سان ڳنڍيل آهي . هيل تائين دنيا جون ٽي هزار ٻوليون فقط انهيءَ ڪري ختم ٿي ويون. جو انهن وقت جي تبديلين جو ساٿ ڪونہ ڏنو دنيا جي ٻين ٻولين کان پاڻ کي اڪيلو ڪري رکيو ۽ نتيجي ۾ مارڪيٽ جي ٻوليءَ واري حيثيت وڃائي ويٺيون ۽ اڄ انهن جو نالو نشان بہ ڪونهي . سنڌي ٻولي بہ پنهنجو وُجود صرف تڏهن بچائي سگهندي، جڏهن اها دنيا جي بدلجندڙ وقت ۽ حالتن مطابق قدم کڻندي، وقت جي گهرجن کي پورو ڪندي مارڪيٽ جي ٻوليءَ طور پاڻ کي مڃرائيندي.

سنڌ جو ٻيو ليکڪ شوڪت لوهار چوي ٿو: "ٻوليءَ جو بچاءُ خاص طور تي ٻوليءَ بابت رياستي پاليسيءَ سبب ٿيندو آهي . انهيءَ ڪانسواءِ ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ لاءِ جيڪي ادارا قائم ٿيل هوندا آهن، انهن طرفان خاص قسم جا پروگرام ۽ رٿائون شروع ڪري ٻوليءَ کي وڌائي سگهجي ٿو." هُو چوي ٿو : "جيڪڏهن علاقائي ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏنو وڃي تہ ان سان بہ ٻولين جي واڌ ويجهہ ٿي سگهي ٿي . ٻيو تہ جيستائين ڪا بہ ٻولي مارڪيٽ ۽ معيشت جي ٻولي نٿي ٿئي، اها ٻولي وڌي ويجهي نٿي سگهي."

سندس خيال آهي تہ رڳو شاعريءَ جا ڪجهہ ڪتاب ڇپي ۽ بہ چار نثر جا مضمون لکڻ سان ٻوليءَ جو بچاءُ ڪونہ ٿيندو آهي . "جيستائين ٻوليءَ کي هوڪن، نعرن، بازار ۾ نيلاميءَ جي ٻولي ڏيڻ، ريلوي اسٽيشنن، بسن جي اڏن

۽ هوائي اڏن تي اعلانن لاءِ استعمال نہ ڪبو تيستائين سنڌي ٻولي مارڪيٽ جي ٻولي نہ ٿي سگهندي. ان ڪانسواءِ اڄوڪي زماني ۾ موبائل فونن ۽ انٽرنيٽ تي بہ سنڌي ٻوليءَ جو هجڻ لازمي آهي، جڏهن تہ خانگي اسڪولن ۾ بہ سنڌي ٻولي پڙهائڻ لازمي هجڻ گهرجي، پر ان کان وڌيڪ اهم ڳالهہ ۽ عجيب ڳالهہ هيءَ آهي تہ سنڌي ٽي وي چئنلن تي سنڌي پروگرامن ۾ اردو ڳالهائي وڃي ٿي ۽ اردو پروگرام الڳ پيش ڪيا وڃن ٿا ۽ پروگرامن جا ميزبان پنهنجي ٻولي ڇڏي اردو ڳالهائڻ لڳن ٿا،" هو چوي ٿو.

شوڪت لوهار جو هڪ ٻيو اهم نقطو هيءَ آهي تہ سنڌي ٻولي ڪرنسيءَ جي ٻولي نہ ٿي سگهي آهي، جيئن انگريزي ۽ اردوءَ کي اها حيثيت مليل آهي. سندس چوڻ آهي تہ ٻوليءَ بابت پاليسيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ ۽ ڦهلاءَ لاءِ سڄي قوم ۽ حڪومتي ادارن کي اهم ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

(افيئر مئگزين 15 جنوري 2016 ع جي شماري تان ورتل)

سوال هيءَ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي مارڪيٽ جي ٻوليءَ طور ترقي صرف حڪومت، ڪنهن هڪ اداري يا فرد جي ذميواري ناهي. اهو انفراديءَ سان گڏ اجتماعي فرض آهي، جنهن ۾ هر ماڻهوءَ کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو آهي.

جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ کي مارڪيٽ جي ٻوليءَ طور ترقي وٺرائڻي آهي تہ سنڌين کي خاص طور انگريزي ٻوليءَ جي ڏنل مثالن مطابق ڪم ڪرڻو پوندو. سنڌين کي ان لاءِ ڏيهي پرڏيهي واپار، صنعت، بئنڪنگ، فلم انڊسٽري ۽ ٽيڪنالاجيءَ سميت زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اڃان وڌيڪ پنهنجو حصو ڳاهٽو پوندو تہ جيئن اهي اقتصادي قوت طور اُڀرن، جنهن سان سنڌي ٻوليءَ جي اهميت بہ وڌندي.

سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ لاءِ ڪجهہ تجويزون هن ريت آهن : ڪراچيءَ سميت سڄي سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي لفظن سيکارڻ لاءِ پروگرام شروع ڪرڻا پوندا. اهي پروگرام سرڪاري طور خانگي اسڪولن ۾ شام جي وقت بلڪل ايئن شروع ڪرڻ گهرجن جيئن شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي

جي زماني ۾ بالغن جي تعليم لاءِ شروع ڪيا ويا هئا. ساڳئي وقت سنڌ جي ڳُنڊ ڪڙڇ ۾ هلندڙ ٻڌڻ ڪان وڏيڪ ايف ايم ريڊيو اسٽيشنن تان به سنڌي ٻولي سيکارڻ جا پروگرام شروع ڪرڻ گهرجن، جيئن پُٽي صاحب جي زماني ۾ ڪراچي ريڊيو تان "سنڌي اردو ٻول چال" جي نالي سان هڪ پروگرام شروع ڪيو ويو هو جنهن ۾ محترمه فهميده حسين سنڌي سيکاريندي هئي. اهڙن پروگرامن سان ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهو آسانيءَ سان سنڌي ٻولي سکي سگهندا. انهيءَ ڪانسواءِ "يُو ٽيوب" تي جيئن انگريزي ٻولي سيکارڻ جون وڊيو رکيل آهن، تيئن سنڌي ادارا يا فرد سنڌي ٻولي سيکارڻ جي حوالي سان وڊيو ٺاهي رکن ته ان سان به وڏو فرق پوندو. يُو ٽيوب تي اهڙيون وڊيوز رکيل به آهن، پر اهي وڊيوز به گهٽو ڪري پارت ۾ رهندڙ سنڌين جي ڪوشش جو نتيجو آهن.

سرڪاري ادارن ۾ قانون موجب هر آفيسر ڪي سنڌي ٻوليءَ جو ڪورس ڪرڻو هوندو آهي، جنهن تي سختيءَ سان عمل ڪرايو وڃي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي صوبائي سرڪاري ٻوليءَ واري حيثيت هجڻ ڪري سرڪاري ادارن ۾ لکپڙهه به سنڌيءَ ۾ ڪئي وڃي. انهيءَ سان گڏوگڏ سرڪاري ادارن، تعليمي ادارن، بسن جي اڏن، ريلوي اسٽيشنن، شهرن اندر رستن، گهٽين جي نالن جا بورڊ ۽ ٽرئفڪ هدايتن وارا بورڊ سنڌيءَ ۾ لکرائي هنيا وڃن. ان ڏس ۾ سال 2015ع ۾ قاسم آباد - حيدرآباد ۾ رستن جي نئين سر اڏاوت کان پوءِ ڪن هنڌن تي ٽرئفڪ هدايتن جا بورڊ سنڌيءَ ۾ لکيل نظر آيا، جنهن مان اندازو ٿيو ته اهو ڪم ڪو ڏکيو ڪونهي، پر ان لاءِ صرف نيت ۽ ارادي جو هجڻ لازمي آهي. ريلوي اسٽيشنن ۽ هاءِ ويز تي سنڌ جي شهرن جا اصل نالا اردوءَ ۾ غلط لکيا وڃن ٿا، مثال طور: نئين سِر نهندڙ ڪراچي حيدرآباد هاءِ وي تي ڪيترن لفظ غلط ڪري ڪنجهر لکيو ويو آهي. سنڌ حڪومت کي اهڙن غلط نالن جي به درستي ڪرائڻ سان گڏ سنڌيءَ ۾ نالا لکڻ لاءِ نيشنل هاءِ وي اٿارٽيءَ تي دٻاءُ وجهڻ گهرجي.

هاڻ ڏسڻو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ کي مارڪيٽ جي ٻولي يعني ڪاروبار ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ طور ڪيئن مُروج ڪري سگهجي ٿو. بلڪل سولائيءَ سان سمجهہ ۾ ايندڙ ڳالهہ آهي تہ واپاري يا ڪاروباري ماڻهو ۽ ڪارخانيدار پنهنجي پراڊڪٽ يا مصنوعات مارڪيٽ ۾ آڻڻ محل ڏسندو آهي تہ سندس گراهڪ يا صارف Consumer ڪير آهي ۽ ڪهڙي ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ سمجهندڙ آهي . ان ٻوليءَ ۾ سندس مصنوعات جي پيڪنگ تي مصنوعات ۽ ڪمپنيءَ جو نالو ۽ ٻي معلومات ڇپرائي ويندي آهي ۽ ان جي مشهوريءَ لاءِ اخبارن ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي اشتهار بہ ان ٻوليءَ ۾ هلرايا ويندا آهن. مثال طور: ڪوريا ۾ انگريزي ۽ ٻي ڪا ٻولي بنهہ گهٽ ماڻهن کي سمجهہ ۾ ايندي آهي . ڪنهن کي سمجهہ ۾ اچي بہ سهي تہ بہ ڪوريا جون ڪمپنيون سندن هر مصنوعات تي پنهنجي ڪوريائي ٻوليءَ ۾ مواد ڇپرائينديون آهن . ساڳيو حال چين، جپان ۽ ڪيترن ئي ٻين ملڪن ۾ آهي . اتي تہ بنيادي تعليم کان اعليٰ تعليم تائين سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي تعليم بہ سندن مقامي ٻوليءَ ۾ ڏني وڃي ٿي . بهرحال، ڪوريا ۽ ٻين ملڪن جي ڪمپنين کي انگريزي ٻوليءَ جي ضرورت فقط ان وقت پوي ٿي، جڏهن سندن واسطو پرڏيهي واپارين ۽ ڪمپنين سان پوي ٿو. ان جو مطلب تہ مارڪيٽ جي ضرورت مطابق ڪين اها ٻولي استعمال ڪرڻي پوي ٿي . ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ٻولين جي اقتصادي اهميت آهي ۽ اقتصاديات جي انهيءَ اصول کي سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ لاءِ بہ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

ان لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت پنهنجي جاءِ تي طئي ٿيل آهي، جنهن جا مثال هن ڪتاب جي پهرين حصن ۾ انگريزن جي زماني جي حوالي سان بہ ڏنل آهن. پر تازو مثال خود پاڪستاني ڪمپنين جو آهي، جن سنڌ جي ڪروڙين سنڌي گراهڪن ۽ صارفين جي پيشِ نظر سنڌي اخبارن ۽ ٽي وي چينلن تي سنڌيءَ ۾ اشتهار ڏيڻ شروع ڪيا آهن . اها ٻي ڳالهہ آهي تہ انهن اشتهارن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا اکر ۽ گرامر غلط لکيا وڃن ٿا . اڳي

اهي اشتهار رُڳو اردوءَ ۾ ڏنا ويندا هئا. ٻيو مثال حيدرآباد جي قاسم آباد واري علائقي جو آهي، جتي سنڌي آباديءَ جي اڪثريت جي ڪري وڏي تعداد ۾ دڪانن تي سنڌيءَ ۾ لکيل بورڊ نظر ايندا. لاڙڪاڻي جي هڪ وڏي مٺائيءَ ۽ بيڪريءَ جي مالڪ ته پلاسٽڪ جون ٿيلهيون ئي سنڌيءَ ۾ ڇپرايون آهن. چانهه جي پتيءَ واري هڪ ڪمپنيءَ به سنڌن مصنوعات جي پيڪنگ تي سنڌيءَ ۾ پتي ۽ ڪمپنيءَ جو نالو ڇپرايو آهي. اهڙا ڪي ٻيا مثال به موجود آهن ۽ اهو سڀ سنڌي ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت جي ڪري آهي ۽ ڪنهن به ٻوليءَ جي اقتصادي اهميت اها ٻولي ڳالهائيندڙن جي ڪري ئي پيدا ٿيندي آهي. ايئن ئي جيڪڏهن سموري سنڌ ۾ سنڌي ڪاروباري ماڻهو پنهنجي دڪانن، پنهنجي ڪاروبار ۽ مصنوعات تي سنڌيءَ ۾ نالا ۽ ٻيو مواد ڇپرائين ته سنڌي ٻولي وڏي تيزيءَ سان مارڪيٽ جي ٻوليءَ طور اُڀري سگهي ٿي. سنڌي ماڻهو رڳو دڪاندار نه آهن، پر هر شعبي ۾ موجود آهن، جهڙوڪ: درزي، ڌوٻي، ڪار مڪينڪ، پلمر(پلمبر)، اليڪٽريشن، ڪمپيوٽر سافٽ ويئر ۽ هارڊ ويئر مڪينڪ ۽ زندگيءَ جا اهڙا ٻيا ڪوڙ شعبا. صنعتن ۾ بيشڪ سنڌي ماڻهو پٺتي آهي، پر سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڪنب، ڪپهه ڪاٽڻ ۽ برف جي ڪارخانن جا مالڪ سنڌي ئي آهن.

ٻولي ۽ اقتصاديات جي تعلق بابت بحث اتي ختم نٿو ٿئي. ڪنهن به هڪ مصنوعات کي مثال طور وٺجي. فرض ڪريو ته اسان گارمينٽ جي دڪان تان هڪ شرٽ خريد ڪريون ٿا. ظاهر ۾ ته اسان فقط هڪ شرٽ يا قميض خريد ڪئي، پر ان هڪ شئي جي تياريءَ جي عمل جو هڪ ڊگهو سلسلو آهي ۽ ان ۾ تمام گهڻن ماڻهن ۽ شعبن جو ڪردار آهي. اها شرٽ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ پنهنجي هٿ سان ڪانه ٺاهي هوندي. اهڙو تصور پراڻي زماني جو ٿي سگهي ٿو پر جديد دور ۾ اهو ممڪن ڪونهي. گارمينٽ جي دڪاندار گارمينٽ مينوفيڪچرر کان اهي شرٽون خريد ڪيون هونديون ۽ مينوفيڪچرر وري شرٽون ٺاهڻ لاءِ ڪپڙو، ڌاڳا، بٽڻ، سبڻ جون مشينون ۽

ٻيو سامان واسطيدار ڪارخانن تان سڌو سنئون يا ٻڌي جي واپارين کان خريد ڪيو هوندو. گارمينٽ فيڪٽريءَ ۾ پڪ سان هڪ کان وڌيڪ درزي ۽ ٻيا ڪاريگر ڪِرت سان لڳل هوندا . ڪپڙي جي ڪارخانيدارن (ٽيڪسٽائل مِل مالڪن) ڪپڙو ٺاهڻ لاءِ ڪپهه خريد ڪئي هوندي، جيڪا کين ڪاٽن جننگ (ڪپهه ڪاٽڻ) فيڪٽرين وٽان ملي هوندي . ڪپڙو رنڱڻ لاءِ کين رنگ ۽ ٻيو مال وٺڻو پيو هوندو ۽ ٻٽڻ، سُئي سُڳي ۽ رنگ سميت هر ڪتب آيل شئي جا الڳ ڪارخانا هوندا، جن کان مال خريد ڪيو ويو هوندو . انهن ڪارخانن جي مشينري ٺاهڻ جا وري الڳ ڪارخانا ۽ مشينريءَ لاءِ ڌاتو ٺاهيندڙ اسٽيل ملز به الڳ هونديون . جيڪڏهن اُوني ڪپڙا هوندا ته به خام اُن کان وٺي ڪپڙن جي تياريءَ تائين اهو ئي اقتصادي چرخو رهندو. ايئن زرعي شعبي جي خام مال خريدڻ کان وٺي صنعتي شعبي تائين اڻ ڳڻت مرحلن مان لنگهڻ کان پوءِ وڃي شرٽ يا ٻيون شيون ٺهن ٿيون . اهو سمورو عمل زندگيءَ جي ٻين ضرورتن وارين مصنوعات سان به لاڳو ٿئي ٿو ۽ ان ۾ مال برداري يعني خام مال جي خريداريءَ کان وٺندي تيار مال جي مارڪيٽ ۾ پهچڻ تائين ٽرانسپورٽ جو اهم ڪردار ٿئي ٿو. ڏسڻو اهو آهي ته ان سموري عمل ۾ سنڌي ماڻهو ۽ سنڌي ٻولي ڪٿي بيٺل آهن . انهيءَ سموري تاڃي پيٽي ۾ جتي به ڪو سنڌي هوندو اهو جيڪڏهن چاهي ته سنڌي ٻوليءَ کي مارڪيٽ جي ٻوليءَ طور مُروج ڪري ان کي سگهارو بنائي سگهي ٿو. اهو هيئن ته سنڌي قوم اقتصاديات جي شعبي ۾ اڳتي وڌي پاڻ کي هڪ اقتصادي قوت طور مڃائي ۽ جڏهن اها سگهاري اقتصادي قوت جي حيثيت ماڃيندي ته سنڌي ٻوليءَ جي اهميت به وڌي ويندي ۽ ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ سنڌي ڪارخانيدارن، واپارين ۽ ٻين شعبن جي ماڻهن سان پاڻ سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ سنڌي سکندا، جيئن اڄڪلهه چين جي اقتصادي سگهه جي ڪري پاڪستان ۾ چيني ٻولي سکڻ تي زور آهي. ايئن ئي زرعي شعبي ۾ ڪپهه،

ڪٽڪ، ڪمند، ڪنڊ، ياڄين، ميون ۽ ٻين انيڪ شين جا آبادگار ساڻن ڪاروباري رابطا رکندڙ ماڻهن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائين، پنهنجي لکپڙهه ۽ حساب ڪتاب سنڌيءَ ۾ ڪن تہ وڏو فرق اچي سگهي ٿو. سندن اُپت جي پيڪنگ وارين ٻورين توڙي ڪوڪن تي سنڌيءَ ۾ نالا لکرايا وڃن. ظاهر ۾ اهو ڪم فرضي، تصوراتي ۽ ناممڪن لڳي ٿو پر هڪ ڀيرو جيڪڏهن اسان جا زميندار ڪارخانيدار دڪاندار ڪاروباري ۽ ڪاريگر وغيره ان تي عمل شروع ڪندا تہ وڏو فرق اچي ويندو.

مٿي گارمينٽ (تيار ٽيل ڪپڙن) جو ذڪر ٿيو. سنڌ جي هر وڏي شهر ۾ ڪيترن ئي سنڌين جا اهڙا وڏا دُڪان آهن. انهن ڪانسواءِ ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ تہ سمورن ڪاروبارن تي ڇانيل آهن، پر تڏهن بہ هر ننڍي وڏي شهر ۾ ياڙن اندر توڙي ڪمرشل علائقن ۾ انفرادي درزين جا دڪان موجود آهن ۽ سنڌي درزين جو بہ انهن ۾ گهڻو تعداد آهي. انهيءَ جو ڪارڻ هيءُ آهي تہ هر ماڻهو مرد توڙي عورت ڪي دڪانن تان تيار ٽيل ڪپڙا نہ ٿا وٺن يا پورا نٿا پون، تنهنڪري اهي پنهنجي پسند جو ڪپڙو وٺي پنهنجي اصل ماپ مطابق وڳا سبرائن ٿا. اهي درزي هر وڳي تي، خاص طور مردن جي وڳن تي پنهنجي دڪان جو تعارفي نشان (ٽئگ) هڻندا آهن. اهي تعارفي نشان سنڌيءَ ۾ نہي سگهن ٿا.

سنڌيءَ کي ترقي وٺرائڻ ۽ مارڪيٽ جي ٻوليءَ طور اڳتي وڌائڻ لاءِ اسان کي تنگ نظريءَ کان بہ پاسو ڪرڻو پوندو يعني ٻلي ڪير ٻڇل ٽُٽل سنڌيءَ ۾ بہ ڳالهائي تہ ان کي نہ رُڳو قبول ڪجي، پر همٿائجي. هونئن بہ سنڌ ۾ اڳي اُتر، وچولي ۽ لاڙ وارن سنڌي لهجن ۽ لفظن ۾ گهڻو فرق هو پر هاڻ تہ سنڌين تي اردو ٻوليءَ جي بي انتها اثر جي ڪري ڪم اُترادي، وچولي ۽ لاڙي لهجي کان گهڻو چڙهي ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪار کي سڌارڻ جون ڪوششون بيشڪ جاري رهن، پر جيڪو جنهن نموني سنڌي ڳالهائي ٿو ان کي ڳالهائڻ ڏجي. هونئن بہ هن وقت صورتحال هيءَ آهي تہ شهري علائقن ۾ ڪمرشلائيزيشن سبب سنڌي

ٻار جي گهڻي ۾ مارڪيٽ واري ٻولي اردو آهي. ڪاٻه شئي شڪل خريد ڪري ٿو تہ انهيءَ جي پئڪنگ تي اردو لکيل. آهي. ٽي وي پروگرام اردوءَ ۾ انگريزيءَ ۾ آهن. تعليم انگريزيءَ ۾ مليس ٿي. سوچي هڪ زبان ۾ ٿو تہ تفريح لاءِ ٻي ٻولي ٿو ڳالهائي. گهر ۾ سنڌي ڳالهائڻ لاءِ مليس ٿي تہ تعليم ٻيءَ ٻوليءَ ۾ حاصل ڪرڻي پويس ٿي. انهن مختلف عنصرن جي ڪري اسان جي اڄ جي نسل جي ٻوليءَ جي بناوت ڪمزور ٿي وڃي بيهي. انهيءَ جو اندازو اسان پاڻ ڪري سگهون ٿا. ان عمل کي روڪڻ شايد هاڻي ڪنهن جي وس ۾ ناهي. تنهنڪري هاڻ اسان جو زور سنڌي گرامر ۾ بنيادي ساخت کي بچائڻ تي هئڻ گهرجي ۽ باقي ڌارين لفظن کي سولو ڪري اختيار ڪرڻ سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ واري خاصيت مٿان ڇڏڻ گهرجي. هونئن بہ فطري طور هر ماڻهوءَ جو لکڻ ۽ ڳالهائڻ جو انداز پنهنجو هوندو آهي. جيڪو فطري آهي. ان حوالي سان ڪاڪي ڀيرومل مهرچند جا ويچار ونڊڻ سان وڌيڪ وضاحت ٿي سگهندي:

"هر ڪنهن جي پنهنجي ٻولي آهي. هندن ۾ عاملن جي سنڌي ٻوليءَ ۾ فرق آهي تہ ڀائيبندن جي ٻولي الڳ هوندي. ايئن مسلمان سنڌين جي گهرن ۾ بہ ڏسندو تہ مردن جي ٻولي ۽ عورتن جي ٻولي مختلف لڳندي. جيئن هر ماڻهوءَ جو مُهانڊو ۽ هلت چلت مختلف تيئن ڳالهائڻ جو ڍنگ بہ الڳ ۽ لکڻي بہ جُدا. اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ هر ليکڪ جو پنهنجو لکڻ جو انداز ۽ ٻولي هوندي آهي. هڪ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ سڀ ڪنهن ماڻهوءَ کي ٻوليءَ تي هڪجيترو ضابطو ڪونهي. ڪو ٻوليءَ مان گهڻو واقف هوندو تہ ڪو ٿورو. جنهن کي جنهن آهر لفظ، اصطلاح ۽ پهاڪا ايندا هوندا، سو انهيءَ آهر ڪم آڻيندو. اهڙو ماڻهو جُدا جُدا ڳالهين بابت مضمون لکندو تہ بہ ٻولي اُها ئي ڪم آڻيندو جيڪا کيس ايندي هوندي. اهي ڳالهيون ڳڻي چئبو تہ جيترا آهن ماڻهو تيتريون آهن ٻوليون، پر ٻوليءَ جا اهڙا سنها سنها تفاوت ٻوليءَ جا ننڍا دفعا (اُپڀاشائون) ٺهرائيندا آهن."

انهيءَ سموري بحث جو وچور هيءُ بيهي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ کي سدا حيات بنائڻ لاءِ ان کي مارڪيٽ جي ٻوليءَ طور ترقي وٺرائڻ حڪومت سان

گڏوگڏ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ موجود هر سنڌيءَ جو فرض آهي . اهو فرض ڪيئن پورو ڪبو اهو بہ مٿي ڄاڻايل آهي، پر حڪومت ۽ سندس مختلف ادارن جون ذميواريون ڇا آهن، اهي هيٺ بيان ڪجن ٿيون:

(1) سنڌ حڪومت کي گهرجي تہ سنڌي ٻوليءَ جي، صوبي جي سرڪاري ٻوليءَ واري حيثيت واري قانون تي عمل ڪرائي ۽ ان کي سمورن سرڪاري ادارن ۾ رائج ڪري . ان عنوان هيٺ هر سرڪاري اداري ۾ لکپڙهہ سنڌيءَ ۾ ڪئي وڃي، سواءِ وفاق ۽ پرڏيهي ادارن سان لکپڙهہ جي، يا جتي انگريزيءَ جو استعمال اٽر هجي .

(2) سنڌ حڪومت مڪاني ادارن کي بہ پابند ڪري تہ اهي سموري لکپڙهہ سنڌيءَ ۾ ڪن .

(3) سرڪاري آفيسن اندر نالن جون تختيون توڙي ٻاهر مختلف ڪاتن جي نالن جا بورڊ سنڌيءَ ۾ بہ لکرايا وڃن .

(4) رستن ۽ گهٽين جي نالن جا بورڊ سنڌيءَ ۾ لکرايا وڃن .

(5) ڏيهي ۽ پرڏيهي ماڻهن جي سهولت لاءِ رومن لپيءَ ۾ سنڌي بورڊ لکرايا وڃن، جيئن ٻين ملڪن ۾ اُتان جي ٻولين ۾ رستن، گهٽين، ريلوي اسٽيشنن، اسپتالن ۽ ٻين جاين جا نالا رومن لپيءَ ۾ لکيل هوندا آهن .

(6) حڪومت جو فرض آهي تہ خانگي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سنڌي لازمي پڙهائڻ لاءِ قانون تي سختيءَ سان عمل ڪري.

(7) اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ داخلا لاءِ توڙي ٻين مقصدن لاءِ فارم ۽ ٻيا ڪاڳر پٽ سنڌيءَ ۾ ڇپرايا وڃن .

(8) عالمي قانون جي پوئواري ڪندي، عدالتن ۾ سنڌي ماڻهن لاءِ ڪارروائي سنڌيءَ ۾ هلائي وڃي ۽ ڪين سمورا دستاويز سنڌيءَ ۾ مُهيا ڪيا وڃن .

(9) سنڌي ٻوليءَ واري قانون هيٺ غير سنڌي آفيسرن لاءِ سنڌي سکڻ ۽ سنڌي ماڻهن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ لازمي ڪيو وڃي ۽ انهن لاءِ ڊپارٽمينٽل سنڌي امتحان بحال ڪيو وڃي.

(10) ٽپال جون يادگاري ٽڪليون ۽ اسٽئمپ پيپر، قسم ناما بہ سنڌيءَ ۾ ڇپرائڻ لاءِ وفاقي حڪومت تي دٻاءُ وڌو وڃي.

(11) هوائي اڏن ۽ ريلوي اسٽيشنن تي سنڌيءَ ۾ بہ نالن جا بورڊ لڳرائڻ لاءِ واسطيدار وفاقي وزارتن تي دٻاءُ وڌو وڃي.

(12) هوائي اڏن ۽ ريلوي اسٽيشنن تي هن وقت اعلان صرف اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ٿين ٿا. هن وقت هزارين سنڌي بہ روزانو جهازن ۽ ٽرينن ۾ سفر ڪن ٿا، تنهنڪري انهن لاءِ سنڌيءَ ۾ اعلان لازمي ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وڌو وڃي.

(13) شاهراهن تي فاصلا ڏيکاريندڙ پٿرن تي انگريزيءَ سان گڏ سنڌيءَ ۾ بہ شهرن جا نالا ۽ فاصلا لکرايا وڃن.

(14) شاهراهن تي ڳوٺن ۽ شهرن جا نالا توڙي ريلوي اسٽيشنن تي سنڌ جي شهرن جا نالا غلط لکيل آهن، جن کي درست ڪرائڻ لاءِ قدم کنيو وڃي.

(15) يونيورسٽين ۽ ڪاليجن تي نالن جا بورڊ سنڌيءَ ۾ لکرايا وڃن.

(16) وفاقي حڪومت کان ڪرنسي نوٽن تي انگريزي ۽ اردوءَ سان گڏ سنڌيءَ بہ لکرائڻ جو مطالبو ڪيو وڃي.

(17) هر يونين ڪائونسل، ٽائون ڪاميٽي، ميونسپل ڪاميٽي، ضلعي ڪائونسل توڙي ميونسپل ڪارپوريشن پنهنجي آفيسن توڙي حدن ۾ رستن، گهٽين ۽ عمارتن تي سنڌيءَ ۾ بورڊ لڳرائي ۽ سموري لکپڙه سنڌيءَ ۾ ڪري.

(18) سنڌ جو سياحت کاتو انگريزيءَ سان گڏ سنڌيءَ ۾ بہ بروشر ڇپرائي.

(19) سنڌ جي وڏي وزير ۽ وزيرن کي سرڪاري تقريبن ۾ توڙي ٻاهرين ملڪن مان آيل شخصيتن جي مان ۾ آجياڻن توڙي گڏجاڻين ۾ سنڌيءَ ۾ تقريرون ڪرڻ ۽ ڳالهائڻ گهرجي ۽ سنڌن تقريرن جي انگريزي ترجمي لاءِ ترجمان مقرر ڪرڻ گهرجن، جيئن ٻين ملڪن ۾ ڪيو ويجي ٿو. سنڌ جو وڏو وزير يا ٻيا وزير جڏهن ٻاهرين ملڪن جي سرڪاري دوري تي وڃن ته اُتي به اهو ئي طريقو اختيار ڪيو وڃي.

(20) سنڌ سرڪار سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت وانگر سنڌي ٻوليءَ ۾ بالغن جي تعليم جا پروگرام شروع ڪري.

(21) سنڌ سرڪار نشريات واري وفاقي وزارت تي دٻاءُ وجهي ريڊيو پاڪستان تان سنڌي ٻولي سيکارڻ جا پروگرام شروع ڪرائي.

(22) ايڪسائيز اينڊ ٽئڪسيشن صوبي جو پنهنجو کاتو آهي، جنهن ۾ سنڌ حڪومت کي گهرجي ته صوبي اندر ان کاتي وٽ رجسٽر ٿيندڙ گاڏين جون نمبر پليٽون به سنڌيءَ ۾ تيار ڪرائي، جيئن عرب ۽ ٻين ملڪن ۾ ٿئي ٿو.

(23) جيئن ته فلمون به ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون، تنهنڪري سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي کي گهرجي ته سنڌ فلم ڊيولپمينٽ ڪارپوريشن قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺي ۽ ان ڪارپوريشن ذريعي سنڌي فلمون ٺاهڻ لاءِ فنڊ رکرائي. اڳي وفاقي سطح تي نيشنل فلم ڊيولپمينٽ ڪارپوريشن قائم ٿيل هئي جڏهن ته انڊيا ۾ نيشنل فلم ڊيولپمينٽ ڪارپوريشن پاران ڪيترئيون ئي بهترين فلمون ٺاهيون ويون آهن.

(24) سنڌي ٻوليءَ کي مارڪيٽ جي ٻوليءَ طور ترقي وٺرائڻ لاءِ سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ کي به ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ۽ ان لاءِ خاص

شعبو قائم ڪرڻ گهرجي، جيڪو وقت بوقت حڪومت کي سفارشون ۽ تجويزون موڪليندو رهي.

صوبائي سرڪار مٿان آيل انهن ذميوارين سان گڏ هر سنڌيءَ مٿان به انفرادي ذميواريون اچن ٿيون، جن جو ڪافي ذڪر مٿي تي ٿي چُڪو آهي. تنهن هوندي به هتي وري مختصر طور انهن کي ورجائڻ ضروري آهي.

1. جيئن انگريزي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ فلمن اهم ڪردار ادا ڪيو تيئن سنڌي فلمون سنڌي ٻوليءَ لاءِ ساڳيو ڪم ڪري سگهن ٿيون. سنڌي فلمي صنعت ڪجهه ڏهاڪن کان بلڪل ختم آهي ۽ هاڻ صرف ٽي وي ڊرامن ۽ ڪِن ٽيلي فلمن تائين ڪم محدود آهي. سرنديءَ وارن سنڌين کي وري سنڌي فلمي صنعت ۾ اچڻ گهرجي ۽ ان کي جيئارڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ان سان نه رڳو کين مالي فائدو ٿيندو ۽ فلمي صنعت جي مختلف شعبن ۾ ماڻهن کي روزگار ملندو پر سنڌي ٻوليءَ جي به ترقي ٿيندي.

2. سنڌ ۾ صنعت ۽ واپار ۾ به گهٽا نه ته به ڪجهه نه ڪجهه سنڌي موجود آهن، جن کي پنهنجي مصنوعات لاءِ سنڌيءَ ۾ به پئڪيجنگ ڪرڻ سان گڏ هر سطح تي سنڌي ٻوليءَ کي استعمال ڪرڻ گهرجي. سنڌ ۾ سنڌي صنعتڪارن، ڪارخانيدارن يا وڏن واپارين بابت ڪا به سروي ٿيل ڪانهي، جنهن سان سندن تعداد جي خبر پوي. سروي جو اهو ڪم سنڌ جون سياسي سماجي تنظيمون پنهنجو قومي فرض سمجهي ڪري سگهن ٿيون ته جيئن سروي کان پوءِ انهن سنڌي ڪارخانيدارن ۽ واپارين کي سنڌي ٻوليءَ جي استعمال لاءِ قائل ڪري سگهجي.

3. سموري سنڌ جي هر شهر، وستين واهڻن ۾ لکين سنڌي دڪاندارن کي پنهنجي دڪانن تي سنڌيءَ ۾ بورڊ لکرائي هڻائڻ گهرجن. انهن دڪاندارن کي پنهنجي گراهڪن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ گهرجي.

4. سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ ملٽي نيشنل توڙي ٻين ڪمپنين تي دٻاءُ وڌو وڃي ته اهي سندن مصنوعات جي پئڪنگ تي سنڌيءَ ۾ به نالا ۽ ٻيا تفصيل لکرائين ۽ اخبارن توڙي ٽي وي تي سنڌيءَ ۾ اشتهار هلرائين. سنڌي

اخبارن ۽ ٽي وي چئنلن جو بہ فرض آهي تہ اهي صرف پنهنجي مالي فائدي کي نہ ڏسن ۽ غير سنڌي ادارن ۽ ڪمپنين تي دٻاءُ وجهن تہ ڪين سنڌيءَ ۾ اشتهار ۽ ڪمرشلز تيار ڪرائي ڏين.

5. سنڌ ۾ هلندڙ ايف ايم ريڊيو جن جا مالڪ سنڌي آهن، سنڌي ٻولي سيکارڻ جا پروگرام شروع ڪن. جن جا مالڪ سنڌي نہ آهن، تن تي بہ اهڙو دٻاءُ وجهي يا ڪين قائل ڪري، سنڌي ٻوليءَ سيکارڻ جا پروگرام شروع ڪرائڻ گهرجن.

6. هڪ ٻي اهم ڳالهہ آهي سنڌ ۾ اقتصادي انقلاب آڻڻ لاءِ سنڌي ڪارخانيدارن ۽ واپارين جون مصنوعات وڌ ۾ وڌ خريد ڪيون وڃن. ان سان سنڌين جي اقتصادي سگهہ بہ وڌندي ۽ اهي ڪارخانيدار ۽ واپاري سنڌي ٻوليءَ ۾ پئڪنگ ۽ اشتهارن تي رضا خوشيءَ سان تيار بہ ٿي ويندا، جيڪو بنيادي واپاري گُر آهي. ان عمل سان ٻيا سنڌي سرمائيدار بہ صنعت ۽ واپار ۾ پئسو سيڙائڻ لاءِ تيار ٿيندا ۽ سنڌين لاءِ روزگار جا بہ وڏا موقعا پيدا ٿيندا. جڏهن واپار ۽ صنعت ۾ سنڌين جو تعداد وڌندو تہ سنڌي ٻوليءَ کي بہ سگهہ ملندي.

7. سنڌ جي مختلف شهرن ۾ اجرڪن، لُنگين، ڪاڙهيءَ جي ڪپڙي، رلين ۽ پرت وغيره جهڙن ثقافتي هنرن جي مرڪزن تي بہ ڌيان ڏنو وڃي ۽ اهي شيون خريد ڪيون وڃن تہ جيئن ان صنعت ۾ ڪم ڪندڙ يا سيڙپ ڪندڙ بہ اقتصادي طور سگهارا ٿين ۽ سنڌيءَ ۾ مارڪيٽنگ ڪري سنڌي ٻوليءَ کي مارڪيٽ جي ٻوليءَ طور اڳتي آڻڻ ۾ ڪردار ادا ڪن.

سنڌين جي اقتصادي انقلاب جي اهميت ان ڪري بہ آهي، جو سنڌن وُجود اقتصادي سگهہ سان واڳيل آهي. سنڌي هوندا تہ سنڌن ٻولي بہ هوندي تنهنڪري واپار، صنعت، ٽيڪنالاجي، انجنيئرنگ، اليڪٽرانڪ انجنيئرنگ، آئل اينڊ گئس، پرنٽ توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا، رانديون ۽ زندگيءَ جي ٻين سمورن شعبن ۾ سنڌين جو اچڻ لازمي آهي ۽ اها ئي ڳالهہ

سندن پنهنجي ۽ سندن ٻوليءَ جي ترقي ۽ بقا جي ضامن آهي.

8. سنڌ جي سياسي ۽ سماجي تنظيمن کي گهرجي تہ ون يونٽ واري زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ووٽر لسٽن ڇپرائڻ لاءِ هلايل ڀرپور هلچل وانگر، هاڻ بہ هلچل هلائين تہ جيئن سنڌي ۽ ٻين ديسي ٻولين کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ وارو معاملو نہ رُڳو اسٽينڊنگ ڪاميٽين کان نڪري باقاعدي پارليامينٽ مان پاس ٿي آئين ۽ قانون جو حصو بڻجي سگهي، پر سنڌي ٻولي هوائي اڏن ۽ ريلوي اسٽيشنن تان سنڌيءَ ۾ اعلانن، ٽپال ڪاتي جي ٽڪلين، لفافن، اسٽامپ پيپرن ۽ ڪرنسي نوٽن ۽ سِڪن ۾ بہ جاءِ وٺي سگهي. اهڙو دٻاءُ خانگي ڪوريئر ڪمپنين، ڪولڊ ڊرنڪس ۽ ٻين لاتعداد ڪمپنين تي بہ وجهي سگهجي ٿو، جن جون مصنوعات سنڌ جا ڪروڙين ماڻهو واهپي ۾ آڻين ٿا.

## پُڇاڙي

ڊاڪٽر ايچ ٽي سورلي پنهنجي اولهه پاڪستان واري گزيٽيئر ۾ جنهن جو حوالو ڪتاب جي مُنڍ ۾ ڏنل آهي، لکيو آهي : "سنڌي ٻولي هن ملڪ جو نهايت قيمتي ثقافتي ورثو آهي . اها سنڌ جي پراڻي صوبي ۽ خيرپور رياست ۾ اڪثريتي آباديءَ جي ٻولي آهي ۽ هر طبقي جا پڙهيل لکيل توڙي اڻپڙهيل ماڻهو گرامر توڙي هر طرح سان خالص نموني ڳالهائن ٿا . هيءَ قديم ٻولي آهي، جيڪا سنڌ جي زرعي شعبي، ڳوٺاڻي ۽ مال پاليندڙن وچ ۾ رابطي واري زبان جو ڪم ڏئي ٿي ."

ڊاڪٽر سورلي سنڌي ٻوليءَ کي زرعي شعبي جي ماڻهن، ڳوٺاڻن ۽ مال چاربندڙن يا لاڏائو ماڻهن وچ ۾ رابطي جي زبان سڏيو آهي، پر جنهن وقت هن اها راءِ ڏني هئي اهو 1950ع جي آخري ورهين جو وقت هو جڏهن سنڌي ممڪن آهي ته زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ گهٽ هجن، پر هاڻ وقت بدلجي چُڪو آهي ۽ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ سميت هر شعبي ۾ سنڌي موجود آهن . ڊاڪٽر سورلي 1951ع جي آدمشماريءَ جو حوالو ڏيندي لکيو هو ته سنڌ ۾ صوبي جي ڪُل آبادي 49 لک، 28 هزار ۽ 57 جو 79.5 سيڪڙو (39 لک، 17 هزار ۽ 836) سنڌي ڳالهائيندڙ آهن . اڄ سٺ ورهين جي عرصي ۾ سنڌ جي آباديءَ ۾ وڏي تبديلي اچي چُڪي آهي ۽ ڪاوش اخبار (27 مئي 2018ع ) ۾ ڇپيل رپورٽ ۽ وفاقي آدمشماري کاتي جي جاري ڪيل انگ اکرن موجب سنڌ جي ڪُل آبادي(تازي آدمشماريءَ موجب) چار ڪروڙ 78 لک، 54 هزار 510 آهي، جنهن ۾ سنڌين جو تعداد 61 ڏهائي 60 (ايڪهٺ ڏهائي سٺ) سيڪڙو ۽ اردو ڳالهائيندڙن جو انگ 18 ڏهائي 20 سيڪڙو آهي . سٺ سالن ۾ آيل اها تبديلي سنڌ ۾ ٻين صوبن توڙي ملڪن مان آيل ڌارين ماڻهن جي آباد ٿيڻ جو نتيجو آهي، جو سنڌين جي آبادي وڌڻ جي باوجود سندن شرح ساڍا 79 مان گهٽجي ساڍا 61 سيڪڙو تي وئي آهي، پر انهيءَ هوندي به سنڌي ڳالهائيندڙ اڃان اڪثريت ۾ آهن . اندازو آهي ته سنڌ ۾ رهندڙ ڪاٺياواڙي ميمڻ ۽ ڪڇي برادريون سنڌي هجڻ باوجود

آدمشماري فارمن ۾ پنهنجي مادري ٻولي سنڌي نٿيون لکرائين، جنهن جو ڪارڻ سنڌ جي سنڌي ماڻهن جو انهن کان سياسي ۽ سماجي طور ڪٽنجي پري رهڻ آهي. اُٺويهہ سئو اسيءَ واري ڏهاڪي ۾ جسٽس عبدالحفيظ ميمڻ، سيٺ دائود ۽ ٻين گڏجي يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت ناهي هئي، جنهن ۾ سنڌ جا ڪاٺياواڙي توڙي ٻيا ميمڻ شامل هئا. جنهن سان واپاري ميمڻ برادري سنڌين سان ڳنڍجڻ لڳي هئي، پر جماعت جو بنياد وجهندڙن جي لاڏاڻي سان گڏ اهو سلسلو ختم ٿي ويو. ڪراچيءَ جي لياري ۽ ٻين علائقن ۾ سنڌي قومپرست تنظيمن جا يونٽ به قائم هوندا هئا، جن ۾ ڪڇي برادريءَ جا ماڻهو سرگرم هئا، پر وقت سان گڏ اهي يونٽ به بند ٿي ويا. سنڌ جي سياسي ۽ سياسي تنظيمن کي هڪ پيرو وري سرگرم ٿيڻو پوندو ته جيئن ڪڇي ۽ ڪاٺياواڙي برادرين کي سنڌي قوم جي مُکيہ ڌارا ۾ شامل ڪري سگهجي، جنهن سان سنڌي ٻوليءَ کي مارڪيٽ جي ٻوليءَ طور ترقي وٺرائڻ ۾ مدد ملندي. انهن برادرين ۾ اڄان به يونين انڊسٽريز جي مالڪ مرحوم سيٺ حبيب جهڙا فرد موجود آهن، جنهن 1980ع واري ڏهاڪي ۾ هڪ تقريب ۾ چيو هو ته "گجرات ۾ واپار گهٽ هو ۽ صنعتون اڳ ۾ لڳيون هيون. هتي واپار ۽ صنعت جو اهڙو دور نہ هو تنهنڪري اسان (ميمڻ برادري) گجرات هليا وياسين، پر اسان اصل ته هتي جا هئاسين. پوءِ رڳو سنڌي زبان کي گجراتيءَ کان متاثر ڪري پنهنجي ڳالهايوسين. اڄ به اسان جو ٻار ٻچو هيءَ (سنڌي) زبان ڳالهائي ٿو ۽ سنڌي زبان سان اسان کي محبت آهي، جن ماڻهن کي پنهنجي زبان سان محبت ناهي، اهي دنيا ۾ رهڻ جي قابل ناهن."

سنڌي قوم کي، انفرادي توڙي اجتماعي طور، هڪ ٻيو به قدم کڻڻ گهرجي، جنهن تحت هر اها شئي خريد ڪئي وڃي، جنهن جو تيار ڪندڙ سنڌي آهي. ان عمل سان سنڌ ۽ سنڌين جي صنعت ۽ واپار ترقي ڪندا. ان لاءِ باقاعدي تحريڪ هلائڻ گهرجي ته جيئن سنڌين منجهہ وڏو اقتصادي انقلاب اچي سگهي. سنڌ جون سياسي، سماجي ۽ قومپرست تنظيمون اهو ڪم ڪري سگهن ٿيون.

پڇاڙيءَ ۾ ذڪر ڪوريا جو مثال ڏيڻ ضروري آهي، جتي آمريڪي سيڙپ وڌائڻ سان گڏ انگريزي ٻوليءَ جي ترقيءَ تي به زور ڏنو پيو وڃي ۽ ڪوريائي شهر انچيان ۾ ته هڪ نعرو مشهور ڪيو ويو ته "مُرڪو به انگريزيءَ ۾". اسان کي سنڌ ۾ به ڪوريا وانگر اهڙوئي نعرو ڏيڻ گهرجي ته "مُرڪو به سنڌيءَ ۾".

## مددي ڪتاب، تحقيقي مقالا ۽ اخباري مواد

### انگريزي


1. Alex Hammond, British TV Journalist, Blog 'How did English become the world's most widely spoken language? (Oxforddictionaries.com/author/alex-hammond)
2. Adrian Duarte, Dr, 'Book 'A history of British relations with Sindh (1613- 1843)', National Book Foundation 1976
3. A. B. Advani, Research Paper 'Some Sindhi Proverbs and their connection with Sindh history' read on 22nd August 1937, published in The Journal of the Sindh Historical Society (Vol. III Part I, 1937.
4. Barry R. Chiswick, University of Illinois, Chicago, USA, Discussion Paper 'The Economics of Language: An Introduction and Review' — 2008 published by IZA Germany website ftp.iza.org
5. Cambridge Dictionary — Meaning of Language — website https://dictionary.cambridge.org/dictionary/english/language
6. Dave and Nita Anand, Research Paper 'History of Punjabi Language and Gurmukhi Alphabet'. https://patch.com/connecticut/.../history-of-punjabi-language--gurmukhi-alphabet
7. Dictionary.Com — Language Definition — website http://dictionary.reference.com/browse/language
8. David Kilgour, Member of Parliament, Edmonton, Beaumont, Secretary of State (Latin America and Africa),

Paper 'Importance of Language' read at Southern Alberta Heritage Language Association, Calgary, October 9, 1999 — website http://www.david-kilgour.com/mp/sahla.htm

9. Dawn Cliping, National Assembly Committee rejects Languages Bill - July 17, 2014
10. Dawn Cliping, Language Issue causing division between nationalist, main parties — January 28, 2015
11. Encyclopedia Britannica, Urdu Language — website britannica.com November 14, 2015
12. Encyclopedia Britannica, Siraiki Language — website britannica.com November 14, 2015
13. Encyclopedia Britannica, Punjabi Language — website Britannica.com November 14, 2015
14. Encyclopedia Britannica, Sindhi Language — website Britannica.com November 14, 2015
15. Encyclopedia Britannica, Balochi Language — website Britannica.com — November 14, 2015
16. Faizullah Jan, Report 'Language Policy — Pakistan', published by Culture and Communication Consulting (southasiacommunication.wordpress.com)
17. G. Allana, Book Pakistan Movement: Historic Documents — Paradise Subscription Agency Karachi - 1968
18. Ghulam Ali Allana, Dr, 'Sindhi Language and Literature at a glance' (Sindhi Language Authority Hyderabad 2009)
19. George Abraham Grierson Sir, Book 'Linguistic Survey of India — Indo — Aryan Family - North Western Group — Specimens of Sindhi and Lahnda' — Superintendent Government Printing, Calcutta, India — 1919 — website http://dsal.uchicago.edu/books/lsi/lsi.php?volume=8-1&pages=600//page/4/mode/1up

20. Henry Clay, Book 'Economics for the General Reader', published by Macmillan & Co. Limited, London 1951

21. H. T. Lambrick, 'History of Sindh — A General Introduction', Vol — I & II (Sindhi Adabi Board 1964)

22. Hameeda Khuhro, Dr, 'Book 'The making of modern Sindh', Indus Publications Karachi - 1978

23. Humayon Dar, London-based writer, Article 'The importance of education: Economics of English language in Pakistan' — website https://tribune.com.pk/story/505396/the-importance-of-education-economics-of-the-english-language-in-pakistan/

24. H. T. Sorley, Dr, "The Former Province of Sindh (Including Khairpur State) — The Gazetteer of West Pakistan — Government of West Pakistan, Lahore — August 1968

25. Imamuddin, Prof, 'An account of Sindh by Ibn Battutah' - Research paper (Studies on Sindh — published by Pakistan Study Center, University of Sindh Jamshoro 1988)

26. Marvi Memon, Ms, Special Report on National Language Commission by Standing Committee of National Assembly on Information, Broadcasting & National Heritage (www.na.gov.pk)

27. Malik Ajmal Gulzar and Samina Amin Qadir, Research Paper 'Issues of Language(s) Choice and Use: A Pakistani Perspective' — website http://apnaorg.com/research-papers/english/paper-76/page-1.shtml

28. M. Muhammad Sulaiman, Officer of Las Bela State, 'Las Bela — Gazetier' (First Published 1907) Reprinted by Indus Publications Karachi - 1983

29. Musarat Jabeen (Sargodha), Amir Ali Chandio (Khairpur)and Zarina Qasim (Sargodha) — Research Paper

: Language Controversy: Impacts on National Politics and Secession of East Pakistan — South Asian Studies, a Research Journal of South Asian Studies - Vol. 25, No. 1, January-June 2010

30. Macmillan Dictionary- Language Definition — website https://www.macmillandictionary.com/dictionary/british/language
31. Merriam-Webster Dictionary — Definition of Language — website https://www.merriam-webster.com/dictionary/language
32. Michael D. Gordin, Prof, Princeton University USA, Book 'Scientific Babel' — publisher University of Chicago Press 2015
33. Mohammad Hussain Turk — Book 'Economic History of Hyderabad' — Sindh University Hyderabad — March 1965
34. Nina Porzucki, Blog 'How did English become the language of science?' — October 06, 2014 — website https://www.pri.org/stories/2014-10-06/how-did-english-become-language-science
35. Nathan Crow, Book 'Crow's Account of Sindh' — Edited by Mubarak Ali — Fiction House Lahore -2004
36. National Assembly of Pakistan, press release, 5th meeting of Standing Committee on Information, Broadcasting and National Heritage - website www.na.gov.pk - March 13, 2014
37. Oxford Dictionary — Definition of Language — website https://en.oxforddictionaries.com/definition/language
38. Pakistan Studies: Regional Languages of Pakistan website notesonpakistan.blogspot.com
39. Parmanand Mewaram, 'Sindhi-English Dictionary' published by Sindh Juvenile Cooperative Society Hyderabad in 1910 (Digital Dictionaries of South Asian Languages — website)

40. Pascale Hughes, Report: English Language is losing importance in Europe — The inewsletter - https://inews.co.uk/news/world/english-language-is-losing-importance-in-europe-says-juncker/
41. R. D. Choksey, Book 'The Story of Sindh _ an economic and social survey (1843-1933)' — Indus Publications Karachi 2003
42. Robby, Blog 'Ten reasons for spread of English language' - (website englishharmony.com)
43. Sir William Napier, 'History of General Sir Charles Napier's administration of Scinde' (First published 1856) New Edition 1995 Indus Publications Karachi
44. South Asia Communication - Language Policy — Pakistan
45. Sveinn Einarsson, Mr, Chairman, Iceland National Commission for UNESCO, Ministry of Education & Culture, Iceland, Speech on 'Language and Communication in the context of creative diversity' — website http://unesdoc.unesco.org/images/0012/001204/120452M.pdf
46. S. Akhtar and M. R. Dhanani, Research Paper 'Rural Central Places in Karachi', (Sindh University Research Journal - Science Series - 2014)
47. Sindh Government — The Sindh (Teaching, Promotion and Use of Sindhi Language) Bill 1972 — Gazette, Karachi, July 03, 1972
48. The Oxford Dictionary and Usage Guide to the English Language — Oxford University Press, New York 1995
49. Thefreedictionary — Definition of Language — website http://www.thefreedictionary.com/language
50. Tariq Rahman, Research Paper 'Language Policy and Localization in Pakistan: Proposal for a Paradigmatic Shift' http://apnaorg.com/research-papers-pdf/rahman-1.pdf
51. Tariq Rahman, Research Paper 'Language Policy, Language Death and Vitality in Pakistan' — website

http://www.punjabics.com/PunjabiLanguage/Language_Policy_Tariq_Rahman.html

52. Tariq Rahman, Research Paper 'Language, Politics and Power in Pakistan: The case of Sindh and Sindhi' — website http://apnaorg.com/research-papers-pdf/rahman-3.pdf
53. Tariq Rahman, Dr., Research Paper 'Language and Politics in Pakistan' - Research Report series — 1995 — website http://www.academia.edu/7588035/Language_and_Politics_in_Pakistan
54. Thomas Postans, Book 'Personal Observations on Sindh —The manners and customs of its inhabitants and its productive capabilities' (Originally published 1843), Reprinted by Indus Publications Karachi 1973
55. ThoughtCo - Definitions & Observations (website ThoughtCo.Com)
56. Unfiled Notes: What is Language? https://www.uio.no/studier/emner/hf/ikos/EXFAC03-AAS/h05/larestoff/linguistics/Chapter%201.(H05).pdf October 19, 2015
57. UNESCO - International Mother Language Day — website www.unesco.org/new/en/international-mother-language-day/
58. UNESCO - Languages and the Realization of the Right to Education
59. UNESCO, 2017 Theme: Towards Sustainable Future through Multilingual Education
60. Universal Declaration of Linguistic Rights (Barcelona Declaration 1996) website slmc.uottawa.ca
61. V. Minorsky, Book 'Hudud al-Alam (The Regions of the World) a Persian geography 372 AH — 982 AD (Translated and explained) 1930.

62. W. P. Andrew, Book 'Indus and its provinces — their political and commercial importance', reprinted by Ahmed Brothers Printers Karachi - 1986

63. Wikipedia, Language Policy — website Wikipedia.com — Search year 2015

64. Wikipedia, Language Revitalization - website Wikipedia.com — Search year 2015

65. Wikipedia - Language death/Language Extinction or Linguicide — website Wikipedia.com — Search Year 2015

66. Wikipedia — Universal Declaration of Lingustic Rights — website https://en.wikipedia.org/wiki/Universal_Declaration_of_Linguistic_Rights — Search Year 2015

67. Webster's New World Dictionary of the American Language — The World Publishing Company Cleveland and New York 1968

68. Weiguo Zhang and Gilles Grenier, Working Paper 'How can Language be linked to Economics? A Survey of Two Strands of Research' — Department of Economics, Faculty of Social Sciences, University of Ottawa — March 2012

69. Wikipedia, Siraiki Dialect — website Wikipedia.com November 14, 2015

70. Wikipedia Free Encyclopedia — website en.wikipedia.org/wiki/Wikipedia:free_encyclopedia

71. Yussouf Shaheen, Book 'Rise and Fall of Sanskrit in historical perspective', Peacock Printers Karachi — 2016

72. Yu V. Gankovsky, Book 'The Peoples of Pakistan — An Ethnic History' — Nauka Publishing House Moscow — 1971

73. Zubeida Mustafa, Article 'Pakistan ruined by Language Myth' — The Guardian January 10, 2012 — website https://www.theguardian.com/education/2012/jan/10/pakistan-language-crisis
74. Zubair Torwali, Swat-based social worker, Article 'Why only one national language?' (Published by Daily Times July 27, 2015)

## سنڌي ڪتاب ۽ مقالا:

1 . ايس پي چيلاڻي ڊاڪٽر، مترجم سراج الحق، ڪتاب "سنڌ جي اقتصادي تاريخ (1592 کان 1843)" _ سنڌي ادبي بورڊ، ٽئون ڇاپو 1995ع

2 . اڪبر لغاري، ڪتاب "سنڌي ادب جو مختصر جائزو" _ نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1992ع

3 . امر فياض ٻرڙو _ مضمون "سنڌي ٻولي ۽ ڪمپيوٽنگ ٽيڪنالاجي" _ تحقيقي جرنل "سنڌي ٻولي" _ سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد _ ڊسمبر 2015ع

4 . آفتاب ابڙو ڪتاب "مختلف دورن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي" _ سنڌ آرڪائيوز ڪراچي، 2012ع

5 . ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" _ سنڌي ادبي بورڊ 1956ع

6 . ڀيرومل مهرچند، ڪتاب "لطيفي سٿر" _ (ٻيو ايڊيشن) سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ نئين دهلي، 1983ع

7 . پير حُسام الدين راشدي ۽ سندس ٽيم _ سنڌي زبان جي بنيادي لغت _ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1982ع

8 . داد محمد بروهي ڊاڪٽر، ڪتاب "سِبيءَ جي ٻولي" _ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، 1992ع

9 . داد محمد خادم بروهي ڊاڪٽر، ڪتاب "سنڌي براهويءَ جو تقابلي جائزو" _ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، 1994ع

10 . ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، مُرتب، جامع سنڌي لُغات جِلد پنجون _ سنڌي ادبي بورڊ، 1988ع

11 . سراج الحق ميمڻ، چيف ايڊيٽر، اوڪسفورڊ انگريزي _ سنڌي ڊڪشنري، اوڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي، 2010ع

12 . سيٺ ناٿونمل هوتچند، مترجم محمد حنيف صديقي، ڪتاب "يادگيريون" _ سنڌي ادبي بورڊ، ٻيو ڇاپو 1978ع

13. ساجده پروين ڊاڪٽر، ريسرچ پيپر "قومن جي ترقيءَ ۾ مادري ٻولين جو ڪردار" _ تحقيقي جرنل "سنڌي ٻولي" _ سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد _ جُون 2017ع

14 . سنڌي ٻولي _ خبرنامو _ سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد _ اپريل _ جُون 2017ع
15 . شوڪت علي، مضمون "ڪئپٽن جارج اسٽئڪ : سنڌي ٻوليءَ تي سِر گهورينڌڙ انگريز عالم" _ هفتيوار "سنڌ منظر" (سنڌ اطلاعات کاتو _ شمارو 24 کان 31 مارچ 2017ع)
16 . شمس الدين تنيو _ جديد سائنٽيفڪ ڊڪشنري _ موهن جو دڙو پبلشنگ هائوس ڪراچي 1987ع
17 . شوڪت لوهار _ مضمون "لسانياتي پاليسيءَ ۾ سنڌي ٻولي ڪٿي بيٺل آهي؟" _ افيئر مئگزين شمارو 15 جنوري 2016ع
18 . شبير ڪُنيار _ مضمون "ويب ڪِي بورڊ" _ تحقيقي جرنل "سنڌي ٻولي" _ سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد _ جولاءِ _ ڊسمبر 2013ع
19 . شبير ڪُنيار ريسرچ پيپر "سنڌو لکت ۽ ٻين قديم لکتن ۾ هڪجهڙايون" _ تحقيقي جرنل "سنڌي ٻولي" _ سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد _ جُون 2017ع
20 . شيخ محمد فاضل پروفيسر، ڪتاب "ماٺيلي _ اباوڙي جي ٻولي" _ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد _ 1992ع
21. عمرالدين بيدار، ايڊيٽر، انڊس ڊائجسٽ، ڪراچي _ شمارو جنوري 2002ع
22 . مهراڻ (ٽِماهي) ايڊيٽوريل ۽ پريس رليز _ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو _ شمارو آڪٽوبر 1962ع
23 . ڪاوش روزاني اخبار، خبر "سنڌ ۾ سايا 61 سيڪڙو سنڌي ۽ 18 سيڪڙو اردو ڳالهائيندڙ" _ 27 مئي 2018 ع
24 . مشتاق ڦُل مُرتب، ڪتاب "قومي ٻولين جو سوال ۽ سنڌ" (مختلف ليکڪن جا مضمون) . سنيهو پبلشرز ڄامشورو 2014ع
25 . وِي ايف آڳئيف، اردو ترجمو ڊاڪٽر محمود صادق، "سنڌ تاريخ ڪي آئيني مين 1918ع _ 1985ع"، ناٺوڪا _ دانيال پبلشرز ڪراچي، ڪتاب "سنڌ تاريخ ڪي آئيني ۾مين 1918ع _ 1985ع" _ ڇپائي سال 1989ع



ISBN 978-9-6962516-5-1